
# وهندڙ ڏاڙا وانگر

پائلو کوئيلهو



Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

وفا منصور، بمبئي تان

سنڌيا پبليڪيشنس
شڪارپور، حيدرآباد

# وهندڙ ڏارا وانگر

مصنف: پالو ڪولهو

سنڌي ترجمو: وفا منصور برڙو

سنڌيا پبليڪيشنس

52، رابعہ اسڪوائر حيدرچوڪ حيدرآباد سنڌ 022-2780608

A sindhi Translation of

**"Like the Flowing River"**

By: Paulo Coelho

# چپائيندڙ جا حق ۽ واسطا قائم


| | | |
|---|---|---|
| ڪتاب جو نالو | : | وهندڙ ڏارا وانگر |
| مصنف | : | پائلو ڪوئلهو |
| سنڌي ترجمو | : | وفا منصور هرڙو |
| ڇاپو | : | 2014ع |
| ڇپيندڙ | : | اڪرم شاه پرنٽرز لاهور |
| چپائيندڙ | : | سنڌيا پبليڪيشنس 52، رابعه اسڪوائر حيدرچوڪ حيدرآباد سنڌ 022-2780608 |



پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو۔
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# اڀنا

هي پورهيو

بابا ۽ اما

غلام علي ۽ فوزيه علي ۽

جي نالي

جن مون کي زندگيءَ ۾ علم سان نوازيو

۽

تمام پياري استاد، دوست ۽ ساٿي

ڪامريڊ شفقت قادريءَ

جي نالي

جنهن مون کي شعور ۽ سمجهه سان نوازيو

# فهرست


| عنوان | | صفحو |
|---|---|---|
| مهاڳ | پائلو کوئلهو | 10 |
| تمهيد | شوکت حسين شورو | 15 |
| ڇڪي تي، هڪ ڏينهن | | 17 |
| جنگ لاءِ تيار - پر ڪجهه شڪ ساڻ | | 21 |
| ڪمانَ وارو طريقو | | 25 |
| پينسل جي ڪهاڻي | | 29 |
| جبل تي چڙهائي ڪيئن ڪجي | | 31 |
| ڏگري جي اهميت | | 35 |
| ٽوڪيو جي هڪ بار ۾ | | 39 |
| ڏسڻ جي اهميت | | 43 |
| چنگيز خان ۽ ان جو باز | | 47 |
| ٻين جا باغ ڏسڻ | | 51 |
| پندورا باڪس | | 52 |
| ايڪ ۾ انيڪ ڪيئن ٿو ٿئي | | 56 |
| عبادت گاهه مان ايندڙ موسيقي جو آواز | | 58 |
| شيطاني تلاءُ | | 62 |
| مئل ماڻهو کي پاجامو پاتل هو | | 63 |
| ڪوئلي جو ٽڪرو | | 67 |
| ماڻڪ هڪ اهم ۽ ضروري ماڻهو آهي | | 69 |
| ماڻڪ آزاد ماڻهو آهي | | 73 |
| ماڻڪ جنت ۾ | | 76 |

| عنوان | صفحو |
| --- | --- |
| ميلبورن ۾ | 78 |
| شاپنگ مال ۾ پيانو وڄائيندڙ شخص | 80 |
| شڪاگو جي ڪتابي ميلي ڏانهن ويندي | 84 |
| لکڻ ۽ اصول | 85 |
| بريڊ جو ٽڪرو | 89 |
| ڪتاب ۽ لائبريريون | 91 |
| پراڳ 1981 | 95 |
| اها عورت جيڪا پوري عورت ذات آهي | 97 |
| موراڪو مان آيل مهمان | 100 |
| منهنجو جنازو | 102 |
| جارناهڻ | 106 |
| اهي منهنجا دوست آهن | 107 |
| اسين زنده ڪيئن آهيون؟ | 108 |
| مرڻ لاءِ چونديل | 112 |
| پرهه ڦٽيءَ جو پل | 116 |
| جنوري 2005ع جو هڪ ڏينهن | 117 |
| زمين تي ليٽيل شخص | 121 |
| ڪُتل سِرَ | 125 |
| راج مونکي ڪهاڻي ٻڌائي | 126 |
| بابل جي مينار جو ٻيو پاسو | 128 |
| ليڪچرڪان پهريان | 132 |
| سونهن ۽ سادگي | 133 |
| بائيندي جي ناشڪا | 137 |

| عنوان | صفحو |
| --- | --- |
| گهرڪي وري ناهڻ | 141 |
| وسري ويل دعا | 142 |
| ڪويا ڪبانا، رئوڊي جنيرئو | 145 |
| هر شخص پنهنجي ڪهاڻي ٿو جيئي | 146 |
| خوابن جي پويان ڊوڙندڙ شخص | 149 |
| مراقبي (Meditation) ۾ ٻلي جي اهميت | 152 |
| اندروجڻ منع آهي | 155 |
| نئين ملينيئر لاءِ قانون | 156 |
| ڏاهي وري ناهڻ | 159 |
| جنگجوءِ ايمان | 160 |
| مائيامي جي بندرگاهه تي | 164 |
| بغير سوچي | 165 |
| عارضي اوج | 166 |
| خطري هيٺ آيل انساني خدمت | 170 |
| ڏاڻٽون ءِ معافي | 172 |
| رفتارءِ رستو | 176 |
| مختلف نموني سفر ڪرڻ | 177 |
| هڪ لوڪ ڪهاڻي | 181 |
| برازيل جو عظيم ترين ليڪڪ | 184 |
| رهجي ويل ملاقات | 187 |
| مسڪرائيندڙ جوڙو (لنڊن 1977) | 190 |
| ٻيو موقعو | 192 |
| آسٽريلوي شخص ءِ اخباري اشتهار | 196 |

| عنوان | صفحو |
| --- | --- |
| صحرا جا لڙڪ | 197 |
| روم: ازابيلا نيپال مان موتي آڻي | 200 |
| تلوار بازي جو فن | 201 |
| نيرن جبلن ۾ | 204 |
| ڪاميابي جو ذائقو | 206 |
| چانهه جي رسم | 209 |
| بادل ۽ واري، جو ڏڙو | 210 |
| نارما ۽ سنيون شيون | 214 |
| 21 جون 2003ع ڏيڊ سمنڊ، جارڊن | 215 |
| سين ڊئاگو ٻيٽ ڪيليفورنيا ۾ | 218 |
| پنيان هٽڻ جو فن | 219 |
| جنگ جي دوران | 222 |
| جهنگ ۾ موجود فوجي | 223 |
| جرمني جي هڪ شهر ۾ | 226 |
| ڊينسو گيلري ۾ ملاقات | 227 |
| 11/9 تي ڪجهه غور ويچار | 230 |
| خدا جون نشانيون | 234 |
| اڪيلو اڪيلو رستي تي | 236 |
| انسانن جي باري ۾ مزاحيه ڳالهه | 239 |
| موت کان پوءِ دنيا جو سير | 240 |
| ويهن ڊالرن جو نوٽ ڪنهن کي کپي؟ | 243 |
| ٻہ زيور | 244 |
| خود فريبي | 247 |

| عنوان | صفحو |
| --- | --- |
| آزمائش / کوشش کرڻ جو فن | 248 |
| روحاني تلاش جي چوگرد خطرا | 251 |
| منهنجو سُهڻو ڪرسٽيانو اوتيشيا | 255 |
| مهرباني، صدر بش! | 257 |
| ذهين ڪلارڪ | 261 |
| ٽيون شوق | 262 |
| عيسائي ۽ مسلمان | 265 |
| بَدي چاهي ٿي تہ نيڪي زنده رهي | 266 |
| جانت جو قانون | 269 |
| ڪوپا ڪبانا جي بزرگ عورت | 273 |
| محبت جي لاءِ پُرامید رهڻ | 274 |
| ناممڪن ۾ يقين رکڻ | 278 |
| طوفان اچي رهيو آهي | 281 |
| ڪجهہ آخري دعائون | 284 |

# مهاڳ

جڏهن مان پندرنهن سالن جو هئس، مون پنهنجي ماءُ کي چيو "مان پنهنجي ڪرت ڪولي ورتي آهي، مان ليکڪ ٿيڻ ٿو چاهيان."

منهنجي ماءُ اداس ٿي جواب ڏنو "تنهنجو پيءُ انجنيئر آهي پٽ، هو هڪ منطقي (Logical) ماڻهو آهي جنهن کي دنياداري جي چڱي چوکي ڄاڻ آهي. ڇا توکي واقعي ئي خبر آهي ته ليکڪ ٿيڻ جو مطلب ڇا آهي؟"

"اهڙو شخص ٿيڻ جيڪو ڪتاب لکندو هجي."

"تنهنجو چاچو هارولڊو (Haroldo) جيڪو ڊاڪٽر آهي، اهو پڻ ڪتاب لکندو آهي ۽ ڪجهه نه ڇپرايا به اٿس. جيڪڏهن تون انجينئرنگ پڙهين تڏهن به تون فارغ وقت ئي ڪتاب لکي سگهين ٿو."

"نه امان! آئون ليکڪ ٿيڻ چاهيان ٿو. نڪي انجينئر جيڪو ڪتاب به لکي."

"پر تون ڪڏهن ڪنهن ليکڪ سان مليو آهين؟ ڪڏهن کو ليکڪ ڏٺو اٿئي؟"

"نه! صرف فوٽن ئي ڏٺو آ!"

"پر جڏهن توکي خبر ئي ناهي ته ليکڪ ٿيڻ جو مطلب ڇا آهي ته پوءِ تون ليکڪ ڪيئن ٿو ٿي سگهين؟"

پنهنجي ماءُ کي جواب ڏيڻ لاءِ مان ٿوري تحقيق ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. 1960ع واري ڏهاڪي ئي ليکڪ هجڻ جو مطلب ڪجهه هيئن هيو:

(الف) هڪ ليکڪ هميشه چشمو پائيندو آهي ۽ ڪڏهن به ڏٽي ناهي

ڏيندو. اڏ وقت هو هر شيءِ تي ڪاوڙيل هوندو آهي ۽ باقي اڏ وقت پريشان (depressed) هوندو آهي. هو پنهنجو گهٽو تر وقت گتن (bars) ۾ هين گدلن (dishevelled) ۽ چشماتو (bespectaled) ليڪن سان بحث مباحثي ۾ گذاريندو آهي. هو گهريون ڳالهيون ڪندو آهي. هن وٽ هميشہ پنهنجي ايندڙ ناول لاءِ حيران ڪندڙ خيال هوندا آهن ۽ پنهنجي اڳلي ڇپيل ڪتاب کان نفرت ڪندو آهي.

(ب) هڪ ليڪڪ کي اهڙو فرض هوندو آهي جيڪو ان جي ٿهي کي ڪڏهن سمجهہ ۾ ناهي ايندو. هو هميشہ ان ڳالهہ تي متفق ۽ مطمئن هوندو آهي تہ هو سراسري يا معمولي ماڻهن (Medio-crity) جي دور ۾ پيدا ٿيو آهي جنهن ۾ اگر هن کي سمجهيو ويو تہ ڪيس ڪوئي بہ ڏاهو نہ ليکيندو. هڪ عام ماڻهو جي هولي ۾ لفظن جو ذخيرو 3،000 هوندو آهي. ۽ هڪ اصلي ليڪڪ ڪڏهن بہ اهي 3،000 لفظ استعمال ناهي ڪندو ڇو تہ هولي ۾ 189،000 ٻيا بہ لفظ آهي ۽ ليڪڪ عام ماڻهو ناهي هوندو!.

(ج) ليڪڪ جيڪو لکي ٿو ان کي صرف ٻيا ليڪڪ ئي سمجهي سگهن ٿا تہ هو چوڻ چا ٿو چاهي. تڏهن بہ، خفيا طور تي هو هين سڀني ليڪڪن کان نفرت ڪندو آهي ڇو تہ ٻيا بہ صدين کان وٺي ادب جيڪي جايون (Vacancies) ڇڏيون آهن تن کي حاصل ڪرڻ جي گوءِ ۾ شامل هوندا آهن. تنهن ڪري ليڪڪ ۽ ان جا ساٿي ليڪڪ "سڀني کان ڏکئي ڪتاب" جو انعام ڪٽڻ جي چتاپيتي ۾ رڌل هوندا آهن. جيڪو بہ اهو انعام ڪٽيندو تنهن جو ڪتاب پڙهڻ ۾ سڀني کان وڌيڪ ڏکيو هوندو.

(د) هڪ ليڪڪ حيران ڪندڙ نالن وارين شين جهڙوڪ Simiot-ics, Neoconcretism, Epistemology جي باري ۾ سمجهه رکندو آهي. هو جڏهن ڏڇکو ڏيڻ چاهيندو آهي ته ڪجهه هن طرح جون گالهيون چوندو آهي. "آئنسٽائين بيوقوف آهي." يا "نالستاءِ وچين طبقي (Bourgeoisie) جو مشڪرو (Clown) هو." هر ڪنهن جا اسڪينڊل ته ٿهندا آهن پر ليڪڪ ٻين کي وڃي اهو ٻڌائيندا آهن ته آئنسٽائن جي "ٿيوري آف رليٽوٽي (Theory of Relativity : $E=mc^2$) بڪواز آهي ۽ نالستاءِ روس جي اشرافن جي طبقي جي وڪالت يا چمچاگيري ڪندو هو!

(ذ) جڏهن ليڪڪ کي ڪنهن عورت کي گمراهه (Seduce) ڪرڻو هوندو آهي ته هو ان کي رومال تي شعر لکي ڏيندو آهي ۽ چوندو آهي. "آئون ليڪڪ آهيان". ۽ سندن ڪم ئي ٻه ويندو آهي.

(ر) هڪ ليڪڪ هميشه ڪنهن ادبي نقاد جو ڪم ڪري سگهي ٿو. ان ڪردار ۾ هو پنهنجي دوست جي ڪتاب لاءِ لکڻ وقت درياءِ دلي ڏيکاري سگهي ٿو. اهڙن تنقيدي جائزن (Re-views) ۾ هو اڏ کان وڌيڪ حصي ۾ ته صرف غير ملڪي ليڪڪن جا قول لکي ٿو ۽ باقي اڏ ۾ هو جملن جو جائزو ونڊندو آهي جنهن ۾ هو "جاڻ جي نظريي جو اثر" يا "زندگي جي ٻه رخي ۽ جامع نظريي جي حساب سان" جهڙا بيان ۽ فقرا استعمال ڪندو آهي. اهو تنقيدي جائزو پڙهي سڀ اهو چوندا ته "چا ته لائق ماڻهو آهي." پر هو اهو ڪتاب خريد نه ڪندا جو ته انهن کي هميشه اهو ڊپ رهندو ته ڪٿي ڪتاب پڙهندي "جاڻ جي نظريي جو اثر" ظاهر نه ٿي پوي.

(ع) جڏهن هن کي دعوت ڏني ويندي آهي ته هو اچي اهو ٻڌائي ته هو اڃڪلهه ڇا پڙهي رهيو آهي ته هو اهڙي ڪتاب جو نالو ٻڌائيندو آهي جيڪو ڪنهن پڙهڻ ته پري جي ڳالهه آ ڪڏهن ٻڌو ئي ناهي هوندو.

(ي) اهڙو صرف هڪڙو ئي ڪتاب آهي جنهن تي سڀ ليکڪ متفق طور تي داد ڏيندا "جيمز جوائس جو يوليس" (Ulysses by James Joyce) کو به ليکڪ هن ڪتاب جي مخالفت ۾ ڪا ڳالهه نه چوندو پر جڏهن ڪوئي ان کان پڇندو ته اهو ڪتاب ڇا جي باري ۾ آهي ته هو جواب نه ڏئي سگهندو ۽ هميشه اهو شڪ ظاهر ڪندو ته دراصل هن جو اهو ڪتاب پڙهيل آهي پر في الوقت واضح نه ٿو ڪري سگهي.

ان سڄي معلومات سان ليس تي آئون امان ڏي واپس ويس ۽ هن جي اڳيان ليکڪ جي هر ڳالهه بيان ڪيم. ڪنهن نموني هوءَ حيران (Surprised) ٿي وئي.

"انجينئر ٽيڊ سولو آهي پت،" امان وراڻيو. "۽ هونئن به تون چشمو نه پائيندو آهين."

البته منهنجا وار اڳ ۾ ميرا هٿا ۽ منهنجي بغل ۾ هڪ ڊرامي جو اسڪريپٽ هيو (Limits of Resistance) خوشقسمتي سان جنهن جي باري ۾ هڪ نقاد لکيو هو ته "ان کان وڌيڪ پاڳل ڪنڊ شيءِ مان ڪنهن اسٽيج تي ناهي ڏٺي." مان هيگل (Hegel) کي پڻ پڙهي رهيو هيس تنهن ڪري ڪنهن نه ڪنهن نموني (Ulysses) پڙهڻ لاءِ آتو هيس. پوءِ هڪ ڏينهن هڪ Rock ڳائڻو مون سان مليو ۽ پنهنجن گانن جي لاءِ شاعري لکي ڏيڻ جو چيائين. مان لافانيت جي ڳولا ڇڏي ڏني ۽ هڪ پيرو ٻيهر هڪ عام انسان جو رستو اختيار ڪيو.

برٽولت بريخٽ (Bertolt Brecht) چوندو هو ته ان رستي تي سفر ڪندي آئون ايترو جلدي جلدي ملڪ متائيندو هيس جو ايتري جلدي مان پنهنجا بوٽ به نه متائيندو هئس. ايندڙ صفحن ۾ منهنجا پنهنجا تجربا شامل آهن، ان سان گڏو گڏ اهي ڪهاڻيون به آهن جيڪي ماڻهن مونکي ٻڌايون، ۽ زندگي جي درياءَ جي مختلف موڙن تي جيڪي مونکي سوچون آيون اهي پڻ هن ڪتاب جو حصو آهي.

اهي سڀ ڪالم ۽ ڪهاڻيون دنيا جي مختلف اخبارن ۾ ڇپجي چڪا آهن پر منهنجي پڙهندڙن جي خواهش تي انهن کي يڪجاءِ ڪيو ويو آهي.

پائلو ڪوئلهو

# تمهيد

تازو آڪٽوبر 2012ع ۾ انڊو - سنڌ ليٽرري ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ دهلي، انڊيا وڃڻ جو موقعو مليو. هند ۾ سنڌ جا ليکڪ هن ڪانفرنس جي وسيلي پاڻ ۾ گڏجي ويٺا ۽ خيالن جي ڏي وٺ ٿي. ۽ هڪڙي ڳالهه جنهن ڏيان ڇڪايو ۽ جيڪا پنهنجي جاءِ تي ڏاڍي ڏکوئيندڙ هئي ته ڪانفرنس ۾ نئين نسل جي شرڪت نظر نه آئي. اهو ڇڻ بزرگن جو هڪ ادبي ميڙاڪو هو. انڊيا ۾ رهندڙ سنڌين جي نئين نسل کي سنڌي زبان ۽ ادب کي پڑهڻ سان ڪاب دلچسپي ڪانهي.

سنڌ ۾ به جيتوڻيڪ سنڌي زبان جي لاءِ حالتون ايتريون سٽايو ڪونه آهن، ان جو هڪڙو وڏو ڪارڻ سنڌ ۾ تعليم جي تباهي آهي. سنڌ جي ڳوٺن توڙي شهرن ۾ قائم ٿيل سرڪاري اسڪولن ۾ تعليم جو معيار ان حد تائين ڪري چڪو آهي جو ٻارن کي پنهنجي مادري زبان به صحيح نموني سان پڑهڻ ۽ لکڻ نٿي اچي. ٻيو ڪارڻ اهو آهي ته ڪراچي ۽ حيدرآباد جهڙن وڏن شهرن ۾ پرائيويٽ انگلش ميڊيم اسڪولن ۾ سنڌي نٿي پڑهائي وڃي. ۽ انهن ناسازگار حالتن هوندي به سنڌي زبان ۾ پڑهڻ ۽ لکڻ جو ڪم جاري آهي. اطيمنان جي ڳالهه اها آهي ته سنڌي ادب ڪنهن هڪڙي نسل تائين اچي رڪجي ڪونه ويو آهي ۽ان جو تسلسل جاري آهي. نوجوان نسل ۾ سنڌي زبان ۽ ادب سان چاهه خوش آئند آهي.

وفا منصور پرڙو سنڌي نوجوانن جي ان نئين نسل سان تعلق رکي ٿو. هو شهداد ڪوٽ ۾ 27 جولاءِ 1991ع ۾ جائو. هن وقت سنڌ يونيورسٽي جي انسٽيٽيوٽ آف انگلش لئنگيج اينڊ ليٽريچر ۾ بي اي جي نئين سال جو شاگرد آهي. هو شاگردن طرفان شايع ٿيندڙ ادبي مئگزن "Spark" جو ايڊيٽر آهي. انگريزي ادب جي شاگرد هجڻ سان گڏ

هن کي سنڌي ادب سان پڙ لڳاءُ آهي ۽ هو سنڌيءَ ۾ لکندو رهيو آهي. وفا منصور سنڌي ادب ۾ نئين تهي جو ليکڪ آهي.

وفا منصور عالمي ادب جي مطالعي جو شوق رکندڙ نوجوان آهي. پر هن پاڻ کي رڳو مطالعي تائين محدود کونہ رکيو آهي. عالمي ادب کي سنڌيءَ ۾ ترجمي ڪرڻ جهڙو اهر ڪر هن پنهنجن هٿن ۾ کنيو آهي. موجوده ڪتاب جڳ مشهور ناول نگار پائولو کوئيلهو جي مختصر ڪهاڻين جو سنڌي ۾ ترجمو آهي. پائولو کوئيلهو برازيل ۾ جائو ۽ هو پورچوگيز زبان جو ليکڪ آهي. هن هيستائين 30 ڪتاب لکيا آهن جن جا ڪيترين ئي هولين ۾ ترجما شايع ٿيا آهن. "الڪيمسٽ" هن جو بيحد مشهور ناول آهي جنهن جون هيستائين 65 ملين ڪاپيون وڪامي چڪيون آهن ۽ ان ناول جو دنيا جي 71 هولين ۾ ترجمو شايع ٿي چڪو آهي.

ترجمو ڪرڻ نهايت ڏکيو ڪر آهي ۽ اهو هڪ ادبي پورهيو آهي. ان لاءِ بنهي هولين ۾ مهارت ۽ جاڻ ضروري آهي. وفا منصور هي ترجمو سول يءِ سلوٽي هولي ۾ ڪري ترجمي جو حق ادا ڪيو آهي. سنڌي هولي ۽ ادب جي ان خدمت جي لاءِ وفا منصور جس لهٽي اميد ٿ هو آئيندي ۾ عالمي ادب مان چونڊ شهپارا ترجمو ڪري سنڌي ادب کي شاهوڪار بنائڻ ۾ اهر ڪردار ادا ڪندو.

شوڪت حسين شورو

# ڇڪيءَ تي هڪ ڏينهن

هن وقت منهنجي زندگي تن مختلف ڏنن مان ٺهيل هڪ ساز آهي، "الاهي گهٽا ماٺهو"، "ٽورا ماٺهو"، ۽ "تقريباً ڪوئي به نه". انهن مان هر هڪ چٽن مهينن تائين جاري رهندي آهي! جيتوڻيڪ هڪڙي خاص مهيني ۾ انهن تنهن مان ڪوئي به وڌيڪ ناهي رهندي پر ان جي باوجود اهي پاڻ ۾ منجهنديون (Confuse) ناهن.

"الاهي گهٽا ماٺهو" وارو وقت تڏهن هوندو آهي جڏهن آئون عوام، صحافين ۽ پبلشرن سان گڏيل هوندو آهيان. "ٽورا ماٺهو" تڏهن ٿيندو آهي جڏهن آئون پنهنجي اباڻي وطن برازيل ويندو آهيان، پراڻن دوستن سان ملندو آهيان، ڪوپا ڪبانا ساحل تي پنڌ ڪندو آهيان، رسمي سماجي ڏٺن تي ويندو آهيان، پر گهٽو وقت آئون گهر ۾ رهندو آهيان.

پر اڄ مان دراصل "تقريباً ڪوئي به نه" واري وقت جي باري ۾ گالهائڻ چاهيان ٿو. هن وقت، پائرينين (Pyrenean) جي هن گوٺ (جنهن جو نالو آئون خفيه رکڻ ٿو چاهيان) جي به سو رهواسين تي رات جي اونداهي ڇانئجي چڪي آهي، ۽ جتي ڪجهه ويرهين مون هڪ چڪي خريد ڪئي، هر صبح آئون ڪڪڙ جي ٻانگ تي اٿندو آهيان، ناشتو ڪري، مڪئي جي فصلن، گاهه، ڪٽن ۽ رڍن جي وڃان پنڌ ڪرڻ لاءِ نڪري ويندو آهيان. منهنجي نظر جبلن تي ويندي آهي، "الاهي گهٽا ماٺهو" واري وقت جي ابتڙ آئون اهو سوچڻ ڇڏي ڏيندو آهيان ته مان ڪير آهيان. منهنجي ذهن ۾ نه سوال ۽ نه ڪو جواب هوندا آهن، مان هر طرح سان حال ۾ رهندو آهيان، اهو ڄاڻندي ته سال

ڀر چار موسمون ٽيندڙيون آهن (هيءَ ڳالهه پلي صاف ۽ واضح لڳي پر ڪڏهن ڪڏهن اسين اهو وساري ويهندا آهيون) ۽ مان پاڻ کي ان ٽي نموني تبديل (Transform) ڪري چڏيندو آهيان جيئن منهنجي چوڌاري گهوٽ جو ماحول پاڻ کي تبديل ڪندو آهي.

هن وقت، مونکي ان ڳالهه سان ڪا دلچسپي ناهي ته عراق يا افغانستان ۾ ڇا ٿي رهيو آهي، گهوٽ ۾ رهندڙ هر ماڻهو وانگر منهنجي لاءِ سڀني کان اهر خبر موسر جي اڳڪٿي آهي. گهوٽ ۾ رهندڙ هر ماڻهو کي خبر هوندي آهي ته آيا برسات ٽيڙ واري آهي، يا ڏڏ ٽيندي، يا وري هوائون گهلندڙيون، چو ته اهو سڀ ڪجهه هنن جي زندگي، ۽ ڪم ڪار ۽ فصلن تي سڌي نموني اثر انداز ٿو ٿئي. مان هڪ هاري کي فصل ۾ ڪم ڪندي ڏسان ٿو. اسين هڪٻئي کي سلام ڏا ڪيون ۽ ايندڙ موسر جي باري ۾ ٿورو بحث ڏا ڪريون ۽ اسين ٻئي پنهنجي پنهنجي ڪم سان لڳي ڏا وڃون- هاري پنهنجي ٻني باري سان ۽ آئون پنهنجي پنڌ سان.

مان واپس اچي خطن جو ڏٻو (Letter-box) ٿو کوليان. هڪ مقامي اخبار پاسي واري گهوٽ ۾ ڊانس پارٽي جي دعوت، تبريس (Tabras) جي هڪ بار ۾ ليڪچر. تبريس هتان کان سڀني کان ويجهو وڏو شهر آهي جنهن ۾ چاليهه هزار ماڻهو رهائش پذير آهن. ڪلهه رات اتي هڪ ڪچري جي ڏٻي ۾ باهه لڳي هئي جنهن جي لاءِ فائر برگيڊ کي پڻ گهرايو ويو هو. هن وقت، هڪ گروپ جنهن جي لاءِ چيو ويو وڃي ته انهن گهوٽ واري روڊ سان گڏ لڳل وٽن کي ڪٽيو آهي چو ته انهن جي مطابق اهي وڏ موٽر سائيڪل سوارن جي لاءِ موت جو سبب بڻجي رهيا آهن. اهو گروپ پنهنجي مٿل ساٿين جو بدلو وٺي رهيو آهي. اهو گروپ گهوناٽن جي بحث ۽ ڳالهين جو مرڪز بڻيل آهي. اخبار

جو سڃو صفحو ان خفيہ گروپ جي باري ۾ پريل آهي ۽ ڪيترن ئي ڏينهن کان ان مسئلي تي ڪالھ لکيا پيا وڃن.

مان پنهنجي ڇڪي جي پويان وهندڙ نھر جي پر ۾ ليٽي ٿو پوان. مان هن خطرناڪ اونهاري جي بادلن کان خالي آسمان تي نظر ٿو ڊوڙايان هن دفعي اونهارو انتهائي گرم ٿيو آهي ۽ ان جي لھر ۾ صرف فرانس ۾ ئي 5 هزار ماڻهو مري ويا آهن. مان اتان اڻي ڪيوڊو (Kyu-du) يعني تير اندازي جي شڪل ۾ هڪ Meditation ٿو ڪيان ۽ منهنجي ڏينهن جو هڪ ڪلاڪ ان تي وقف ٿي وڃي ٿو. هاڻي مانجهاندي جو وقت آهي. مان ٽوري ماني کائي پنهنجي گھر جي پراڻي عمارت جي هڪ ٻئي ڪمري ۾ ٿو وڃان. اوچتو منهنجي نظر هڪ عجيب شي تي پئي ٿي. هڪ اسڪرين ۽ ڪي بورڊ (Key-board) - عجوبن جو عجوبو. - هڪ تيز رفتار لائين، DSL سان ڳنڊيل آهي. سونڪي خبر آهي تہ جيئن ئي آئون بٽڻ دٻائيندم تہ سڄي دنيا مون سان ملڻ لاءِ اچي ويندي.

جيترو ئي ٿو سگھي آئون پاڻ کي روڪيان ٿو پر اهو پل اچي ٿو وڃي، منهنجي آڱر بٽڻ تي دٻائي، ۽ هاڻي وري آئون سڄي دنيا سان ڳنڊيجي ٿو وڃان: برازيل جون اخبارن، خبرون، انٽرويو، عراق ۽ افغانستان جون خبرون، درخواستون، هڪ نوٽ منهنجي هوائي ٽڪيٽ جي سياڻي پھچڻ جو، ملتوي ڪرڻ وارا فيصلا، نوان فيصلا!

مان ڪجھ ڪلاڪن تائين ڪم ڪيان ٿو. چوتہ اهو منهنجو پنهنجو فيصلو آهي، منهنجي اندر جو ذاتي ليجنڊ، چوتہ سڃائي جي جنگجو (Warrior of Light) کي خبر آهي تہ هن جا فرض ۽ ذميواريون ڪهڙيون آهن. پر "تقريباً ڪو بہ نہ" واري وقت ۾ مونکي اها اسڪرين ۽ ان تي ظاهر ٿيندڙ هر شيءِ تمام گھٽي پري محسوس

ٿيندي آهي جيئن "الاهي گهٽا ماٺهو" ۽ "ٿورا ماٺهو" وارن وقتن ۾ چڪي تي گذاريل وقت ۽ اهو ماحول مون کي هڪ خواب مثل لڳندو آهي. سج لهي ٿيو. مان کمپيوٽر بند ٿو ڪيان ۽ هڪ ٻيرو ٻيهر آئون گهوٽ جي دنيا ۾ ٿو موتي اچان. گاهه جي خوشبو. ڏڪ جو هلڪو آواز ڏنار جو آواز جيڪو رڍن کي چڪي جي پر واري واڙي ۾ ٻڌي ٿيو.

مان پاڻ کان پڇان ٿو ته ڪيئن آئون هڪ ڏينهن ۾ ٻن مختلف دنيائن ۾ رهي ٿو سگهان. مون وٽ ڪو جواب ناهي. پر مونکي اهو سڀ ڏاڍو سکون ۽ مسرت بخشي ٿو ۽ جڏهن آئون هي ستون لکي رهيو آهيان، مان ڏاڍو خوش آهيان.

# جنگ لاءِ تيار- پر کجهه شڪ ساڻ

مونکي هڪ سائي رنگ جو عجيب لباس پاتل آهي جيڪو سجو زنجيرن (Zips) سان پريل آهي ۽ تمام مضبوط ڪپڙي جو ٺهيل آهي. رنهنڊن ۽ زخمن کان بچڻ لاءِ مان دستانا پاتا آهن. مون پنهنجي قد جيڏو هڪ پالو/ نيزو ڪنيو آهي جنهن جي ڏاتو جي ٻن چيڑن مان هڪڙي تي ڪانتا آهن ۽ ٻيو چيڑو نوڪدار ۽ تيز آهي.

۽ منهنجي اڳيان منهنجي حملي جي جڳهه آهي: باغ

پالو هٿ ۾ ڪڻي آڻون گاهه ۾ ڦتي آيل ڏين کي پٽڻ شروع ٿو ڪيان. مان ڪافي دير تائين اهو ڪم جاري رکان ٿو. مونکي اها بخوبي ڄاڻ آهي ته جيڪو به ٻوٽو/ ڏيءَ آڻون پٽيان پيں اهو ٻن ڏينهن جي اندر مري ويندو.

اوچتو مان پنهنجي پاڻ کان سوال ٿو ڪيان: ڇا مان صحيح ڪم ڪري رهيو آهيان؟

جنهن کي اسين "ڏيءَ" ٿا چئون اها ٻوٽن جي هڪ جنس آهي جنهن کي ٽاهڻ ۽ ترقي ڏيڻ ۾ قدرت کي هزارين سال لڳا هوندا ۽ جنهن اڄ تائين پنهنجي وجود کي قائم رکيو آهي. ان جو گل گڇ کان ٻاهر جيتن جي قرباني جي ڪري زرخيز ٿيں پوءِ اهو بج ۾ تبديل ٿيں پوءِ هوا ان بج کي چوڏاري جي ميدان ۾ ڦهلائي چڏيو جيئن ته اهو کنهن هڪ جڳهه تي نه بلڪ مختلف هنڌن تي پوکجي. تنهن ڪري ان جي ايندڙ بهار تائين ڦٽڻ جا امڪان تمام گهٽا آهن. جيڪڏهن اهو هڪ جڳهه تي محدود هجي ها ته ڪاج، ٻوڙ، باهه ۽ ڏڪر کان غير محفوظ هجي ها.

پر ان جون پنهنجو وجود قائم رکڻ جون سيئي کوششون ۽ کاوشون پالي جي نوڪ جي هڪ وار جي رحم و ڪرم تي آهن، جيڪو انهن کي بي دردي سان زمين مان اکاڙي ٽو ڪڍي.

مان ائين چو پيو ڪيان؟

ڪنهن هي باغ ٺاهيو هيو. مونکي خبر ناهي ڪنهن، چو ته جڏهن مون هي گهر خريد ڪيو تڏهن اهو باغ اڳ ۾ ئي انهن پهاڙن ۽ وڻن جي وچ ۾ قائم هيو. پر ان کي ٺاهيندڙ ماڻهو باغ ٺاهڻ کان پهرين ڪافي غور و فڪر ڪري هر شيءِ جي منصوبہ بندي ڪري سڀ ڪجهہ پوکيو هوندو (مثال طور گهر ۾ باهہ جي ڪائين رکڻ واري جهوپڙي کي وڻن سان ڍڪيو ويو آهي) ۽ خبر ناهي ڪيترن سيارن ۽ بهارڻ جي دوران ان جي سارسنيال ۽ حفاظت ڪئي هوندي، جڏهن مان پنهنجي پراڻي چڪي ۾ رهڻ ويو هيس، جتي مان سال جا ڪجهہ مهينا گذاريندو آهيان، تڏهن چهر (Lawn) صفا صاف ۽ سٹي هئي، ۽ هاڻي اهو منهنجي مڻان آهي تہ مان اهو ڪم جاري رکان يا نہ: حالانڪہ اهو فلسفيائي سوال اڃا تائين باقي آهي، ڇا مان هن باغ جي ٺاهيندڙ يا مالهي جي محنت کي ضايع نہ ڪيان ۽ ڏَيَ پٽي ڇڏيان؟ يا مان هن ڏَيَ جي پنهنجي وجود کي قائم رکڻ واري قدرتي جبلت (Instinct) کي قبول ڪندي ان کي نہ پٽيان؟

آئون وري انهن اڻ وٽندڙ ٻوٽن ۽ ڏين کي پٽيندو هڪ ٻري ٺاهي رکندو ٽو ويچان ۽ بعد ۾ ان کي باهہ ڏئي ساڙي ڇڏيندس، شايد مان انهن شين جي باري ۾ ڪجهہ گهٽو ئي سوچي رهيو آهيان جن جو تعلق سوچ سان گهٽ ۽ عمل سان وڌيڪ آهي. پر انسان جو هر اشارو ۽ ڪم اهم هوندو آهي ۽ ان جا نتيجا پڻ نڪرندا آهن. ۽ اها ڳالهہ مونکي ان ڳالهہ تي وڌيڪ گهرائي سان سوچڻ تي مجبور ٿي ڪري تہ

مان چا ڪري رهيو آهيان.

هڪڙي پاسي، انهن ڏين ڪي پورو پورو حق آهي تہ اهي جتي چاهن نروار ٽين، پر ٻئي پاسي، جيڪڏهن مان انهن کي نہ پتيو تہ اهي منهنجي چهر کي سڪائي چڏيندا. انجيل شريف جي نئين عهدنامي (New Testament) ۾ يسوع مسيح حضرت عيسيٰ عہ ان/ اتي مان ڏين کي ڏارڪڙ جو چيو آهي.

پر انجيل شريف جي مدد سان يا ان کان بغير مونکي هڪ ٻيو مادي مسئلو درپيش آهي جيڪو هميشہ انسانيت جي راهہ ۾ رڪاوٽ رهيو آهي. اسان کي ڪيتري حد تائين قدرت جي ڪمن ۾ مداخلت ڪرڻ گهرجي؟ چا اهڙي مداخلت هميشہ منفي هوندي آهي؟ يا ڪڏهن ڪڏهن اها مثبت بہ ٿيندي آهي؟

مان پنهنجو هٿيار پاسي تي ٿو رکان، منهنجو هڪڙو وار مطلب هڪ زندگي جو خاتمو هڪ گل جو موت جيڪو ايندڙ بهار ۾ نڙي سگهيو ٿي. خشڪي جي نظارن کي سنوارڻ ۽ ان کي مختلف شڪلين ڏيڻ لاءِ انسان جي هميشہ اها ئي ڪار رهي آهي. مونکي ان معاملي تي غور ڪرڻ جي ضرورت آهي. چوتہ هن وقت، زندگي ۽ موت جي فيصلي جو حق ۽ طاقت مون وٽ محفوظ آهي. لڳي ٿو چهر مونکي چئي رهي آهي، "جيڪڏهن تو مونکي نہ بچايو تہ اهي ڊَپَ مونکي تباهہ ڪري چڏيندا." ڊَپ پڻ مونسان گهالهائڻ تا. "مان تنهنجي باغ تائين پهچڻ لاءِ ڪيتري منزل طئي ڪئي، تون مونکي چو ٿو مارڻ چاهين؟"

نيٺ، هندن جو مقدس ڪتاب "پڳوت گيتا" منهنجي لاءِ مدد جو ذريعو ثابت ٿئي ٿو. مون کي ڪرشنا جو ارجن کي ڏنل جواب ياد ٿو اچي جڏهن ارجن هڪ فيصلي ڪُن جنگ کان پهرين پنهنجي دل هاري

پنهنجا هٿيار ڦٽا ٿو ڪري ۽ اهڙي جنگ وڙهڻ کان انڪار ٿو ڪري جنهن جو انت هن جي پاڻ جي موت سان ٿئي. اهڙي صورتحال ۾ ڪرشنا ڪجهه هيٺن جواب ڏنو هيو. "چا توکي واقعي لڳي ٿو ته تون ڪنهن کي ماري سگهين ٿو؟ تنهنجو هٿ منهنجو هٿ آهي. ۽ اهو اڳ ڪان ئي لکيل هو ته تون جيڪو به ڪندين اهو ٿيڻو آهي. ڪوئي نه ٿو ماري ۽ ڪوئي نه ٿو مري."

ان يادگيري مان همت افزائي وٺي مان اٿي ڪڙو ٿو ٿيان ۽ پالو ڪٽي ڊين کي پٽڻ شروع ٿو ڪيان چو ته اهي منهنجي اجازت ۽ دعوت ڪان سواءِ منهنجي باغ ۾ ڦٽا هٿا. ان سان گڏ مونکي صبح جو هڪ سبق به ملي ٿو: جڏهن منهنجي روح ۾ ڪا اڻ چاهيل شيءِ پيدا ٿئي ۽ واڌ ويجهه ڪري ته آئون خدا کان دعا گهران ته مونکي انهن کي بي دردي سان پٽي ڪيڻ جي اوتري ئي همت عطا ڪري.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# ڪمانَ وارو طريقو

## ورجائڻ جي اهميت

عمل سوچ جي عڪاسي آهي.

ننڍي کان ننڍي اشاري سان اسين ڏوکو کائي ويهندا آهيون، تنهن ڪري اسان کي هر شيءِ کي صاف (Clear) ڪرڻ گهرجي، تفصيلات جي باري ۾ سوچڻ گهرجي، ٽيڪنيڪ کي اهڙي نموني سکجي جو اها اسان جي وجدانيت يا لاشعور جو حصو ٿهي وڃي، وجدانيت جو تعلق معمول (Routine) سان ناهي پر ان جو تعلق هڪ دماغي حالت سان آهي، جيڪا حالت ٽيڪنيڪ کان گهٽو بالاتر آهي.

تمام گهڻي مشق (Practice) ڪرڻ کانپوءِ، اسين ضروري حرڪتن ۾ چريڙ جي باري ۾ ناهيون سوچيندا: اهي اسان جي وجود جو حصو ٿي وڃن ٿيون. پر ائين ڪرڻ لاءِ توهان کي مشق ۾ دور ڪرڻو پوندو. ۾ جيڪڏهن اهو ڪافي ناهي ته توهان کي وري ورجائي اها مشق ڪرڻ گهرجي.

هڪ لوهار جي ڪم جو مشاهدو ڪري ڏسو. هڪ اڃ سکيل ماڻهو جي نظر ۾ هو هٿوڑي سان ساڳي قسم جا ڏڪ هڻي رهيو آهي، پر جيڪو ماڻهو ڪمانَ جي رسڻي تي هلندو هوندو، ان کي خبر هوندي ته هر دفعي جڏهن لوهار هٿوڑي کي مٿي کڻي هيٺ ٿو آڻي، تڏهن ڏڪ جي نوعيت الڳ آهي. هٽ هر دفعي ساڳيو عمل ورجائي ٿو پر اهو جيئن ٿي ڏاتو جي ويجهو پهچي ٿو ته اهو پاڻ ٿي سمجهي وڃي ٿو ته ڏڪ آهستي لڳندو يا تيز.

ڪنهن پون چڪي (هوا تي هلندڙ چڪي) کي ٿي ڏسو

جيڪو انهن جي پرن کي هڪ نظر ڏسندو ته ان کي ائين لڳندو ته اهي هڪ ئي رفتار تي ڦري رهيا آهن ۽ انهن جي حرڪت بہ ساڳي آهي، پر اهي ماڻهو جيڪي پون چڪين کان واقف آهن انهن کي خبر آهي ته انهن کي هوا ڪنٽرول ڪري ٿي ۽ اهي پنهنجو طرف ضرورت جي حساب سان ڦيرائيندا رهن ٿا.

لوهار جي هٿن جي سکيا اهو ساڳيو عمل هزارين دفعا ورجائڻ جي ڪري تئي ٿي. پَون چڪي جا پَرَ هوا جي تيز گهلڻ سان تيز ڦري سگهن ٿا ۽ ان سان گڏيل چڪرن (gears) کي ملائر نموني هلائيندا ٿا رهن.

تيرانداز پنهنجن تيرن کي جاڙي واڙي نشاني کان پري وڃڻ ڏيندو آهي، چاڪاڻ ته هن کي خبر آهي ته اهو ساڳيو عمل هزارين دفعا ورجائڻ سان ئي هن کي ڪمانَ، صحيح جڳهہ (Posture)، ڪمان جي تار ۽ نشاني جي اهميت جو اندازو ٿيندو ۽ اهو تڏهن ٿيندو جڏهن هو غلطيون ڪرڻ کان نہ گهبرائيندو ۽ ان کان پوءِ اهو پل اچي ٿو وڃي جڏهن هن کي اها سوچ ناهي هوندي ته هو چا ڪري رهيو آهي. ان پل کان پوءِ تيرانداز پاڻ ڪمان ٿي ٿو وڃي، پاڻ ئي تير ٿو ٿي وڃي، ۽ پاڻ ئي نشانو ٿي ٿو وڃي.

## تير جي اڏام جو مشاهدو ڪيئن ڪجي:

تير خلا ۾ هڪ نيت جو عڪس آهي (An Arrow is the projection of an intention into Space) هڪ دفعو جيڪڏهن تير ڪمان مان نڪري ويو ته تيرانداز ان جي اڏام ڏسڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ ٿو ڪري سگهي. ان پل کان پوءِ، تير چڏڻ جي پريشاني جي باقي رهڻ جو ڪو جواز نہ ٿو رهي. تنهن ڪري تيرانداز پنهنجي نظر تير جي اڏام تي جمائي رکي ٿو پر هن جي دل کي سکون ملندو آهي ۽

هن جي چهري تي مسڪراهٽ ايندي آهي.

جيڪڏهن هن گهريل مشق کي هوندي، پنهنجي اندر اها جبلت قائم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو هوندو تير اندازي جي دوران جيڪڏهن هن صفائي ۽ ڌيان رکيو آهي ته هن کي ان وقت سڄي ڪائنات جي موجودگي جو احساس ٿيندو ۽ هو اهو ڏسندو ته هن جو عمل انصاف وارو ۽ لائق هو.

ٽيڪنڪ هٿن کي ڪيئر ٿي ڪري، ساهه کڻڻ کي مختصر ٿي ڪري، ۽ اکين کي نشاني تي جمائڻ سيکاري ٿي، جبلت تير چڏڻ واري پل يا ساعت کي ڪامل (Perfect) ٺاهي ٿي.

پاسي مان گذرندڙ ڪنهن کي به تيرانداز جي ڪليل ٻانهن ۽ تير جي اڏام تي نظر رکندڙ اکين کي ڏسي اهو لڳندو ته ڪجهه به ناهي ٿي رهيو. پر تير انداز جي سائين کي خبر آهي ته جنهن شخص اهو تير چڏيو آهي ان جي ذهن جا طرف مٽيا آهن: هن جو ذهن هاڻي سڄي ڪائنات سان ڳنڍيل آهي. ذهن پنهنجو ڪم جاري رکي ٿو. تير اندازي جي ان عمل جون سيئي مثبت ڳالهيون سکي ٿو. ممڪن غلطين کي سڌاري ٿو. ۽ انتظار ٿو ڪري ته نشاني تي تير جي لڳڻ سان ڪهڙو ردعمل رونما ٿئي ٿو.

جڏهن تيُرانداز ڪمانَ جي تار چڪي ٿو ته سڄي دنيا کي پنهنجي ڪمانَ مان ڏسي ٿو. جڏهن هو تير جي اڏام کي ڏسي ٿو ته سڄي دنيا هن جي ويجهو اچي ٿي وڃي ۽ هن سان پيار ڪري ٿي. هن کي فرض جي تڪميل جو مڪمل احساس ٿي ڏئي.

هڪ سچ جو جنگجو جڏهن پنهنجو فرض پورو ڪري ٿو ۽ پنهنجي ارادي کي عمل ۾ تبديل ٿو ڪري چڏي ته پوءِ هن کي ڪنهن

ٻي ڳالھ جو ڊپ نہ ٿو رھي، ھن کي جيڪو ڪرڻ گھرجي، ھن ڪري ڇڏيو. ھن پاڻ کي ڊپ جي ھٿان مفلوج ٿيڻ نہ ڏنو. پلي اگر ھن جو تير نشانو گسي ۽ وڃي ٿو تہ ۽ ھن وٽ ٻيو موقعو ھوندو ڇو تہ ھن بزدلي جي اڳيان سر نہ جھڪايو.

# پينسل جي کهاڻي

هڪ چوڪرو پنهنجي ڏاڏي کي خط لکندي ڏسي رهيو هو. ٿوري ديرکان پوءِ هن پڇيو:

"اسان جيڪو به ڪيو آهي اوهين ان جي باري ۾ کهاڻي لکي رهيا آهيو؟ ڇا اها کهاڻي منهنجي باري ۾ آهي؟"

هن جي ڏاڏيءَ لکڻ بند ڪيو ۽ پنهنجي پوتي کي چيائين:

"مان دراصل تنهنجي باري ۾ ئي لکي رهي آهيان، پر لفظن کان وڌيڪ اهر هي، پينسل آهي جنهن سان مان لکان پئي. مان اميد ٿي ڪيان ته تون جڏهن وڏو ٿيندين ته هن پينسل وانگر ٿيندين."

چوڪري حيرت منجهان پينسل ڏانهن ڏٺو. ڪيس اها ڪنهن به لحاظ کان ايتري خاص نه لڳي.

"پر اها پينسل ته انهن سڀني پينسلن جهڙي آهي جيڪي مون ڏٺيون آهن."

"اهو تنهنجي مڙان آهي ته تون هن کي ڪيئن ٿو ڏسين. جون پنج خاصتون آهن جيڪڏهن تون اهي خاصيتون هميشه پاڻ ۾ جوڙي رکين ته اهي توکي هن دنيا ۾ سکون بخشيندیون.

"پهرين خاصيت: تو ۾ ڪيترائي ڪم ڪرڻ جي صلاحيت آهي، پر توهان کي ڪڏهن به اهو نه وساريڻ گهرجي ته هڪ هٿ توهان جي هر قدم تي رهنمائي ڪري ٿو. اسين ان هٿ کي خدا سڏيندا آهيون ۽ هو هميشه پنهنجي مرضيءَ مطابق اسان جي رهنمائي ڪندو آهي.

"ٻين خاصيت: ٿوري گهڻي ديرکان پوءِ مونکي لکڻ روڪڻ

سانجو استعمال كرڻو ٿو پوي. ان جي كري پينسل كي ٿوري تكليف سهڻي ٿي پوي پر ان كانپوءِ اها وڌيڪ تكي ۽ نوكيلي ٿي پوي ٿي. ساڳي نموني توهان كي به كجهه سور ۽ غم سهڻا پوندا ڇو ته اهي توهان كي هك بهتر شخص ناهيندا.

"تين خاصيت: پينسل هميشه اسان كي اها سهولت فراهم كندي آهي ته اسين كا به غلطي رهڻ سان متائي سگهون. ان جو مطلب اهو ٿو نكري ته ضروري ناهي ته غلطين كي سڌارڻ خراب ڳالهه آهي، پر اهو اسان كي صحيح رستي تي هلندو رهڻ ۾ مدد ٿي كري.

"چوٿين خاصت: پينسل جو باهريون كاك وارو حصو ايترو اهم ناهي هوندو بلكه اندريون گريفائٽ (گورو) وارو حصو سڀ كان وڌيڪ اهميت جو حامل هوندو آهي. تنهنكري هميشه پنهنجي اندر ۾ ٿيندڙ هلچل تي ڌيان ڏريو.

"۽ پنجين خاصيت: پينسل هميشه پنهنجو نشان ڇڏيندي آهي. ساڳي طريقي سان توهان كي به خبر هجڻ گهرجي ته توهان زندگي ۾ جيكو به كريو ٿا اهو پنهنجو نشان هتي ڇڏيندو. تنهنكري پنهنجي هر عمل ۾ ان ڳالهه جو خيال ركڻ گهرجي."

# جبل تي چڑهائي کيئن ڪجي

## چڑهائي جي لاءِ جبل جي چونڊ ڪريو:

ٻين جي چوڻ تي نہ لڳو: "اهو جبل ڏاڍو سهڻو آ"، "فلاڻي تي چڑهڻ ڏاڍو سولو آ" وغيره. توهان پنهنجي مقصد ۽ منزل کي حاصل ڪرڻ لاءِ تمام گهڻي توانائي ۽ جوش لڳائي رهيا آهيو. صرف اوهان خود ئي پنهنجي فيصلي جا ذميوار هوندو. تنهنڪري جيڪو به توهان کي ڪرڻو آهي ان جي پڪ ڪري وٺو.

## جبل تائين پهچڻ جو رستو ڳوليو:

توهان اڪثر ڪري جبلن کي هڪ مفاصلي تان خوبصورت، دلچسپ ۽ آزمائش سان ڀريل ڏسي سگهو ٿا. پر جڏهن توهان انهن تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪندا آهيو ته ڇا ٿيندو آهي؟ جبل روڊن سان وکوڙيل هوندو آهي، وڏا جنگل توهان جي ۽ توهان جي منزل جي وچ ۾ رڪاوٽ بڻجي ويندا آهن. ۽ جيڪا شيءِ نقشي ۾ صاف ۽ آسان لڳندي آهي درحقيقت اها ڪافي مشڪل ۽ پيچيده هوندي آهي. تنهنڪري توهان کي ان وقت تائين سڀ رستا ۽ پيچرا آزمائڻ گهرجن جيستائين هڪ ڏينهن توهان پنهنجي چونڊيل چوٽي جي اڳيان بيٺا هجو.

## ڪنهن اهڙي شخص کان جبل جي باري ۾ ڄاڻ وٺو جيڪو اڳ ۾ اتي ويو هجي:

توهان پلي اهو ڪيترو به سوچيو ته توهان ناياب آهيو ۽ همیشہ ڪوئي نہ ڪوئي اهڙو هوندو آهي جنهن به پهرين ساڳيو خواب

ڏنو هوندو ۽ هن پنهنجون کجهه نشانيون پوئتي ضرور ڇڏيون هونديون. جهڙوڪ رسي لڳائڻ لاءِ بهترين جاءِ، لتاڙيل رستا، آساني سان گذرڻ لاءِ تورڻيل تاريون وغيره، اهي شيون توهان جي چڙهائي کي گهٽ محنت طلب ناهيندیون. ان ۾ کو شڪ ناهي ته اها توهان جي چڙهائي آهي ۽ توهان جي ئي ذميواري آهي پر ڪڏهن به اهو نه وساريو ته هين جا تجربا هميشه مددگار هوندا آهن.

## ويجهڙائي کان ڏنل خطرا قابو (Control) ڪرڻ جهڙا هوندا آهن:

جڏهن توهان پنهنجي خوابن جي جبل تي چڙهائي شروع ڪيو ته پنهنجي چوڌاري موجود شين تي هوشياري سان نظر رکو. اتي هميشه اڀيون ٽڪريون هونديون آهن. محسوس نه ٿيندڙ ڏار (Cracks) به موجود هوندا آهن. اهڙا پٿر به هوندا آهن جن کي هوا ۽ برسات ايترو ته لسو ڪري ڇڏيندیون آهن جو اهي برف جهڙا ترڪٽا ٿي پوندا آهن. پر جيڪڏهن توهان پير رکڻ کان پهرين انهن کي صحيح طريقي سان جاچي ونندا ته توهان کي اهي ڪڏا، ڏار ۽ پٿر وغيره نظر اچي ويندا ۽ توهان انهن جي جار ۾ اچڻ کان پاڻ کي بچائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا.

## نظارا تبديل ٿيندا آهن ان جو پرپور فائدو وٺو:

توهان کي هميشه پنهنجو مقصد، چوٽي تي پهچڻ، پنهنجي ذهن ۾ رکڻ گهرجي. البته جيئن جيئن توهان چڙهائي ڪندا تيئن تيئن نظارا تبديل ٿيندا، ۽ ان ۾ کو هرج ناهي ته توهان کجهه دير لاءِ بيهي انهن جو مزو ماڻيو. هر ميٽر مٿي چڙهڻ سان توهان ٽورو وڌيڪ پري ڏسي سگهندا، تنهن ڪري پلي ٽورو وقت ترسو ۽ اهي شيون

دريافت كريو جيكي توهان پهرين كڏهن به غور سان نه ڏٺيون هجن.

## پنهنجي جسم جي عزت كريو:

پنهنجي جسم كي گهريل خيال ۽ سنيال ڏيڻ سان ئي توهان جبل تي چڙهي سگهو ٿا. زندگي توهان كي پورو پورو وقت ڏئي ٿي تنهنكري پنهنجي جسم كان تمام گهڻو كم نه وٺو. جيكڏهن توهان گهڻو تكڙا هلندا ته جلدي ٿكي پوندا. ۽ اڏ رستي تي ٿي دم ٽوڙي چڏيندا. جيكڏهن صفا آهستي هلندا ته رات پڄي سگهي ٿي ۽ توهان رستو وڃائي ويهي رهندا ۽ گم ٿي ويندا. نظارن مان لطف اندوز ٿيو. چشمن جو پاڻي پيئو. ۽ قدرت توهان كي جيكي پيار سان ٿمر ڏي پئي اهو كائو. پر چڙهائي جاري ركندي هلندا رهو.

## پنهنجي روح جي عزت كريو:

اهو نه روجائيندا رهو ته، "مان اهو كري ويندس". توهان جي روح كي اها اڳوات ٿي خبر آهي. ان كي صرف ان گاله جي ضرورت آهي ته هو هن ڏكهي پنڌ جي ذريعي پنهنجي واڌ ويجهه كري. افق تي جيترو ٿي سگهي پهچي ۽ آسمان كي چهي. وهر ۽ تسلط (Obsession) توهان كي پنهنجي منزل ماڻڻ ۾ مدد نه كندو. بلكه ويتر توهان جي چڙهائي جو مزو خراب كندو. پئي پاسي اهو به نه ورجائيندا رهو ته "هي ته منهنجي سوچ كان ڏكيو نكتو" چو ته اهو توهان جي اندروني طاقت كي ختم كري چڏيندو.

## وڏيك محنت لاءِ تيار رهو:

جبل جي چوٽي تائين جو مفاصلو هميشه توهان جي سوچ كان وڏو هوندو آهي. هك اهڙي ويل ضرور ايندي آهي جڏهن اها جڳهه جيكا كافي ويجهو پئي لڳي اچا گهڻو پري هوندي آهي. پر جيئن ته

اوهان اڳتي وڃڻ لاءِ تيار آهيو ته ان ڳالهه جي باري ۾ فڪرمند نه ٿيڻ گهرجي.

## چوٽي تي پهچڻ وقت خوشي سان ڀرپور رهو:

روئي تاڙيون وڄايو ۽ زور زور سان رڙيون ڪريو ته توهان ڪري ڏيکاريو ۽ هوا کي (ان اوچائي تي ڪافي تيز هوا گهلندي آهي) چڏيو ته اها توهان جي ذهن کي خالص ڪري، توهان جي گرم جسم کي ۽ ٽکل پيرن کي ٺڏو ڪري، توهان جون اکيون کولي ۽ دل تي پيل ميرَ ۽ دز کي صاف ڪري، جيڪا شيءِ ماضي ۾ هڪ خواب ۽ خواهش هئي اها هاڻي توهان جي زندگي جو حصو آهي، توهان اهو ڪري ڏيکاريو جيڪا سڀي ڳالهه آهي.

## واعدو ڪريو:

جيئن ته توهان پنهنجي اندر جي اها طاقت ڳولي لڌي آهي جنهن کان اوهين پاڻ اڻ واقف هيو پاڻ کي ٻڌايو ته توهان هاڻي باقي زندگي ان طاقت کي استعمال ڪندا. پاڻ سان اهو واعدو به ڪريو ته توهان هڪ ٻيو جبل ڳولينداِ ۽ هڪ ٻئي ڪارنامي (Adventure) جي لاءِ نڪري پوندا.

## پنهنجي ڪهاڻي ٻڌايو:

جي ها! پنهنجي ڪهاڻي ٻڌايو، ٻين جي لاءِ هڪ مثال ڏيو سيني کي ٻڌايو ته اهو سڀ ممڪن آهي. ۽ پوءِ ٻيا همت ڪَ ڪندا ۽ پنهنجي پنهنجي جبل تي چڙهائي ڪندا.

# ڊگري جي اهميت

فرانس جي هڪ نندي ڳوٺ ۾ منهنجي پراڻي چڪي آهي جنهن جي پاسي ۾ وٽن جي هڪ قطار آهي. اها وٽن جي قطار ۾ ڙ واري فارم ۾ منهنجي چڪي کي الڳ ٿي ڪري. ڪجهه ڏينهن پهرين منهنجو اهو پر وارو پاڙيسري مون سان ملڻ آيو هو. هن جي عمر تقريباً 70 سال ٿيندي. مون ڪجهه پيرا هن ۾ سندس زال کي ٻنين ۾ کافي دير تائين ڪر ڪندي ڏٺو آهي.

منهنجو پاڙيسري ڏاڍو مزيدار ماڻهو آهي پر هو مونکي چوندو آهي. ته منهنجي وٽن مان ڪريل پن هن جي گهر جي چت تي ڪرن تا تنهن ڪري مون کي انهن وٽن کي ڪٽرائي چڏڻ گهرجي.

مان بلڪل حيران ۽ پريشان آهيان. هڪ اهڙو ماڻهو جنهن پنهنجي سڄي عمر قدرت سان ايتري ويجهڙائي ۾ گذاري آهي اهو مونکي ڪيئن ٿو چئي سگهي ته مان انهن وٽن کي صرف انهي ڪري ڪٽي چڏيان چو ته ڏهن سالن کانپوءِ شايد هن جي گهر جي چت کي ڪو نقصان ٿئي؟ ۽ صرف ان ڪري سبب جي ڪري مان انهن وٽن کي تباهه ڪريان جن ايترو وڏو ٿيڻ جي لاءِ سال ورتا آهن؟

مون هن کي کافي (Coffee) تي گهرايو ۽ کيس چيو ته جيڪڏهن پنن جي ڪري (جن کي هونئن به هوا چت تان هٽائي چڏيندي) هن جي چت کي ڪو به نقصان پهچي ٿو ته ان کي مان ٺهرائيندس ۽ پٽسا به آڻون پريندس. پر هن کي ان گالهه سان ڪا دلچسپي نه هئي. هن وري مونکي وڻ ڪٽرائي چڏڻ لاءِ چيو مونکي ٿوري ڪاوڙ آئي ۽ مون هن کي چيو ته جيڪڏهن اهائي گالهه آهي ته

مان هن جي زمين ٿي خريد ڪري چڏيندس.

"منهنجي زمين وڪري لاءِ ناهي"، هن وراڻيو.

"پر انهن پٽسن سان ته توهان شهر ۾ پنهنجي زال سان گڏ هڪ بهترين گهر ۾ پنهنجي زندگي جا بچيل ڏينهن سخت محنت ۽ مشقت کان بغير گذاري سگهو ٿا."

"منهنجو فارم وڪري لاءِ ناهي، مان هتي جائيس ۽ نيڪي وڏو ٿيس، ۽ هاڻي منهنجي عمر ناهي جو مان لڏي وڃان."

هن مونکي صلاح ڏني ته اسان کي شهر مان هڪ ماهر گهراڪ کپي ته جيئن هو صورتحال جو صحيح نمونو جائزو وٺي. ان طريقي سان اسان ٻئي هڪٻئي سان ناراض نه ٿيندا سين چاڪاڻ ته آخرڪار اسين آهيون ته پاڙيسري نه. جڏهن هو هليو ويو ته منهنجي ذهن ۾ هن جي لاءِ خيال آيو ته هو هڪ بي حس انسان آهي جنهن کي ڏرتي ماتا جي آبرو ۽ عزت جو گهٽ احساس آهي. پوءِ مونکي ٿورو تعجب ٿيو ته آخر هو پنهنجي زمين چو ڪوڙ ٿو وڪڻي؟ ڏينهن ختم ٿيڻ کان پهرين مونکي ان ڳالهه جو احساس ٿيو ته منهنجي پاڙيسري جي زندگي جي صرف هڪ کهاڙي آهي جنهن کي هو تبديل نه ٿو ڪرڻ چاهي. شهر ۾ وڃي رهڻ جو مطلب آهي ته هو نئين دنيا ۾ داخل ٿئي جنهن جا قدر بلڪل الڳ آهن ۽ جن کي سکڻ واري شايد هن جي عمر ناهي.

چا منهنجي پاڙيسري جي اهائي ڳالهه انوکي آهي؟ نه مونکي لڳي ٿو اهو سيني سان ٿيندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن اسان پنهنجي زندگي جي طور طريقن سان ايترا ته چهٽيل هوندا آهيون جو اسين وڏي کان وڏو ۽ عاليشان موقعو به چڏي ڏيندا آهيون صرف ان ڪري جو اسان کي خبر ناهي هوندي ته ان موقعي جو آخر اسين ڪنداسين چا! منهنجي پاڙيسري جي معاملي ۾ صرف هن جو فارم ۽ گوٺ ئي به

جڳهيون آهن جن جي باري ۾ هن کي ڄاڻ آهي ۽ هو ان کان اڳتي کو به Risk نه ٿو کڻڻ چاهي. شهر ۾ رهندڙ ماڻهن جي معاملي ۾ وري اهو آهي ته هو اهو يقين رکندا آهن ته هنن کي کيڏن به ڪري يونيورسٽي جي ڊگري حاصل ڪرڻي آهي، شادي ڪري ٻار ڇڏڻا آهن ۽ وري انهن ٻارن کي به ڊگري ڏيارڻي هوندي آهي. ۽ اهو قصو ائين ئي هلندو رهي ٿو. ڪوئي به ٻاڻ کان اهو ناهي پڇندو "ڇا مان ٻيو ڪجهه نه ٿو ڪري سگهان؟"

مونکي ياد آهي ته منهنجو حجر /نائي ڏينهن رات محنت ڪندو هيو ته جيئن هن جي ڏيءَ سوشيالاجي جي ڊگري مڪمل ڪري سگهي. سندس ڏيءَ نيٽ گريجوئيشن پوري ڪئي ۽ ڪيترن ئي دروازن کڙڪائڻ کانپوءِ هن کي هڪ سيمينٽ جي ڪمپني ۾ سيڪريٽري جي نوڪري ملي وئي. تڏهن به منهنجو حجر وڏي فخر سان چوندو هيو "منهنجي ڏيءَ وٽ ڊگري آهي."

منهنجي ڪيترن ئي دوستن ۽ دوستن جي ٻارن وٽ ڊگري آهي ان جو مطلب اهو ناهي ته هو اهو پيا ڪن جيڪو هنن ڪرڻ ٿي چاهيو. قطعي نه! هو يونيورسٽي ان ڪري ويا جو ڪنهن ماڻهو جڏهن يونيورسٽيون اهم هيون ته چيو هو ته جيڪڏهن دنيا ۾ اسرٽو آهي ۽ ترقي ڪرڻي آهي ته پوءِ توهان وٽ ڊگري جو هجڻ لازمي آهي. ۽ ائين دنيا ڪجهه بيحد بهترين باغبانن، نانوائن (Bakers) قديم شين جي واپارين، سنگتراشن ۽ ليکڪن کان هميشه لاءِ محروم ٿي وئي. شايد هيءَ مهل ان حالت جو جائزو وٺڻ جي آهي. ڊاڪٽرن، انجينيرن، سائنسدانن ۽ وڪيلن کي يونيورسٽي وڃڻ جي ضرورت آهي، پر ڇا هر ڪنهن کي يونيورسٽي وڃڻ جي ضرورت آهي؟ ان ڳالهه جو جواب رابرٽ فراسٽ (Robert Frost) جي هنن سٽن ۾ آهي"

جهنگ ۾ ٻه رستا الڳ ٿيا ۽ مون
مون گهٽ استعمال ٿيل رستو اختيار ڪيو.
۽ هي سڀ ان جو اثر آهي.

باقي رهي منهنجي پاڙيسري جي ڳالهه ته ماهر آيو ۽ هن اسان کي فرانس جو قانون ٻڌايو جنهن جي مطابق ڪنهن ٻه وڻ کي ڪنهن جي جائداد/ جڳهه کان ٽي ميٽر پري هجڻو آهي. مان ڏنگ رهجي ويس. منهنجا وڻ هن جي گهر کان صرف ٻه ميٽر پري آهن. مون کي وڻ ڪٽڻا پوندا.

# ٽوڪيو جي هڪ بار ۾

جاپان جي صحافي معمول جو سوال پڇيس "توهان جا پسنديده ليکڪ ڪهڙا آهن؟" ۽ مون به پنهنجي معمول وارو جواب ڏنو "جارج امادو، جارج لوئس بورخيس، وليم بليڪ ۽ هينري ملر."

منهنجي ترجمان حيرت وچان منهنجي طرف ڏٺو:

"هينري ملر؟"

پر پوءِ هن کي احساس ٿيو ته هن جو ڪم سوال پڇڻ ناهي ۽ هو ترجماني ڪرڻ جاري ٿي رکي. انٽرويو ختم ٿيو ته مون هن کان حيرانگي جو سبب پڇيو ته هوءَ ايترو حيران چو ٿي، ڇا انهي ڪري جو هينري ملر کي "سياسي طور تي صحيح" نه سمجهيو ويندو هو؟ هينري ملر اهڙو ليکڪ هو جنهن منهنجي لاءِ هڪ وسيع دنيا کولي ڇڏي ۽ هن جي ڪتابن ۾ اهڙي توانائي ۽ شانائي آهي جيڪا هن جي همعصر ادب ۾ ورلي ملي ٿي.

"نه مون هينري ملر تي تنقيد نه پڙهي ڪئي، مان پاڻ هن جي پرستار آهيان." هن وراڻيو "توهان کي خبر آ، هن جي شادي هڪ جاپاني عورت سان ٿيل هئي؟"

بلڪل مونکي خبر هئي، مونکي ان ۾ ڪو شرم محسوس نه ٿو ٿئي ته مان خود ڪنهن ليکڪ جو پرستار آهيان ۽ هن جي زندگي جي باري ۾ جاڻ رکندو آهيان. آڻون جارج امادو سان ملڻ لاءِ هڪ ڪتابي ميلي تي ويو هيس، بورخيس سان ملڻ لاءِ مون انيتاليه ڪلاڪ بس جو سفر ڪيو هيو (۽ ان ۾ منهنجي غلطي هئي ته مان هن کي ڏسي جمي (Freeze) ويو هيس ۽ هڪ لفظ به نه ڳالهائي سگهيو

هيس)، جان لينن جي نيويارڪ واري گهر ويو هيس (نوڪر مونکي در تي ئي روکي چيو هيو ته مان هڪ خط لکي پنهنجي اچڻ جو سبب سمجهايان ۽ جان لينن مون ڏي فون ڪندو هن ڪڏهن فون نه ڪئي)، هينري ملر کي ڏسڻ لاءِ منهنجو بگ سر (Big Sur) وڃڻ جو ارادو هو پر جيستائين مان پٺسا گڏ ڪريان هان هينري ملر هن فاني دنيا مان ڪُوچ ڪري ويو.

"ان جاپاني عورت جو نالو هوڪي آهي"، مون فخر وچان چيو.

"مون کي اها به خبر آهي ته هن جو ٽوڪيو ۾ پاڻي جي رنگن جو ميوزيم آهي."

"چا رات توهان ان سان ملڻ چاهيندو؟"

اهو کهڙو سوال آ! چو نه! مان ان ماڻهو سان ضرور ملڻ چاهيندس جنهن منهنجي ديوتائن مان هڪ سان ڪنهن زماني ۾ گڏ زندگي گهاري. مان سمجهان ٿو هن کي سڄي دنيا مان ماڻهن ۽ انٽرويو جون درخواستون ايندين هونديون. آخرڪار هوءَ هينري ملر سان تقريباً ڏهه سال گڏ رهي هئي. يقيناً هوءَ پنهنجو وقت صرف هڪڙي پرستار لاءِ ضايع نه ڪرڻ چاهيندي. پر جيڪڏهن مترجم چوي ٿي ته پوءِ اهو ممڪن هوندو. مونکي هن جي واعدي تي يقين ڪرڻو پيو ڇو ته جاپاني هميشه پنهنجو واعدو پاڙيندا آهن.

اهو سڄو ڏينهن مون بي چيني سان انتظار ڪندي گذاريو. اسان ٽيڪسي ۾ ويناسين. اچانڪ هر شيءِ عجيب محسوس ٿيڻ لڳي. ٽيڪسي هڪ اهڙي گهٽي ۾ اچي بيني جتي سڄ جي روشني شايد ڪڏهن ناهي پهچندي چاڪاڻ ته ان گهٽي جي مٿان ريل جي هڪ پل ٺهيل هئي. منهنجي ترجمان هڪ پرندڙ عمارت جي ٻين منزل تي هڪ ٻين درجي جي بار ڏانهن اشارو ڪيو.

آسان ڈاکٹون. چڑهي، هڪ ويران بار ۾ پهتاسين، جتي هوڪي مِلر موجود هئي.

پنهنجي حيرت کي لڪائڻ لاءِ مان هن جي مرحوم مڙس جي وڏائي چڑهائي جوش سان تعريف ڪئي. هوءَ مونکي پنهين پاسي واري ڪمري ۾ وٺي وئي جتي هن هڪ ميوزيم ٿاهيو هو جنهن ۾ به ٽي فوٽو ٽي سڳنيچر ٽيل پاڻي وارا رنگ، ۽ هڪ اڌورنا ڪيل ڪتاب پيو هو. پيو ڪجهه به نه هوڪي مونکي ٻڌايو ته هوءَ هينري مِلر سان تڏهن ملي هئي جڏهن هوءَ لاس اينجلس ۾ ايئر.اي ڪنڈي هئي ۽ پيٽ گذر ڪرڻ لاءِ ريسٽوريٽ ۾ پيانو وڄائي فرانسيسي گانا (جاپاني ۾ گهائيندي هئي). مِلر هڪ دفعي اتي رات جي ماني کاڏي هئي ۽ گانا هن کي انتهائي سٺا لڳا هئا (هن پنهنجي زندگي جو وڏو حصو پئرس ۾ گذاريو هو). اهي ڪجهه پيرا گڏ گهمڻ ويا هئا ۽ ڪجهه عرصو پوءِ مِلر هن کي سائس شادي ڪرڻ جو چيو.

مونکي ڪمري ۾ هڪ پيانو نظر آيو. مونکي ائين محسوس ٿيو ته جڻ هوءَ ماضي ۾ موٽي رهي هئي ۽ ان ڏينهن کي ياد ڪري رهي هئي جڏهن هو پهريون پيرو مليا هئا. هن مونکي مِلر سان گڏ گذاريل زندگي جا قصا ٻڌايا ۽ ان سان گڏو گڏ مسئلا پڻ ٻڌايا (مِلر پنجاهه سالن کان به مٿي هو ۽ هوڪي اڃا ويهن سالن جي به نه ٿي هئي) اهي مسئلا هن جي عمر جي فرق جي سبب پيدا ٿيا هئا. هن ٻڌايو ته هينري مِلر جي سڄي ملڪيت سندس آڳ ۾ ٽيل شادين وارن زالن ۽ ٻارن ڦهائي ورتي هئي ۽ نه صرف اهو پر هنن مِلر جي ڪتابن جا حق ۽ واسطا به پاڻ وٽ محفوظ ڪري ڇڏيا هئا. پر هن ٻڌايو ته ڪيس ان بابت کو اعتراض ناهي ڇاڪاڻ ته هن جي لاءِ مِلر سان گڏ گذاريل وقت کان وڌيڪ ڪا به ملڪيت نه هئي.

مون هوڪي ڪي درخواست ڪئي ته هوءَ اهو ساڳيو گانو ڳائي ٻڌائي جنهن ڪيئي سال پهرين هينري ملر جو ڏيان هن ڏانهن ڇڪايو هيو. هن اڪين مان نير وهائيندي فيولس مارٽس جو گانو "سرءُ جا پن (Autumn Leaves, Feullis Mortes) ڳايو.

منهنجي ترجمان ۽ آئون پڻ سڪتي ۾ ونجي ويا سين. اهو ٻار پيانو خالي ڪمري ۾ گونجندڙ هن جاپاني عورت جو آواز. هن کي ڪو فڪر نه هيو ته هينري ملر جون ٻيون زالون ڪيتريون ڪامياب هيون، يا وري ان باري ۾ ته هن جي ڪتابن مان پئسن جا درياءَ وهي ٿي سگهيا. يا هوءَ هڪ بين الاقوامي مشهوري واري زندگي گذاري ٿي سگهي.

هن انسان جي احساسن ۽ جذبات کي محسوس ڪندي آخر ۾ چيو. "جائداد جي مسئلي تي اجايو وڙهڻ ۾ ڪو فائدو نه هو منهنجي لاءِ محبت ڪافي هئي." ها ان سچي ڪڙاڻ ۽ دلي دشمني جي غير موجودگي ۾. مان سمجهان ٿي واقعي ٻه. محبت ڪافي هئي.

# ڏسڻ جي اهميت

شروع ۾ ٿيو وئريما (Theo Wierema) ڏاڍو ثابت قدم فرد هو. هن پنجن سالن تائين منهنجي بارسلونا واري آفيس ۾ مونکي هيگ، هالينڊ ۾ ليکچر ڏيڻ جي لاءِ دعوت نامي جا خط موڪليا.

پنجن سالن تائين منهنجي آفيس هن کي اهو چوندي جواب ڏيندي رهي ته منهنجي ڪمن واري ڊائري ڦُل آهي. حالانڪ منهنجي ڊائري هميشہ ڦُل نہ هئي پر ضروري ناهي ته هڪ ليکڪ سنو متڪلم يا ڳالهائيندڙ هجي. هيو ته مان جيڪو به چوڻ چاهيندو آهيان سو سڀ منهنجي ڪتابن ۽ ڪالمن ۾ موجود آهي تنهنڪري مان پاڻ به ليکچر ڏيڻ کان لهرائيندو آهيان.

ٿيو کي هڪ دفعي ڪٽان خبر پئي ته آئون ڊچ خابرو چئنل تي پروگرام رڪارڊ ڪرائڻ وارو آهيان. جڏهن مان پروگرام رڪارڊ ڪرائڻ لاءِ ڏاڪٽن تان هيٺ لٿس ته هو هوٽل جي لابي ۾ منهنجو انتظار ڪري رهيو هو. هن پنهنجو تعارف ڪرايو ۽ مونسان گڏ هلڻ جي اجازت ونڊي چيائين: "مان انهن ماڻهن مان ناهيان جيڪي ڪڏهن به "نہ" ٻڌڻ ناهن چاهيندا، مونکي لڳي ٿو ته مان پنهنجي منزل جي طرف غلط رستي سان وڃي رهيو آهيان."

اسان کي پنهنجن خوابن جي لاءِ بيشڪ بيحد جدوجهد ڪرڻ گهرجي، پر اسان کي اها به خبر هجڻ گهرجي ته جڏهن ڪا ڳالهہ ناممڪن ٿي وڃي ته ان کي ڇڏي ٻيو ڪجهہ ڪرڻ لاءِ پنهنجي توانائي محفوظ ڪجي. مان آرام سان "نہ" چئي سگهيس پئي (مان

اهو لفظ ڪيترائي پيرا ٻڌو ۽ چيو آهي)، پر مان هڪ وڏيڪ ڊپلوميٽڪ رستو اختيار ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. مان اهڙيون شرطون رکندس جو هو انهن کي پورو ئي نه ڪري سگهندو.

مون چيو ته آئون ليڪچر مفت ۾ ڏيندس پر پروگرام ۾ شرڪت جي فيس 2 يوروڪان وڌيڪ نه هجي ۽ شرڪت ڪندڙ ماڻهن جو تعداد به سو کان وڌيڪ نه هجي.

ٽيو رضامندي ڏيکاري.

"توهان جو خرچ توهان جي ڪمائي کان وڌي ويندو." مون هن کي خبردار ڪندي چيو. "منهنجي ڪائي مطابق، صرف منهنجي جهاز جي ٽڪيٽ ۽ هوٽل ۾ رهائش جو خرچ ئي توهان جي ڪمائي کان ٻيڻو ٿي ويندو اهو به تڏهن جڏهن توهان هال پرڻ ۾ ڪامياب ٿيو. ان کان علاوه اشتهار هلائڻ جو خرچ آهي، هال جو پاڙو آهي. ....."

ٽيو منهنجي ڳالهه اڌ ۾ ڪٽيندي چيو ته اهو ڪو مسئلو ناهي، هو صرف ان ڪري اهو ڪري رهيو هيو چوته ڪيس ان ڪر ۾ ڪنهن اهر ڳالهه جي موجودگي جو احساس هو.

"مان اهڙا پروگرام ڪرائيندو رهندو آهيان چوته مونکي پنهنجو يقين قائر رکڻو آهي ته انسان ايا تائين هڪ بهتر دنيا جي تلاش ۾ آهي. مان اهو ممڪن بنائڻ ۾ حصو وٺڻ چاهيان ٿو."

هي ڪندو چا آهي؟

"آئون چرچ وڪڻندو آهيان."

منهنجي حيرت جي باوجود هو چوندو رهيو. "آئون عيسائين جي مقدس شهر ۽ دنيا جي ننڍي ۾ ننڍي ملڪ ويٽڪن (Vetican) ۾ نوڪري ڪندو آهيان. منهنجو ڪر چرچ جي خريدارن کي چونڊڻ آهي.

چاکاڻ ٿ'هالينڊ ۾ ايترا چرچ ويندڙ ماڻهو ناهن جيترا چرچ آهن. اسان جا ماضي جا تجربا پڻ خراب رهيا آهن. ڪجهه ماڻهن چرچ خريد ڪري ان مقدس جاءِ ۾ نائيٽ ڪلب، ڪرائي جا اپارٽمينٽ، بوتيڪ ۽ ڪجهه ٿ وري جسم فروشي جا اڈا ۾ ڪوليا. ان ڪري اسان چرچ وڪڻڻ جو سسٽم تبديل ڪري ڇڏيو آهي. هاڻي پهريان جماعت پراجيڪٽ جي منظوري ڏيندي ۽ پوءِ خريدار کي اهو ٻڌائڻو پوندو ٿ هو ان عمارت ۾ ڇا ڪندو. عام طور تي اسين صرف ثقافتي مرڪزن، فلاحي ادارن، يا ميوزمن جي لاءِ عمارت وڪڻڻ جي آڇ قبول ڪندا آهيون. ان ڳالهه جو هن ليڪچر رکڻ ۽ ٻيا پروگرام ڪرائڻ سان ڪهڙو تعلق آهي؟ اڇڪلهه ماڻهو پاڻ ۾ ملن ڪو نه ٿا ۽ جي اهي پاڻ ۾ نه ملندا ٿ انهن جي ذهني ۽ سماجي نشونما نه ٿيندي."

مونکي غور سان ڏسندي هن چيو "ملاقات. اها غلطي مان توهان سان ڪئي هئي. اي ميل موڪلينڈو رهڻ جي بجاءِ مونکي توهان جي اڳيان اچي پنهنجي وجود جو احساس ڏيارڻ گهرجي ها. هڪ دفعي ڪو سياستدان مونکي جواب نه ٻيو ڏئي. هڪ ڏينهن آئون ان جي گهر هلي ويس، ۽ هن مونکي ٻڌايو ٿ، جيڪڏهن توهان کي ڪا شيءِ ڪٻي، ٿ سامهون واري جي اکين ۾ ڏسي ڳالهايو. تڏهن ڪان وٺي مون اهو ئي ڪيو آ، ۽ مونکي ان جا سٺا نتيجا ئي مليا آهن. پلي توهان وٽ رابطي جا ڪيترا ۾ ذريعا هجن پر ڪوئي ۾ ذريعو اکين ۾ اکيون وجهي ڳالهائڻ کان وڌيڪ اثرائتو ۽ ڪارآمد ناهي."

چوڻ اجايو آ، مون هن جي آڇ قبولي ورتي.

پي ايس: جڏهن آئون هيگ ۾ ليڪچر ڏيڻ ويس ٿ پنهنجي زال جي ثقافتي مرڪز ڪولڻ واري خواهش جي پوئواري ڪندي

(منهنجي زال فنون لطيفا جي آرٽسٽ آهي) مون کجهه چرچ ڏسڻ جي خواهش ظاهر ڪئي. مون هڪڙي چرچ جي قيمت معلوم ڪئي جنهن ۾ هر آچر تي آسپاس جا پنج سو ماڻهو ايندا هئا. ان جي قيمت هڪ يورو (صرف هڪ يوروا) هئي. پر ان جي سارسنڀال جو خرچ آسمان سان ڳالهيون ڪندڙ هو.

# چنگيز خان ۽ ان جو باز

وچ ايشيا جي ملڪ قزاقستان جي منهنجي تازي دوري تي منهنجي ملاقات ڪجهه اهڙن شڪارين سان ٿي جيڪي ايڏا تائين باز کي شڪار لاءِ هٿيار طور استعمال ڪن ٿا. مان لفظ "شڪار" جي باري ۾ ڪنهن بحث ۾ نه ٿو پوڻ چاهيان پر هن معاملي ۾ آڻون ايترو چوندس ته قدرت پنهنجي فطري روش تي پئي هلي.

مون سان گڏ ڪوئي به مترجم نه هو ۽ اها گهاله منهنجي لاءِ مسئلو ٿيڻ جي بجاءِ هڪ غنيمت ٿي پئي. جيئن ته مان هنن سان گهالهائي نه پئي سگهيس ان ڪري منهنجو سجو ڏيان ان گهاله تي هو جيڪو ڪجهه هو ڪري رهيا هئا. اسان جو نندڙو جٿو هڪ هنڌ رکيو ۽ جنهن شخص وٽ بانهن تي باز ويٺل هو اهو اسان کان ٽوروپرو ٿي ٻيلو ۽ هن باز جي مٿي تان چاندي جو هڪ ننڍو تاج لاهي ڇڏيو. مونکي خبر نه پئي ته هو اتي ئي چو ٻيلا ۽ مونکي پڇڻ جو ڪوئي طريقو به نه هو.

پکي اڏاميو آسمان ۾ ڪجهه دفعا گول گول چڪر ڪاٽي، اوچتو غوطو ڪائي سڌو زمين تي آيو ۽ اتي ئي بيهي رهيو. جڏهن اسان ويجهو پهتو سي ته اسان باز جي چنبن ۾ هڪ لومڙي کي قابل ڏٺو. اهو ساڳيو منظر پئي صبح تي به ڏسڻ لاءِ مليو.

گوٺ واپس موٽڻ تي مون ماڻهن کان پڇيو جيڪي منهنجو انتظار ڪري رهيا هئا، ته جيڪو ڪجهه به مون باز کي ڪندي ڏٺو ۽ جيئن هو مالڪ جي ۽ منهنجي بانهن تي (شڪارين منهنجي بانهه تي چمڙي جو پٽو ٻڌي باز کي منهنجي بانهن کي ويهاريو هو) خاموشي

سان وينو اهو سڀ ان بازڪي ڪيئن سيکاريو ويندو آهي؟

اهو ٻي ڪنهن سوال هو ڪنهن وٽ ڪوئي جواب نه هو. انهن ٻڌايو ته اهو فن نسل درنسل هلندو اچي. پيءُ پٽ کي سيکاريو آهي ۽ ائين سلسلو اڳتي پيو وڌي. پر گوٽ جي پس منظر ۾ برفاني جبل، گهوڙن ۽ گهوڙي سوارن جا پاڇا، گهوڙي سوار جي ٻانهن تان اڏامندڙ باز ۽ اها موتمار ڪلابازي هميشه منهنجي دماغ ۾ چٽيل هوندي.

هڪ ٻي ڪهاڻي جيڪا مونکي هڪ ڳوٺاڻي منجهند جي ماني وقت ٻڌائي، اها پڻ مونکي هميشه ياد رهندي. اها ڪهاڻي هيءَ آهي ته:

هڪ ڏينهن چنگيز خان ۽ سندس درباري شڪار تي نڪتا، هن جي ساڻين تير ۽ ڪمان کنيا پر چنگيز خان صرف پنهنجو پسنديده باز ٻانهن تي ڪٽي نڪتو. چو ته اهو باز ڪنهن به تيرڪان وڌيڪ تيز هيو ۽ آسمان جي بلندي کان سڀ ڪجهه ڏسي سگهيو ٿو جيڪو ماڻهو ڪڏهن نه ڏسي سگهندو.

جڏي جي جوش ۽ ولولي جي باوجود هنن کي ڪوئي شڪار هٿ نه آيو. چنگيز خان مايوسي سان پنهنجن خيمن ڏانهن وريو پر ان ڊپ کان ته هو ڪٽي پنهنجن ساڻين کي به نه مايوس ڪري وڃي، هو اڪيلو سواري ڪڍي شڪار لاءِ نڪري ويو. هو امڪان کان وڌيڪ دير جهنگ ۾ ترسيا هٿا ۽ چنگيز خان ڏاڍو ٿڪي پيو ۽ تمام اڇايل پڻ هو. اونهاري جي سخت گرمي سبب سڀ نهرون سڪي ويون هيون، ۽ هن کي ڪٽي به پيئڻ لاءِ پاڻي نه پيو ملي، پر پوءِ اچانڪ چنگيز خان جي نظر پاڻي جي هڪ سنهڙي ڌارا تي وڃي جيڪا هن جي سامهون واري ٽڪري تان وهي رهي هئي.

هن ٻانهن تان باز کي لاٿو ۽ پنهنجو چاندي جو ڪُپڙو

ڪيائين جيڪو هو هميشہ پاڻ سان گڏ کڻندو هيو. ان کي پرجڻ ۾ ڪافي دير لڳي چو تہ پاڻي صفا آهستي پيو هلي. پر جيئن ئي چنگيز خان ڪُپڙي کي چپن جي ويجهو آندو تہ باز اڏامي هن جي هٿن مان ڪُپڙو ڦريو ۽ زمين تي ڪيرائي چڏيو.

چنگيز خان تپي باهہ ٿي ويو. پر باز هن جو پسنديده بہ هو ۽ شايد ان کي بہ اڄ لڳي هجي تنهن ڪري هن ڪُپڙو ڪنيس ان تان مٽي صاف ڪيائين ۽ وري پرجڻ لاءِ رکيائين. هن دفعي اڃا ڪُپڙو اڌ مس پريو هيو تہ باز وري ان کي ڪيرائي پاڻي هاري چڏيو.

چنگيز خان پنهنجي باز سان تمام گهٽو پيار ڪندو هو پر هو ڪنهن بہ حالت ۾ پنهنجي شان ۾ گستاخي بہ نہ پئي برداشت ڪري سگهيو. ڪوئي ماڻهو پري کان هي لقاءُ ڏسي ئي سگهيو. پوءِ اهو ماڻهو هن جي فوجين کي اهو ٻڌائيندو تہ هيڏو وڏو فاتح بادشاهہ هڪ خسيس پکي جي سامهون بيوس هو ۽ ڪيس هيرائي ڪونہ پئي سگهيو.

هن دفعي، چنگيز خان پنهنجي تلوار ڪڍي هٿ ۾ ڪئي ۽ ڪُپڙو پرجڻ لاءِ رکيو. هن جي هڪ اک باز تي ۽ ٻي اک پاڻي تي هئي. جيئن ئي پاڻي پرجيو ۽ هو پاڻي پيئڻ وارو هيو تہ هڪ پيرو ٻيهر باز هن جي طرف اڏاميو. چنگيز خان هڪ ئي وار سان باز جو سينو چيري چڏيو.

البتہ ان وچ ۾ پاڻ جي اها سنهڙي لار سڪي چڪي هئي. پر چنگيز خان بہ باهمت هيو ۽ پاڻي جي چشمي جي تلاش ۾ انهي ساڳي ٽڪري تي مٽي چڙهي ويو. هو اهو ڏسي دنگ رهجي ويو تہ مٽي واقعي بہ پاڻي جو هڪ تلاءُ هو جنهن ۾ علائقي جو سيني کان وڌيڪ زهريلو نانگ مئل پيو هو. جيڪڏهن هو اهو پاڻي پيئي ها تہ پاڻ بہ

مري وڃي ها.

چنگيز خان مٿل باز کي پنهنجي سيني سان لائي خيمن ڏانهن واپس آيو هن حڪم ڏنو ته باز جو هڪ سونو مجسمو ٺاهيو وڃي جنهن جي هڪڙي پر تي هن هي لکرايو:

"جيڪڏهن توهان جو دوست ڪجهه اهڙو ٿو ڪري جيڪو توهان کي پسند ناهي، هو تڏهن به توهان جو دوست ئي هوندو آهي."

۽ ان جي ٻي پر تي چنگيز خان هي لفظ لکرايا:

"کاوڙ ۾ ڪنهل قدم تباهي جو ڪارڻ بڻجن ٿا."

# ٻين جا باغ ڏسڻ

عربي ۾ هڪ چوڻي آهي ته: "توهان کنهن بيوقوف کي پهلي سڄي دنيا جو عقل ڏيو پر هو وري به توهان جو عقل گهرندو."

جڏهن اسان پنهنجي زندگي جو باغ پوکڻ شروع ڪندا آهيون ته اسان جو پاڙيسري اسان جي جاسوسي ڪندو آهي. هو پاڻ ڪجهه به پوکڻ جي قابل ناهي هوندو پر اسان کي هميشه صلاح ڏيڻ چاهيندو آهي ته عمل ڪڏهن پوکجن، خيالن ۽ سوچن کي ڪڏهن سرسبز ڪجي، ۽ ڪاميابين کي پاڻي ڪڏهن ڏجي.

جيڪڏهن اسان هن جي ٻڌنداسين ته اسان سڄي زندگي هن جي لاءِ ڪر ڪنداسين ۽ اسان جي زندگي جو باغ هن جي خيال مطابق هوندو. اسان اهو وساري ويهنداسين ته اها زمين اسان پنهنجو رت ست ڏئي وڌين ڪوششن ۽ دعائن کانپوءِ آباد ۽ سرسبز ڪئي هئي. اسان کان اهو وسري ويندو ته زمين جي هر انچ تي هڪ ڳجهارت هوندي آهي جنهن کي مالهي جو صبر وارو هٿ ئي سلجهائي سگهي ٿو. اسان سج، برسات، ۽ موسمن جي باري ۾ سوچڻ چڏي ڏينداسين ۽ ان جي بجاءِ اسان هڪ احمق جي مٿي (جيڪو ٻني (hedge) جي پريان بيهي اسان کي ڏسي رهيو هوندو آهي) تي ڏيان ڏينداسين.

اهو بيوقوف جيڪو هميشه اسان کي صلاح ڏيڻ جي لاءِ آتو هوندو آهي، پنهنجي پوتن کي ڏسندو به ناهي!

# پنڊورا باڪس

هڪڙي ڏينهن مونکي تن مختلف ڪنڊن (Continents) مان ٽي علامتون وصول ٿيون. پهرين ته هڪڙي صحافي لارو جاردم جي اي ميل جنهن مونکي روچنا، ريو ڊي جنيريو (Rocinhe, Rio de Janeiro, Brazil) جي حالات ۽ پنهنجي باري ۾ ڪجهه حقيقتن کي تصديق ڪرڻ لاءِ چيو هو. بين، منهنجي زال جيڪا فرانس پهتي هئي، ان جي فون. هوءَ اسان جي هڪڙي دوست جوڙي کي برازيل گهمائڻ وئي هئي جيڪي ويچارا واپسي تي ڊنل ۽ مايوس هئا. ٽين، روس جي هڪ ٽي وي چينل جو صحافي جيڪو مونکان انٽرويو وٺڻ آيو هو. تنهن مونکان پڇيو ته ڇا اهو سچ هيو ته برازيل ۾ 1980ع ۽ 2000ع جي وچ ۾ پنج لک کان وڌيڪ ماڻهو قتل ٿي چڪا هئا.

مون کيس چيو ته بلڪل نه اهو سچ ناهي.

ٻه ٻوءِ هن مونکي برازيل جي جاگرافي ۽ شماريات واري شعبي جا انگ اکر ڏيکاريا.

مان خاموش ٿي ويس. خونريزي ۽ وڳوڙ منهنجي ملڪ کان سمنڊ ۽ جبل جهاڳي وچ ايشيا تائين پهچي وئي آهي. مان ڇا پئي چئي سگهيس؟

ٻه صرف چوڻ ڪافي ناهي. جيڪي لفظ عمل ۾ منتقل نه ٿين اهي وليم بليڪ جي چواڻي "موتمار ويا پالينڊا آهن." مان پنهنجي حصي جي ڪوشش ڪريان پيو. مون ازابيلا ۽ يولنڊا جهڙن جاکوڙين سان گڏجي هڪ ادارو قائم ڪيو آهي، جنهن ۾ اسين جهوپڙين ۾ رهندڙ 360 ٻارن کي تعليم، سارسنپال ۽ پيار ڏيندا

آهيون. مونکي خبر آهي ته هن وقت هزارين برازيلي ان کان وڌيڪ ڪر ڪري رهيا آهن، خاموشي سان، بغير ڪنهن سرڪاري مدد جي، بغير ڪنهن پرائيويٽ امداد جي، صرف هڪ شيءِ کان بچڻ لاءِ جيڪا سيني دشمنن کان وڌيڪ خراب آهي: نااميدي.

اڳ ۾ آئون اهو سوچيندو هيس ته جيڪڏهن هر ڪو پنهنجي حصي جي ڪوشش ڪري ته تبديلي اچي سگهي ٿي، پر ان رات، جڏهن منهنجي نظر چين جي باردر سان لڳ برف سان ڍڪيل جبلن تي ڦري رهي هئي، ته مان شڪ ۾ هيس. سيني جي پنهنجي حصي جي ڪم ڪرڻ جي باوجود شايد منهنجي نندپڻ ۾ سکيل چوٽي ايڏا سچ آهي ته، "طاقت جي سامهون توهان بحث نه ٿا ڪري سگهو."

مون چنڊ جي روشني سان روشن جبل جي طرف ورڻ ڏنو. ڇا اهو واقعي صحيح آهي ته طاقت جي سامهون ڪو به بحث ناهي هلندو؟ هر برازيلي وانگر مون به جدوجهد ڪئي هئي، مان به وڙهيو هيس صرف اهو يقين قائم رکڻ لاءِ ته ڪنهن ڏينهن منهنجي ملڪ ۾ تبديلي ضرور ايندي ۽ ملڪي حالات بهتر ٿيندا. پر هر گذرندڙ سال سان شيون وڌيڪ پيچيده پيون ٿينديون وڃن. پلي ڪهڙو به صدر هجي، پلي ڪهڙي به سياسي پارٽي اقتدار ۾ هجي، پلي ڪهڙا به اقتصادي پلان هجن، يا انهن سپني شين جي غير موجودگي ۾ به ملڪي حالات هڪ ئي طرف وڃي رهيا آهن.

مان دنيا جي چئني ڪنڊن ۾ رتو چاڙ ڏٺي آهي. مون کي ياد آهي ته لبنان ۾ تباه ڪُن جنگ کان فوراً بعد آئون پنهنجي دوست سولا سعد سان گڏ بيروت جي ڪنڊر بڻيل شهر ۾ گهمي رهيو هيس. هن مونکي ٻڌايو ته هاڻي بيروت شهر ست دفعا تباه ٿي چڪو هو. مون هن کان مذاق ۾ پڇيو ته پوءِ هو هن شهر کي ٻيهر ٺاهڻ جي زحمت چو ٿا

ڪن ۽ ڪنهن ٻي هنڌ ڇو نہ ٿا هليا وڃن. هن وراڻيو "ڇو ته هي اسان جو شهر آهي. جيڪڏهن ڪو شخص پنهنجي ڏرتي ڪي ۽ ان زمين کي مان نہ ڏيندو جتي هن جا ابا ڏاڏا دفن آهن ته اهو شخص هميشہ لاءِ ملعون ٿي ويندو."

جيڪو پنهنجي ملڪ جي بيعزتي ٿو ڪري، مطلب هو پنهنجي بيعزتي پيو ڪري. يونان جي قديم ڏند ڪٿائن مان هڪ ۾، زيوس (جيڪو پراميٿس (Promethus) تي ڪاوڙيل هو جنهن ماڻهو جورائي هئي ۽ فاني ماڻهو کي آزادي ڏئي ڇڏي هٿائين) پنڊورا کي پراميٿس جي ڀاءُ ايفيميٿس سان شادي ڪرڻ لاءِ اماڻيو. پنڊورا کي هڪ ڏهو ڏنو ويو هو جنهن کي کولڻ کان هن کي سخت منع ڪيو ويو هو. البتہ، جيئن ٻيبي حوا کي پنهنجي تجسس جنت مان بيدخل ڪرايو، تيئن ئي پنڊورا تجسس وچان جيئن ئي ڏهي جو ڍڪ لاٿو ته جيئن ڏسي سگهي ته آخر اندر هو ڇا، ان وقت ئي دنيا جا سڀ شيطان اڏامي سڄي ڏرتي تي ڦهلجي ويا. ڏهي جي اندر صرف هڪ شيءِ رهجي وئي: اميد.

تنهن ڪري، ان حقيقت جي باوجود ته هر شيءِ اسان جي مخالفت ۾ آهي، منهنجي اداسي ۽ بيوسي جي باوجود، ۽ مونکي تقريباً پڪ هجڻ جي باوجود ته ڪڏهن بہ ڪا بهتري نہ ايندي مان هڪڙي شيءِ کي نہ ٿو ڇڏي سگهان جيڪا مونکي زنده رکيو اچي: اميد - اهو لفظ جنهن کي "ڪوڙا عقلمند" ۽ دانا -(Pseudo-intellec tuals) دوکي ۽ فريب جو ٻيو نالو سمجهندا آهن. اهو لفظ سياستدانن ۽ حڪومتن ٻاران وڏي مهارت سان استعمال ڪيو ويو آهي. اهي اهڙا واعده ڪندا آهن جن بابت کين خود کي خبر هوندي آهي ته هو پورا نہ ڪندا ۽ ائين هو ماڻهن جي زخمن تي لوڻ ٻرڪيندا رهندا آهن. اهو

لفظ اکثر ڪري صبح جو اسان سان ڳالهائي ٿو ڏينهن گذرڻ سان گڏ هو وڌيڪ گهرائي سان زخمي ٿيندو رهي ٿو ۽ رات جي اچڻ سان مري وڃي ٿو پر هڪ نئين ڏينهن سان وري جنم ونبي ٿو.

ها، واقعي اها چوٽي آهي نہ "طاقت جي اڳيان توهان بحث نہ ڪري سگهو." پر هڪ ٻي چوٽي به آهي: "جتي زندگي هوندي آهي اتي اميد به هوندي آهي." منهنجي نظر وري چين جي سرحد واري برفاني جبل تي وڃي ٿي ۽ مان هن چوٽي تي پنهنجو يقين رکان ٿو.

# ايڪ ٻ انيڪ ڪيئن ٿو ٿئي

اسين هڪ سائوَ پائلو (Sau Paulo) جائي نيويارڪ جي مصور جي گهر ويناهئاسين. اسين فرشتن ۽ الڪيميا (اهڙي جادو جو علم جنهن سان شين کي بدلائي سگهجي جهڙوڪ لوهه مان سون) تي گالهائي رهيا هئاسين. هڪ جڳهه تي مون ٻين مهمانن کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندي چيو ته الڪيميائي خيال موجب اسان مان هر هڪ جي اندر پوري ڪائنات سمايل آهي تنهن ڪري اسين هن ڪائنات جي پلائي جا ذميوار آهيون. پر مونکي صحيح لفظ نه پئي مليا ته مان پنهنجي خيال کي سمجهائي سگهان ۽ ان جي صحيح تصوير چٽي سگهان.

مصور جيڪو ان مهل تائين خاموشي سان سيني کي ٻڌي رهيو هو، تنهن اسان سيني کي ڪمري جي دري کان ٻاهر ڏسڻ لاءِ چيو.

"چا پيو نظر اچي توهان کي؟" هن پڇيو.

ڪنهن جواب ڏنو "گرين وچ ڳوٺ جي هڪ گهٽي."

مصور هڪ اچي پني کي دري تي چنبڙائي ڇڏيو ته جيئن ٻاهر جي ڪا به شيءِ ظاهر نه ٿئي. پوءِ هن هڪ ننڍڙو چاقو ڪڍي ان پني مان چورس جي شڪل ۾ هڪ ٽڪرو ڪٽيو.

"۽ جيڪڏهن ڪنهن کي هن چورس جي شڪل واري سوراخ مان ڏسڻو پوي. ته هو چا ڏسندو؟"

جواب آيو "ساڳي گهٽي."

مصور اهڙا ٻيا به ڪجهه سوراخ ٺاهيا.

هن چيئن "جيئن هن ڪاغذ جي هر سوراخ مان گهٽي جو نظارو سمايل آهي. تيئن ئي اسان مان هر هڪ جي روح ۾ ساڳي ڪائنات سمايل آهي."

اسان سيني تاڙيون وڄائي اهڙي سهڻي عڪس جڙڻ تي کيس داد ڏنو.

# عبادت گاهه مان ايندڙ موسيقي جو آواز

منهنجي سالگره واري ڏينهن، ڪائنات مونکي هڪ تحفو ڏنو جيڪو مان پنهنجي پڙهندڙن سان سلڙ چاهيندس- ڏکڻ اولهه فرانس جي هڪ ننڍي شهر ايزيرڪس (Azereix) جي واري ٻيلي جي وچ ۾ هڪ وڻن سان ڍڪيل پهاڙي آهي. گرمي پد $40^{o}C$ کان به چڙهي ويو هو. پنج هزار ماڻهو اسپتالن ۾ گرمي جي ڪاڙ دم توڙي ويٺا هٿا. اسان مڪئي جي فصلن ڏانهن ڏٺو جيڪي ڏکر جي ڪري تباه ٿيڻ جي ڪنڌي تي هٿا. اسان کان هلڻ نه پٽي پڳو. مون پنهنجي زال کي چيو:

"هڪ دفعي جڏهن آڻون توکي ايئرپورٽ چڏي آيو هيس، مون هن ٻيلي ۾ گهمڻ جو فيصلو ڪيو هو. مان هڪ زبردست رستو ڳولي لڌو هو. چا تون ڏسندين؟"

ڪرسٽينا وڻن جي وچ ۾ ڪجهه اڇو ڏنو ۽ مونکان پڇيائين ته اهو چا هو.

"اهو هڪ اوليا جو آستانو آهي." مون کيس جواب ڏنو ۽ ٻڌايو مانس ته اهو رستو ان آستاني جي بلڪل پاسي مان گذري ٿو. پر هڪ دفعي جڏهن آڻون اتان گذريو هيس ته اهو بند پيو هو. جيئن ته اسان فصلن ۽ جبلن جي ماحول سان ڊاڍا هريل آهيون، ته اسان کي اها خبر آهي ته خدا هر جڳهه تي موجود آهي ۽ هن کي ڳولڻ لاءِ ڪنهن ماڻهو جي ناهيل عمارت ۾ وڃڻ جي ضرورت ناهي. اڪثر ڪري اسان جڏهن وڏن پنڌن تي نڪرندا آهيون ته اسان قدرت جا آواز ٻڌندي ۽

اهو سمجهندي ته باطن پاڻ کي ظاهري دنيا ۾ واضح ڪندو آهي. اسين خاموشي سان عبادت ڪندا آهيون. اڌ ڪلاڪ جي چڑهائي ڪانپوءِ اسين آستاني جي سامهون، جهنگ جي وچ ۾. اڃي پهتاسين. همیشہ وانگر دماغ ۾ سوال اپريو. اهو آستانو ڪنهن ناهيو؟ ڇو ناهيو؟ ڪهڑي پيريا بزرگ جي لاءِ ناهيو ويو؟

اسان جيئن ئي آستاني جي ويجهو پهتاسين ته اسان کي موسيقي ۽ گائڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. هڪ اڪيلو آواز هو جنهن سڄي ماحول کي پرسڪون بڻائي ڇڏيو.

"مان پوئين دفعي هتي آيو هيس ته اتي لائوڊ اسپيڪر نہ هئا." مون سوچيو ته عجيب ڳالهہ هئي ڪوئي هن ايتري ويران رستي تان گذرندو ماڻهن جو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪڻ لاءِ گائي رهيو هو.

پر هن دفعي آستاني جو در ڪليل هو. اسان اندر داخل ٿياسين، هيءَ هڪ الڳ ئي دنيا هئي: آستانو صبح جي روشني سان روشن هو. عبادت واري تختي تي يسوع مسيح جي تصوير پئي هئي، ڪاٺ جي بينچن جون ٽي قطارون هيون. ۽ هڪ ڪنڊ ۾ هڪ ويهن سالن جي جوان عورت روحاني پرواز واري حالت ۾ پنهنجي گٽار جي مدد سان گائي رهي هئي. هن جون اکيون تصوير تي جميل هيون.

مان ٽي ميڙ بتيون ٻاريون. اها منهنجي عادت آهي مان جڏهن بہ ڪنهن چرچ ۾ پهريون دفعو ويندو آهيان ته ٽي ميڙ بتيون ٻاريندو آهيان (هڪ پنهنجي لاءِ، هڪ پنهنجي دوستن ۽ پڙهندڙن لاءِ، ۽ هڪ پنهنجي ڪم جي لاءِ). مون پوئتي ڏٺو. ان عورت اسان جي موجودگي کي جاڻي ورتو هو. پر هن اسان کي ڏسي صرف مسڪرايو ۽ گائيندي رهي.

اڻين پئي محسوس ٿيو جڻ جنت آسمان تان لهي زمين تي اچي وئي هجي. جڻ ته هن کي خبر هجي ته اسان جي دل ۾ ڇا هلي رهيو هو. هوءَ موسيقي ۾ خاموشي کي پاڻ ۾ ملائي رهي هئي، وقفي وقفي سان هن عبادت ۾ ڪئي ٿي.

مونکي احساس ٿي ويو ته آئون پنهنجي زندگي جي هڪ يادگار لمحي مان گذري رهيو آهيان. اهڙو احساس جيڪو اسان کي صرف جادوئي گهڙي ۾ محسوس ٿيندو آهي. مان ان يادگار پل ۾ گم ٿي ويس، نه ڪو ماضي، نه ڪو مستقبل، صرف صبح، موسيقي، مناڻ، ۽ غير متوقع عبادت وارن لمحن کي محسوس پئي ڪيم. مان عبادت ۽ وجد واري حالت ۾ داخل ٿي ويس ۽ پنهنجي زنده هجڻ لاءِ شڪر پئي ڪيم. ڪيترن ئي ڳوڙهن ۽ لافانيت جي احساس کان پوءِ ان عورت موسيقي وڄائڻ بند ڪئي. منهنجي زال ۽ مان اٿي هن جو شڪريو ادا ڪيو. مون هن کي چيو ته آئون ڪيس هن روحاني سڪون ڏيڻ جي بدلي ۾ هن ڏانهن ڪو تحفو اماڻيندس. هن ٻڌايو ته هوءَ اتي روز ايندي آهي ۽ اهو هن جي عبادت ڪرڻ جو طريقو آهي. پر مان هن کي تحفو قبولڻ لاءِ زور پريو. پهرين ته هن ٿورو لهرايو پر پوءِ هڪ خانقاهه / گرجاگهر جي ائڊريس ڏنائين.

بي ڏينهن مون هن ڏانهن پنهنجو هڪ ڪتاب موڪليو. جنهن جو جواب هن ٿوري وقت ڪانپوءِ ئي اماڻيو. هن ٻڌايو ته ان ڏينهن ئي هن آستاني تي وڃڻ ڇڏي ڏنو هن جو روح سڪون جي سمنڊ ۾ تري رهيو هو چاڪاڻ ته جنهن جوڙي اچي هن جي عبادت ۾ حصو ورتو تنهن هن سان گڏ زندگي جي معجزي کي پڻ محسوس ڪيو هو.

ان آستاني جي سادگي مان، جوان عورت جي آواز مان، ۽ ان صبح جنهن هر شيءِ ۾ رنگ ڀري ڇڏيو تنهن مان، مونکي هڪ ڳالهه سمجهه ۾ آئي ته خدا جي وڏائي هميشه سادين شين مان ظاهر ٿيندي آهي.

# شيطاني تلاءُ

آسٽريليا جي هڪ ڳوٺ بابندا جي پرسان مان هڪ تلاءُ ڪي ڏسي رهيو هيس. هڪ ابٽرجن (قديم نسل جا ماڻهو) ڇوڪرو مون وٽ آيو ۽ چيائين:

"خيال سان، ترڪي نه پئو."

اهو نندڙو تلاءُ پٽرن سان گهيريل هيو جيڪي ڏسڻ ۾ گهمڻ لاءِ محفوظ پئي لڳا.

ڇوڪري ٻڌايو "هن جڳهه کي شيطاني تلاءُ چيو ويندو آهي. ڪيترائي سال اڳ اولونا نالي هڪ ابٽرجن ڇوڪري جيڪا تمام حَسين هئي بابندا ڳوٺ جي هڪ جنگي ويڑهاڪ سان پرٽيل هئي. پر هن کي ٻئي مرد سان محبت هئي. اهي هنن جبلن ڏانهن ڀڄي آيا هئا. پر اولونا جي مڙس کين ڳولي ورتو. اولونا جو عاشق ته ڀڄي ويو پر هوءَ پاڻ پنهنجي مڙس جي هٿان قتل ٿي هن تلاءُ جي اندر اڇلائي وئي هئي. تڏهن کان وٺي اولونا هتي ايندڙ هر مرد کي پنهنجو عاشق سمجهندي آهي ۽ پاڻي جي پاڪر سان کيس ٻوڙي ماري ڇڏيندي آهي.

ڪجهه وقت پوءِ مان هڪ نندي هوٽل جي مالڪ کان شيطاني تلاءُ جي باري ۾ پڇا ڪئي ته هن مون کي هيءَ ڳالهه ٻڌائي:

"ٽي سگهي ٿو اهو صرف هڪ وهم هجي پر حقيقت اها آهي ته پوين ڏهن سالن ۾ يارهن سياح ان تلاءُ ۾ ڪري مري چڪا آهن ۽ اهي سڀ مرد هئا."

# مئل ماڻهو کي پاجامو پاتل هو

مون انٽرنيٽ تي هڪ آن لائن اخبار ۾ پڙهيو ته 10 جون، 2004ع تي ٽوڪيو ۾ هڪ ماڻهو کي مئل حالت ۾ لڌو ويو هو جنهن کي پاجامو پاتل هو.

منهنجي خيال ۾ گهٽو ڪري جيڪي ماڻهو پاجامي ۾ مرندا آهن سي (1) يا ته نند ۾ دم ڏڻي حوالي ڪندا آهن جيڪا هڪ نعمت آهي (2) يا اهي پنهنجي خاندان سان گڏ يا اسپتال جي بستري تي هٿا، مطلب ته موت اوچتو نه پهتو ۽ انهن سيني وٽ هن برازيلي شاعر مينيوئل بنديرا جي چوائي "اڄ گهريي مهمان" جي انتظار ڪڍ جو وقت هو.

خبر اڳتي پڙهڻ سان معلوم ٿيو ته هو جڏهن مئو ته پنهنجي ڪمري (bed-room) ۾ هو. اها ڳالهه اسپتال واري مفروضي کي رد ٿي ڪري، هاڻي صرف هڪڙي ممڪن ڳالهه باقي رهي ته هو نند ۾ مري ويو. بغير ڪنهن تڪليف سهڻ جي، بغير اهو جاڻڻ جي ته هو ايندڙ صبح جي روشني نه ڏسي سگهندو.

البته، هڪ هيو سبب پڻ ٿي سگهي ٿو: شايد هن کي پنهنجي ڪمري ۾ ماريو ويو هجي يا مٿس حملو ڪيو ويو هجي.

ڪوٽي ۽ ماڻهو جنهن کي ٽوڪيو جي جاڻ هوندي، تنهن کي اها پڻ خبر هوندي ته پلي ٽوڪيو هڪ وسيع شهر آهي ۽ اهو دنيا جي سيني کان محفوظ ترين جڳهن مان هڪ پڻ آهي. مونکي ياد آهي ته هڪ دفعي آٿون اندروني جاپان وڃڻ کان پهريان پنهنجي جاپاني پبلشرن سان ٽوڪيو ۾ ماني لاءِ ترسيس. اسان جو سجو سامان ۽

ٽيلها ڪار جي پوئين سيٽ تي پيا هئا. مون فوراً چيو ته هي ته ڏاڍو خطرناڪ هو. ڪوئي نه ڪوئي اتان گذرڻ مهل اسان جي سامان کي ڏسي سڀ ڪتاب، ڪپڙا ۽ دستاويز کڻي پڄي ٽي سگهيو. منهنجو پبلشر ڪليو ۽ مونکي پريشان ٽيڻ کان منع ڪندي چيائين ته هن جي سڄي زندگي ۾ اهڙو ڪجهه به نه ٽيو هو (۽ واقعي اسان جي سامان کي ڪجهه نه ٽيو. حالانڪ مان ماني وارو سڄو وقت پريشان هيس). ۾ اچو ته پنهنجي پاجامي واري مرحوم ڏانهن واپس هلون. پوليس جي هڪ عملدار اخبار جي نمائندي کي ٻڌايو ته مرندڙ جي جسم تي ڪنهن به مزاحمت يا تشدد جا نشان نه هئا ۽ هن جو موت گهٽو ڪري دل جي دوري سبب ٽيو هو. سو اسان قتل وارو مفروضو پڻ رد ڪري سگهون ٿا.

هڪ تعميراتي ڪمپني جي ڪجهه ملازمن هڪ بلڊنگ، جنهن کي ڪيرايو پئي ويو ان جي ٻين ماڙ جي هڪ گهر ۾ اهو لاش ڏٺو. هر شيء اسان کي اهو سوچڻ تي مجبور ڪندي ته اسان جي پاجامي واري مرحوم کي رهڻ لاءِ هن هيڏي وڏي ڪٽيل ۽ دنيا جي مهانگي ترين شهرن مان هڪ ۾، ڪا جڳهه نه ملي، سو هن اتي رهڻ جو فيصلو ڪيو جتي هن کي مسواڙ نه پرٽي پوي.

ڪهاڻي جو غمگين حصو هاڻي ٿو اچي. اسان واري مرحوم کي جڏهن لڏو ويو ته هو پاجامي ۾ پيل هڏائين ڍانچي کان وڌيڪ ڪجهه به نه هو. هن جي پاسي ۾ هڪ اخبار ڪليل پئي هئي جنهن تي 20 فيبروري 1984ع جي تاريخ لکيل هئي. پاسي واري ٽيبل تي هڪ ڪٽلنڊر پيو هو جنهن تي پڻ اها ساڳي تاريخ هئي.

هن جو لاش 20 سالن کان اتي پيو هو

۽ ڪنهن به هن جي غير موجودگي تي ڏيان نه ڏنو هو.

هن شخص جي سجاڻپ هڪ ڪمپني جي آڳوٽي ملازم طور ٿي ساڳي ڪمپني جنهن اها عمارت ٺاهي جنهن ۾ مرحوم 1980ع جي شروعاتي ڏينهن ۾ طلاق ملڻ ڪانپوءِ رهڻ آيو هو. جنهن ڏينهن هو اخبار پڙهي رهيو هو ۽ اوچتو هن دنيا مان هليو ويو. ان ڏينهن هن جي عمر پنجاهه سالن کان ٿورو مٿي هئي. هن جي زال ڪڏهن به هن سان ملڻ جي ڪوشش نه ڪئي. صحافي جڏهن هن جي ڪمپني جي پڇا ڪڙ ويا جتي هن ڪم ڪيو هو ته کين معلوم ٿيو ته اها بلڊنگ ٺاهڻ کان پوءِ جلد ئي ان ڪمپني جو ڏيوالو نڪري ويو هو ڇاڪاڻ ته ڪمپني ان عمارت جو ڪو به گهر وڪڻڻ ۾ ڪامياب نه ٿي هئي ۽ ان ڳالهه مان اڻا خبر پئجي سگهي ٿي ته هن ڪم ڪرڻ ڇو ڇڏي ڏنو هو. صحافين هن جي دوستن کي پڻ ڳولي ورتو جن هن جي گمشدگي جو سبب ورڻ اهو ٻڌايو ته مرحوم هنن کان ڪجهه پئسا اڌارا ورتا هئا سو انهن کي واپس نه ڏئي سگهڻ جي ڪري هو غائب ٿي ويو.

خبر ان ڳالهه سان ختم ٿي ته مرحوم جون آخري شيون هن جي آڳوٽي زال جي حوالي ڪيون ويون. جڏهن مون ڪالهه پڙهي پورو ڪيو ته منهنجي دماغ ۾ هڪ ڳالهه يڪو هلي پئي. هن جي زال اڃا زنده هئي ۽ پوءِ به هن عورت ويهه سال پٺهنجي مڙس سان رابطو ڪرڻ جي ڪوشش تائين نه ڪئي هئي. هن جي دماغ ۾ ڇا هلي رهيو هوندو؟ ته مرحوم هن سان پيار نه ڪندو هو ۽ هن کي پنهنجي زندگي مان ڪڍي پنهنجو سڪ ڳوليائين؟ ته هو ڀي ڪنهن عورت سان ڳڏ هو ۽ غائب ٿي ويو هو؟ ته زندگي ائين ٿي آهي جو هڪڙو دفعو طلاق ٿي وئي ته پوءِ اهو رشتو واپس نه ٿو جوڙي سگهجي ڇوڪ قانوناً اهو ختم ٿي چڪو آهي؟ خبر ناهي هن عورت ڇا محسوس ڪيو هوندو جڏهن کيس ان شخص جي اڻڄاڻي بدقسمت موت جي باري ۾ خبر پئي.

هوندي جنهن سان هن زندگي جو وڏو حصو گذاريو هو.

مون سوچيو ته مرحوم هيتري خاموشي ۽ اڪيلائي ۾ رهيو ۽ اتي ئي مري ويو. ويهن سالن تائين سڄي دنيا مان ڪنهن به اها ڳالهه Note نه ڪئي ته هو بنا ڪنهن نشاني يا ڪو آثار ڇڏي غائب ٿي ويو هو. آئون صرف هڪڙي نتيجي تي پهچي سگهيس ته بک، اڃ، بيروزگاري، ناخوشگواري، نااميدي، کان به گهٽي، تمام گهٽو وڌيڪ خراب صرف هڪ شيءِ آهي: اهو احساس ته ڪنهن کي به، ڪنهن کي به، توهان جي پرواهه ناهي.

اچو ته ان مرحوم لاءِ دعا ڪريون، ۽ اسان کي پنهنجي دوستن جي اهميت جو اندازو ڏيارڻ لاءِ ڪيس مهرباني چئون.

# ڪوئلي جو ٽڪرو

جٽان هر آچر تي چرچ ۾ ٽيندڙ عبادت ۾ شريڪ ٿيندو هو. پر اڪثر هلي هن کي اهو محسوس ٿيو ته پادري ساڳيون شيون ورجائي رهيو هو تنهن ڪري هن چرچ وڃڻ ڇڏي ڏنو.

ٻن مهينن کانپوءِ، سياريَ جي هڪ سرد رات جو پادري جٽان سان ملڻ هن جي گهر آيو.

"گهٽو ڪري هي مونکي واپس چرچ اچڻ جي لاءِ منجائڻ جي ڪوشش ڪرڻ آيو آهي،" جٽان سوچيو. هن محسوس ڪيو ته هو پادري کي غير حاضري جو اصلي سبب نه ٿي ٻڌائي سگهيو يعني پادري جا "ورجايل خطبا". هن کي ڪنهن ٻهاني جي ضرورت هئي، پر جڏهن هو سوچي رهيو هو هن باهه واري جڳهه (Fire Place) جي پرسان ٻه ڪرسيون رکيون ۽ موسر جي باري ۾ ڳالهائڻ شروع ڪيو.

پادري ڪجهه نه ڪڇيو. ڳالهه ٻولهه شروع ڪرڻ جون سڀ ڪوششون ناڪام ٿيون ته ٿوري ديرکان پوءِ جٽان ٻه چپ ڪري ويهي رهيو ٻئي ڇٽا اڌ ڪلاڪ تائين بغير هڪ لفظ ڳالهائڻ جي باهه ۾ تڪيندا رهيا.

ان وقت، پادري اٿيو ۽ ڪاٽ جي هڪ ٽڪري، جيڪو اڃا نه سڙيو هو تنهن سان ڪوئلي جي هڪ ٽڪري کي شعلن کان پري ڏکي ڇڏيائين.

جيئن ته ڪوئلي کي ٻرڻ لاءِ گهربل گرمي مهيا نه هئي تنهنڪري اهو ڏوٽيڻ لڳو. جٽان ٽڪڙ ۾ ان کي باهه جي وچ ۾ ڏکي ڇڏيو.

"خدا حافظ،" پادري موڪلائيندي چيو.

"خدا حافظ ۽ وڏي مهرباني،" جڏان وراڻيو.

"ڪوئلي جو ٽڪرو پلي ڪيترو به روشن ڇو نه ٻري پر جيڪڏهن باهه کان پري ڪبو ته ٺڏو ٿي وسامي ويندو ماڻهو پلي ڪيترو به ڏهين ڇو نه هجي، پر جيڪڏهن هو پاڻ کي ٻين کان پري رکندو ته جلد ئي هو پنهنجي گرمائش ۽ باهه وڃائي ويهندو.

ايندڙ آجر تي ڇڇ ۽ ملنداسين."

# ماڻڪ هڪ اهم ۽ ضروري ماڻهو آهي

ماڻڪ کي مصروف رهڻ جي ضرورت آهي. جيڪڏهن ڪو مصروف نه هوندو ته هن کي پنهنجي زندگي بي معني لڳندي. لڳندس ته پنهنجو وقت وڃائي پيو سماج کي هن جي وڌيڪ ضرورت نه آهي، ۽ هن کي ڪوئي نه ٿو چاهي ۽ نه ئي پيار ٿو ڪري.

تنهن ڪري صبح جو اٺ ڪان ئي هن کي ڪيترائي ڪم ڪرڻا هوندا آهن: ٽيليويزن تي خبرون ٻڌڻ (رات جو متان ڪجهه ٽيو هجي)، اخبار پڙهڻ (متان ڪلهه ڪجهه ٽيو هجي)، زال کي اهو ٻڌائڻ ته بارن کي اسڪول کان دير نه ڪرائي، ڪار ڪيڏ، يا ٽيڪسي، بس يا ريل تي چڙهڻ، ان وچ ۾ ڪوڙهو ويچار ڪرڻ، خلا ۾ گهورڻ، پنهنجي گهڙي کي ڏسڻ، يا ممڪن هجي ته، ڪجهه ضروري فون ڪرڻ. ۽ ان ڳالهه جي پڪ ڪرڻ ته هن جي چوڌاري هر ڪنهن کي لڳي ته هو ڏاڍو ذميوار اهم ۽ دنيا جي لاءِ ڪارائتو ماڻهو آهي.

ماڻڪ آفيس يا ڪم تي پهچي سندس انتظار ۾ پيل ڪاغذن ۾ جنبي وڃي ٿو. جيڪڏهن هو ملازم آهي ته هو ان ڳالهه جي پريور ڪوشش ڪندو آهي ته هن جي باس اهو ڏسو هجي ته هو وقت تي پهتو آهي. جيڪڏهن هو پاڻ باس آهي ته سڀني ملازمن کي فوراً ڪم تي لڳائي ڇڏيندو. جيڪڏهن ڪرڻ لاءِ ڪو خاص ڪم نه هوندو آهي ته ماڻڪ ڪمن کي ايجاد ڪندو آهي، نيون حڪمت عمليون ٺاهيندو آهي، ۽ نوان پلان جوڙيندو آهي.

ماڻڪ منجهند جي مانيُ اڪيلي ۾ ٺاهي کائيندو جيڪڏهن هو باس آهي ته هو دوستن سان ويهي نيون حڪمت عمليون جوڙيندو

آهي. مدمقابل ماٿهن ۽ ادارن جي گلا ڪندو آهي. تمام گهٽي ڪم جي شڪايت ڪندو آهي (ڪجھ فخر سان). جيڪڏهن ماڻڪ ملازم آهي ته هو به دوستن سان ويهندو آهي ۽ پنهنجي باس ۽ گهٽي ڪم جي شڪايت ڪندو آهي. ڪجھ پريشاني (۽ ڪجھ فخر سان) ٻڌائيندو آهي ته ڪمپني جي ڪيترين ئي شين جو دار و مدار سجو سارو هُن تي آهي.

ماڻڪ - پلي ملازم هجي يا باس - سڄي منجهند ڪم ڪندو آهي. ٿوري ٿوري ديرڪان پوء گهڙي ڪي ڏسندو آهي. گهر وڃڻ جو وقت ٿي ويندو آهي پر هن کي اڃا ڪي تفصيل ترتيب ڏيڻا هوندا آهن. ڪجھ ڪاغذن تي صحيح ڪرڻي هوندي آهي.

هو هڪ ايماندار ماڻهو آهي ۽ هن کي پنهنجو پگهار حلال ڪري ڪائڻو آهي. ماڻهن جي اميدن تي پورو لهڻو آهي. پيءُ ماءُ جا خواب ساڀيان ڪرڻا آهن جن هن جي سلپي تعليم لاءِ ڏينهن رات هڪ ڪيو هو.

نيٺ، هو گهر ويندو آهي. وهنجي سهنجي، ٿورا وڌيڪ آرامده ڪپڙا بهري پنهنجي خاندان سان گڏ رات جي ماني کائيندو آهي. پنهنجي زال ۽ ٻارن کان سڄي ڏينهن جا حال احوال ونڊندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن هو پنهنجي نوڪري جي باري ۾ ڳالهائيندو آهي ۽ صرف هڪ مثال ڏيڻ لاءِ چوندو هو پنهنجا ڪم ڪار مسئلا گهر کڻي اچڻ نه چاهيندو آهي. جڏهن ماني کائجي ويندي آهي ته هن جا ٻار جن کي مثالن لاءِ وقت نه هوندو آهي. ڪمپيوٽر تي وڃي ويهي رهندا آهن. ماڻڪ وري پنهنجي ٻاروٽڙ واري وندر جي شيءِ جي اڳيان ويهي رهندو آهي جنهن کي ٽيليويزن چئبو آهي. هو وري خبرون ٻڌندو آهي (ڏينهن جي دوران متان ڪجھ ٽيو هجي).

سمجھڻ کان پهرين هو هميشه ٽيڪنيڪل ڪتاب پڙهندو آهي. پلي هو باس هجي يا ملازم - هن کي خبر هوندي آهي ته اڇلهه مقابلو انتهائي سخت آهي، ۽ جيڪڏهن ڪوئي پاڻ کي دنيا ۾ ڪر جي واڻ سواڻ يا خبر چار کان پري رکندو ته سندس نوڪري وڃڻ جو خطرو ٿئي ٿو ۽ پوءِ سيني کان خراب شيءِ کي منهن ڏيڻو پوي ٿو: بيروزگاري يا کجهه به نه ڪرڻ.

هو زال سان ٿورو گهالهائيندو آهي. آخرڪار هو هڪ سٺي محنتي ۽ پيار ڪندڙ شخص هوندو آهي جنهن کي پنهنجي خاندان جو وڏو خيال هوندو آهي ۽ هو هر حالت کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار هوندو آهي. هو اهو سوچي سمهندو آهي ته سياڻي هن کي وري تمام مصروف ڏينهن گذارڻو هوندو ۽ تنهن ڪري پنهنجي توانائي وري ناهٽي پوندي.

هڪڙي رات ماڻڪ جي خواب ۾ هڪ فرشتو آيو. فرشتي هن کان پڇيو: "تون هي سڀ ڇو ٿو ڪرين؟ "ماڻڪ وراڻيس ته اها هن جي ذميواري آهي. فرشتي چيس. "ڇا تون صرف پندرنهن منٽ ڪڍي هڪ هنڌ بيهي دنيا کي، پاڻ کي نه ٿو ڏسي سگهين؟ انهن پندرنهن منٽن ۾ ڪو به ڪر ڪرڻ کان بغير نه ٿو رهي سگهين؟" ماڻڪ چيس ته هو اهو دل سان ڪندو پر هن وٽ وقت صفا ناهي. "تون مونسان ڪوڙ ٿو گهالهائين." فرشتي چيس. "هر ڪنهن وٽ اهو ڪرڻ لاءِ وقت هوندو آهي. پر گهالهه اها آهي ته انهن ۾ اهو ڪرڻ جي همت نه هوندي آهي. ڪر تڏهن نعمت هوندو آهي جڏهن اهو اسان کي سمجهڻ ۾ مدد ڪري ته اسين چا ڪري رهيا آهيون. پر جڏهن اهو پٽ ٽي پوندو آهي ته اسان کي زندگي جي اصلي معنيٰ سمجهڻ کان روڪي ڇڏيندو آهي."

ماڻڪ اڌ رات جو پگھر ۾ ٻڏل حالت ۾ جاڳي پيو. همت؟ هڪ اڌرو ماڻهو جيڪو پنهنجي حاندان لاءِ هيتري قرباني پيو ڏئي، ان ۾ پندرنهن منٽ کڏي رکجڻ جي کيڏن همت نه هوندي؟

واپس سمهڻ بهتر ٿيندو. خواب ٿي ته هو. اهي سوال هن کي کو فائدو نه رسائيندا. ۽ سپاٽي هو تمام. تمام گهٽو مصروف هوندو.

# ماڻڪ آزاد ماڻهو آهي

ماڻڪ ٽيهن (30) سالن تائين لڳاتار ڪر ڪندو رهي ٿو پنهنجن ٻارن کي پالي وڏو ڪيو اٽائين. هڪ مثال پڻ قائم ڪيو اٽيس. ۽ پنهنجو سڄو وقت ڪر کي اڀري چڏيو اٽين. هن ڪڏهن به پاڻ کان نہ پڇيو "مان جيڪو ڪجهه ڪري رهيو آهيان، ڇا ان جو ڪوئي مطلب آهي؟" هن جي بس هڪڙي سوچ آهي تہ جيترو هو وڌيڪ مصروف هوندو اوترو ئي هو دنيا جي نظر ۾ وڌيڪ اهر هوندو.

هن جا ٻار وڏا ٿين ٿا ۽ گهر چڏي هليا وڃن ٿا. هن کي ڪر تي پروموشن ملي ٿو. هڪڙي ڏينهن هن کي ڪا پين يا گهڙي هيترن سالن جي وفاداري جي انعام طور تحفي ۾ ملي ٿي. هن جا دوست به تي گوڙها ڳاڙن ٿا ۽ نيٺ اها دل گهريڙ مهل پهچي وڃي ٿي. ماڻڪ هاڻي رٽائر آهي ۽ وٽس سڀ ڪجهه ڪرڻ جي آزادي آهي.

پهريان ڪجه مهينا هو رسمي طور تي ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي نوڪري واري جاءِ تي گهمڻ وڃي ٿو دوستن سان ڪچهري ڪري ٿو ۽ ديُر سان جاڳڻ جا مزا ٿو ماڻي. هو سمنڊ ڪناري يا شهر جي وڃان پنڌ ڪرڻ ويندو آهي. هن کي گهوڻ ۾ پنهنجو گهر آهي. جيڪو هن وڏي محنت ۽ جدوجهد سان ٺهرايو آهي. هو باغباني به ڪري ٿو ۽ آهستي آهستي ٻوٽن ۽ گلن ۾ لڪيل ڪجهه به ڄاڻي ٿو وٺي. ماڻڪ وٽ وقت آهي. دنيا جو سڄو وقت هو پنهنجي ٻچايل پئسن مان سفر ڪري ٿو. هو ميوزيم گهمڻ وڃي ٿو ۽ ٻن ڪلاڪن ۾ مختلف صدين ۽ دورن جي مصورن ۽ سنگتراشن جي خيالن جي باري ۾ ڄاڻي ٿو وٺي. پر گهڻ ۾ گهڻ هو محسوس ڪري ٿو تہ هو پنهنجي ثقافتي معلومات وڌائي

پيو. ماڻڪ سوين هزارين فوٽو ڪڍي ٿو ۽ پنهنجي دوستن ڏانهن موڪلي ٿو. آخرڪار هنن کي به ته خبر پوي ته هو ڪيترو خوش آهي.

ڪجهه وڌيڪ مهينا گذرن ٿا، ماڻڪ جاڻي ٿو ونڊي ته باغ انسان وارن اصولن تي نه ٿو هلي. هن جيڪو به پوکيو آهي ان کي وڏو ٽيڻ ۾ وقت لڳندو ۽ هر هر اهو ڏسڻ مان کو فائدو نه ٿيندو ته گلاب جي ٻوٽي ۾ مکڙيون نڪتيون آهن يا نه. گهري سوچ جي هڪ لمحي ۾، هن کي معلوم ٿو ٿئي ته سفر جي دوران هن جيڪو به ڏٺو اهو صرف سياحتي بس جي دري جي ٻاهران جو نظارو هو ۽ اهي قديمي ۽ تاريخي جايون جيڪي 9 × 6 جي فريم ۾ محفوظ ٿيل آهن. پر سچ اهو آهي ته هن کا حقيقي دلچسپي ۽ خوشي محسوس نه ڪئي. هن جو ڌيان ولايتي ملڪ گهمڻ جي جادوئي مزي تي نه بلڪ دوستن کي انهن جي باري ۾ ٻڌائڻ تي هو.

هو تي وي تي خبرون ڏسڻ جاري رکي ٿو ۽ اڃا وڌيڪ اخبارون پڙهي ٿو (چوڌ هن وٽ وڌيڪ وقت آهي) هو ٻاڻ کي وڌيڪ باخبر ماڻهو تصور ڪري ٿو جيڪو انهن شين جي باري ۾ ڳالهائي سگهي ٿو جن کي پڙهڻ لاءِ هن وٽ پهريان وقت نه هو.

هو پنهنجا خيالات ڪنهن سان اوڙڻ چاهي ٿو پر ٻيا سڀ زندگي جي تيز درياءَ ۾ ٻڏل آهن. سڀ ڪم ٻيا ڪن. ڪجهه نه ڪجهه ڪن ٿيا. ماڻڪ جي آزادي تي رشڪ ٻيا ڪن ۽ ساڳي وقت سماج لاءِ ڪارائتو هجڻ ۽ ڪنهن "ڏنڊي ڏاڙي" سان لڳل هجڻ تي پُر اطمينان ٿيڻ آهن.

ماڻڪ کي پنهنجن ٻارن سان گڏ هجڻ ۾ سڪون ملي ٿو. هو هميشه هن سان ڏاڍي پيار ۽ قرب سان هلن ٿا. ماڻڪ هڪ بهترين ٻيءُ، ايمانداري ۽ ٻاڻ اريڻ جو مثال رهيو آهي. پر ٻارن کي وري پنهنجا ڪم

کار بہ تہ آھن. البتہ ھو آچرتي منجھند جي ماني پنھنجي پيءُ سان گڏ کائڻ کي پنھنجو فرض سمجھن ٿا.

ماڻڪ ھڪ آزاد، کافي پڙھيل واري باخبر ۽ بھترين ماضي رکندڙ ماڻھو آھي، پر ھاڻي ڇا؟ پنھنجي مشڪل سان ورتل آزادي جو ھو ڇا ڪري؟ ھر ڪو ھن سان ملي ٿو ۽ ھن جي تعريف ڪري ٿو پر ڪنھن وٽ بہ ھن لاءِ وقت ناھي. ڪيترائي سال دنيا ۽ پنھنجي خاندان جي خدمت ڪرڻ جي باوجود ماڻڪ اداس ٿو رھي ۽ پنھنجي پاڻ کي ناڪارہ ٿو محسوس ڪري.

ھڪڑي رات ھن جي خواب ۾ ھڪ فرشتو ٿو اچي: "تو پنھنجي زندگي سان ھي ڇا ڪري ڇڏيو آھي؟ ڇا تو پنھنجي زندگي پنھنجي خوابن جي مطابق گذارڻ جي ڪوشش ڪئي؟"

ھڪ ٻيو ڏکھو ڏينھن شروع ٿئي ٿو. اخبار ۾ وري "خبرون، باغ، منجھند جي ماني، ھلکي پنکي، ھو جيڪو چاھي ڪري سگھي ٿو پر ھاڻي ھن کي محسوس ٿئي ٿو تہ ھو ڪجھ بہ نہ ٿو ڪرڻ چاھي. ماڻڪ ھڪ آزاد، غمگين ۽ ڊپريشن کان ھڪ قدم پري ماڻھو آھي. جيئن تہ ھو ھميشہ مصروف ھو ۽ زندگي جي معنيٰ جي باري ۾ ڪڏھن نہ سوچيائين تنھنڪري ھن اھي سڀ سال پاڻي ۾ وھائي ڇڏيا. ھن کي ھڪ شاعر جا لفظ ٿا ياد اچن "ھو زندگي جي وچان گذريو. پر ھن زندگي نہ گذاري."

جيئن تہ ھاڻي اھو سڀ ڪجھ قبول ڪرڻ جو وقت نڪري ويو تہ بھتر اھو ٿيندو تہ ٻي ڪنھن ڳالھہ جي باري ۾ سوچجي. ھن جي ڏکيائي سان ماڻيل آزادي، ٻيو ڪجھ نہ، صرف جلاوطني جو ٻيو قسم آھي.

# ماڻڪ جنت ۾

ڪجھ وقت ماڻڪ رٽائرمينٽ جي آزادي جا مزا ٿو وٺي. ڪنھن خاص وقت تي جاڳي نہ ٿو ۽ ھو پنھنجي وقت کي جيئن چاھي استعمال ڪري سگھي ٿو. البتہ، جلدي ھو ڊپريشن جو مريض ٿو ٿي پوي. ھو پاڻ کي بيڪار سماج (جنھن کا ناھڻ ۾ ھن مدد ڪئي) پاران بي دخل ڪيل ۽ ٻارن پاران اڪيلو ڇڏي ڏنل، محسوس ٿو ڪري. ھو محسو ٿو ڪري تہ ھو زندگي جو مطلب ڪڏھن بہ نہ سمجھي سگھيو ۽ ھن سيني کان قديم سوال جو جواب ڈيڍ جي ڪوشش نہ ڪئي: "مان ھن دنيا ۾ ڇا ڪري رھيو آھيان؟"

خير اسان جو پيارو ايماندار جفاڪش ماڻڪ نيٺ مري ٿو - موت جيڪو ھر ماڻھو جو مقدر آھي. ھتي آڻون ھينري ڊرمنڊ جي زباني ٻڌائيندس تہ پوءِ ڇا ٿئي ٿو. ھن پنھنجي مشھور ڪتاب "دنيا جي سيني کان عظيم شيءِ" (The Greatest Thing in the World) ۾ لکيو آھي تہ:

"شروع کان ونيِ انسان ھڪ وڏو سوال پڇندو رھيو آھي: "سيني کان عظيم شيءِ ڪھڙي آھي؟ زندگي اسان جي سامھون آھي. ان کي اسين ھڪ دفعو ٿا گذاري سگھون. سيني کان وڌيڪ چاھت واري شيءِ ڪھڙي آھي؟ سڀ کان وڏو ماڻڻ وارو تحفو ڪھڙو آھي؟"

اسان کي اھو ٻڌائي عادي ڪيو ويو آھي تہ مذھبي دنيا ۾ سيني کان عظيم شيءِ عقيدو آھي. اھو لفظ صدين کان ونيِ مشھور مذھبن جو بنيادي خيال رھيو آھي. ۽ اسان آساني سان ان کي سيني کان عظيم شيءِ طور ڏسڻ سکي ورتو آھي. بھرحال، اسان غلط

آهيون. جيڪڏهن اسان کي اُهو ٻڌايو ويو آهي ته اسان اصلي گاله تان هٽي سگهون ٿا. عيسائيت ۾ پائول چوي ٿو ته "سڀ کان عظيم شيءِ محبت آهي" (1 کورنٿينس، باب 13).

اها ڪا نظر جي چُڪ يا غلطي ناهي. ان کان هڪ پل پهريان پائول عقيدي جي باري ۾ گالهائي رهيو هو. هن چيو "مون وٽ اگر سچو ۽ ڪامل عقيدو آهي ته مان جبلن کي پاڻ کان پري ٿو سگهان، پر جيڪڏهن مون وٽ محبت نه هوندي ته مان ڪجهه به ناهيان." ڪنهن به پُل کان گهٽو پري ٿي ڪري هو عقيدي ۽ محبت ۾ فرق ٿو سمجهائي. "هاڻي عقيدي، اميد ۽ محبت کي گڏ رکو" ۽ بغير هڪ ساعت جي گهبراهٽ جي هو فيصلو ٿو ٻڌائي. "انهن سڀني مان محبت وڏيڪ عظيم آهي."

ان معاملي ۾ اِسان جو ماٹڪ موت جي مهل بچيل آهي چاڪاڻ ته ڪڏهن به پنهنجي زندگي کي معنيٰ نه ڏيڻ جي ڪري هو هميشه پيار ڪري سگهيو. پنهنجي خاندان ۽ ڪم کي صحيح نموني ايمانداري سان پيار ۽ خيال ڏئي سگهيو. ان وچ ۾ پلي هن جي زندگي کي هڪ خوشيٰ ۾ريو اختتام مليو پر ڏرتي تي هن جا آخري ڏينهن ڏاڍا ڏکيا ۽ پيچيده هيا.

ڊيوس ۾ ورلڊ .ايڪانامڪ فورم جي تقريب دوران شمان پيئرس (Shimon Peres) جا چيل لفظ استعمال ڪرڻ چاهيندس: "رجائيت پسند (Optimist) ۽ قنوطي (Pessimist) ٻئي آخر ۾ مرندا آهن، پر ٻئي پنهنجي زندگي مڪمل طور تي مختلف نموني گذارينداآهن."

# ميلبورن ۾

ليڪڪن جي فيسٽيول، ميلبورن، آسٽريليا ۾ هي منهنجي اهر شرڪت هئي. صبح جا ڏهه ٽيا هئا ۽ پنڊال ماڻهن سان ڪجا ڪڇ پريل هو. هڪ مقامي ليڪڪ جان فيلٽن کي مون کان انٽرويو ونڻو هو.

هميشہ وانگر خوف واري احساس سان مان اسٽيج تي قدم رکيو. فيلٽن منهنجو تعارف ڪرايو ۽ سوال پڇڻ شروع ڪيائين. ان کان پهريان جو آئون پنهنجو جواب پورو ڪريان، هن وچ ۾ ٽپي ٻيو سوال ٽي ڪيو. جهڙي مهل مون جواب پئي ڏنو هن چيو ٽي، "اهو واضح جواب نه هو." پنجن منٽن ڪانپوءِ حاضرين ۾ بيچيني طاري ٿيڻ لڳي. سيني کي اهو محسوس ٿيڻ لڳو ته ڪا گڙبڙ هئي. مونکي چيني فلسفو ياد آيو ۽ مون آخري ممڪن ڪم ڪيو.

"توهان کي منهنجيون لکٹيون وڻنديون آهن؟" مون پڇيو.

"اهو غير متعلق سوال آهي." فيلٽن وراڻيو "هتي آئون توهان جو انٽرويو ڪرڻ آيو آهيان نڪي توهان کي انٽرويو ڏيڻ."

"پر اهو متعلق سوال آهي. توهان مونکي پنهنجو جواب پورو ڪرڻ نه ڏيندو. چيني فلسفي جي مطابق جڏهن ممڪن هجي، شيون واضح ڪريو. اچو ته ان صلاح تي عمل ڪريون ۽ شيون واضح ڪريون. توهان کي منهنجون لکٹيون وڻنديون آهن؟"

"نه بلڪل نه! مان توهان جا ٻه ڪتاب پڙهيا ۽ ٻنهي کي مون سخت ناپسند ڪيو."

"صحيح - هاڻي اسان اڳتي وڌي سگهون ٿا."

جنگ جو ظبل وڄي چڪو هو. حاضرين سڀكون جو ساهه كنيو ۽ ماحول ڏاڍو پرجوش ٿي ويو. انٽرويو باقاعده هڪ حقيقي بحث مباحثو ٿي ويو ۽ هركو - فيلڊ سميت، نتيجن مان مطمئن ٿي ويو.

# شاپنگ مال ۾ پيانو وڄائيندڙ شخص

• مان هڪ شاپنگ مال ۾ پنهنجي دوست ارسلا سان گڏ بي ڏياني سان گهمي رهيو هيس. ارسلا هنگري ۾ جائي هئي ۽ وائلن وڄائيندي آهي. هوءَ هن بين الاقوامي آرڪيسٽراز (ساز وڄائيندڙ تولو) جي اڳواڻ آهي. اوچتو هن منهنجي ٻانهن جهلي.

"ٻڌا"

مون ٻڌڻ مونکي وڏن جا آواز ٻاڌن جو رڙيون، اليکٽرانڪس جي دڪانن تان تي وي جا آواز ٽائلن جي فرش تي وڏي هيل وارن جوتن جي ٽک ٽک ۽ دنيا جي هر شاپنگ مال ۾ ضروري طور وڄندڙ موسيقي ٻڌڻ ۾ آئي.

"ڪيترو زبردست آهي- نه؟"

مون چيو مونکي ته ڪجهه زبردست يا خاص ٻڌڻ ۾ نه پئي آيو.

"اڙي پيانوا" هن مايوسي واري لهجي ۾ مونکي چيو "پيانو وڄائيندڙ زبردست آهي."

"اها رڪارڊنگ هوندي!" .

"چريو آن چا؟"

غور سان ٻڌڻ تي مونکي خبر پئي ته موسيقي براهِ راست هئي. اهو شخص چاپن جي سوناتا وڄائي رهيو هو ۽ ڏيان سان ٻڌڻ جي ڪري آهستي آهستي اردگرد جا ٻيا سڀ آواز غائب ٿيڻ لڳا. اسان ماٿهن سان ڀريل گهمڻ وارن رستن، دڪانن، سوديبازن، ۽ گوڙ گهمسان مان گهمندا اڳتي وياسين. جڏهن اسان ڪاڏي واري هال

(Food Hall) ۾ پهتاسين ته ماٿهو ڪاڏو ڪائي رهيا هئا. بحث ڪري رهيا هئا. اخبارون پڙهي رهيا هئا ۽ اتي هڪ اهڙي شيءِ ۾ هئي جيڪا هر شاپنگ مال رکندو آهي ته جيئن گهٽي کان گهٽا ماٿهو ان جي طرف چڪجي اچن.

هن معاملي ۾ اها شيءِ پيانو ۽ ان کي وڄائيندڙ شخص هو.

هِن پيانو وڄائيندڙ هڪ ٻيو ۽ ڇاپن جو سوناتا وڄايو ۽ ان کان پوءِ شُوبرٽ ۾ موزارٽ جا ۽ ٽڪرا وڄايائين. هن جي عمر ٽيهن سالن جي ويجهو هئي. پاسي ۾ هڪ نوٽيس لڳل هو جنهن تي هن جي باري ۾ لکيل هو. هو جارجيا جو مشهور موسيقار هو. هن ضرور ڪنهن ڪم يا نوڪري لاءِ ڪوشش ڪئي هوندي. پر جڏهن هن کي اميد جا سڀ دروازا بند ملڻا هوندا ته هو نااميدي گڏ ڪٽي هاٿي هن شاپنگ مال ۾ هو.

پر مونکي پڪ ناهي ته هو واقعي ۾ هن شاپنگ مال ۾ هو: هن جو اکيون هڪ جادوئي دنيا تي جميل هيون جتي اها جادوئي ڏن تيار ٿي رهي هئي، هن جا هٿ آسان سان هن جو سڄو پيار، روح، هن جو جذبو هن جي پڙهائي ۽ فن جا سيئي سال ۽ نظر و ضبط Share ڪري رهيا هئا.

ائين ٿي لڳو جڻ هو هڪ ڳالهه نه سمجهي سگهيو هو. اها هيءَ ته اتي ڪوئي هڪ ماٿهو ۽ هن کي ٻڌڻ نه آيو هو: بلڪ اهي سڀ خريداري ڪرڻ، ڪائڻ پيئڻ، دوستن سان ملڻ، وقت گذارڻ، يا گهمڻ آيا هئا. هڪڙو جوڙو آسان جي پرسان اچي بيٺو. ٻنهي ٻاڪ ۾ ڏاڍيان آواز ۾ ڳالهايو ۽ هليا ويا. پيانو وڄائيندڙ هنن جي طرف ڪوئي ڌيان نه ڏنو. هو اڃا تائين موزارٽ جي فرشتن سان ڳالهائي رهيو هو. هن ان طرف ۽ ڌيان نه ڏنو هو ته ڪيس ٻڌندڙن ۾ ۽ شخص ۽ هئا جن مان هڪ

کي وائلن وجائڻ جي خدائي ذات حاصل هئي ۽ هيو پنهنجي آکين ۾ لڙکن سان هن کي ٻڌي رهيو هو.

مون کي ياد آهي ته هڪ دفعي آئون هڪ عبادتگاهه ۾ ويو هيس جتي هڪ عورت خدا جي لاءِ موسيقي وجائي رهي هئي، پر اها هڪ عبادتگاهه هئي ۽ گاڏهه ٿهي به پئي. پر هتي ته ڪوئي به نه پيو ٻڌي، شايد خدا به نه.

اهو ڪوڙ آ، خدا ٻڌي رهيو هو. خدا روح ۾ آهي. ۽ هن شخص جي هٿن ۾ پڻ، چو ته هو پنهنجو بهترين ڪر، بغير ان پرواهه جي ته ڪنهن هن کي ڏٺو به پئي يا نه، يا هن کي ڪيترا پئسا ملندا، پيش ڪري رهيو هو. هوءَ پيانو ائين وجائي رهيو هو جڻ ته هو مِلان (Mi-lan) جي اسڪالا، يا پئرس جي آپيرا ۾ هو. هو ان ڪري وجائي رهيو هيو چو ته پيانو وجائڻ هن جي قسمت، خوشي ۽ جيئڻ جو مقصد هو.

ان وقت منهنجي اندر هن جي لاءِ هڪ تعظيم ۽ عزت جو احساس پرجي ويو ۽ مونکي هڪ ڏاڍو اهم سبق ياد اچي ويو: اسان کي صرف ۽ صرف پنهنجي زندگي جي مقصد کي پورو ڪرڻو آهي ۽ اندر جي انسان کي نروار ڪرڻو آهي. کا گاڏهه ناهي اگر ماڻهو اسان جي مدد نه ڪن، يا اسان تي تنقيد ڪن، اسان کي نظر انداز ڪن يا رهنمائي نه ڪن- اسان اهو ان لاءِ ڪريون پيا چو ته اها ئي اسان جي هن ڌرتي تي تقدير ۽ سڪون جو سرچشمو آهي.

پيانو وجائيندڙ موزارٽ جي هڪ ٽڪري سان وجائڻ بند ڪيو. پهريون پيرو هن اسان جي موجودگي کي محسوس ڪيو. هن اسان کي ڏسي ڏاڍي آرام ۽ ادب سان هاڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو ۽ اسان به هن کي ساڳي موٽ ڏني. پوءِ هو وري پنهنجي جنت ۾ هليو ويو. اسان هن کي دنيا جي ڪنهن به احساس، ايتريقدر جو اسان جي هلڪي

تاڙين کان بغير چڏي ڏيڻ بهتر سمجهيو تہ پلي هو پنهنجي دنيا ۾ گم هجي. هو اسان جي لاءِ هڪ مثال هو .جڏهن بہ اسان کي لڳي تہ کوئي بہ ان طرف ڏيان نہ ڏئي تہ اسين چا پيا کريون تہ اسان کي هميشہ هن پيانو وجائيندڙ کي ياد کرڻ گهرجي. هو پنهنجي ڪم جي ذريعي خدا سان گڏالهائي رهيو هو ۽ هي کا بہ گالهہ هن جي لاءِ اهر نہ هئي.

# شڪاگو جي ڪتابي ميلي ڏانهن ويندي

آئون آمريڪي ڪتاب وڪڻندڙن جي ايسوسيئيشن پاران رٿيل ڪتابي ميلي ۾ شرڪت لاءِ هوائي جهاز تي نيويارڪ کان شڪاگو وڃي رهيو هيس. اوچتو هڪ نوجوان اٿيو ۽ سيٽن جي وچ واري گهٽي ۾ بيهي هڪ اعلان ڪرڻ لڳو:

جڏهن اسان هوائي اڈي تي لهنداسين تہ انهن مان هر هڪ گلاب جو گل کڻي هلندو.

ڪيترن ئي ماڻهن هٿ مٿي ڪيا. مون بہ هٿ هوا ۾ ڪنيو ۽ هن مونکي نہ چونڊيو.

تڏهن بہ، مون گروپ جي پويان وڃڻ جو فيصلو ڪيو. جڏهن جهاز هيٺ لٿو تہ نوجوان اوهئيو (Ohio) ايئرپورٽ جي آمد واري هال ۾ بيٺل هڪ چوڪري ڏانهن اشارو ڪيو. هڪ هڪ ٿي مسافرن هن کي گلاب جا گل پيش ڪيا. آخر ۾، نوجوان سيني جي سامهون چوڪري کي شادي ڪرڻ لاءِ Propose ڪيو ۽ هوءَ مڃي وئي.

جهاز جي هڪڙي اسٽيوارڊ مونکي چيو:

"مان ٻارنهن سالن کان هتي ڪم ڪري رهيو آهيان، پر هن ايئرپورٽ جي تاريخ جي هيءَ سڀ کان وڏيک رومانٽڪ ڳالهہ آهي."

# لڪڻ ۾ اصول

2003ع جي سرءُ جي موسم ۾، جڏهن مان رات جي وقت استاڪ هوم شهر جي وچان پنڌ ڪري رهيو هيس تہ مون هڪ عورت کي برف تي ترڪڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ لڪڻ (Rod) جي سهاري پنڌ ڪندي ڏٺو. شروعاتي ردعمل طور تي مون سمجهيو تہ هوءَ زخمي هئي. پر ڏيان سان ڏسڻ تي معلوم ٿيو تہ هوءَ متوازن طريقي سان تيز رفتاري سان گهمي رهي هئي جيئن برف تي تيراڪي (Skiing) ڪبي آهي. ۽ اسان جي پيرن هيٺان برف نہ بلڪ ڊامر جو رستو هو. حاصل مطلب اهو هو تہ "عورت پڪ چري هوندي. اهو ڪيئن ممڪن آهي تہ هوءَ شهر ۾ تيراڪي ڪرڻ جو سوچي رهي هئي؟"

هوٽل واپس اچي مون اها ڳالهہ پنهنجي پبلشر سان ڪئي. جنهن چيو تہ اگر ڪوئي چريو هو تہ اهو آئون هيس. مون جيڪو ڏٺو هو سو ورزش جو هڪ قسم آهي جنهن کي نارڊڪ واڪنگ چئبو آهي. هن جي مطابق ان سان توهان جي هڪ سڀي ورزش ٿئي ٿي ڇاڪاڻ تہ ايئن گهمڻ وقت نہ صرف توهان جي تنگن ۾ هانهن، ڪلهن ۽ پٺي جون مشڪون پڻ استعمال ٿين ٿيون.

جڏهن مان پنڌ ڪرڻ ويندو آهيان (جيڪو تير اندازي کان علاوه منهنجو ٻيو شوق آهي) تہ منهنجو ارادو هوندو آهي تہ آئون فڪر ڪريان، سوچيان، پنهنجي چوڌاري قدرت جي ڪرشمن کي ڏسي سگهان ۽ پنهنجي زال سان گڏ گهمڻ وقت ڳالهائي ٻولهائي سگهان. پبلشر جيڪو چيو سو مونکي دلچسپ لڳو پر مون ان جي باري ۾ وڌيڪ نہ سوچيو.

هڪ ڏينهن، آئون هڪ راندين جي دڪان تي تير اندازي جو سامان وٺڻ ويس ته منهنجي نظر جبل تي چڙهڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ لڪڻ تي پئي. اهي هلڪي الیومنیم جا ٺهيل هئا جن کي ڪئميرا جي ٽرائپوڊ وانگر ننڍو يا وڏي ڪري ٿي سگهجيو. مونکي ناربڪ واکنگ ياد آئي. مون سوچيو چو نه انهن کي استعمال ڪري ڏسون؟ مون لڪڻ جون ٻه جوڑيون ورتيون، هڪ پنهنجي لاءِ، بي پنهنجي زال لاءِ. اسان انهن کي هڪ آرامده ڊيگهه تائين ناهيوسين ۽ ايندڙ ڏينهن کان کين استعمال ڪرڻ جو فيصلو ڪيوسين.

اها هڪ حيران ڪندڙ شيءِ هئي. اسان جبل تي پنڌ ڪندين چڙهي وياسين ۽ واپس ٻه لهي آياسين، ۽ واقعي ٻه اسان کي محسوس ٿيو ته اسان جو سڄو جسم حرڪت ۾ هو. اسان جو توازن بهتر هو ۽ اسان تمام گهٽ ٽڪيا هياسين. اسان اوتري ئي وقت ۾ ٻيڙ تي پنڌ ڪري وياسين. مونکي ياد آيو ته مونکي سڪي ويل چشمن کي ڏسڻ جو ڪيترو نه شوق هو پر هميشه ٽڪي پوڻ جي ڪري اتي نه وڃي سگهندو هيس پر هنن لڪڻ جي ڪري، مون سوچيو اهو آسان ٿي پوندو ۽ ٿيو ٻه ائين.

منهنجي زال انٽرنيٽ تي ڏسي ٻڌايو ته هوءَ آڳ ۾ ڪندڙ پنڌ جي مقابلي ۾ لڪڻ جي مدد سان پنڌ ڪرڻ ۾ 46 فيصد وڌيڪ ڪيلوريز وڃائي رهي هئي. هوءَ ڏاڍي خوش ٿي ۽ ناربڪ واکنگ اسان جي روزمره جي زندگي جو حصو بڻجي وئي.

هڪ ڏينهن شام جي وقت، ائين ئي تفريح لاءِ، آئون انٽرنيٽ تي ناربڪ واکنگ جي باري ۾ وڌيڪ معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ ويٺس، مونکي وڏو ڌڪو لڳو. ناربڪ واکنگ جي باري ۾ اڻ ڪٿ پيج هئا جن ۾ ان جون فيڊريشنز، گروپ، بحث مباحثا، مثال، ۽ .....

"اصول" هئا.

خبر ناهي جو پر مون اصولن وارو پيج کوليو پر ان کي پڑهڻ سان مان ڏاڍو مايوس ٿيس. مان سڀ کجھ غلط نموني ڪري رهيو هيس. لکڻ کي ٽورو وڌيڪ ڏکو رکڻو هو مونکي هڪ خاص توازن رکڻو هو ۽ لکڻ کي هڪ خاص ڪنڊ تي پکڙڻو هو ڪلهي جي ڏاڍي پيچيده حرڪت بيان ٿيل هئي ۽ ٽونٽ کي استعمال ڪرڻ جو الڳ ئي طريقو هو سولي نموني چئجي ته، هر شيءِ کي هڪ ٽوس ۽ اڳ جاڙايل ٽيڪنيڪ تي پورو لهڻو هو.

مون اهي سڀ پيج پرنٽ ڪري ورتا. پي ڏينهن، ۽ ان کان پوءِ وارن ڏينهن ۾، مون ماهرن پاران ٻڌايل طريقي تي پنڌ ڪرڻ جي ڪوشش شروع ڪئي. پنڌ غير دلچسپ ٿي ويو مون پنهنجي چوڌاري موجود ڪرشمن تي ڌيان ڏيڻ چڏي ڏنو ۽ پنهنجي زال سان مشڪل سان گالهائيندو هيس. مون صرف هڪڙي گالهه جي باري ۾ سوچڻ شروع ڪيو. اصول! هڪ هفتي ڪانپوءِ، مون پاڻ کان پڇيو: مان هي ڇو ڪري رهيو هيس؟

منهنجو مقصد پاڻ کي فٽ رکڻ واري ورزش ڪرڻ نه هو. مون کي پڪ آهي ته جن ٻ ماڻهن ناردڪ واڪنگ ڪئي هوندي شروع ۾ صرف پنڌ جو مزو وٺڻ جو سوچيندا هوندا ۽ پنهنجي جسم کي متوازن ۽ حرڪت ۾ رکڻ چاهيندا هوندا. اسان کي لاشعوري طور تي خبر هئي ته لکڻن جي صحيح ڏيکھ ڪهڙي هئي، بلڪل ائين جيئن لاشعوري طور تي اسان اندازو لڳائي پئي سگھياسين ته لکڻ جسم جي جيترو ويجھو هوندا ته اسان جي حرڪت اوتري ئي آسان ۽ بهتر ٿيندي. پر هاڻي انهن اصولن جي ڪري پنهنجي پسنديده شيءِ جي باري ۾ سوچڻ جي بجاءِ ڪيلوريز وڃائڻ، مشڪن کي حرڪت ڪرائڻ

۽ ڪرنگهي جي هڪ خاص حصي کي استعمال ڪرڻ جي لاءِ پريشان هيس.

مون هر سکيل شيءِ کي وساريڻ جو فيصلو ڪيو. هاڻي اسان لڪڻ سان پنڌ ڪرڻ ويندا آهيون، پنهنجي چوڌاري موجود دنيا جا مزا ماڻيندا آهيون، ۽ محسوس ڪندا آهيون ته اسان جو جسم متوازن نموني حرڪت ڪري رهيو آهي. مونکي جيڪڏهن پنڌ جي بجاءِ پاڻ کي فِٽ رکڻ واري ورزش ڪرڻي هوندي ته آئون ڪنهن جِم (Gym) ۾ هليو ويندس. في الوقت آئون پنهنجي ناريڪ واڪنگ سان الاهي پرسڪون ۽ خوش آهيان پلي منهنجون 46 ڪيلوريز نه سڙن.

مونکي سمجهه ۾ ناهي ايندو ته انسان هر شيءِ جا اصول ٺاهڻ لاءِ پريشان ڇو هوندو آهي.

# بريڊ جو ٽڪرو

اسان سيني ۾ مرفي واري قانون (Murphy's Law) تي يقين ڪرڻ جي صلاحيت موجود آهي جنهن مطابق "اسان جيڪو به ڪندا آهيون اهو غلط ثابت ٿيندو آهي." جين ڪلاڊ ڪريئر (Jean Claude Carier) وٽ ان خاص احساس (Feeling) تي هڪ ڪهاڻي آهي.

هڪ ماڻهو خاموشي سان ناشتو ڪري رهيو هو. اوچتو هن جنهن بريڊ جي ٽڪري تي مکڻ هنيو هو سو هيٺ زمين تي ڪري پيو.

هن جي حيرت جي ڪا حد نہ رهي جڏهن هن اهو ڏٺو ته بريڊ جي مکڻ وارو پاسو مٽان هو! همراه سوچيو ته هن معجزو ڏٺو آهي. خوشيءَ ۾ پريون هو اها ڳالهه پنهنجن دوستن کي ٻڌائڻ ويو. هو پڻ حيران ٿي ويا اها ڳالهه ٻڌي، چوته جڏهن ڪو بريڊ جو ٽڪرو زمين تي ڪرندو آهي ته گهٽو ڪري هميشہ مکڻ واري پاسي کان هيٺ ڪرندو آهي ۽ فرش خراب ڪري ڇڏيندو آهي.

"شايد تون ڪو پير آن." هڪ دوست چيس، "۽ هيءَ خدا جي طرفان اشارو آهي."

ڳوٺ ۾ خبر جهنگ جي باهه وانگر ڦهلجي وئي. ۽ سڀ جوش ۽ خروش سان ان واقعي تي بحث ڪرڻ لڳا. اهو ڪيئن ٿيو جو معمول جي خلاف بريڊ جي ٽڪري جو مکڻ وارو حصو هيٺ نہ ڪريو؟ جيئن ته ڪنهن وٽ به ڪوئي خاطر خواهه جواب نہ هو تنهن ڪري هُو سڀ هڪ عالم ڏي ويا جيڪو پرياسي ۾ ئي رهندو هو. ڪيس ڳوناڻن ڪهاڻي ٻڌائي.

عالم ڪائنس دعا، غور و فڪر ۽ غيبي مدد جي حصول جي لاءِ

هڪ رات جي مهلت ورتي. ٻئي ڏينهن سڀ جواب ٻڌڻ جي لاءِ آتا ڦي موتيا.

"صفا سڌي ڳالهه آهي." عالم چيو "حقيقت اها آهي جو برڊ جو ٽڪرو بلڪل ايئن ئي ڪريو جيئن ان کي ڪڻڪ گهرجي ها. بس مکڻ غلط پاسي کان لڳايو ويو هو."

# ڪتاب ۽ لائبريريون

مون وٽ تمام گھٽا ڪتاب ناھن. ڪجھ سال پھريان، "زندگي گھٽي ڪان گھٽي بھتر گذارڻ لاءِ گھٽ ڪان گھٽ شيون رکڻ" واري خيال ڪان متاثر ٿي مون ڪجھ فيصلا ڪيا ھئا. ائين ناھي تہ مون ڪنھن تياڳي پادري (monk) واري زندگي گذارڻ ٻڌي چاھي، پر ڳالھ اھا آھي تہ پاڻ کي گھٽين شين کان محروم ڪري چڏڻ ۾ زندگي گذارڻ جي تمام وڏي آزادي ملي ويندي آھي. منھنجا ڪجھ دوست (مرد ۽ عورت) شڪايت ڪندا آھن تہ انھن وٽ ڪيترائي ڪپڑا آھن ۽ انھن جا ڪلاڪن جا ڪلاڪ اھو سوچڻ ۾ ضايع ٿي ٿا وڃن تہ ھو ڪھڑا ڪپڑا پائن. ھاٿي جيئن تہ مون پنھنجي الماڙي ڪجھ ضرورت جي ڪپڑن کان علاوہ خالي ڪري چڏي آھي تنھنڪري مونکي اھو مسئلو ٿي نہ آھي.

البتہ، آڻون ھتي فيشن جي باري ۾ نہ بلڪ ڪتابن جي باري ۾ ڳالھائڻ چاھيان ٿو. پنھنجي ڳالھ تي واپس اچئون، مون پنھنجي لائبريري ۾ صرف چار سو ڪتاب رکڻ جو فيصلو ڪيو ڪجھ ڪتاب انھن جي جذباتي قدر جي ڪري، ٻيا ان لاءِ تہ انھن کي مان وري وري پڙھندو رھندو آھيان. ان فيصلي ڪرڻ جي پويان ڪيترائي سبب ھئا. انھن مان ھڪ اھو ٻہ ھو تہ مان اڪثر ڪري اھو ڏسي اداس ٿي ويندو آھيان تہ جيڪي لائبريريون وڏي محنت ۽ سڄي عمر جي چاھ سان ناھيون ويون ھيون تن کي مالڪ جي مرڻ کان پوءِ ردي وانگر وڪيو ويندو آھي. انھن ڪتابن کي ذري برابر بہ عزت ناھي ڏني ويندي. ٻيو تہ اھي سڀ ڪتاب گھر ۾ ڇو رکجن؟ دوستن جي آڏيان اھو ثابت

کرڻ لاءِ ته ڏسو مان کيترو سڌريل ماڻهو آهيان؟ يا پٽين کي سينگارڻ لاءِ؟ جيکي کتاب مون ورتا آهن اهي منهنجي گهر کان گهٽو وڌيڪ پبلڪ لائبريري ۾ کارائتي نموني استعمال ٿيندا.

اڳ آئون اهو چوندو هيس ته اگر مونکي کجهه ڏسڻو يا معلوم کرڻو پوي ته مونکي کتابن ۾ ڏسڻو پوي ٿو. پر هاڻي اگر مونکي کجهه ڏسڻو هوندو آهي ته مان پنهنجو کمپيوٽر هلائيندو آهيان. لفظ يا جملو تائيپ کندو آهيان. ۽ جيکا شيءِ مونکي ڏسڻي هوندي آهي سا اسکرين تي اچي ويندي آهي. اها عنايت انٽرنيٽ جي آهي، دنيا جي سڀ کان وڏي لائبريري.

البته مان اڃا تائين کتاب خريد کندو آهيان. انهن لاءِ کوئي اليکٽرانڪ متبادل کونهي، پر جيئن ئي مان انهن کي پڙهي پورو کندو آهيان ته هين کي ڏئي ڇڏيندو آهيان يا پبلڪ لائبريري جي حوالي کري ڇڏيندو آهيان. منهنجو مقصد ٻيلا بجائڻ (کافي ماڻهو کتابن کي ٻيلن جي تباهي جو کارڻ سمجهندا آهن ڇاکاڻ ته کاغذ کاڻ مان نٿي ٿو) يا مهربان ٿيڻ ناهي. مونکي بس اهو عقيدو آهي ته هر کتاب کي پنهنجو سفر کرڻو هوندو آهي، ۽ ان کي کتابن جي تختي (Shelf) تائين محدود نه رکڻ گهرجي.

جيئن ته آئون هڪ ليکڪ آهيان ۽ تصنيف جي معاوضي تي گذر سفر کندو آهيان ته اها ڳالهه منهنجي نقصان ۾ ٿي سگهي ٿي. ڇاکاڻ ته جيترا گهٽا کتاب کپندا اوترو آئون کمائيندس. البته، اها پڙهندڙن سان ناانصافي هوندي، خاص کري انهن ملکن ۾ جتي حکومت جي کتابن ۽ لائبريرين جي بجيٽ جو بنياد هن (2) طريقيکارن تي نه آهي جن سان کي سنا کتاب خريدي سگهجن. هڪ کتاب پڙهندڙن کي کيترو مزو ٿو ڏئي، ٻيو ته لکڻيءَ جي

ڪوالٽي چاهي.

پنهنجن ڪتابن کي چڏيو ته اهي آزادي سان سفر ڪن، ٻين جي هٿن پاران چهيا وڃن، ۽ ٻين جي اکين ۾ چمڪ ٿين. جنهن وقت آئون هي لکي رهيو آهيان منهنجي ذهن ۾ جارج لوئي بورخيس جي هڪ بيت جي ڏنڊلي ياداشت آهي. جنهن ۾هن اهڙن ڪتابن جو ذڪر ڪيو آهي جيڪي ٻيهر ڪڏهن به نه ڪوليا ويندا.

مان هينئر ڪٿي آهيان؟ آئون هن مهل فرانس جي شهر پائرينين (Pyrenean) جي هڪ ايئرڪنڊيشنڊ ڪيفي ۾ ويٺو آهيان چاڪاڻ ته باهر گرمي برداشت کان باهر آهي. منهنجي گهر ۾، جيڪو هتان کان ڪجهه ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي آهي، بورخيس جا سڀ ڪتاب پيا آهن، هو انهن ليڪڪن مان هڪ آهي جن کي آئون وري وري پڙهندو آهيان. پر چو نه مان پنهنجي مٿي ڪيل ڳالهه ٿي آزمايان؟

مان روڊ ٽپي پنجن منٽن جو پنڌ ڪري هڪ ٻئي ڪيفي ۾ اچان ٿو جنهن ۾ ڪمپيوٽر موجود آهن. (هڪ اهڙي جڳهه جيڪا سڀني آهي پر هي اهو ڪيفي نه بلڪ "سائبرسيمي آهي") آئون مالڪ کي سلام ٿو ڪريان، ڪيس برف جهڙي ٺڏي منرل واٽر جو آرڊر ٿو ڏيان، انٽرنيٽ ٿو هلايان، ۽ ليڪڪ جي نالي سان گڏ ذهن ۾ آيل ٻه ستون ٿو لکان. هن منٽن جي اندر اندر منهنجي اکيان پورو بيت اچي ٿو وڃي.

"ورلين جي هڪ لائن آهي جيڪا هاڻي آئون ڪڏهن ياد نه ڪندس،
پاسي ۾ هڪ گهٽي آهي جتي منهنجي قدمن تي پابندي آهي،
هتي هڪ آئينو آهي جنهن منهنجو عڪس آخري دفعو ڏٺو آهي،
هو هتي هڪ دروازو آهي جيڪو مان آخري دفعو بند ڪيو آهي،
منهنجي لائبريري جي ڪتابن جي وچ ۾
(هينئر آئون انهن کي ڏسي سگهان ٿو)،

کجھ کتاب آھن جن کي مان وري کڏھن نہ کولیندس."

مون بہ پنھنجي ڏٹي چڏیل کتابن جي باري ۾ بلکل ایئن ئي محسوس کیو ھو: تہ مان انھن کي ڀیھر کڏھن نہ کولیندس. چوتہ نوان ۽ دلچسپ کتاب لڳاتار چپجي رھیا آھن. ۽ مونکي پڑھڻ سان چاھ آھي. ھاڻي. مان سمجھان ٿو اھا زبردست ڳالھ آھي تہ ماڻھن وٽ لائبریریون ھجڻ گھرجن. عام طور تي ڳالھ کجي تہ. ٻار جو کتابن سان پھریون ڳانڍاپو تجسس مان پیدا ٿئي ٿو ٻار اھو ڏسڻ لاء بیتاب ھوندو آھي تہ انھن وڏن کتابن ۾ کھڙیون تصویرون ۽ لفظ آھن. ۽ مونکي تڏھن بہ اوتري ئي خوشي ٿیندي آھي جڏھن منھنجو کوئي پڑھندڙ منھنجو اھڙو کتاب آٹوگراف وٺڻ لاء کڻي ایندو آھي جیکو دوستن وچ ۾ کیترائي ڀیرا سفر کري چکو ھوندو آھي. ھن جو مطلب اھو ٿیو تہ کتاب ائین ئي سفر طئي کیو آھي جیئن کیس لکڻ وقت سندس لیکڪ جي ذھن منزلون طئي کیون ھیون.

# پراگ، 1981

هڪ پيري، 1981ع جي سياري ۾، مان پنهنجي زال سان گڏ پراگ شهر جي گهٽين مان گذري رهيو هيس ته اتي هڪ نوجوان پنهنجي چوڌاري عمارتن جي ڊرائنگ ٺاهي رهيو هو.

پلي مونکي سفر ۾ شيون ۽ سامان کڻڻ کان چڙ هجي (۽ اسان کي اڳتي ايندا وڏو سفر ڪرڻو هو)، پر مونکي هڪ پئنٽنگ ڏاڍي وٺي ۽ مون اها خريد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو.

جڏهن مان هن جي طرف پٺسا وڌايا ته مون ڏٺو ته ڪاتو 5 گرمي پد هجڻ جي باوجود نوجوان کي دستانا پاتل نه هئا.

مون کانئس پڇيو "توهان دستانا چو ڪونہ پاتا آهن؟"

"ته جيئن مان پينسل پڪڑي سگهان."

پوء هن مونکي ٻڌائڻ شروع ڪيو ته هن کي پراگ شهر سان ڪيتري حد تائين لڳاءُ ۽ پيار هو ۽ شهر جي ڊرائنگ ٺاهڻ لاء سيارو بهترين موسم هئي. هو اسان جي پئنٽنگ خريد ڪرڻ تي ايترو ته خوش ٿيو جو هن مون کان اجازت ورتي ته منهنجي زال جي پئنٽنگ ٺاهي. مفت ۾.

جڏهن مان ڊرائنگ مڪمل ٿيڻ جو انتظار ڪري رهيو هيس ته مون کي اندازو ٿيو ته ڪجهہ ڏاڍو عجيب ٿيو هو. اسان پنجن منٽن تائين هڪٻئي سان گالهائيندا رهيا هئاسين ۽ اسان ٻنهي کي هڪٻئي جي ٻولي نه پئي آئي. اسان هڪٻئي کي اشارن، مسڪراهٽ، چهري جي تاثرات، ۽ پاڻ ۾ ڪجهہ شيئر (Share) ڪرڻ جي چاهہ جي

سبب سمجهيو ٿي.

اها ڪجهه سڻ يا شيئر (Share) ڪرڻ جي خواهش دنيا ۾ بغير ڪنهن لفظن يا ٻولي جي داخل ٿي سگهي ٿي. جنهن ۾ هر شيء صاف هوند ي آهي ۽ جنهن ۾ غلط بياني جو ڪو امڪان ناهي هوندو.

# اها عورت جيڪا پوري عورت ذات آهي

2003ع جي فرينڪ فرت ڪتابي ميلي جي هڪ هفتي ڪانپوءِ مونکي پنهنجي ناروي (Norway) جي پبلشر فون ڪئي. امن جو نوبل انعام ڪٽيندڙ شيرين عبادي جي لاءِ تقريب ڪرائيندڙ آرگنائيزرس مونکي ان موقعي تي ڪجهه لکڻ لاءِ عرض ڪيو هو.

اهو منهنجي لاءِ هڪ اعزاز هو جنهن کان انڪار ڪرڻ مناسب نه پئي لڳو. آخرڪار شيرين عبادي هڪ تاريخي شخصيت هئي. هن جو قد پلي پنجن فوٽن کان به گهٽ هجي پر سندس قد ڪاٺ انساني حقن لاءِ وڙهڻ ۾ سڄي دنيا تائين پنهنجو آواز پهچائڻ لاءِ ڪافي هو. ساڳي وقت مان هيتري وڏي ذميواري تي گهبرايل به هيس- تقريب کي سڌي طرح تي وي جي ذريعي 110 ملڪن ۾ ڏيکارڻو هو ۽ مون وٽ ان شخصيت تي ڳالهائڻ لاءِ صرف ۾ منٽ هئا جنهن پنهنجي سڄي زندگي ٻين ماڻهن جي لاءِ اربي ڇڏي هئي. مان پنهنجي ڇڪي جي پاسي واري ٻيلي ۾ پنڊ ڪرڻ ويس (جڏهن آئون يورپ ۾ هوندو آهيان تہ اتي ئي رهندو آهيان). ڪيترائي ڀيرا منهنجي ذهن ۾ خيال آيو تہ مان انهن کي فون ڪري چوان تہ مونکي سمجهه ۾ نہ پئي آيو تہ اتي ڇا ڳالهائڻو آهي، پر وري ياد آيم تہ آزمائش ۾ ئي تہ زندگي جو مزو رکيل آهي سو مون اها دعوت قبول ڪري ورتي.

آئون 9 ڊسمبر تي اوسلو (Oslo) ويس ۽ ايندڙ سهڻي ۽روشن ڏينهن تي آئون انعامي تقريب ۾ ماڻهن جي وچ ۾ هيس. عمارت جون وڏيون دريون ٻاهرين بندرگاهه (Port) جو نظارو پسائي ڪري رهيون هيون، جتي سال جي انهي ساڳين ڏينهن ۾، ويهه سال اڳ، آئون

پنهنجي زال سان اڃي ويلو هيس. هتي اسان سمنڊ جي نظارن جا مزا ماڻيا هئا ۽ سمنڊ مان پيڙين ذريعي ان وقت ٿي آندل جهينگا (Prawns) کاڌا هئا. مان هن ايتري وڏي سفر جي باري ۾ سوچڻ شروع کيو جنهن مون کي ان بندرگاهه کان هن ڪمري تائين پهچايو هو ۽ منهنجي سوچن جو سلسلو بُگل (Trumpet) جي آواز ۽ شاهي خاندان ۽ راڻي جي آمد تي ٽٽي پيو. آرگنائيزنگ ڪميٽي شيرين عبادي کي انعام پيش ڪيو جنهن دونهيدار تقرير ڪندي ڪجهه حڪومتن جي نالي ماتر دهشتگردي خلاف جنگ جي مذمت ڪندي چيو ته اهي حڪومتون ان بهاني سان عالمي پوليس جي رياست (Worldwide police state) قائم ڪري رهيون هيون.

انهي رات شيرين عبادي جي مان ۾ ڏنل تقريب ۾ ڪيترين زيٽا جونز اعلان ڪيو ته منهنجو ڪاغذ پڙهيو ويندو. ان وقت، مون پنهنجي موبائل فون جو بٽڻ دٻايو ۽ منهنجي پراڻي چڪي، جتي آٽون رهندو آهيان، اتي فون وڄي (هي سڀ اڃ ٿي رئيل هيو)، ۽ اوچتو منهنجي زال مون سان ڳڏ هئي، ۽ هن به مون سان ڳڏ مائيڪل ڊگلس جو آواز بڻڻ شروع ڪيو جيڪو منهنجا لفظ پڙهي رهيو هيو.

مون هي لکيو هو. اهي لفظ جيڪي هر ان ماڻهو لاءِ چئي سگهجن ٿا جيڪي هڪ بهتر دنيا جي تلاش ۾ سرگردان آهن:

"ايران جي شاعر رومي هڪ دفعي چيو ته زندگي ان ماڻهو وانگر آهي جنهن کي ڪو بادشاهه حڪم ڏئي ته اهو ماڻهو بي ملڪ وڃي ڪو خاص ڪم ڪري اچي. اهو شخص ان ٻئي ملڪ ۾ سوين ٻيا ڪم به ڪري سگهي ٿو پر هن اگر اهو خاص ڪم نه ڪيو ته سمجهو هن ڪجهه به نه ڪيو.

شيرين عبادي هڪ اهڙي عورت آهي:

جنهن پنهنجي مقصد کي سمجهيو.

جنهن پنهنجي رستي جون ڏکيائيون جاڻندي ۽ سفر جاري رکيو.

جنهن ڏکيائين جو ڊپ نه کيو بلڪ انهن جي خلاف ڀالهائي انهن کي صاف ظاهر کيو. جنهن اکيلن جي اکيلائي کي گهٽايو، جنهن بکين کي کارايو ۽ اڃايلن جي اڃ اجهائي، انصاف لاءِ وڙهي ۽ ظالم کي مظلوم جي تڪليف محسوس ڪرائي، جنهن پنهنجا در هميشه کليل رکيا، هٿ سدائين مصروف رکيا ۽ پير سدائين اڳتي وڌائيندي رهي.

اها عورت جيڪا هڪ ٻئي ايراني شاعر حفيظ جي هن ست سان مشابهت رکي ٿي:

خوشي جا ست هزار سال ۽ ظلم ۽ گهٽ جي ستن ڏينهن جو ازالو نه ٿا ڪري سگهن.

اها عورت جيڪا اڄ رات اسان جي وچ ۾ موجود آهي، شل اسان مان هر هڪ هن جهڙو ٿئي، شل هن جو مثال گهڻي گهڻي تائين پهچي، شل هن کي ايندڙ ڏينهن ۾ اڃا وڌيڪ ڏکيائيون پيش اچن، ته جيئن هو پنهنجو مقصد ۽ ڪر مڪمل ڪري سگهي ته جيئن ايندڙ نسلن کي "ناانصافي" جي معنيٰ ۽ وصف صرف ڊڪشنري ۾ ملي ۽ عام زندگي ۾ ان جو نالو نشان ئي نه هجي.

۽ شال هن جو سفر آهستي هجي، چو ته هن جو قدم تبديلي جو قدم آهي، ۽ تبديلي، حقيقي تبديلي، هميشه وڏو وقت وٺندي آهي.

# موراکو مان آيل مهمان

هڪ دفعي مون وٽ موراکو کان هڪ مهمان آيل هو جنهن مونکي هڪ ڪهاڻي ٻڌائي ته ڪيئن اڳا تائين ريگستان جا ڪجھ قبيلا اصلي گناھ کي سمجھندا يا ڄاڻي ونڊندا آھن:

بيبي حوا جڏھن جنت جي باغن ۾ گھمي رھي ھئي ته شيطان لکي لکي وٽس اچي پھتو.

"هي صوف کاءِ"، شيطان چيو.

بيبي حوا، جنهن کي خدا صحيح نموني سمجھائي چڏيو ھو تنهن انڪار ڪيو.

"هي صوف کاءِ،" شيطان زور ڀريندي چيو. "توکي پنهنجي مڙس جي سامهون وڌيڪ خوبصورت لڳڻ جي ضرورت آهي."

"نه مونکي ضرورت ناهي." بيبي حوا وراڻيس. "هُن وٽ مونکان علاوه ٻي ڪا به عورت ناهي."

شيطان ڪليو.

"بلڪل هن وٽ آهي."

جڏھن بيبي حوا يقين ڪرڻ کان انڪار ڪيو ته شيطان هن کي هڪ ڦاڙ جي چوٽي تي موجود ڪوھ تي وٺي ويو.

"اها هن غار ۾ آهي. آدم هن کي هتي لڪايو آهي."

بيبي حوا جُھڪي ڪوھ ۾ ڏنو ته ڪيس پنهنجو عڪس ڏسڻ ۾ آيو. هن پاڻي ۾ هڪ خوبصورت عورت کي ڏنو. اھو ڏسندي ئي هن شيطان جي هٿ مان تڪڙ ۾ صوف ورتو ۽ کائي چڏيائين.

موراکو جي ان ساڳي قبيلي جي مطابق، اگر کوئي شخص پنهنجو عکس پاڻي ۾ ڏسي ۽ کيس کو بہ ڊپ يا گناھ محسوس نہ ٿئي تہ اھو شخص ئي جنت ۾ وڃڻ لازم ۽ Guaranteed ٿو ٿي وڃي.

# منهنجو جنازو

هڪ پيري "دي ميل آن سنڊي" اخبار جو صحافي لنڊن ۾ هوٽل تي مون سان ملڻ آيو ۽ مونکان هڪ سادو سوال پڇيائين: "اگر توهان جو موت اڄ ٿئي ته توهان پنهنجون آخري رسمون کڻي نموني کرائڻ چاهيندو؟"

سچ ته اهو آهي جو موت جو خيال 1986ع جي ان ڏينهن کان مون سان گڏ آهي جڏهن مون سينٽياگو (Santiago) ويندڙ رستي تي پنڌ ڪيو هيو. ان کان اڳ آئون هميشہ ان ڳالهہ جو سوچي ڏڃي ويندو هيس ته هڪ ڏينهن سڀ ڪجهہ ختم ٿي ويندو. پر پنهنجي تبليغ جي مختلف مرحلن مان هڪ مرحلي ۾ هڪ مشق هئي ته زنده پورجڻ تي ماڻهو ڪيئن محسوس ڪندو آهي! اها ايتري ته ڏکي ۽ خطرناڪ مشق هئي جو منهنجو سجو ڏپ ختم ٿي ويو. ان کانپوءِ هميشہ موت کي پنهنجي هر وقت جو ساٿي سمجهڻ شروع ڪيم. جيڪو هر وقت منهنجي پر ۾ چوندو رهندو آهي ته، "هڪ ڏينهن آئون توکي پنهنجي پاڪر ۾ پري ولندس پر توکي خبر ناهي ته ڪڏهن، تنهن ڪري جيتري پريور زندگي گذاري سگهين گذاري وڃ."

ان ڪري آئون جيڪي ڪر ۽ تجربا اڄ ڪري سگهندو آهيان سي سياڻي تي نہ ڇڏيندو آهيان. ان ۾ خوشيون، ڪر، فرض، غلطي ۽ گناهہ ڪرڻ تي "معاف ڪجو" چوڻ، ۽ هلندڙ لمحي کي آخري لمحو سمجهڻ شامل آهن. مونکي ڪيترائي اهڙا موقعا ياد آهن جڏهن مون موت جي بوءِ تمام ويجهو کان محسوس ڪئي هئي: 1974ع جو اهو ڏينهن، جڏهن ريئو ڊي جنيرئو ۾ ٽيڪسي ۾ سفر ڪندي اسان جو

رستو آڪيان هڪ ٻي ڪار روڪيو ۽ هٿيار بند فوج جي جوانن جي هڪ ٽولي گاڏي مان لهي منهنجي مٿي تي نقاب پارائي ڇڏيو هو. حالانڪ هنن مونکي يقين ڏياريو ته مونسان ڪجهه خراب نه ٿيندو پر مان ان ڳالهه تي متفق هيس ته مان فوجي حڪومت جو هڪ ٻيو "گر ٽيل شخص" ٿيڻ وارو هيس.

يا آگسٽ 1989ع ۾ آئون پائرينيز ۾ هڪ ٻهاڙ تي چڙهندي گر ٿي ويو هيس. مون پنهنجي چوڌاري برف ۽ ساوڪ ڪان خالي جبلن تي ڏٺو ۽ سوچيو ته مون ۾ هاڻي واپس وڃڻ جيتري طاقت نه هئي. ۽ ان نتيجي تي پهتس ته منهنجو لاش اگر ايندڙ اونهاري تائين به ليپي ويو ته غنيمت هئي. آخرڪار ڪلاڪن تائين پٽڪڻ ڪانپوءِ مونکي هڪ گس ملي ويو جنهن تي هلندي آئون هڪڙي ڏورانهين ڳوٺ تائين پهچي ويو هيس.

"دي ميل آن سنڈي" جي صحافي مونکي زور پريندي پڇيو ته آخرڪار منهنجون آخري رسمون هونديون ڪيئن؟ منهنجي وصيت جي مطابق ته منهنجون آخري رسمون ٿيندیون ئي ڪونه. مون فيصلو ڪيو آهي ته منهنجي لاش کي ساڙيو ويندو ۽ منهنجي خاڪ کي ايل ڪيبريرو (اسپين ۾) ڏانڊي جاءِ، جتي مون تلوار لڏي هئي، اتي منهنجي زال اڏائي ڇڏيندي. منهنجو جيڪو به هٿ سان لکيل يا ٽائيپ ٿيل اڻ ڇپيل مواد هوندو سو اڻ ڇپيل ئي رهندو (مان ڪيترن ئي ليکڪن جي پونئيرن کي سندن اڻ ڇپيل مواد کي انهن جي موت ڪانپوءِ پئسا ڪمائڻ لاءِ بي ڏياني سان ڇپائيندي ڏٺو آهي. ۽ مان ان ڳالهه کان الاهي ڊڄڻ آهيان. جيڪڏهن ليکڪ حياتي ۾ اهي شيون نه ڇپائڻ جو فيصلو ڪيو هو ته مرڻ ڪانپوءِ هن جي Privacy جي عزت رکڻ گهرجي) جيڪا تلوار مون سينٽياگو ويندي لڏي هئي سا سمنڊ ۾

اچلائي ويندي، ان جاءِ تي موتائڻ لاءِ جتان اها آئي هئي. رهيا منهنجا پٽسا، ۽ ان کان علاوه ستر سالن تائين ملندڙ تصنيفن جو معاوضو سو منهنجي جوڙيل فلاحي تنظيم کي عطيي طور ڏنو ڏيندو.

"توهان جي قبر جي تختي تي ڇا لکيل هوندو؟" صحافي سوال کيو. جيئن ته مونکي ساڙيو ويندو ۽ منهنجي خاڪ کي هوا ۾ اڏايو ويندو تنهن ڪري منهنجي قبر جو پٿر ئي نه هوندو جنهن تي ڪا شيءِ لکي وڃي. پر مونکي جيڪڏهن ڪو جملو چونڊڻو هجي ها ته آئون هي چونڊيان ها: "هي تڏهن مئو جڏهن هي ايا زنده هو." هتي متان لفظن جي پاڻ ۾ هر آهنگي نه هجي، پر آئون اهڙن ڪيترن ئي ماڻهن کي سڃاڻان جن زندگي جيئڻ ڇڏي ڏني آهي، ان جي باوجود هو ڪر ڪندا رهن ٿا. ڪائن پيئن ٿا، ۽ سماجي سرگرمين ۾ حصو وٺندا رهن ٿا. اهي هر ڪر آٽوميٽڪ طريقي سان ڪندا آهن، انهن کي زندگي جي راز جي خبر ئي ناهي ته هر پل هڪ جادوئي پل آهي، ڪڏهن ناهن سوچيندا ته زندگي خود هڪ معجزو آهي، ان ڳالهه جي پرواهه ڪرڻ بنا ته ايندڙ پل هنن جي زندگي جو آخري پل ٿي سگهي ٿو.

صحافي هليو ويو ۽ مون ڪمپيوٽر تي ويهي اهو سڀ لکڻ جو فيصلو کيو. مونکي خبر آهي ته هي اهڙو عنوان آهي جنهن تي ڪوئي به سوچڻ پسند ناهي ڪندو پر مون تي هڪ فرض آهي. پنهنجن پڙهندڙن کي زندگي جي اهر ڳالهين جي باري ۾ سوچڻ تي مجبور ڪرڻ ۽ شايد موت سيني کان اهر شيءِ آهي. اسان پنهنجو هر قدم موت جي طرف وڌائي رهيا آهيون، پر اسان کي خبر ناهي ته موت اسان کي ڪڏهن اچي هٽ لائيندو تنهنڪري اهو اسان جو فرض آهي ته پنهنجي چوڌاري ڏسون ۽ پل پل لاءِ شڪر ادا ڪريون، پر اسان کي

موت جو به شڪر گذار ٿيڻ گهرجي، چوته اهو اسان کي هر ڪنهن يا نه ڪنهن فيصلي جي اهميت ٿو سيکاري، اهو اسان کي هر ان شيءِ کان روڪي ٿو وٺي جنهن کي ڪرڻ سان اسين "زنده لاش" واري ماڻهن جي صف ۾ بيهي رهنداسين پر ان جي بجاءِ موت اسان کي پنهنجي هر شيءِ داءُ تي لڳائڻ تي آماده ڪندو آهي ته جيئڪي شيون اسان جو خواب آهن انهن لاءِ اسين سڀ ڪجهه قربان ڪرڻ لاءِ تيار رهون ڇاڪاڻ ته اسان چاهيون يا نه چاهيون، موت جو فرشتو هر وقت اسان جو انتظار ڪري رهيو آهي.

# چار ناهڻ

هڪ پيري نيويارڪ ۾ آئون منجهند جي چانهه تي هڪ غير معمولي منظر سان مليس. هوءَ وال اسٽريٽ جي هڪ بينڪ ۾ ڪم ڪندي هئي ۽ هڪ ڏينهن هن هڪ خواب ڏٺو جنهن ۾ هن کي حڪم ٿيو ته هوءَ دنيا جي ٻارنهن مختلف جاين تي وڃي ۽ انهن مان هر هڪ جاءِ جي ڪنهن خاص شيءِ جي تصوير يا مجسمو ٺاهي. اهو مجسمو يا تصوير ڪيس ان ماحول ۾ ئي ويهي ٺاهڻي هئي.

ان وقت تائين، هن اڳيون چار شيون ٺاهيون هيون. هن مونکي انهن مان هڪ جي تصوير ڏيکاري. ڪيليفورنيا جي هڪ غار ۾ ڪنهن اوائلي ماڻهو پاران هٿ سان چٽيل عڪس. جيستائين هن کي خواب ۾ ٻي جاءِ جو اشارو ملي تيستائين هوءَ بينڪ ۾ ڪم ڪندي هئي ۽ ان طريقي سان هوءَ سفر جا پئسا ۽ خواب کي پورو ڪرڻ لاءِ گهربل خرچ جيترو ڪمائي ونندي هئي.

مون هن کان پڇيو ته هن ائين ڇو ڪيو.

"دنيا جو توازن قائم رکڻ لاءِ،" هن وراڻيو. "اها ڳالهه متان عجيب لڳي پر اسان سيني جي چوڌاري هڪ باريڪ جار ٺڪي ٿو جنهن کي اسان پنهنجي روين سان مضبوط يا ڪمزور ٺاهي سگهون ٿا. اسان ڪنهن بيڪار يا غير اهم لڳندڙ عمل سان ڪيترين ئي شيون بچائي يا تباهه ڪري سگهون ٿا. منهنجا خواب ٻ پلي عجيب ۽ چريا لڳن پر مان انهن کي پورو نه ڪرڻ جو خطرو نه ٿي کڻي سگهان. منهنجي مطابق انساني رشتا ڪنهن ڪوريئڙي جي سنهڙي ۽ نازڪ جار وانگر آهن. مان پنهنجي ڪم جي مدد سان جار جو اهو حصو ٺاهڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهيان.

# اهي منهنجا دوست آهن

"بادشاهه ايترو طاقتور ان کري آهي جو هن شيطان سان هڪ معاهدو ڪيو آهي." هڪ ديندار عورت گهٽي ۾ بينل چوڪري کي چيو جيڪو اهو ٻڌي تعجب ۾ ونجي ويو.

ڪجهه ديرکان پوءِ، جڏهن اهو چوڪرو ٻئي شهر وڃي رهيو هو تہ هن جي پاسي ۾ هڪ شخص پنهنجي راءِ ڏيندي چيو:

"هي سڄي زمين هڪڙي ماڻهو جي آهي. مان تہ چوان ٿو ان ۾ شيطان جو هٿ آهي."

اونهاري جي هڪ گرم منجهند جو چوڪري جي پرسان هڪ خوبصورت عورت گذري وئي.

"اها عورت شيطان جي نوڪرياڻي آهي." هڪ تبليغي رڙ ڪندي چيو ان ڏينهن ڪانپوءِ چوڪري شيطان سان ڳالهائڻ جو فيصلو ڪيو. جڏهن هو شيطان سان مليو تہ ڪيس چيائين.

"چون ٿا تہ تون ماڻهن کي طاقتور اميرءِ خوبصورت ناهي سگهين ٿو."

"تہ تہ." شيطان وراڻيو "تون انهن ماڻهن کي ٻڌندو رهيو آهين جيڪي منهنجي تائيد (Promote) ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن."

# اسين زنده ڪيئن آهيون؟

هڪڙي دفعي مونکي ٽپال جي ذريعي ڪير (Milk) جي متبادل طور هڪ مشروب جا ٽي لٽر وصول ٿيا. ناروي جي هڪڙي ڪمپني مونکان پڇڙ پڇي چاهيو ته ڇا مون ان شيءِ ۾ سيڙپڪاري ڪرڻ لاءِ دلچسپي رکي ٿي چاڪاڻ ته هڪ ماهر ڊيوڊ رائيٽز جي خيال موجب: "هر ڪٿون جي ڪير ۾ 59 سرگرم هارمون، الاهي ساري چربي، ڪوليسٽرول، ڊائي آڪسن، بيڪٽيريا ۽ وائرس ٽين ٿا."

مون ڪٿلشير جي باري ۾ سوچيو. جڏهن مان ٻار هيس، ته منهنجي ماءُ چوندي هئي ته ڪٿلشير هڏن لاءِ فائديمند هوندو آهي، پر هي ماهر مونکان وڌيڪ هوشيار هو: "ڪٿلشير؟ ڪٿون کي پنهنجي وڏن هڏن لاءِ ڪٿلشير ڪٿان ملندو آهي؟ ها، ٻوٽن مان!" هي نئون مشروب ٻوٽن مان ٺهيل هو ۽ ڪير جي استعمال کي دنيا ۾ ڦهليل ادارن جي لاتعداد اپياسن جي بنياد تي نندايو ويو هو.

پلا پروٽين؟ پر ڊيوڊ رائيٽز مڃڻ وارو نه هو: "ڪير کي گوشت جي پاٽيات واري شڪل ڇڏي سگهجي ٿو (مان ڪڏهن ڪير ناهيان پيئندو پر ماهر کي ضرور خبر هوندي) چاڪاڻ ته ان ۾ تمام گهٽي مقدار ۾ پروٽين ٿئي ٿو. پر اهو پروٽين ئي آهي جيڪو جسم مان سڄي ڪٿلشير کي چڪي ڪڍي وڃي ٿو. جن ملڪن ۾ گهٽي پروٽين وارا ڪاڏا واپرايا وڃن ٿا اتي ئي هڏن جي ڪمزوري جون وڏ ڪان وڏ بيماريون ٿين ٿيون.

انهي ساڳي ڏينهن منجهند جي وقت منهنجي زال انٽرنيٽ تي ڳوليل هڪ ڪالم مون ڏي اي.ميل ڪيو هو. جيڪو ڪجهه هن

طرح هو.

"اهي ماڻهو جن جي عمر هن وقت 40 کان 60 سالن جي وچ ۾ آهي سي ماضي ۾ بغير سيٽ بيلٽ، مٽي جي سپورٽ، ۽ ايمرجنسي ۾ استعمال ٿيندڙ هوا وارن ڦوڪڻن جي گاڏي هلائيندا هئا. هاڻ پوئين سيٽن تي ويهندا هئا ۽ تمام گهٽو گوڙ مستي ۽ مزا ڪندا هئا.

هاڻ جي هندورن کي تيز رنگ ڪيو ويندو هو چاڪاڻ سپني کي ڊپ هوندو هو ته انهن ۾ شيهو يا هيو کو خطرناڪ عنصر نه شامل هجي."

مثال طور منهنجو تعلق ان نسل سان آهي جيڪي پنهنجون "هٽ گاڏيون" ٺاهيندا هئاسين (مونکي سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته اڄ جي نسل کي اهو راندیکو ڪيئن سمجهائجي ائين ڪٽي سمجهو ته لوهه جي ڦيٽن ۾ بيئرنگ لڳل هوندا هئا) ۽ اسين بوتافوگو جي پهاڙن تي پڄندا وتندا هئاسين، پيرن سان بريڪ هڏبي هئي، ڪربو هو ڏڪائبا هئا پر پوءِ به پنهنجي هنن تيز رفتار ڪارنامن تي فخر محسوس ٿيندو هو.

ڪالم ۾ اڳتي لکيل هو:

"اڳي موبائل فونون نه هونديون هيون ۽ اسان جي والدين کي اهو ڄاڻڻ جو ڪوئي ذريعو نه هوندو هو ته اسين ڪٽي هئاسين، اهو ڪيئن ممڪن هو؟ جيئن ته اسين هار هوندا هئاسين تنهنڪري بري پلي جي ڄاڻ نه هوندي هئي، ڪڏهن ڪڏهن مار به ملندي هئي پر ڪڏهن به اسان کي محسوس نه ٿيو ته اسان کي ڪوئي پيار نه ٿو ڪري يا اسان جو خيال نه ٿو ڪري. اسڪول ۾ هڪڙا سٺا شاگرد هوندا هئا ٻيا خراب: سٺا شاگرد پاس ٿي ايندڙ سال ۾ مٿين جماعت ۾ پهچي

ويندا هٹا ۽ خراب شاگرد ناپاس ٿي ساڳي جماعت ۾ رهجي ويندا هٹا يا اسڪول ڇڏي ويندا هٹا. اهڙي صورتحال ۾ دماغ جي ڊاڪٽر کي نه گهرايو ويندو هو. بس شاگردن کي صرف سال ورجائڻو پوندو هو."

تڏهن به اسان جيئرا هٹاسين بس ٿورا ڏڪ لڳندا هٹا ۽ گوڏن جو ڪلون لهي ويندیون هيون. اسان نه صرف بچي وياسين پر انهن ڏينهن کي انتهائي سِڪ سان ياد ڪندا آهيون جڏهن ڪير زهر نه هو، هار کي ڪنهن ٻاهرين مدد کان سواءِ ٿي پنهنجا مسئلا حل ڪرڻا پوندا هٹا. ضرورت پوڻ تي وڙهبو به هو پنهنجو گهٽو وقت بجلي وارن راندیڪن کانسواءِ گذاريو هو ۽ ان جي بجاءِ دوستن نيون راندیون ايجاد ڪيون هيون.

پر اڄو ته پنهنجي شروعاتي ڳالهه تي هلون. مون فيصلو ڪيو ته چونه جاني دشمن ڪير جي جگهه تي ناهيل هن معجزاتي نئين مشروب کي پي ڏسان ته آخر اهو آهي ڪيئن!

مان هڪ ڊُڪ کان وڌيڪ نه پي سگهيس.

مون پنهنجي زال ۽ نوڪرياڻي کي اهو مشروب پي ڏسڻ لاءِ چيو. في الحال مون هنن کي نه ٻڌايو ته اهو هو ڇا. ٻنهن چيو ته هنن پنهنجي پوري زندگي ۾ ان کان خراب شيءِ ناهي چکي.

مان مستقبل جي ٻارن لاءِ پريشان آهيان، جن وٽ ڪمپيوٽر هوندا، والدين وٽ موبائل فون هوندیون. هر ناڪامي لاءِ دماغ جو ڊاڪٽر سندن مدد ڪندو ۽ سڀ کان اهم انهن کي زبردستي هي "جادوئي غذائيت" وارو مشروب پياريو ويندو جيڪو ڪولسٽرول، هڏن جي ڪمزوري، 59 سرگرم (Active) هارمونز ۽ زهريلن جيوڙن کان پاڪ هوندو.

اهي ڏاڍا صحتمند، تندرست ۽ متوازن هوندا، ۽ جڏهن وڏا

ڪيندا ته ڪين ڪير جي خبر پوندي (ان وقت تائين ڪير غير قانوني ٿي چڪو هوندو). ڇا 2050ع ۾ ڪوئي سائنسدان اها ذميداري ڪٽندو ته ثابت ڪري ته ڪير نقصانڪار ناهي ۽ انسان تاريخ جي شروعات کان اها شيءِ واپرٿيندو رهيو آهي؟ يا ڪير صرف اسمگلرن وٽ ئي دستياب هوندو؟

# مرڻ لاءِ چونڊيل

22 آگسٽ، 2004ع تي رات جو سادي ڏهين وڳي، منهنجي سالگره جي 48 ڪلاڪن کان ٻه گهٽ وقت ڪانپوءِ، آئون ذري گهٽ موت جي گهاٽ تي لهي چڪو هيس. منهنجي ممڪن موت واري منظر (Scene) جي لاءِ ڪجهه پهلو سبب بڻيا جيڪي هي آهن:

(الف) مشهور اداکار وِل سمٿ (Will Smith) پنهنجي تازي فلم جي مشهوري لاءِ ورتل انٽرويوز ۾ منهنجي ڪتاب "الڪيمسٽ" جو بار بار ذڪر ڪندو رهيو.

(ب) سندس تازي فلم هڪ اهڙي ڪتاب تي ٻڌل هئي جيڪو مون ڪي ورهيه اڳ پڙهيو هيو: آءِ، روبوٽ (I, Robot)، سمٿ ۽ آسيمو (فلم جا هيرو ۽ هيروئن) کي پيٽا ڏيڻ لاءِ مون وڃي اها فلم ڏسڻ جو فيصلو ڪيو.

(ت) فلم جو افتتاح آگسٽ جي پهرين هفتي ۾ ڏکڻ اولهه فرانس جي هڪ ننڍي شهر ۾ ٿيو. البته ڪجهه مڪمل طور فالتو سببن جي ڪري مونکي پنهنجو پروگرام ان آڇر تائين ملتوي ڪرڻو پيو.

مون رات جي ماني سويرڪاڏي ۽ پنهنجي زال سان گڏ وائين (Wine) جي اڌ بوتل پيتي، اسان پنهنجي نوڪرياڻي کي پاڻ سان گڏ هلڻ جو چيو (پهرين هن ڏاڍي نه نه ڪئي، پر آخرڪار مڃي ورتائين): اسان اتي صحيح وقت تي پهتاسين، پاپ ڪارن ورتاسين، فلم ڏني ۽ ڏاڍا لطف اندوز ٿياسين.

واپس گهر اچڻ لاءِ ڏهن منٽن جو مختصر سفر طئي ڪرڻ لاءِ

مان ڪار ۾ ويلس، مون برازيلي گانن جي هڪ سي.ڊي هلائي ۽ گاڏي آهستي هلائڻ شروع ڪيو ته جيئن ڏهن منٽن جي رستي ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٽي گانا ٻڌي سگهان.

روڊ تي نندڙن، خاموش ۽ ننڊ ۾ اگهور گوئن وچان گذرندي اوچتو مونکي پوئتي ڏسڻ واري آئيني (Side-Mirror) ۾ ڪار جون بتيون ڏسڻ ۾ آيون. اسان جي اڳيان باقاعده بلاڪن ذريعي نشاندهي ڪيل چوراهو هو.

مون بريڪ هٽڻ جي ڪوشش ڪئي، چوته مونکي خبر هئي ته بي ڪار مونکان اڳ نه ڪڍي سگهندي. بلاڪن جي ڪري اهو ناممڪن هو. اهو سڀ ڪجهه اک چنب ۾ ٽي ويو. مونکي ياد آهي ته منهنجي ذهن ۾ خيال آيو هو ته "هي شخص صفا پاڳل آهي" پر مونکي ڪجهه به چوڻ جو وقت ئي نه مليو. ان ڪار (منهنجي ذهن ۾ اها ڪار هڪ مرسڊيز جي طور چٽيل آهي، پر مان پڪ سان نه ٿو چئي سگهان) جي ڊرائيور بلاڪن کي ڏسي گاڏي کي رفتار ڏني ۽ مونکان اڳيان نڪري ويو ۽ جڏهن هن گاڏي پنهنجي ڪنٽرول ۾ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته سندس گاڏي روڊ جي هڪ پاسي ڦري وئي.

ان کانپوءِ، هر شيءِ صفا آهستي ٿيندي محسوس ٿيڻ لڳي. هن جي ڪار هڪڙو دفعو، ٻيو دفعو ۽ ٽيون دفعو گول ڦري. اچانڪ گاڏي جهٽڪو ڏنو ۽ ڪلٽيون کائڻ شروع ڪيائين، جن جي دوران گاڏي جو اڳيون ۽ پويون بمپر روڊ سان لڳا ٽي.

منهنجي گاڏي جي روشني ۾ اهو سڄو واقعو واضح طور تي ظاهر ٿي رهيو هو پر مان اوچتو بريڪ نه هٽي سگهيس. منهنجي ڪار هن قلا بازيون کائيندڙ گاڏي سان ڳڏو ڳڏ اڳتي هلندي پئي وئي. اهو سڀ ڪجهه ان فلم جي منظر وانگر هو جيڪا اسان ٿوري دير پهريان

ڏسي آيا هياسين، پر اهو قصو هو ۽ هي۽ حقيقي زندگي!

کار روڊ تي موتي آئي ۽ آخرڪار ڪاهي پاسي کان اونڌي ٿي اچي بيلي. مون کي ڊرائيور جي شرٽ نظر آئي. مان هن جي پاسي ۾ بيلس ۽ منهنجي ذهن ۾ صرف هڪ ئي ڳالهه هئي: مونکي کيئن به ڪري ٻاهر نڪري هن جي مدد ڪرڻ گهرجي. ان وقت، مون پنهنجي زال جا ننڍن پنهنجي ٻانهن ۾ ڪُپندي محسوس ڪيا. هوءَ مونکي گاڏي ٽورو اڳتي ٻيهارڻ لاءِ منٿون ڪري رهي هئي. ان ڊپ کان ته اها ڪار متان ڏماڪي سان ڦاٽي پوي يا باهه پکڙي وڃي.

مون گاڏي ٻيا سو ميٽر اڳيان ٻيهاري. سي.ڊي تي برازيلين گانا اڃا هلي رهيا هئا جڏ ڪجهه ٽيو ٿي نه هو. هر شيءِ خواب مثل ۽ حقيقت کان پري لڳي رهي هئي. منهنجي زال ۽ نوڪرياڻي ازابيل واقعي واري هنڌ ڏانهن ڏسڻيون. ٻي طرف کان ايندڙ هڪ ڪار به اچي ٻيهي رهي. هڪ عورت گاڏي مان نڪتي ۽ ڪافي پريشان ٿي لڳي. هن جي گاڏي جي بتين ڏڻ هن بدقسمت منظر کي روشن ڪيو ٿي. هن مون کان پڇيو ته ڇا مون وٽ موبائل فون هئي. ها مون وٽ هئي، ته پوءِ مون ايمبولنس لاءِ فون چو نه ڪئي هئي!

پر ايمرجنسي نمبر ڇا آهي؟ هن منهنجي طرف ڏٺو- سيني کي خبر هئي! 51 51 51! منهنجي موبائل فون بند پئي هئي- سئنيما ۾ مالڪ جي هدايتن تي سدائين موبائل فون بند ڪرائي ويندي آهي. مون موبائل هلائي ۽ ايمرجنسي نمبر 51 51 51 تي فون ڪيو. مونکي خبر هئي ته هي واقعو ڪٿي پيش آيو هو. لالوبيري ۽ هرگيس ڳولڻ جي وڃ ۾.

منهنجي زال ۽ نوڪرياڻي موتي آيون: ڪار ۾ ويٺل چوڪري کي ڪجهه ننڍنڊون (Scratches) آيون هيون ۽ کو به گهرو ڏک نه لڳو

هيو. مون جيڪو ڪجھ ٻ ڏني (گاڏي ڇھ ڪلتيون گاڏيون هيون)، ان جي باوجود ٻ ڪو گھرو ڏڪ نہ لڳو هو؟ ڪار مان نڪرڻ وقت چوڪري جون تنگون لڏن ٻيون، ٻيا گاڏين وارا ٻ ٻينا، پنجن منٽن ۾ باھ وسائيندڙ عملو ٻ واقعي واري هنڌ پھچي ويو سڀ ڪجھ ٺيڪ هو.

سڀ ڪجھ ٺيڪ هو. پر هو اسان کي گاڏي ھٽي اسان کي کاھيءَ ۾ ڏکڻ کان بس ڪجھ پل پري رهيو هو جيڪو اسان سڀني لاءِ ڏاڍو خراب ٿئي ها. شايد تمام گھڻو خراب.

جڏهن آئون گھر آيس تہ مون ستارن ڏانهن ڏٺو ڪڏهن ڪڏهن اسان رستي تي ڪجھ واقعا ڏسندا آهيون. پر جيئن تہ اسان جي گھڙي ايڏا نہ پھتي هوندي آهي تہ اهي اسان جي پرسان اسان کي چھي بغير هليا ويندا آهن. ايتريقدر جو اهي اسان جي ايترو ويجھا هوندا آهن جو اسين کين ڏسي سگھون. مان هن ڳالھ کي سمجھڻ جو فھر ڏيڻ تي خدا جو شڪر ادا ڪيو جيئن منهنجو هڪ دوست چوندو آهي، "جيڪو ڪجھ ٻ ٽيڙو هو سو ٽي ويو پر وري ٻ بچي ويا سين."

# پرهه ڦٽيءَ جو پل

ڊيوس جي عالمي اقتصادي فورم دوران امن جي نوبل انعام ڪيندڙ شيون پيريزهي کهاڻي ٻڌائي.

هڪ پيري هڪ يهودي پادري پنهنجن شاگردن کي ڪَنو ڪيو ۽ڪائنس پڇيو:

"اهو ڪهڙو خاص پل آهي جڏهن رات ختم ٿئي ٿي ۽ ڏينهن شروع ٿئي ٿو؟"

"جڏهن ايتري روشني هجي جو رڍ ۽ ڪتي جي وچ ۾ فرق ٻڌائي سگهجي." هڪ چوڪري جواب ڏنو

ٻئي چوڪري چيو "نہ، جڏهن ايترو سوجهرو هجي جو زيتون ۽ انجير جي وڻ ۾ فرق ٻڌائي سگهجي."

"نہ اهو به خاص جواب ناهي."

چوڪرن وراڻيو "اڇا، تہ پوءِ صحيح جواب ڇاهي؟"

ان تي پادري وراڻيو:

"جڏهن اسان وٽ ڪوئي اجنبي اچي، ۽ اسان ان کي پنهنجو ڀاءُ سمجهون، ۽ سڀ اختلاف ختم ٿي وڃن، تڏهن اها مهل ٿئي ٿي جڏهن رات ختم ٿي ٿئي ۽ ڏينهن شروع ٿئي ٿو."

# جنوري 2005ع جو هڪ ڏينهن

ان ڏينهن تيز برسات پئي رهي هئي ۽ گرمي پد لڳ ڀڳ 3 سينٽي گريڊ هو مون پنڌ تي وڃڻ جو فيصلو ڪيو. مونکي محسوس ٿيندو آهي ته اگر مان پنڌ نه ڪيان ته صحيح نموني ڪر ناهيان ڪري سگهندو. پر موسم طوفاني پڻ هئي. ڏهن منٽن ۾ آئون واپس گهر هليو آيس. خط جي ڊبي مان اخبار ڪڍي مون پڙهڻ شروع ڪئي پر ان ۾ به ڪا خاص ڳالهه نه هئي. صرف اهي شيون هيون جيڪي صحافي چاهيندا آهن ته اسين چاٽون. سمجهون ۽ انهن تي راءِ ڏيون.

مان ڪمپيوٽر تي اي.ميل ڏسڻ لاءِ وينس.

اتي به ڪجهه نئون نه هو. بس ڪجهه غير اهر فيصلا ڪرڻا هئا جن ۾ مونکي دير ٿي نه لڳي.

مون تير اندازي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. پر تيز هوائن جي ڪري اهو پڻ ناممڪن ٿي پيو. مون پنهنجو تازو به سالو (bienniel) ڪتاب لکي پورو ڪري ڇڏيو هو. هن دفعي جنهن جو نالو "ڊي ظاهر (The Zahir)" هو جنهن کي شايع ٿيڻ ۾ اڃا ڪجهه هفتن جو وقت لڳڻو هو. انٽرنيٽ تي شايع ٿيڻ لاءِ مون ڪالم لکي ورتا هئا. پنهنجو ويب پيج آپ ڊيٽ ڪري ڇڏيو هيو. مون پنهنجي پيٽ جي چڪاس ڪرائي ڇڏي هئي ۽ مالڪ جي مهرباني سان ڪا خرابي پيدا نه ٿي هئي (مون کي ڊپ هو ته مون جيڪو غلطي سان ٽيوب ڳهي ڇڏيو هيو سو مسئلو نه ڪري ۽ چڪاس جي نتيجن موجب ڪا خطري جهڙي ڳالهه نه هئي). ڏندن جي ڊاڪٽر ڏانهن پڻ ٿي آيو هيس. جهاز جون ٽڪيٽون جن جي لاءِ مون انتظار ٿي ڪيو سي ايڪسپريس ميل

ذريعي پهچي ويون هيون. مون کي ايندڙ ڏينهن تي ڪر ڪرڻا هٿا ۽ گذريل ڏينهن وارا ڪر مون پورا ڪري چڏيا هٿا پر ان ڏينهن .....

ان ڏينهن اهڙو ڪو به ڪر نه هو جنهن ۾ منهنجي ڏيان جي ضرورت پوي. مونکي بي سکوني محسوس ٿيڻ لڳي. مون کي ڪجهه نه ڪجهه ڪرڻ نه گهرجي؟ اڇا، جيڪڏهن مونکي ڪر پيدا ڪرڻا هجن ها، ته اها کا وڏي گالهه نه هئي. اسان سيني کي ڪر پيدا ڪرڻا پوندا آهن. بلب متائڻا هوندا آهن. سُڪل پنن کي ٻهاري ڏيڻي هوندي آهي. ڪتاب ناهي رکڻا هوندا آهن. ڪمپيوٽر جا فائل ترتيب ڪرڻا هوندا آهن. پر جيڪڏهن هن ڪجهه نه ڪرڻ واري خال (void) کي منهن ڏيڻو هجي ته؟

مون گول ٽوپي (hat) پاتي. گرم ڪپڙا ۽ پاڻي روڪڻ واري (Water proof) جئڪٽ پاتي ۽ ٻاهر باغ ۾ نڪري آيس. ان طريقي سان ايندڙ ڇهن يا پنجن ڪلاڪن لاءِ آڻون سيءِ کان محفوظ رهي ٿي سگهيس. آڻون آلي چهر تي ويهي رهيس ۽ دماغ ۾ جيڪو ڪجهه هلي رهيو هو ان جي ذهني فهرست ناهڻ شروع ڪيم:

(الف) مان بيڪار آهيان. ٻيا سڀ هن مهل مصروف آهن ۽ محنت پيا ڪن.

جواب: مان به محنت ڪندو آهيان. ڪڏهن ڪڏهن ته ڏينهن ۾ ٻارنهن ڪلاڪ به ڪر ڪندو آهيان. اڄ ته بس مونکي ڪرڻ لاءِ ڪو ڪر ئي ناهي.

(ب) منهنجو ڪو به دوست ناهي. مان دنيا جي سيني کان مشهور ليڪڪن مان هڪ آهيان ۽ ان هوندي به صفا اڪيلو آهيان. ايتريقدر جو منهنجي فون به نه ٿي وڄي.

جواب: مون وٽ بلڪل دوست آهن. پر اهي منهنجي سينٽ مارٽن.

فرانس ۾ پراڻي جڪي تي اکيلائي جي عزت ڪن ٿا، جنهن جي مونکي سخت ضرورت هوندي آهي.

(ت) مون کي ڪونر (glue) وٺي اچڻو آهي.

ها، مونکي ياد آيو ته گذريل ڏينهن منهنجو ڪونٽر ختر ٿي ويو هو. چو نه ڪار ۾ ويهي ويجهي واري شهر وڃجي؟ پر مان ان سوچ تي رکجي ويس. آخر ان جڳهه تي، جتي آئون ويلو هيس، ويهڻ ۾ ڪجهه به نه ڪرڻ ايترو ڏکيو چو هو؟

خيالن جو هڪ سلسلو منهنجي ذهن مان گذري ويو: اهي دوست جيڪي انهن ڳالهين لاءِ پريشان هوندا آهن جيڪي ايا ٽيون ٿي ناهن هوندیون، جاڻ سڃاڻ وارا اهي ماڻهو جيڪي پنهنجي زندگي جي هر منٽ ۾ اهڙا ڪر ڪندا رهندا آهن جيڪي مونکي بي مقصد ۽ بي معنيٰ (absurd) لڳندا آهن، اجايون ڪچهريون، فون تي ڊگهيون ڪچهريون جن ۾ ڪاڏ ڪر جي ڳالهه نه ڪئي ويندي آهي، اهي باس جيڪي پنهنجي نوڪري کي اهر ۽ ڪر وارو جتائڻ لاءِ ڪر پيدا ڪندا آهن، آفيسر ۽ ملازم جن کي ڪو خاص ڪر ناهي ڏنو ويندو ته ڊجي ويندا آهن ۽ پاڻ کي بيڪار ۽ ڪنهن به ڪر جو ناهن سمجهندا، اهي ماڻرون جيڪي پنهنجي پاڻ کي پريشاني ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندیون آهن ان ڪري جو سندن ٻار شام جو گهر کان نڪري ويندا آهن، اهي شاگرد جيڪي امتحانن ۽ ٽيسٽن ۾ پاڻ تي اذيتون نازل ڪندا آهن.

مونکي اتي ويٺي هجڻ ۽ پاسي واري شهر مان ڪونٽر نه وٺي اچڻ لاءِ پاڻ سان وڏي ويڙهه ڪرڻي پئي. مونکي ڏاڍي خراب نموني سان پريشاني ۽ بي سکوني محسوس ٿي پر مان به پنهنجي فيصلي تي اٽل هيس، گهٽ ۾ گهٽ ڪجهه ڪلاڪ ٿي سهي. آهستي آهستي

منهنجي بي آرامي ختر ٿيڻ لڳي ۽ منهنجي ذهن غور ۽ فڪر ڪرڻ شروع ڪيو ۽ مون پنهنجي روح کي ٻڌڻ شروع ڪيو. منهنجو روح مون سان گالهائڻ لاءِ سڪي رهيو هو پر مان هميشہ تمام گهٽو مصروف هئس.

هوا ايڏا تائين تمام تيز هلي رهي هئي، ۽ مون کي خبر هئي تہ برسات وسي پئي ۽ تمام گهٽو سيءُ هو ۽ اينڊرڊ ڏينهن تي متان مون کي کونر وٺڻ جي ضرورت پوي. مان کجھ بہ نہ ڪري رهيو هئس، ۽ مان اهو ڪر ڪري رهيو هئس جيڪو انسان جي لاءِ سڀ کان وڌيڪ اهر آهي، مان اهو ٻڌي رهيو هئس جنهن جي مونکي پنهنجي پاڻ کان ٻڌڻ جي ضرورت هئي.

# زمين تي ليٽيل شخص

پهرين جولاءِ، 1997ع تي منجهند جو هڪ لڳي پنجن منٽن تي هڪ ڀڳ پنجاهه ورهين جو شخص ڪوپاڪبانا ۾ سمنڊ جي ڪناري تي ليٽيو پيو هو. اتان گذرندڙ مهل مون هن تي هڪ نظر وڌي ۽ ناريل جو پاڻي وٺڻ لاءِ مان هميشہ وانگر استال ڏانهن وڌي ويس.

رئوڊي جنيرئو جي شهري هوندي مان اهڙن مردن، عورتن ۽ ٻارن جي پاسي مان سوين بلڪ هزارين دفعہ لنگهيو آهيان. مون دنيا ۾ الاهي سفر ڪيو آهي ۽ مون ساڳيو منظر تقريباً هر هنڌ ڏٺو آهي. امير سويڊن کان وٺي غريب ۾ سٽيل رومانيا تائين. مون ماڻهن کي هر موسم ۾ زمين تي ليٽيل ڏٺو آهي. ميدرڊ، پئرس يا نيويارڪ جي برف جمائيندڙ ٽڏ ۾ ماڻهو زمين دوز اسٽيشن (Subway Stations) جي باهران هيٽرن جي ٻاڦ جي ويجهو ٿي ويهندا آهن: لبنان جي ساڙيندڙ گرمي ۾ مون سالن جي ويڙهہ ۾ تباهہ ٿيل عمارتن جي اندر ماڻهن کي ستل ۽ ڏٺو آهي. زمين تي ليٽيل ماڻهو- شرابي، بي گهر ٽڪل تنل- ڪنهن جي لاءِ ۽ ڪا انوکي يا نئين ڳالهہ ناهن.

مون ناريل جو پاڻي پي ورتو. مون کي جلدي گهر پهچڻو هو چاڪاڻ تہ اسپين جي اخبار ايل پائيس (El Pais) جي صحافي جئان آرياس کي منهنجو انترويو وٺڻو هو. واپس ويندي مون ڏٺو تہ اهو همراہ اڃا تائين اس ۾ اتي ليٽيو پيو هو ۽ اتان گذرندڙ هر ڪو مون وانگر هن تي نظر ڦيرائي اڳيان وڌي ٿي ويو.

البتہ مون کي خبر نہ هئي ۽ منهنجو روح ساڳيو منظر هر هر ڏسڻ کان ماندو ۽ بيزار هو. جڏهن مان ان همراہ جي پاسي مان گذريس

ته ڪنهن ان ڏني طاقت مونکي اتي گوڏن ۾ ويهي همراه کي مٿي اڀارڻ جي ڪوشش ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو.

هن شخص کي ردعمل نه ڏيکاريو. مون هن جو مٿو ڦيرائي ڏنو ته سندس لونڊڙي تي رت هو. اهو ڇا؟ ڪو وڏو زخر هو؟ مون پنهنجي تي شرٽ سان هن جي زخر کي هلکو دٻايو. مون کي زخر گهرو يا خطري وارو نه لڳو.

ان وقت، همراهه چين ۾ پڙ پڙ ڪئي، "هنن کي روڪ، چوين ته مونکي نه مارين" مطلب هو زنده هو مونکي هاڻي بس هن کي اس مان ڪڍي پوليس کي ٻڌائڻو هو.

مون پنهنجي پاسي مان لنگهندڙ پهرين شخص کي ٽي روڪي ۽ ڪيس هن زخمي ماڻهو کي چڪي ڪنهن چانو ۾ ويهاڙڻ جي لاءِ مدد جو چيو. ان واٽهڙو کي ڦل سوٽ پاتل هو سندس هٿ ۾ بريف ڪيس ۽ ڪجهه پيڪنگ هيون، پر هن اهو سڀ ڪجهه هيٺ رکيو ۽ منهنجي مدد ڪرڻ لڳي هن جو روح به ساڻيا منظر ڏسڻ کان ماندو هو.

همراه کي چانو ۾ ويهاري مان پنهنجي گهر لاءِ روانو ٿيس. منهنجي جاڻ مطابق رستي ۾ ملٽري پوليس جي چوڪي هئي جتي مان ريسڪيو لاءِ مدد گهري سگهي ٿي. پر اتي پهچڻ کان اڳ مونکي به پوليس وارا ملي ويا.

"هُتي هڪ زخمي همراه آهي جنهن کي ڪنهن ڏاڍو ماريو آهي،" مون چيو "مون هن کي چانو ۾ واري تي ليٽايو آهي. توهان مهرباني ڪري ايمبولنس گهرائي ونو."

پوليس وارن مونکي خاطري ڪرائي ته هو ضروري قدم کڻندا. زبردست، مان پنهنجو فرض نيائي چڪيو هو. هڪ سلي اسڪائوٽ کي هميشه تيار رهڻ گهرجي، مان ان ڏينهن جو هڪ

بهترين ڪر ڪيو هو هاڻي مسئلو ٻين جي هٿن ۾ هو هاڻي اها هنن جي ذميواري هئي، اسپانوي صحافي ڪهڙي مهل ٻه منهنجي گهر پهچڻ وارو هو.

مان ايڏا ڏاهه قدم مس هليو هيس جو هڪ اجنبي مونکي روڪي ورتو ۽ پڳل تتل پورچوگيز ٻولي ۾ مونکي چيائين:

"مان اڳ ۾ ٿي پوليس وارن کي ان ماڻهو جي باري ۾ ٻڌائي چڪو آهيان پر هو چون ٿا ته جيئن ته اهو همراه چور ناهي، تنهن ڪري اهو هنن جو مسئلو ناهي."

مون ان اجنبي کي ڳالهه پوري ڪرڻ ئي نه ڏني ۽ مان پوليس وارن ڏانهن هليو ويس. مون کي پڪ هئي ته هو مونکي سڃاڻندا هوندا ته آڻون هڪ ليڪڪ هئس، منهنجا ڪالم اخبارن ۾ ڇپجندا هئا، ۽ آڻون ٽيليويزن تي اڪثر ايندو هئس. مون اهو ان غلط اثر هيٺ سوچيو ته منهنجي خيال مطابق ڪاميابي مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ مدد ڪري سگهي ٿي.

"ڇا اوهين ڪوئي سرڪاري اهلڪار آهيو؟" جڏهن مان انهن تي زور پريو ته انهن مان هڪڙي مونکان پڇيو.

هن کي ڪا خبر نه هئي ته مان ڪير هئس.

"نه، پر اسان اهو مسئلو هاڻي ئي حل ڪرڻ وارا آهيون."

مان سجو پگهريل هئس، ٽي شرٽ ٽي رت لڳل هو ۽ مون کان برمودا ڪچو (Shorts) پاتل هو جيڪو ڪنهن پراڻي جينز مان ٺهيل هو مان هڪ عام ماڻهو هئس، بغير ڪنهن نالي جي، جنهن کي ڪو اختيار ناهي، بس منهنجو من ايترن سالن کان ماڻهن کي ايئن ليٽيل ڏسي انهن لاءِ ڪجهه نه ڪرڻ تي ماندو هو.

۽ ان ڳالهه سڀ ڪجهه تبديل ڪري ڇڏيو. ڪجهه اهڙا لمحا

ڏيندا آهن جنهن ۾ توهان جو من ڪنهن ۾ روڪ ٽوڪ يا ڊپ کان آزاد هوندو آهي، جڏهن توهان جي اکين ۾ هڪ الڳ روشني هوندي آهي. ۽ جڏهن ٻين ماڻهن کي خبر پئجي ويندي آهي ته توهان صفا سنجيده آهيو. پوليس وارا مون سان گڏ هليا ۽ ايمبولينس گهرايائون.

گهر واپس ايندي مون ٽي سبق حاصل ڪيا جيڪي مونکي ان پنڌ جي دوران مليا. (الف) ڪوئي به رتل راند ڇڏڻ جي قابل ٿي سگهي ٿو. (ب) هميشه ڪوئي نه ڪوئي توهان کي ٻڌائيندو آهي: "جيئن ته توهان اهو ڪر شروع ڪيو آهي هاڻي ان کي ختم ڪريو." ۽ (ت) جڏهن ڪنهن کي خبر هجي ته هو چا ڪري رهيو آهي تڏهن هو پاڻ هڪ اهلڪار وارا اختيار محفوظ رکي ٿو.

# ڪنڊل سِرَ

هڪ دفعي جڏهن آئون ۽ منهنجي زال سفر ۾ هئاسين تہ منهنجي سيڪريٽري وٽان مون کي هڪ فيڪس مليو.

"رڌٽي جي سجاوٽ لاءِ گهربل شيشي جي سِرُن مان هڪ ڪُٽي ٽي،" هن چيو. "مان توهان ڏي اصلي نقشو موڪليان پئي ۽ ٽيڪيدار پاران اهو مسئلو حل ڪرڻ لاءِ ناهيل ٻيو نقشو ٻہ موڪليان پئي."

هڪڙي پاسي، اها ڊزائين هئي جيڪا منهنجي زال پسند ڪئي هئي جنهن ۾ سِرن جون سڌيون قطارون هيون جيڪي روشني ۽ هوا جي گذر جي لاءِ هڪ هنڌان ڪليون ٽي. ٻئي پاسي ڪُنڊل سِرَ جو مسئلو حل ڪرڻ لاءِ ٻي ڊزائين هئي: هڪڙا ٻي ترتيب چورس هيڈي هوڏي لڳل هئا جن ۾ خوبصورتي نالي کا شيءِ ٽي نہ هئي.

"رڳو هڪ ٻي سِرَ خريد ڪر" منهنجي زال لکيس هنن ائين ٽي ڪيو ۽ اصلي ڊزائين تي ڪم جاري رکيو.

ان ڏنهن، مون جيڪو ڪجهہ ٻہ ٽيو تنهن جي باري ۾ الاهي گهٽو سوچيو ۽ هن نتيجي تي پهتس تہ: "اڪثر ڪري اسين هڪ سِرَ جي ڪوٽ جي نتيجي ۾ پنهنجي زندگي جا انداز ۽ پلان مڪمل طور تي تباهہ ڪري ڇڏيندا آهيون."

# راج مونکي کهاڻي ٻڌائي

بنگال جي هڪ غريب گهوٽ ۾ هڪ بيواهه وٽ ايترا پئسا نه هئا جو هوءَ پنهنجي پٽ جي بس جو پاڙو پوري سگهي، تنهن ڪري، جڏهن چوڪري اسڪول وڃڻ شروع ڪيو تہ ڪيس پنڌ وڃڻو پوندو هو رستي ۾ هن کي هڪ جهنگ مان پڻ گذرڻو پوندو هو جيئن تہ چوڪري کي اڪيلو وڃڻو هو تنهن ڪري سندس ماءُ ڪيس آڻت ۾ همت ڏيڻ لاءِ چيو:

"پٽ، جهنگ کان ڪڏهن به ڊپ نہ ڪجانءِ، پگهوان ڪرشنا کي وينتي ڪر تہ هو تو سان گڏ هلي. هو تنهنجي پرارٿنا ضرور ٻڌندو."

چوڪري پنهنجي ماءُ جي نصيحت تي عمل ڪيو. ڪرشنا هن وٽ واقعي به آيو ۽ ان ڏينهن کان پوءِ هو چوڪري سان گڏ روز اسڪول تائين ويندو هو.

جنهن ڏينهن ماسٽر جي سالگره هئي تہ چوڪري پنهنجي ماءُ کان ڪجهه پئسا گهريا تہ جيئن هو پنهنجي استاد کي ڪو تحفو ڏئي سگهي.

"پٽ اسان وٽ تہ ٽڪو به ڪونهي، پنهنجي پاءُ ڪرشنا کي چئو تہ تحفو ونې ڏيئي."

ٻئي ڏينهن چوڪري ڪرشنا کي پنهنجو مسئلو ٻڌايو جنهن نينگر کي هڪ ڪير جو جڳ ڏنو.

هن وڏي فخر سان پنهنجي ماسٽر کي ڪير ڏنو پر ٻين چوڪرن جا تحفا تمام گهٽا سنا هئا ۽ ماسٽر هن جي تحفي کي ڏٺو به نہ.

"جڳ کي رڌڻي ۾ رکي ڇڏ." ماسٽر پنهنجي نوڪر کي چيو.

نوکر جڳ کي رڌڻي ۾ ڪٽي ويو پر هن جيئن ئي جڳ خالي ٿي ڪيو ته اهو وري اوتري ئي پرجي ٿي ويو. نوکر ماسترکي اها ڳالهه ٻڌائي جيڪو اهو ڏسي حيران ٿي ويو ۽ چوڪري کان پڇيائين:

"توکي اهو جڳ ڪٿان مليو ۽ اها هر وقت پريل ڪٿين ٿو رهي؟"

"جنگل جي ڀڳوان، ڪرشنا مونکي ڏنو."

ماستر نوکر ۽ سڀ شاگردڪل ۾ ٻڌجي ويا.

"جهنگ ۾ ڪي به ڀڳوان ناهن." ماستر چيو "اهو سنئون سڌو وهم آهي. جيڪڏهن هو واقعي ڪو وجود رکي ٿو ته هل اسان سهڻي کي به ڏيکار."

سڀ جهنگ ۾ اچي پهتا. چوڪري ڪرشنا کي سڏ ڪرڻ شروع ڪيا. پر هو نه آيو هن آخري زوردار ۽ ڏکاري لهجي ۾ ڏرڪئي.

"ياڻ ڪرشنا منهنجو سائين (ماستر) توکي ڏسڻ ٿو چاهي مهرباني ڪري پاڻ کي ظاهر ڪر."

ان وقت، هڪ آواز ائيو جيڪو سڄي جهنگ ۾ ڦهلجي ويو:

"منهنجا ٻچا مان پاڻ کي ڪيئن ظاهر ڪريان؟ هن کي ته منهنجي وجود تي ئي يقين ناهي."

# بابِل جي مينار جو ہيو پاسو

صبح کان وٹي مان سمجھائي رھيو ھئس تہ مونکي ڪنھن بہ ملڪ جي ميوزيم ۾ چرچ کان وڌيڪ اتان جي ماڻھن ۾ دلچسپي ھوندي آھي ۽ تنھن ڪري بھتر اھو ٿيندو تہ اسين مارڪيٽ وڃون. انھن مونکي ٻڌايو تہ ان ڏينھن عام موڪل ھئي ۽ مارڪيٽ بند ھئي.

"پوءِ اسان ڪيڏانھن ٿا ھلون؟"

"چرچ."

مونکي خبر ھئي.

"اڄ اسان ھڪ پير جو عرس ملھائي رھيا آھيون جيڪو اسان جي لاءِ ۽ بغير ڪنھن شڪ جي توھان جي لاءِ بہ ڏاڍو خاص آھي. اسان ان پير جي مزار تي ھلنداسين. پر توھان کي ڪي بہ سوال ناھن پڇڻا. بس ان ڳالھہ جو يقين ڪريو تہ اسين ڪڏھن ڪڏھن پنھنجن ليڪڪن کي تمام پيارا سرپرائيز ڏيندا آھيون."

"اتي پھچڻ ۾ ڪيتري دير لڳندي؟"

"ويھہ منٽ."

ويھہ منٽ ٺھيل جواب ھو. البتہ مونکي خبر ھئي تہ ويھن منٽن کان وڌيڪ وقت لڳندو. جيئن تہ ھنن ان مھل تائين منھنجي ھر خواھش جو احترام ڪيو ھو تنھن ڪري ھن دفعي مون ھنن جي مرضي تي ھلڻ جو فيصلو ڪيو.

ھن آڇر تي مان آرمينيا جي شھر يريوان (Yerevan) ۾ ھئس. آئون بي دلي سان ڪار ۾ ويٺس. مفاصلي تي جبلِ عرارت برف سان

ڏکيل نظر ٿي آيو. مون چوڌاري ڳوٺن ڏانهن ڏٺو. دل چاهيو ته جيڪر هن ڏاتو جي ڏهي کان ته بهتر هو مان ان ڳوٺن ۾ پنڌ ڪريان. منهنجا ميزبان مون سان الاهي سٿو هلي رهيا هئا. پر منهنجا خيال منتشر هئا ۽ مان صبر ۽ تحمل سان هن "اسپيشل ٽوئرسٽ پروگرام" کي برداشت ڪري رهيو هيس. آخرڪار هنن ڳالهائڻ جي ڪوشش ڇڏي ڏني ۽ خاموشي سان گاڏي هلائڻ لڳا.

پنجاهه منٽن کانپوءِ (مونکي خبر هئي!) اسان هڪ ننڍي شهر ۾ پهتاسين ۽ ماٺهن سان ڳٽيل چرچ جي طرف وڌڻ لڳاسين. مون ڏٺو ته هر ڪو فل سوٽ ۽ ٽاءِ ۾ هو. ضرور اهو باضابطه طور تي ڪوئي ڏڻ هو. ۽ مون کي تي شرٽ ۽ جينز ۾ ڏاڍو عجيب ۽ بُرو محسوس ٿي رهيو هو. مان ڪار مان لٿس ته ليڪڪ يونين جا ماڻهو منهنجو انتظار ڪري رهيا هئا. انهن منهنجو آڏرپاءُ ڪري گلن جو تحفو پيش ڪيو ۽ ميڙاڪي تي آيل ماڻهن جي هجوم جي وچان انهن مونکي اڳيان اڳيان هلڻ جو موقعو ڏنو ۽ اسين چرچ جي الٽر (alter) تي وڃي پهتاسين. اتي هڪ مزار هئي. مون کي اندازو ٿي ويو ته ان پير جو آخري آرامگاهه اهو ئي هو. پر مزار تي گل رکڻ کان پهرين مون پڇا ڪئي ته هي ڪهڙي بزرگ جي مزار هئي.

جواب آيو "پاڪ ترجمان جي."

پاڪ ترجمان! منهنجي اکين ۾ لڙڪ پرجي آيا.

اهو 9 آڪٽوبر 2004ع جو ڏينهن هو. ان شهر جو نالو اوشاڪن هو. آرمينيا دنيا جو واحد ملڪ هو جنهن پاڪ ترجمان سينٽ مِسروب (Saint Mesrob) جي ورسي جي ڏينهن کي عام موڪل قرار ڏنو هو ۽ هتي هو هن ڏينهن کي روايتي انداز ۾ ملهائن ٿا. سينٽ مِسروب نه صرف آرمينيا جي هولي ايجاد ڪئي (آرمينيا جي هولي

پهرين صرف گالهه هولهه ۾ هئي پر لکت ۾ سندس لِپي ۽ الفابيت سينٽ مسروب ٿاهي)، پر هن پنهنجي سڄي عمر ان دور تائين جي مشهور ترين لکڻين، جيڪي يوناني، فارسي ۽ سائرلڪ هولين ۾ هيون، تن کي پنهنجي مادري زبان ۾ ترجمو ڪرڻ ۾ وقف ڪري ڇڏي. هن ۽ سندس شاگردن انجيل شريف ۽ ان دور جي اهر ڪلاسيڪي ادب کي ترجمو ڪرڻ جهڙي عظيم ڪر جي لاءِ پاڻ کي وقف ڪري ڇڏيو هو. ان مهل ڪانپوءِ، هن ملڪ کي پنهنجي ثقافتي سڃاڻپ ملي جيڪا اڄ تائين قائم آهي.

پاڪ ترجمان، منهنجي هٿن ۾ گل هٿا ڀي مَرُنُ انهنَ سپني ماڻهن جي باري ۾ سوچيو جن سان مان ڪڏهن به نه ملیو هيو. ۽ شايد جن سان ملڻ جو ڪڏهن موقعو به نه ملي، پر جن وٽ، ان مهل، منهنجو هڪڙو ڪتاب هٿن ۾ هوندو ۽ اهي پنهنجي پريور ڪوشش ڪري رهيا هوندا ته مون پنهنجي پڙهندڙن سان جيڪو به سَلڻ جي ڪوشس ڪئي تنهن سان وفادار رهن. مون سيني کان وڌيڪ پنهنجي سُهري ڪرسٽينو مونتيرو (ڪرت: ترجمو ڪرڻ) جي باري ۾ سوچيو جيڪو ان وقت فرشتن ۽ سينٽ مِسروب جي ڪجهري ۾ هو ۽ ان ڏينهن جو منظر ڏسي رهو هيو. مونکي ياد ٿي آيو ته ڪيئن هو پنهنجي تائيپ رائيٽر جي اڳيان ڪُهڙو ٿي ويهندو هو ۽ ترجمي جو الاهي گهٽ اجورو ملڻ جون شڪايتون ڪندو هو (جيڪو اڄا تائين گهٽ هو). البته هو جلدي اهو سمجهائڻ شروع ڪندو هو ته سندس ترجمي ڪرڻ جي پٺيان اهو مقصد هو ته هن پنهنجن ماڻهن تائين اها معلومات پهچائڻ ٿي چاهي جيڪا، مترجمن جي مطابق، انهن تائين هونئن ڪڏهن نه پهچندي.

مون خاموشي سان هن جي لاءِ دعا ڪئي، انهن جي لاءِ به جن

ڪتاب ڇپڻ ۾ پڙهڻ ۾ منهنجي مدد ڪئي، انهن لاءِ به جن جي ڪري مان اهڙا ڪتاب پڙهي سگهيس جيڪي مان هونئن نه پڙهي سگهان ها ۽ انهن لاءِ پڻ جن بغير ڪنهن سچائپ جي منهنجي زندگي ۾ منهنجو ڪردار سنواريو. جڏهن مان چرچ مان نڪتس تہ ڪجهہ هار ملائين ۽ تمام گهڻن گلن سان اکرن جي شڪل ۾ الفابيٽ لکي رهيا هئا.

جڏهن انسان جون خواهشون وڌيون تہ خدا بابل جي مينارکي تباهہ ڪري ڇڏيو ۽ هر ڪو مختلف ٻولي ڳالهائڻ لڳو. البتہ خدا پنهنجي لامحدود ٻاجهہ سان اهڙا ماڻهو پڻ ناهيا جيڪي اهي تارورِي جوڙي سگهن، ان لاءِ تہ جيئن انسان ڳالهائي ٻولهائي سگهي ۽ انساني سوچ ڦهلجي سگهي. اهي ماڻهو. جن پاران جڏهن اسين ترجمو ٿيل ڪتاب ڪٽندا آهيون تہ سندن نالو ڏسڻ جي زحمت نہ ناهيون ڪندا. سي ماڻهو "مترجم" آهن.

# ليڪچر کان پهريان

هڪ چيني ليکڪ ۽ آئون اميريکن بُڪ سيلرز جي ميٽنگ ۾ ليڪچر ڏيڻ جي تياري ڪري رهيا هئاسين. چيني ليکڪ، جيڪا ڏاڍي گهبرايل هئي، تنهن مونکي چيو: ٥

"ماڻهن جي وچ ۾ ڳالهائڻ ڏاڍو ڏکيو آهي، پر پنهنجي ڪتاب جي باري ۾ ڪنهن هولي ۾ ڳالهائڻ؟ سوچيو ته سهي ڪيترو ڏکيو آهي!"

مون هن کي چپ ڪرڻ جو چيو نه ته مان به گهبرائجي وڃان ها. ڇاڪاڻ مان به بلڪل اهو ئي محسوس ڪري رهيو هيس. اوچتو هوءَ مڙي ۽ مسڪرائي مونکي چيائين:

"سڀ ڪجهه صحيح ٿي ويندو گهبرايو نه. اسين اڪيلا ناهيون. ڪتاب گهر جو نالو ڏسو جنهن جي مالڪياٽي منهنجي پويان وينڊي آهي."

عورت جي نالي واري پٽي تي لکيل هو: "فرشتن جو ڪتاب گهر". اسان ٻنهي جا پنهنجن ڪتابن تي بهترين ليڪچر ٿي ويا ۽ اسان ڏاڍو سٺو ڳالهايو ڇاڪاڻ ته فرشتن اسان کي اهو اشارو ڏنو جنهن جي اسان اميد ڪري رهيا هئاسين.

# سونهن ۽ سادگي

ڪڏهن ڪڏهن، بيٺي يا ويهڻ مهل مونکي پنهنجا ڪلها جهڪيل محسوس ٿيندا آهن. جڏهن به اٿين ٿيندو آهي ته مونکي يقين هوندو آهي ته ڪا نه ڪا گڙبڙ ضرور آهي. انهي مهل، پنهنجي بي آرامي جو سبب جاڻڻ کان به پهريان ئي مان پنهنجي ويهڻ يا بيهڻ جو انداز متائي چڪيندو آهيان. جڏهن مان واپس اٿندو آهيان ته اندازو ٿيندو آهي ته ان سادي حرڪت سان مونکي پنهنجي ڪر تي وڌيڪ اعتماد محسوس ٿيڻ لڳندو آهي.

سونهن کي اڪثر ظاهري خوبصورتي يا فيشن سمجهيو ويندو آهي. اها هڪ خطرناڪ غلطي آهي. انسان کي پنهنجي عملن ۽ انداز ۾ سادگي آڻڻ گهرجي چاڪاڻ ته سادگي سان انسان ۾ سڀي طبيعت، ٻاجهه، توازن ۽ هر آهنگي اچي ٿي.

زندگي جا اهم فيصلا ڪرڻ کان پهرين اسان کي پرسڪون، سادگي، پسند ۽ مائيٽو ضرور هجڻ گهرجي. ان جو مطلب اهو هرگز ناهي ته اسان وهمي ٿي وڃون ۽ هر وقت پنهنجي حرڪتن جي باري ۾ پريشان هجون ته اسان جا هٽ ڪيئن پيا هلن، اسين ويهون ڪيئن پيا، ڪلون ڪيئن پيا، هيڏي هوڏي ڪيئن پيا ڏسون وغيره، پر اهو جاڻڻ سٺو آهي ته اسان جو جسر به هڪ هولي ڳالهائي ٿو ۽ هيو ماٺهن پلي لاشعوري طور تي، سمجهندو آهي ته اسان لفظن کان علاوه ڇا ڇئي رهيا آهيون.

سڪون دل وٽان ايندو آهي. پلي دل اڪثر ڪري غير محفوظي جي خيالن سان پُر اذيت هوندي آهي. پر ڪيس اها پڻ خبر

هوندي آهي ته صحيح انداز جي ذريعي پنهنجو توازن واپس حاصل ڪري سگهي ٿي. جنهن جسماني سادگي جي باري ۾ آئون ڳالهائي رهيو آهيان سا جسر جو ئي حصو آهي. اها سطحي هرگز ناهي بلڪ اسان جي هن ڌرتي تي موجودگي کي مان ڏيڻ جو طريقو آهي. تنهن ڪري جڏهن به توهان کي ان Posture ۾ بي آرامي محسوس ٿئي ته اهو نه سوچڻ گهرجي ته اهو سطحي يا غلط آهي. اهو صحيح آهي چاڪاڻ ته سادگي اپنائڻ ڏکي آهي. سادگي سچائي جي رستي کي خوبصورت ناهي چڏي ٿي.

مهرباني ڪري سادگي کي ڪڏهن به وڏائي ۽ امارت پرستي (Snobbery) نه سمجهو. سادگي توهان جي هر عمل کي مڪمل طور مثبت ناهڻ، قدمن کي مضبوط ڪرڻ، ۽ پنهنجي اردگرد موجود ماڻهن کي عزت ڏيڻ جو بهترين ذريعو آهي.

سادگي ڏهن حاصل ٿيندي آهي جڏهن سڀ اجايون ڳالهيون ترڪ ڪري ٿيون چڏجن ۽ جڏهن انسان غور ۽ فڪر ڪولي ٿو وڃي. جيترو سادو ۽ سهڻو توهان جو روپ هوندو اوترو ئي خوبصورت توهان جي سادگي ٿيندي.

برف خوبصورت آهي چاڪاڻ ته ان کي صرف هڪ رنگ آهي: سمنڊ ان ڪري سهڻو آهي جو ان جي سطح سدي لڪندي آهي. پر برف ۽ سمنڊ ٻئي ڏاڍا گهرا آهن ۽ پنهنجون خاصيتون جاڻن ٿا.

گهمو ته مزي سان ۽ پختي قدم سان ٽاپڙجڻ جو خوف نه ڪريو. هر قدم تي توهان جا ساٿي توهان سان گڏ آهن جيڪي ضرورت جي وقت توهان جي مدد ڪندا. پر اهو ڪڏهن نه وسارجو ته توهان جو دشمن به توهان کي هر وقت ڏسي رهيو آهي ۽ ڪيس توهان جي مضبوط ۽ ڪنبندڙ هٿ جي وچ ۾ فرق جي جاڻ آهي. تنهن ڪري

جڏهن به پريشاني محسوس ٿئي ته وڏو ساهه کڻو ۽ سامت ۾ رهو ۽ يقين رکو ته خدا جي معجزن سان توهان جي وجود ۾ سکون اچي ويندو.

جڏهن کو فيصلو کريو ۽ ان کي عمل ۾ آڻيو ته ذهن ۾ ان فيصلي کڻڻ جي سيني مرحلن کي جانچي ڏسو ۽ اهو پريشاني کان بغير کريو چاکاڻ ته انسان جي ذهن ۾ سيني قاعدن قانونن جو هجڻ ناممڪن آهي. جڏهن توهان سکون سان هر مرحلي جو جائزو وٺندا ته توهان کي جاڻ ٿيندي ته کهڙيون مهلون سيني کان ڏکيون هيون ۽ توهان انهن کي کيئن منهن ڏنو. اهو سڀ کجهه توهان جي جسم تي ظاهر ٿيندو سو هميشه هوشيار رهو.

اچو ته هن ڳالهه جي مشابهت تير اندازي سان کريون. کوڙ تير انداز شکايت کندا آهن ته کيترن ئي سالن جي محنت ۽ مشق کانپوءِ به سندن دل ڌپ وڃان تيز ڌڙکندي آهي. سندن هٿ ڏکندا آهن. ۽ هو غلط نشانو لڳائي ويهندا آهن. تيراندازي اسان جي غلطين جي واضح طور عکاسي کري ٿي.

جن ڏينهن تي توهان کي پنهنجي زندگي سان پيار نه هوندو تڏهن توهان جو مقصد پيچيده ۽ منجهيل لڳندو. توهان کي لڳندو ته توهان ۾ کمان کي هلائڻ جيتري طاقت ناهي. ۽ توهان کمان کي ان جي گهربل حد تائين موڙي نه ٿا سگهو. جنهن ڏينهن توهان کي لڳي ته توهان جو نشانو/ مقصد صحيح ناهي ته ان جو سبب گولڻ جي کوشش کريو. اها شيءِ توهان کي پنهنجي مسئلي سان وڙهڻ جي طاقت ڏيندي. جيکيا ان وقت تائين توهان جي اندر ۾ لکيل هئي.

توهان کي مسئلو تڏهن پيش آيو جڏهن توهان جو جسم پوڙهائپ ۽ گهٽ سادگي محسوس کري رهيو هو. پنهنجي گهمڻ جو

انداز متايو پنهنجي متي کي آرام سان رکو ڪرنگهي جي هڏي کي سڌو رکو ۽ ڪليل سيني سان دنيا کي منهن ڏيو. جڏهن توهان جسم جي باري ۾ سوچيو ٿا ته ان وقت توهان روح جي باري ۾ به ضرور سوچيو ٿا، ۽ اهي بئي هڪبئي جي مدد ڪندا آهن.

# بائپنڊي جي ناشڪا

معجزو چا آهي؟

هر معجزي جي ڪا وصف ضرور هوندي آهي. معجزو اهو به ٿي سگهي ٿو ته ڪا اهڙي شيءِ جيڪا قدرت جي قانونن جي برخلاف هجي، پريشاني جي دور ۾ ڪا غيبي مداخلت هجي، يا جيڪا سائنسي طور تي ناممڪن هجي وغيره.

معجزي جي لاءِ منهنجي پنهنجي وصف آهي: معجزو اهڙي شيءِ آهي جيڪا روح کي سڪون سان تمتار ٿي ڪري ڇڏي. ڪڏهن ڪڏهن اهو ڪنهن علاج يا دعا جي پوري ٿيڻ جي شڪل ۾ سامهون ايندو آهي. اها اهر ڳالهه ناهي. اهر ڳالهه هيءَ آهي ته جڏهن معجزو ٿي ويندو آهي ته اسان کي خدا لاءِ ان مهرباني تي هڪ مقدس ۽ پاڪ تعظيم جو احساس ٿيندو آهي.

لڳ ڀڳ ويهه سال اڳ، جنهن دور ۾ مان ڳائيندو ۽ نچندو (Hippie) وتندو هيس، منهنجي پيٽ سنڊس ٽاڙي جاول ڏيءِ جو گاڏ فادر (اهو ماڻهو جيڪو چني مهل هار جي پالڻ ۽ دين جي تعليم ڏيڻ جي ذميواري کڻندو آهي) ٿيڻ جي وينتي ڪئي. منهنجي جسم مان سيسڙات نڪري ويا، ۽ مونکي دراصل خوشي به ٿي ته مونکي ادي وار ڪٽڻ جو نه چيو (تنهن وقت منهنجا وار چيلهه تائين ڊگها هيا)، ۽ نه ٿي چني لاءِ ڪنهن مهانگي تحفي جي فرمائش ڪئي (مون وٽ پئسا به نه هئا).

هار کي جائي پورو سال گذري ويو پر چني نه ٿي. مونکي لڳو ته ادي پنهنجو خيال متائي ڇڏيو هو تنهن ڪري مان ڪانئس پڇڻ ويمس

ته ٹيو چا آخر. هن وراٹيس "تون ايڏا گاڏ فادر آهين پر ڳالهه اها آهي ته ناشڪا منهنجي هڪ خواهش پوري ڪئي ۽ آئون ٻاٽپندي وڃي ڪانئس پنهنجي ڏيءَ جي چٽي جون رسمون ڪرائڻ چاهيان ٿي."

مونکي خبر نه هئي ته ٻاٽپندي ڪٽي هو ۽ ناشڪا جي باري ۾ مون ڪڏهن ٻڌو به نه هو. منهنجو نچڻ ڳائڻ وارو دور ختم ٿي ويو ۽ مان هڪ رڪارڊنگ ڪمپني ۾ ملازم طور ڪم ڪرڻ شروع ڪري چڪيو هو. منهنجي پيٽ ڪي ٻيو ٻار به جمي ويو پر اڃا تائين چلي نه ٿي هئي. آخرڪار 1978ع ۾ هڪ فيصلو ڪيو ويو ۽ ادي ۽ سندس اڳوڻي مڙس جا ڪتنب ٻاٽپندي ويا. اتي مونکي خبر پئي ته ناشڪا وٽ پاڻ کي پالڻ جيترا پئسا نه هئا پر هن پنهنجا ٽيهه سال هڪ چرچ کي ناهڻ ۽ غريبن جي مدد ڪرڻ ۾ گذاري چڪيا هئا.

ان وقت آئون زندگي جي انتهائي خلل ۽ افراتفري واري حصي مان گذري رهيو هيس ۽ مونکي خدا تي يقين نه رهيو هو اڃا به ڪٽي ڇڏيو هو. منهنجو ان ڳالهه تان يقين ختم ٿي ويو هو ته روحاني دنيا جي به ڪا اهميت ٽيندي آهي. منهنجي لاءِ هيءَ دنيا ۽ ان جون ڪاميابيون اهم هيون. مون پنهنجي جواني جا ديوانگي وارا خواب وساري چڪيا هئا. جن مان هڪ ليڪ ٽيڻ جو خواب پڻ هو. ۽ منهنجو انهن خوابن جي دنيا ۾ واپس وڃڻ جو ڪوئي ارادو نه هو. مان چرچ ۾ محض هڪ سماجي فرض پورو ڪرڻ آيو هيئس. چٽيءَ جي رسم جي شروع ٽيڻ جو انتظار ڪندي مان هيڏي هوڏي گهمڻ لڳس ۽ اٽين بي مقصد گهمندي آئون چرچ جي پرسان ناشڪا جي ننڍڙي ۽ فهميدي گهر وٽ اچي پهتس. ٻه ڪمرا. هڪ ننڍڙو عبادتگاهه جنهن ۾ ڪجهه بزرگن جون تصويرون پيون هيون. ۽ هڪ گلدستو جنهن ۾ ٻه ڳاڙها ۽ هڪ اڇو گلاب پيا هئا.

الائي چو قدرتي طور تي، ۽ ان وقت منهنجي سوچ جي بلڪل ابتڙ مون هڪ واعدو ڪيو ته، "جيڪڏهن مان پنهنجي ماضي جي خواهش مطابق ليکڪ ٿي ويس ته مان پنهنجي پنجاهين سالگره تي هتي اهڙا ساڳيا ئي گل رکڻ ايندس."

مون ناشڪا جي هڪ تصوير هن ڇني جي يادگار جي طور خريد ڪئي، رئو ڊي جنيريو واپس ايندي روڊ تي هڪ حادثو ٿيو: اسان جي اڳيان هلندڙ بس اوچتو بريڪ هنئي، ۽ ڪجهه سيڪنڊن جي اندر مان پنهنجي گاڏي کي ڦيرائي ڪيڊي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويس، منهنجو پيٽيوو به سلو ڊرائيور هو. اهو به پنهنجي گاڏي بچائي ويو. پر اسان جي پٺيان ايندڙ ڪار سڌي وڃي بس ۾ لڳي ۽ وڏو ڌماڪو ٿيو. ڪيترائي ماڻهو مارجي ويا. مان روڊ جي پاسي ڪان گاڏي بيهاري. سمجهه ۾ نه پئي آيو ته ڇا ڪجي. مان پنهنجي ڪيسي ۾ سگريٽ ڪيڊ جي لاءِ هٿ وڌو ته منهنجن آڱرين ۾ ناشڪا جي تصوير جڪڙجي وئي جنهن تي حفاظت جو خاموش پيغام لکيل هيو.

ان جڳهه ڪان منهنجو پنهنجي خوابن، روحاني ڳولا ۽ ادب ڏانهن واپسي جو سفر شروع ٿيو ۽ هڪ ڏينهن مون پاڻ کي هڪ پيرو ٻيهر سڃائي جي جنگ وڙهندي ڏٺو. اها جنگ جيڪا توهان پنهنجي سکون پري دل سان وڙهندا آهيو. چو ته اها هڪ معجزي جو نتيجو هوندي آهي. اهي تي گلاب منهنجي ذهن تان ڪڍهن به نه لٿا. نيٺ منهنجي پنجاهين سالگره جيڪا ان وقت الاهي پري لڳي هئي، سا اچي پهتي.

ڏري گهٽ منهنجي سالگره گذري به وئي هئي. پر ورلڊ ڪپ جي دوران مان پنهنجو واعدو پاڻ ٻائيندي ويس. ڪنهن مونکي ڪاڪزامبو (جتي مون رات گذاري) ۾ پهچندي ڏسي ورتو ۽ هڪ

صحافي منهنجو انٽرويو ونڊ لاءِ پهچي ويو. جڏهن مون هن کي ٻڌايو ته مان اتي چا ڪرڻ آيو هيس ته هن چيو:

"توهان ناشڪا جي باري ۾ڪجهه چوڻ چاهيندو؟ هن هفتي سندس مڙهه کي هتان کوتي ڪڍي وڏي خوشي سان ويٽيڪن جي پاڪ شهر ۾ پورڻ لاءِ ڪنيو ويو آهي. ماڻهو ناشڪا سان گذاريل وقت جا تجربا بيان ڪري رهيا آهن."

"نه"، مون چيو: "اهو تمام ذاتي معاملو آهي. مان ان جي باري ۾ تڏهن ڳالهائيندس جڏهن مون کي کو اشارو ملندو."

۽ مون پاڻ کان پڇيو. "اهو اشارو چا هوندو؟ ممڪن طور تي اهو اشارو هوندو ته ڪوئي هن جي ياران مون سان ڳالهائي."

ٻئي ڏينهن، مون گل خريد ڪيا، ڪار ۾ ويٺس ۽ بائيبندي لاءِ روانو ٿيس. مون چرچ کان ڪجهه مفاصلي تي گاڏي بيهاري. مون رڪارڊنگ ڪمپني جي ان ملازم کي ياد ڪيو جيڪو کي ورهيه پهريان هتي آيو هو ۽ ڪهڙين ڳالهين مونکي اتي واپس آندو هو. مان جيئن ئي ان نندي گهر ۾ اندر وڃڻ جي لاءِ وڌيس ته هڪ ڪپڙي جي دڪان مان هڪ نوجوان عورت نڪري آئي ۽ چيائين:

"مون ڏٺو هو ته توهان پنهنجو ڪتاب "مڪتب" ناشڪا جي نالي ڪيو هو. مان شرط ٿي هٽي سگهان، هو ڏاڍي خوش ٿي هئي."

هن ٻيو ڪجهه نه چيو. پر اهو اشارو هو جنهن جي لاءِ مان انتظار ڪري رهيو هيس. ۽ هي اهو بيان آهي جيڪو مون کي ڏيڻو هو.

# گھر کي وري ناھڻ

منھنجو ھڪ سجاڻو ڏاڍن معاشي مسئلن ۾ مبتلا ٿي ويو ھيو چاڪاڻ ته ھو ڪڏھن بہ خوابن ۽ حقيقتن جي وچ ۾ تضاد ختم نہ ڪري سگھندو ھيو. اڃا وڌيڪ خراب ڳالھ اھا ھئي ته ھو پاڻ سان گڏ ٻين کي بہ مسئلن جي ڏاڍ ۾ ڌڪي چڏيندو ھيو ۽ انھن ماڻھن کي تڪليف پھچائي چڏيندو ھيو جن کي ايذائڻ جي ھن جي نيت بہ نہ ھوندي ھئي.

قرض واپس نہ ڏئي سگھڻ جي صورت ۾ ھن خودڪشي ڪرڻ جي بہ ڪوشش ڪئي ھئي. ۽ ھڪ ڏينھن جڏھن ھو ھڪ گھٽي مان گذري رھيو ھيو ته ھن کي ھڪ ڪنڊر ٽيل گھر نظر آيو. "آئون اھا عمارت آھيان." ھن سوچيو ۽ ان مختصر گھڙيءَ ۾ ھن جي اندر ان گھر کي وري ناھڻ جي ھڪ اعليٰ درجي جي خواھش پيدا ٿي.

ھن جڳھ جي مالڪ کي ڳولي ورتو ۽ کيس ضروري مرمت ڪرائي ڏيڻ جي آڇ ڪيائين: مالڪ راضي ٿي ويو. البتہ کيس سمجھ ۾ نہ آيو ته منھنجي دوست کي آخر ان مان ملندو ڇا: ٻنھن ملي ڪري چت جون سرون، ڪاٺ ۽ سيمنٽ ورتو. منھنجي دوست، بغير اھو ڄاڻي ته ھو اھو ڇو يا ڪنھن جي لاءِ ڪري رھيو ھيو، پنھنجي سڄي رت ست ڪم جي پٽيان لڳائي چڏي. ۽ مرمت جو ڪم جيئن اڳتي وڌڻ لڳو تيئن سندس ذاتي زندگي بہ بھتر ٽيندي وئي.

سال جي ختم ٽيڻ سان گھر تيار ٿي ويو ۽ منھنجي دوست جا سڀ مسئلا حل ٿي ويا.

# وسري ويل دعا

تي هفتا اڳ، آئون سائو پائلو ۾ پنڌ ڪري رهيو هيس تہ اوچتو منهنجي هڪ دوست ايڊينو منهنجي هٿ ۾ پمفليٽ ڏنو جنهن جو عنوان هيو "مقدس گهڙي"، هي پمفليٽ چئن رنگن ۾ هيو هڪ بهترين ڪاغذ جو ٺهيل هيو، مٿس ڪنهن بہ خاص چرچ يا مذهب جو نالو لکيل نہ هيو ۽ سندس ٻئي پاسي هڪ دعا لکيل هئي.

ان دعا جي ليکڪ جو نالو پڙهي مان دنگ رهجي ويس. اتي منهنجو نالو لکيل هو! اها دعا 1980ع واري ڏهاڪي جي شروعاتي سالن ۾ هڪ شاعري جي ڪتاب جي ڪَور (Cover) جي اندرين پاسي چپجي هئي. مون نہ سوچيو هيو تہ اها دعا وقت جي آزمائشن کي سَر ڪري ويندي يا منهنجي هٿن ۾ ان عجيب نموني واپس پهچندي. پر مان جڏهن ان کي وري پڙهيو تہ مونکي ان ۾ ڪو شرم محسوس نہ ٿيو تہ مون ٿي اها دعا لکي هئي.

چاڪاڻ تہ اهو ان پمفليٽ مان واضح هيو ۽ چو تہ مون کي اشارن تي يقين آهي، انکري مون اها دعا هتي وري لکڻ کي صحيح سمجهيو. مان اميد ٿو ڪيان تہ هيءَ هر پڙهندڙ کي همٿائيندي تہ هو پنهنجي هڪ دعا لکي، جنهن ۾ هو پنهنجي ۽ ٻين جي لاءِ اهي شيون گهري جن کي هو سڀ کان اهم سمجهي. ان طريقي سان اسان پنهنجي دل ۾ اهڙي لهر پيدا ڪري سگهنداسين جيڪا اسان جي چوڌاري موجود هر شيءِ کي وڻي چهندي.

اها دعا هيءَ آهي:

"خدا، اسان جي شڪن جي حفاظت ڪر چاڪاڻ شڪ عبادت

جو ذريعو آهن. شڪ اسان جي واڌ ويجهه ڪن ٿا چوڌ اهي اسان کي مجبور ڪندا آهن ڌ اسان هڪ سوال جي ڪيترن ئي جوابن کي بغير ڊپ جي ڏسي سگهون. ان جي ممڪن ٿيڻ لاءِ .....

"خدا، اسان جي فيصلن جي حفاظت ڪر، چاڪاڻ ڌ فيصلا ۽ عبادت جو ذريعو آهن. اسان کي شڪن کان پوءِ ۽ رستن مان هڪ کي چونڊي سگهڻ جي همت عطا ڪر. شل اسان جي "ها" هميشہ "ها" رهي، ۽ اسان جي "نہ" هميشہ "نہ" رهي. شل اسان کي ڪو رستو چونڊڻ کانپوءِ پوئتي نہ ڏسڻو پئي ۽ شل اسان کي ان فيصلي تي ندامت محسوس نہ ٿئي. ان کي ممڪن ڪرڻ لاءِ .....

"خدا، اسان جي عملن جي حفاظت ڪر، چو ڌ عمل عبادت جو ذريعو آهن. شل اسان جي روزي اسان جي محنت جو نتيجو هجي ۽ حلال هجي. شل اسان پنهنجن عملن ۽ ڪمن جي ذريعي، جيتري ۽ ملي، محبت ورهايون. ان کي ممڪن ڪرڻ لاءِ .....

"خدا، اسان جي خوابن جي حفاظت ڪر، چوڌ خواب عبادت جو ذريعو آهن. مهرباني ڪري پنهنجي ٻاجهه سان هر عمر ۽ هر حالت ۾ اسان جي دل ۾ اميد ۽ مستقل مزاجي جي روشني ٻاري رک. ان کي ممڪن ڪرڻ لاءِ .....

"خدا، اسان کي جذبو عطا ڪر، چوڌ جذبو عبادت جو ذريعو آهي. اهو ئي اسان کي عرش ۽ فرش جي وچ ۾ گهنڊي رکي ٿو. اهو ئي ٻارن ۽ ٻين کي ٻاڻ ۾ جوڙي رکي ٿو. اهو جذبو ئي آهي جيڪو اسان کي هر هر يقين ڏياري ٿو ڌ اسين جيڪو ٻ ڪري رهيا آهيون سو ممڪن آهي اگر اسان ان سان سچا هجون. اهو ممڪن ڪرڻ لاءِ .....

"خدا، اسان جي حفاظت ڪر، چوڌ صرف زندگي ئي، تنهنجي معجزي کي واضح ڪرڻ جو ذريعو آهي. شل ڏرتي ائين ئي ڇڄ مان اُ

اپائيندي رهي، شل اسان ائين ئي انَ مان اتو ناهيندا رهون. اهو تڏهن ئي ممڪن آهي جڏهن اسان وٽ محبت هوندي، تنهن ڪري ڪڏهن ب اسان کي اڪيلو نہ ڇڏجان. هميشہ اسان کي پنهنجي قربت سان نوازِ انهن جو ب ساڻ نصيب ڪر جن کي شڪ هجن، جيڪي عمل ڪن، خواب ڏسن، جذبو محسوس ڪن، ۽ جيڪي پنهنجي زندگي جو هر ڏينهن ائين گذارين جڻ اهو سجو تنهنجي عظمت ۽ شان جي نالي هجي. آمين!

# ڪوپا ڪبانا. رئو ڊي جنيرئو

منهنجي زال ۽ آئون هن سان رُڌا ڪانسنٽ راموس عمارت جيڪا ڪوپا ڪبانا وٽ واقع آهي، تنهن جي ڪنڊ وٽ ملياسين. هن جي عمر ست سال هئي. هوءَ وِيل چيئر تي ويٺي هئي ۽ رش ۾ گم ٿي وئي هئي. منهنجي زال هن کي مدد جي آڇ ڪئي جيڪا هن قبول ڪئي ۽ اسان کي رڌا سانتا ڪلارا وٽي هلڻ جي لاءِ چياٿين.

هن جي وِيل چيئر جي پويان ڪجهه پلاسٽڪ جون ٿيلهيون لڙڪي رهيون هيون. رستي تي هن ڏانهن ڏاڍا ٿورا ٿيلهيون ٿي سندس ڪُل ملڪيت هيون. هوءَ دڪانن جي ٻاهران سمهندي هئي ۽ پنهنجي پيٽ گذر ڪندي هئي.

اسان ان جاءِ تي اچي پهتاسين جتي هن وڃڻ چاهيو ٿي. اتي ٻيا ٻه ٻينو فقير جمع ٿيل هئا. ان عورت هڪ ٿيلهي جي اندران کير جا ٻه ڏٻا کڌيا ۽ ٻين فقيرن کي ڏئي ڇڏيا.

هن چيو "ماڻهو منهنجي مدد ڪن ٿا، ۽ تنهنڪري مونکي ٻه ٻين جي مدد ڪرڻ گهرجي."

# هر شخص پنهنجي کهاڻي ٿو جيئي

منهنجي حساب مطابق هن ڪتاب جي هڪ صفحي کي پڙهڻ لاءِ تي منٽ لڳندا هوندا. شماريات جي مطابق، ان ساڳي وقت ۾ 300 ماڻهو مري ويندا، ۽ ٻيا 620 ماڻهو پيدا ٿيندا.

مونکي هڪ صفحو لکڻ ۾ شايد اڌ ڪلاڪ لڳي: مان پنهنجي ڪمپيوٽر تي ويٺو آهيان، منهنجو پورو ڌيان پنهنجي ڪم تي آهي، چوڌاري ڪتاب پيا آهن، ۽ ذهن ۾ خيال آهن، ۽ باهر ڪارون لنگهي رهيون آهن. هرڪا شيءِ معمول تي ۽ نارمل پئي لڳي، تنهن هوندي ب، انهن ٽيهن منٽن ۾ 3000 ماڻهو مري ويا ۽ 6200 جڻن دنيا جي روشني کي پهريون ڀيرو ڏسي ڇڏيو آهي.

اهي هزارين خاندان ڪٿي آهن جن ٿوري دير پهرين ڪنهن جي وڇڙي وڃڻ تي سوڳ شروع ڪيو يا ڪنهن پٽ، ڌيءَ، ڀائٽي، ڀاڻيجي، پيٽ يا پاڻ جي جنم تي خوشي جو اظهار ڪيو؟

مان رڪجي ٿورو سوچيو. شايد انهن مان ڪيترائي ماڻهو موت جي ڪري هڪ ڏکڻي بيماري ۽ دردناڪ حالت جي پڇاڻي تي پهچي رهيا هئا، ۽ ڪجهه ته موت جي فرشتن کي ايندو ڏسي خوش ب ٿيا هوندا ته سندن نجات جي گهڙي اچي وئي. پر وري نون ڄاول ٻارن مان سوين اهڙا ب هوندا جن کي جنم شرط ئي گند جي ڍير تي يا ٻئي ڪنهن هنڌ اچلايو ويندو ۽ جيڪي منهنجي هن صفحي ختم ڪرڻ کان پهريان ئي مئل ماڻهن جي لسٽ ۾ شامل ٿي ويندا.

ڪيترو نه عجيب آهي. هڪ سادي شماريات يا انگ اکر پڙهڻ سان مونکي انهن سيني فوتين ۽ جمارن، انهن سيني خوشين ۽

گوڙهن جي خبر پئي. انهن مان ڪيترا اهڙا هوندا جيڪي اڪيلائي ۾، بغير اهو ڄاڻي تہ ڇا ٿي رهيو آهي، دنيا ڇڏي ويا؟ انهن مان ڪيترا خفيہ طور تي جمندا ۽ جمڙ شرط ٿي ڪنهن خانقاهہ يا يتيم خاني جي ٻاهران اڇلايا ويندا؟

مون سوچيو ڪڏهن مان جمڙ وارن جي فهرست جو حصو هيس ۽ هڪ ڏينهن وري مئلن ۾ شمار ڪيو ويندس. ان ڳالهہ جي ڄاڻ هجڻ سڀني ڳالهہ آهي تہ مان هڪ ڏينهن مري ويندس. جڏهن کان آئون سينٽياگو جي رستي تي پنڌ ڪري آيس، مان سمجهي ويو آهيان تہ، پوءِ زندگي ائين ٿي هلندي رهي ۽ پوءِ اسين سڀ لافاني هجون، پر هن دنيا ۾ اسان جي موجودگي هڪ ڏينهن ضرور اختتام پذير ٿيندي.

ماڻهو موت جي باري ۾ گهڻو ناهن سوچيندا. هو پنهنجي زندگي فالتو شين جي باري ۾ سوچيندي گذاري ڇڏيندا آهن. اهي شين کي اهميت ناهن ڏيندا، ۽ ضروري وقت جي اهميت سڃاڻڻ ۾ ناڪام رهن ٿا. اهي رِسڪ ناهن کڻندا، چوتہ انهن جي سوچ مطابق اهي خطرناڪ هوندا آهن. اهي ڏاڍيون شڪايتون ڪندا آهن، پر پاڻ ڪجهہ ناهن ڪندا. اهي هر شيءِ کي تبديل ڪرڻ چاهيندا آهن پر پاڻ کي تبديل ڪرڻ کان انڪار ڪندا آهن.

جيڪڏهن اهي موت جي باري ۾ ٿورو وڌيڪ سوچين تہ هو گهٽا ملتوي ڪيل ڪم ڪرڻ نہ وسارينداً. انهن ۾ ٿوري ديوانگي اچي ويندي. اهي هن زندگي جي ختم ٿيڻ جي خوف کان آجا ٿي ويندا. چوتہ توهان ان شيءِ جو خوف نہ ٿا ڪري سگهو جيڪا هونئن ٿي ٿيندي پوءِ توهان چا ٻہ ڪريو.

هندستاني چوندا آهن: "اڄ جو ڏينهن، هر ڏينهن وانگر دنيا ڇڏڻ لاءِ بهتر آهي." هڪ سياڻي ماڻهو هڪ دفعي چيو: "موت هميشہ

اسان جي پَر پر ويلو هوندو آهي ته جيئن توهان کو اهر ڪر ڪرڻ چاهيو ته اهو توهان کي گهربل طاقت ۽ همت ڏي."

منهنجا پيارا پڙهندڙ! آئون اميد ٿو ڪريان ته توهان اهو سڀ سمجهي ورتو آهي. موت کان ڊڄڻ بيوقوفي آهي. چوڌ ديريا سويں اسان مان هر ڪوئي مري ويندو. ۽ صرف اهي ئي زندگي گذارڻ جي لاءِ تيار ۽ آماده آهن جيڪي هن حقيقت کي تسليم ڪندا.

# خوابن جي پويان ڊوڙندڙ شخص

آئون رئو ڊي جنيرئو جي سائوجوز اسپتال ۾ ڄائو هيس. اها هڪ نارمل ڊليوري نه هئي ۽ منهنجي ماءُ سائوجوز- يا جوزف - کان منهنجي زندگي جي دعا گهرندي مونکي ان جي نالي ڪري چڊيو هو. ان ڪانپوءِ جوزف منهنجي زندگي جو اٿتر حصو ٿي ويو. 1987ع کان وٺي هر سال منهنجي سينتياگو جي ياترا ڪانپوءِ 19 مارچ تي، آئون هن جي ياد ۾ شان ۾ دعوت ڪندو آهيان. ان دعوت ۾ آئون پنهنجن دوستن، ۽ ٻين ايماندار ۽ محنتي ماڻهن کي دعوت ڏيندو آهيان. ماني کان پهريان اسين دعا ڪندا آهيون ته جيڪي به پنهنجي ڪر سان سڃا رهڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن، شل انهن جي مدد ٿئي. اسان انهن جي لاءِ به دعا ڪندا آهيون جيڪي بيروزگار آهن ۽ جن کي مستقبل جي ڪا سوچ ناهي.

دعا جي شروعات ۾ آئون ماڻهن کي ياد ڏيارڻ پسند ڪندو آهيان ته لفظ "خواب" انجيل جي نئين عهدنامي ۾ پنج دفعا استعمال ٿيو آهي، ۽ انهن مان چار دفعا اهو لفظ جوزف، وڊي (Jo-seph the Carpenter) جي حوالي سان آيو آهي. انهن چئني پيرن ۾ هڪ فرشتو جوزف کي قائل ٿو ڪري ته هو پنهنجي منصوبن جي خلاف يا ابتڙ ڪجهه ڪري.

فرشتي هن کي پنهنجي زال کي چڊڻ کان جهليو ان جي باوجود جو هوءَ حامله هئي. جوزف وراٽي سگهيو ٿي ته، "پاڙيسري چا چوندا؟" پر هو واپس گهر ويو ۽ الهام ٿيل ڳالهه تي يقين ڪيائين.

فرشتي کيس مصر وڃڻ جي لاءِ چيو. جوزف جو جواب هي ٿي

سگھيو ٿي: "مان وڃي آهيان ۽ منهنجا روز ڪيترائي گراهڪ ايندا آهن. مان هي سڀ ڪجهه ائين ٿي نه ٿو ڇڏي سگهان." پر تنهن هوندي به هن پنهنجو سامان ٻڌي ساڻ ڪيو ۽ اٽڄاتل منزل ڏانهن روانو ٿي ويو.

وري فرشتي ڪيس مصر مان واپس ورڻ جو چيو. جوزف سوچي سگهيو ٿي "هاڻي وري چا ٿي پيو؟ آڻون هيتري مشڪل سان ته هتي آباد ٿيو آهيان. ۽ هيڏي مشڪل سان ته پنهنجي خاندان جي مدد ملي آهي."

جوزف پنهنجي سڌ ٻڌ (Common Sense) جي خلاف ويو ۽ پاڻ کي خوابن تي يقين ڪرڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جو چيائين. هن کي خبر هئي ته هن جي مٿان هڪ ذميداري جو بار آهي. اها ذميداري جيڪا دنيا جي هر مرد تي عائد ٿئي ٿي. پنهنجي خاندان جي حفاظت ۽ مدد ڪرڻ. ٻين لڪين گمنام جوزفن وانگر هن به پنهنجي فرض کي نباڻڻ جي ڪوشش ڪئي. پلي ان جو مطلب اهي شيون ڪرڻ هجي جيڪي هن جي سمجهه کان ٻاهر هجن.

اڄتي هلي سندس زال ۽ هڪڙو پٽ عيسائيت جي پيڙهه جو پٽر ٿيا. خاندان جي ٽين رڪن، مزدور کي، صرف يسوع مسيح جي جملڻ واري ڏينهن تي ياد ڪيو وڃي ٿو يا ان کي مون جهڙا يا ليوناردو باف، جنهن جي واڌن بابت ڪتاب جو مهاڳ مون لکيو جهڙا ماڻهو جوزف کي ياد ڪن ٿا جو ته اسان کي هن جي طرف وڏي عقيدتمندي آهي.

مون انٽرنيٽ تي هڪ ليکڪ کارلوس هائٽر ڪوني جو هڪ ڪالم پڙهيو هو. ان جو هڪ حصو هي آهي:

"ماڻهن کي ڪڏهن ڪڏهن ڏاڍي حيرت ٿيندي آهي ته

منهنجو خدا ۾ يقين نہ هجي ۽ ان جي وجود جي ڪنهن بہ فلاسافيڪل، اخلاقي يا مذهبي خيال کي ميڙ ڪان انڪار جي باوجود مونکي ڪجهہ پيرن ۽ بزرگن سان عقيدت آهي. خدا منهنجي ڪمن يا ضرورتن کان ڪافي پري جو خيال يا هستي آهي. ٻئي پاسي پير بزرگ مون وانگر مٽي جا ٺهيل آهن ۽ اهي منهنجي تعريف کان وڌيڪ منهنجي عقيدت جا حقدار آهن.

"سينٽ جوزف انهن مان هڪ آهي. عهدنامن ۾ هن جي چيل ڪنهن بہ لفظ جو ذڪر ناهي، صرف ڪمن جي ڳالهہ ڪيل آهي ۽ هڪ هنڌ صرف ايترو واضح طور تي چيل آهي تہ "هو هڪ منصف هو." جيئن تہ جوزف جج نہ پر وڏو هو تنهن ڪري ان ڳالهہ جو مطلب هي ڪڍ گهرجي تہ سڀ کان اهر طور تي جوزف سٺو انسان هو. هو هڪ سٺو وڏو سٺو مڙس، ۽ ان ٻار جو سٺو پيءُ هو جنهن دنيا جي تاريخ ٿي متائي ڇڏي."

ڪوني ڏاڍا خوبصورت لفظ چيا. ان جي باوجود مان ناقابلِ قبول بيان پڙهندو رهندو آهيان جيئن: "حضرت عيسيٰ انديا ۾ هماليہ جي عالمن کان علم پرائڻ ويو هو." منهنجو يقين آهي تہ هر انسان پنهنجي زندگي ياران مليل مقصد ۽ ڪر کي مقدس ٺاهي سگهي ٿو. ۽ حضرت عيسيٰ تڏهن سکيو جنهن وقت جوزف هن کي مين ڪرسيون، ۽ ڪتون ٺاهڻ سيکاريندو هو.

منهنجي سوچ موجب، جنهن ميز تي حضرت عيسيٰ ويهي پنهنجو ڪاڏو ڪائيندو هو سا جوزف ٺاهي هوندي، چاڪاڻ تہ اها ڪنهن گمنام وڏي جي محنت هوندي، اهو جنهن پنهنجي روزي پگهر وهائي ڪمائي ۽ مختصراً معجزي جي لاءِ راهہ هموار ڪئي.

# مراقبي (Meditation) ۾ هلي جي اهميت

جڏهن مون پنهنجي ديوانگي تي ٻڌل ڪتاب "ويرونيڪا ڊسائيڊس تو ڊاءِ" لکيو ته مان اهو سوچڻ تي مجبور ٿي ويس ته زندگي ۾ اسان اهي ڪهڙيون شيون ڪندا آهيون جيڪي ضروري آهن؟ ۽ اسان کيترا ڪر ڪندا آهيون جيڪي بيڪار آهن؟ اسان تاءِ چو پائيندا آهيون؟ گهڙيال جون سُيون ساجي پاسي چو ڦرنديون آهن؟ اگر اسان ڏهائي سرشتي تي هلون ته ڏينهن ۾ 60 منٽن جا 24 ڪلاڪ چو هوندا آهن؟

حقيقت اها آهي ته اڇڪلهه اسين اهڙن ڪيترن ئي قاعدن تي عمل ڪندا آهيون جن جو ڪو بنياد ئي ڪونهي. اسان اگر مختلف نمونی سوچيندا سين ته اسان کي "چريو" يا "ناسمجهه" سمجهيو ويندو.

جيستائين اها روش قائم رهندي تيستائين سماج اهڙا سرشتا ناهيندا رهندو جيڪي وقت گذرڻ سان پنهنجي معنيٰ ۽ مطلب وڃائي ويهندا پر پنهنجي حڪمراني اسان تي قائم رکندا.

هڪ جاپاني ڪهاڻي منهنجي خيال کي وڌيڪ واضح ڪري ٿي.

هڪ زين ماسٽر مايو ڪاغي (Mayu Kagi) جي هڪ خانقاهه جو سربراهه هو. ونس هڪ ٻلي هوندي هئي جنهن سان هن کي بي انتها پيار هو. مراقبي جي ڪلاسن مهل هو هميشه ٻلي کي پنهنجي پر ويهاريندو هو ته جيئن هو ٻلي جي قربت کي وڌ کان وڌ محسوس ڪري سگهي.

هڪڙي ڏينهن ان جهور پوڙهي زين ماسٽر کي مئل حالت ۾

ڏنو ويو. هن جي سيني کان پراڻي شاگرد سندس جاءِ سنياليِ.

"ٻلي جو ڇا ڪريون؟" ٻين شاگردن پڇيو.

پنهنجي اڳوڻي استاد کي ڏيٽا ڏيڻ لاءِ سندس يادگار طور نئين زين ماسٽر زين ٻڌ ڏرم جي ڪلاسن جي دوران ٻلي کي اتي ويهڻ جي اجازت ڏني.

ٻين خانقاهن جا ڪجهه شاگرد جيڪي ٻين علائقن ۾ گهمندا رهندا هئا تن ڏنو ته علائقي جي سيني کان مشهور عبادتگاهه ۾ هڪ ٻلي مراقبي ۾ حصو پئي ورتو. اها گالهه ڦهلجڻ لڳي.

ڪيترائي سال گذري ويا ۽ ٻلي به مري وئي. پر خانقاهه جا شاگرد ٻلي جا ايترا ته عادي ٿي ويا هئا جو اهي هڪ بي ٻلي وٺي آيا. ان دوران، ٻين خانقاهن ۾ ٻلي کي مراقبي جي ڪلاسن ۾ متعارف ڪرائڻ شروع ڪيو: انهن جو عقيدو هو ته مايوڪاغي جي مشهوري جي پويان ٻلي جو هٿ هو. هنن کان ان زين ماسٽر جي معلم هجڻ جون خاصيتون وسري ويون.

هڪ دور گذري ويو ۽ مراقبي جي دوران ٻلي جي اهميت تي ٽيڪنيڪي مقالا چپجڻ لڳا. هڪ يونيورسٽي جي پروفيسر ٿيسس (Thesis) لکي، جيڪا ادبي سنگت پاران تسليم به ڪئي وئي، ته ٻلي ۾ اها خاصيت موجود آهي ته اها انسان جي ڏيان کي وڌائي سگهي ٿي ۽ منجهائنس منفي قوتون يا توانائي کڻي سگهي ٿي.

ان طريقي سان، هڪ صدي تائين ان علائقي ۾ ٻلي کي زين ٻڌزم جي علم جو لازمي حصو سمجهيو ويندو هو.

پوءِ اتي هڪ نئون ماسٽر آيو جنهن کي ٻلي جي وارن کان الرجي هئي. هن پنهنجن ڪلاسن جي دوران ٻلي کي ڪڍڻ جو فيصلو ڪيو.

سيني احتجاج کيو پر ماستر پنهنجي ڳالهه تان نه ڦريو. جيئن ته هو هڪ قابل استاد هو تنهن ڪري شاگردن جي علم ۽ شعور ۾ هلي کان بغير به اضافو ٿيڻ لڳو.

آهستي آهستي خانقاهن- جن کي هميشه نون خيالن جي تلاش هوندي آهي ۽ جيڪي ايترين هلين کي ڪارائي ڪارائي بيزار ٿي ويون هيون، تن هلين کي ڪلاسن مان ڪڍڻ شروع ڪيو. ايندڙ ويهن سالن جي عرصي ۾ نيون انقلابي ٿيسس لکيون ويون جن جا موهيندڙ عنوان ڪجهه هيئن هئا، "هلي کان بغير مراقبي جي اهميت" يا "ڪائنات کي صرف ذهن ذريعي ۽ بغير ڪنهن جانور جي مدد سان متوازن ناهڻ".

هي صدي گذري وئي ۽ زين مراقبي جي ان علائقي وارين رسمن مان هلي مڪمل طور تي غائب ٿي وئي، پر انهن کي معمول تي اچڻ ۾ ٻه صديون لڳيون صرف ان ڪري جو ان سڄي وقت جي دوران ڪنهن به نه پڇيو ته اتي هلي آخر ڪري ڇا پئي؟

اسان مان ڪيترا ڄڻا، پنهنجين زندگين ۾، هي سوال پڇڻ جي همت ڪندا هوندا: "مان هي ڪم ڇو پيو ڪريان؟" اسين جيڪو ڪندا آهيون، تنهن ۾ اسان پڙ، اهڙيو بيڪار هلين استعمال ڪريون ٿا جن کان ڇوٽڪارو پائڻ جي اسان ۾ همت ناهي هوندي، ڇو؟ ڇوته اسان کي اهو ٻڌايو ويو هو ته هر شيءِ جي صحيح نموني سان ٿيڻ جي لاءِ هلي جو هجڻ لازمي آهي؟

اسان زندگي جيئڻ جا مختلف طريقو ڇو ناهيون ڳولينداڻ

# اندر وڃڻ منع آهي

اسپين جي اولائٽ علائقي جي پرسان هڪ تباهه ٿيل محل آهي. مون اهو محل گهمڻ جو فيصلو ڪيو پر جڏهن آئون اتي ويس تہ دروازي تي هڪ همراهه چيو:

"تون اندر نہ ٿو اچي سگهين."

منهنجي اندازي مطابق هن همراهه "نہ" چوڻ جو مزو پئي ورتو. مون ڪيس سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي تہ مان الاهي پري کان آيو هيس، ڪيس پٺسا ڏيڻ جي ڪوشش ڪيم. هن سان پيار سان گالهائي ڏٺم. اشارو ڪري چيو مانس تہ يار وري بہ تباهه ٿيل محل ئي تہ هو اوچتو محل ۾ اندر وڃڻ منهنجي لاءِ ضروري ٿي پيو.

"تون اندر نہ ٿو وڃي سگهين." همراهه وري چيو.

هاڻي بس هڪڙو ئي طريقو هو، مون اندر وڃڻ جو فيصلو ڪيو. اهو ڏسڻ لاءِ تہ هو مونکي جسماني طور تي اندر وڃڻ کان روڪيندو يا نہ. مان دروازي جي طرف وڌيس. هن منهنجي طرف ڏٺو پر ڪجهہ نہ ڪيائين.

جڏهن مان واپس ٿي آيس تہ پيا ہ سياح بہ اندر هليا ويا. هن پوڙهي همراهه هنن کي روڪڻ جي ڪوشش نہ ڪئي. مون پنهنجي مزاحمت تي خوشي محسوس ڪئي تہ منهنجي ائين ڪرڻ سان پوڙهي اهڙا دقيانوسي اصول ٽاهڻ بند ڪيا. ڪڏهن ڪڏهن دنيا آسان کي سمجهہ ۾ نہ ايندڙ شين لاءِ وڙهڻ لاءِ چوندي آهي ۽ جنهن جي اهميت جو اندازو آسان کي ڪڏهن نہ ٿيندو.

# نئين ملينيم لاءِ قانون

1- اسان سڀ مختلف آهيون، ۽ اسان کي مختلف رهڻ لاءِ هر ممڪن کوشش ڪرڻ گهرجي.

2- هر انسان کي ٻہ رستا ٻڌايا ويا هئا: عمل ۽ غور و فڪر، ٻنهي جي منزل ساڳي آهي.

3- هر انسان کي ٻہ خاصيتون ڏنيون ويون هيون: طاقت ۽ ذات (قابليت)، طاقت اسان کي پنهنجي منزل ڏانهن اڳتي وڌائي ٿي. ذات اسان کي آماده ٿي ڪري تہ اسان پنهنجي اندر جي بهترين خاصيت ٻين ۾ ورهايون.

4- هر انسان کي هڪ نعمت سان نوازيو ويو هو: چونڊ ڪرڻ جي طاقت، جيڪو بہ هن نعمت کي استعمال ڪرڻ ۾ ناڪام ٿو ٿي سو ان نعمت کي برائي ٿو ناهي ۽ پوء ٻيا هن جي پاران هن لاءِ چونڊ ڪندا.

5- هر انسان کي پنهنجي پنهنجي جنسي سڃاڻپ ڏني وئي هئي. هر ڪنهن کي پنهنجي جنس مطابق بغير ڪنهن شرم جي عمل ڪرڻ گهرجن ۽ ايستائين، جيستائين هو پنهنجي جنسي سڃاڻپ ٻين تي مسلط نہ ڪن.

6- هر شخص کي پنهنجو قصو جيئڻو آهي، ۽ اهو ئي سندس هن دنيا ۾ موجودگي جو سبب آهي، اها ڳالهہ ان شخص جي پنهنجي مقصد کي حاصل ڪرڻ جي جذبي مان اجاگر ٿئي ٿي.

7- هر ماڻهو پنهنجو پاڻ کي صرف ايستائين وساري سگهي ٿو

جيستائين هن کي پنهنجي پاڻ ۾ واپسي جي يادگيري ڪجي ۽ ان کي پنهنجي ذميواري سمجهي.

8- هر مرد ۽ هڪ عورت جو پهلو ٺٽي ٿو ۽ هر عورت ۽ هڪ مرد جو پهلو ٺٽي ٿو. ان ڳالهه کي وجدانيت سان ۽ وجدانيت کي ڪنهن مقصد سان استعمال ڪرڻ تمام اهر آهي.

9- هر انسان کي به هوليون اچڻ گهرجن: سماج جي هولي ۽ اشارن جي هولي، هڪڙي ذريعي ماڻهن سان رابطو ڪجي ٿو ۽ ٻي خدا جي پيغامن کي سمجهڻ ۾ مدد ڏئي ٿي.

10- هر انسان کي خوشي جي تلاش جو حق آهي. "خوشي" جو مطلب اهو آهي ته ماڻهو پاڻ "رضامند ۽ مطمئن" رهي نڪي لازمي طور تي ٻيا رضامند رهن.

11- هر ماڻهو کي پنهنجي اندر ۾ ديوانگي جي مقدس روشني جلائي رکڻ گهرجي. پر ڪيس سياڻن وانگر ورتاءُ ڪرڻ گهرجي.

12- صرف هنن شين کي سنگين گناهه مڃيو وڃي: ٻين جي حقن جو احترام نه ڪرڻ، پاڻ کي خوفزده ڪرڻ، گنهگار محسوس ڪرڻ، اهو يقين رکڻ ته زندگي ۾ جيڪو برو يا سٺو ٿئي ٿو سو ساڻس نه ٿيڻ گهرجي، بزدل ٿيڻ.

اسان کي پنهنجن دشمنن سان پيار ڪرڻ گهرجي ۽ ڪڏهن انهن سان سنگت نه ڪرڻ گهرجي. اهي اسان جي طاقت جي آزمائش جي لاءِ اسان جي رستي ۾ آندا ويا هئا. ۽ اسان کي ان ڳالهه جو احترام ڪندي سندن خلاف وڙهڻ گهرجي.

اسان پنهنجا دشمن پاڻ ڳولينداسين.

13- سڀ مذهب ساڳي خدا جي ترجماني ڪن ٿا ۽ سڀني جي منزل ساڳيو خدا آهي. ۽ سڀ هڪجهڙي احترام جا حقدار آهن.

ڪوئي ب جڏهن ڪو مذهب اپنائي ٿو ته هو هڪ مشترڪ عبادت ۾ ڳجهه ب اپنائي ٿي البته هر ماڻهو پنهنجن عملن جو خود ذميوار آهي ۽ ان وٽ ڪو حق ناهي ته پنهنجن فيصلن جي ذميداري ڪنهن مذهب تي وجهي.

14- هتي اهو فرمان ٿو جاري ڪجي ته دين ۽ دنيا جي وچ واري ديوار ڪيرائي وڃي. هاڻي ڪان هر شيء مقدس آهي.

15- حال ۾ ڪيل هر شيء مستقبل تي نتيجن جي صورت ۾ اثرانداز ٿئي ٿي. ۽ ماضي تي نجات جي صورت ۾ اثرانداز ٿئي ٿي.

16- اهي سڀ قانون، ڳالهه جي ابتڻ منسوخ ڪيا ڏا وڃن.

# ڊاهي وري ناهڻ

مونکي ٻڌ ڏرم جي هڪ مندر ۾ وڃڻ جي دعوت ملي. آئون جڏهن اتي پهتس تہ حيرت ۾ وڃجي ويس. مندر جي اعليٰ درجي جي شاندار عمارت گهاتي جهنگ جي وچ ۾ ٽهيل هئي پر ان جي آڪيان غير آباد زمين جو هڪ وڏو ميدان هو.

مون پڇا ڪئي تہ اها غير آباد زمين ڇا لاءِ هئي تہ اتان جي سربراهہ مونکي سمجهائيندي چيو:

"ان جڳهہ تي اسان پنهنجو نئون مندر ناهيندا سين. هر ويهن سالن کان پوءِ اسان سامهون نظر ايندڙ مندر ڊاهي ڇڏيندا آهيون ۽ ان جي آڪيان واري زمين تي نئون مندر اڏيندا آهيون. ان سان اهو ٿيندو تہ جن ٻاوَن (monks) وڌڪو ڪاريگري، يا نقشن ناهڻ جو فن سکيو هو سي پنهنجي فن کي عمل ۾ آڻيندا آهن ۽ اهو فن سيکڙائن کي ٻہ ڏين ٿا. ان سان کين اهو ٻہ ظاهر ٿئي ٿو تہ هن حياتي ۾ ڪا ٻہ شيءِ لافاني ڪونهي، ۽ ايتريقدر جو مندرن کي ٻہ مستقل طور تي سڏاري جي ضرورت رهي ٿي."

# جنگجوءِ ايمان

هينري جيمز تجربي کي کوريئڙي جي ان جار سان پيٽايو آهي جيڪو شعور جي ڪمري ۾ لڙکي ٿو ۽ جيڪو صرف ضروري شين کي ئي نہ بلڪ هوا ۾ اڏامندڙ هر ذري کي ڦاسائي وٺي ٿو.

اڪثر ڪري جنهن شيءِ کي اسين "تجربو" چوندا آهيون سو اسان جي ناڪامين جو جوڙ هوندو آهي. تنهن ڪري اسين شين کي ان ماڻهو جي نظر سان ڏسندا آهيون جنهن زندگي ۾ اڳ ئي الاهي غلطيون ڪيون هونديون آهن ۽ جنهن ۾ اڳتي قدم کڻڻ جي همت ناهي هوندي.

اهڙي حالت ۾، لارڊ سيلسبري جا هي لفظ ياد رکڻ گهرجن: "جيڪڏهن توهان ڊاڪٽرن جي ڀڏندو ته هو چوندا ته ڪا شيءِ صحت بخش ناهي، جيڪڏهن توهان دينيات جي معلمن جي ڀڏندو ته اهي چوندا ته ڪا به شيءِ گناهن کان پاڪ ناهي. جيڪڏهن سپاهي تي يقين ڪندو ته چوندو ڪا به شيءِ محفوظ ناهي." پنهنجن جذبن کي اهميت ڏيڻ گهرجي ۽ ڪاميابي لاءِ پنهنجي جوش ۽ ولولي کي ختم نہ ڪرڻ گهرجي. اهي زندگي جو حصو آهن ۽ انهن جي راهہ تي هلندڙ ماڻهن کي خوشيون ڏيڻ گهرجن. سچائي جو سپاهي ڪڏهن بہ لافاني شين تان نظر ناهي هٽائيندو ۽ نہ ئي انهن رشتن تان جيڪي وقت سان لوهہ جيان مضبوط ٿي ويندا آهن. هن وٽ فاني ۽ لافاني ۾ فرق ڪرڻ جي تميز هوندي آهي. البتہ هڪ وقت اهڙو بہ ايندو آهي جڏهن سندس جذبا پورا پورا ٿي غائب ٿي ويندا آهن. پنهنجي سڃي علم جي باوجود هو پاڻ کي نااميدي جي تسلط هيٺ ڏٺي ڇڏيندو آهي. ماضي

جي مقابلي ۾ هن جو عقيدو اهو نہ رهندو آهي جيڪو اڳ ۾ هو. شيون هن جي خوابن جي مطابق ناهن ٿيندیون. المناڪ حادثا (Tragedies) غير منصفانا ۽ غير متوقع طريقن ۾ پيش ايندا اٿس. ۽ ڪيس اهو يقين ٿيڻ شروع ٿيندو آهي ته سندس دعائون قبول نہ ٿيون ٿين. هو عبادت ۽ مذهبي سرگرميون جاري رکندو آهي. پر هو پاڻ کي ڏوکو ڏيڻ ۾ ناڪام رهندو آهي. سندس دل ۾ اها گرمجوشي نہ ٿي رهي جيڪا اول هوندي هئي ۽ ڪيس لفظ بي معنيٰ لڳندا آهن.

ان وقت صرف هڪڙو رستو / طريقو باقي رهي ٿو. اهو هي ته دعا ڪندو رهجي. اها پلي ڊپ کان. فرض جي ذميواري کان. يا ٻي ڪنهن بہ سبب کان هجي. پر دعا ڪندا رهو. دعا جاري رکو پلي اها بيڪاريا ڪيتري بہ بي مقصد چو نہ لڳي.

توهان جي دعا ٻڌندڙ فرشتن جنهن تي توهان کي عقيدي جي مسرت ڏيڻ جي بہ ذميواري آهي. اهو ڪٽي گهمڻ هليو ويو آهي. البتہ. هو جلدي واپس موٽندو ۽ توهان جي چپن مان نڪتل هڪ لفظ ٻڌي پاڻ ئي اچي توهان کي ڳولي لهندو.

هڪ قصي مطابق. پئيدرا جي هڪ گرجا ۾ هڪ سيکڙات يا نئين طالب (Novice) صبح جي ڊگهي ۽ ٽڪائيندڙ عبادت جي مرحلي کان پوءِ وڏي پادري کان پڇيو ته ڇا عبادتون خدا کي انسان جي ويجهو آڻين ٿيون.

"آئون تنهنجو جواب هڪ ٻئي سوال ذريعي ڏيندس،" وڏي پادري چيو. "ڇا تنهنجي سيني کيل عبادتن ۾ ايتري طاقت آهي جو سياڻي سڄ کي اپاري سگهن؟"

"بلڪل نہ سڄ ڪائنات جي قانون جي فرمانبرداري ڪندي اپري ٿو."

"زبردست، اهوئي تنهنجي سوال جو جواب آهي. خدا اسان جي ويجهو آهي، پلي اسان کيتري به عبادت کريون."

طالب جا چرڪ نڪري ويا.

"توهان جو مطلب اهو آهي ته اسان جون عبادتون بي مقصد آهن؟"

"بلڪل نه! جيڪڏهن تون باک ڏني مهل نه اڻندين ته ڪڏهن به سچ کي اپرندي نه ڏسي سگهندين. ائين ئي خدا هميشه اسان جي ويجهو آهي، پر جيڪڏهن تون عبادت نه ڪندين، ته تون ڪڏهن به ان پاڪ ذات جي موجودگي محسوس نه ڪري سگهندين."

ڏسو ۽ عبادت کريو: سچائي جي جنگجو جو اهو مقصد هجڻ گهرجي. جيڪڏهن هو صرف ڏسندو رهندو ته کيس اتي به بدروح نظر ايندا جتي اهي موجود ئي ناهن. جيڪڏهن هو صرف عبادت ڪندو ته هو دنيا جا اهر ڪم نه ڪري سگهندو جن جي دنيا کي سختي سان ضرورت آهي. هڪ ٻئي قصي مطابق جنهن جو تعلق هن دفعي وربا سنئورم (Verba Seniorum) سان آهي، هڪ وڏو پادري چوندو رهندو هو ته ايبٽ جان (Abbot John) ايتري عبادت ڪئي هئي جو کيس هاڻي پريشان ٽيڪ جي ضرورت ئي نه هئي. هن پنهنجي سيني جذبن تي غلبو حاصل ڪري ورتو آهي.

وڏي پادري جا اهي لفظ سيٽاجي گرجا جي هڪ سياڻي ماڻهو تائين به پهتا. هن سيني طالبن کي رات جي ماني کان پوءِ گڏ ڪيو.

"توهان سيني ٻڌو هوندو ڪنهن چيو آهي ته ايبٽ جان کي هاڻي ڪنهن به ترغيب ۽ آزمائش جو مقابلو نه ڪرڻو پوندو ۽ ان مٿان غلبو حاصل نه ڪرڻو پوندو." هن چيو "البته جدوجهد جي کوٽ روح کي ڪمزور ناهي ٿي. اچو ته اسان سيئي خدا کان دعا گهرون ته هو

ايبت جان جي مٿان هڪ وڏي آزمائش موڪلي، جيڪڏهن هو ان کي شڪست ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿئي ته. خدا کان دعا ڪريون ته هن تي ٻي آزمائش نازل ڪري، ان کان پوءِ ٽين ۽ جڏهن هن تي وري آزمائش اچي ته اچو ته دعا ڪريون ته هو اهو ڪڏهن نه چوي ته "خدا مون تان هيءَ مصيبت هٽاءِ". دعا ڪريو ته هو خدا کان هي گهري ته "خدا مونکي شيطان سان وڙهڻ جي سگهه عطا ڪر."

# مائيامي جي بندرگاھ تي

"ڪڏھن ڪڏھن ماڻھن کي فلمن ۾ ٽيندڙ شين تي ايتري تہ ھير پئجي ويندي آھي جو ھو اصلي ڪھاڻي کي وساري ويھندا آھن. مائيامي جي بندرگاھ کي ڏسندي مونسان گڏ بينل منھنجي ھڪ دوست چيو. دي ٽين ڪمانڈ مينت فلم ياد اٿئي؟

"ھا بلڪل مونکي ياد آھي. ھڪڙي ھنڌ حضرت موسيٰ (جنھن جو ڪردار چارلٽن ھيسٽن ٿي نيايو) پنھنجي لٺ ٽوڪڻي تہ پاڻي ۾ اڏ ٽو ٿي وڃي، ۽ پوءِ بني اسرائيل جا ٻار ان مان لنگھي وڃن ٿا."

"انجيل شريف ۾ ائين ناھي، "منھنجي دوست چيو" ان ۾ خدا موسيٰ کي چوي ٿو: "بني اسرائيل جي ٻارن کي چئو تہ اڳتي وڌن". ان کان پوءِ ئي موسيٰ پنھنجي تلوار کنئي ۽ ڳاڙھو سمنڊ وچ مان الڳ ٿي وڃي ٿو. رستي تي ھلڻ جي "ھمت" ئي ان رستي کي نروار ڪري ٿي ۽ رھنمائي ڪري ٿي."

# بغير سوچي

ڪوپا ڪبانا ۾ واقع ريسريڪشن چرچ جي فادر ڊيڪا ٻڌايو ته ڪيئن هو هڪ پيري بس ۾ سفر ڪري رهيو هيو ته اوچتو هن کي هڪ غيبي آواز ٻڌڻ ۾ آيو جنهن ۾ فادر ڊيڪا کي امر ٿيو ته هو ان وقت ۽ ان جڳهه تي ئي يسوع مسيح جي تبليغ ڪري.

ڊيڪا ان غيبي آواز سان گالهايو: "هي سڀ مونکي چريو سمجهندا. هي خطبي جي جڳهه ناهي." هن چيو. پر هن کي اندران ڪنهن طاقت تبليغ ڪرڻ لاءِ زور ٿي پريو. "مون کي ڏاڍو شرم ٿو اچي. مهرباني ڪري مونکي اهو ڪرڻ لاءِ نه چئو" هن آزي ڪئي.

اندر جي طاقت هن تي زور پرينديِ رهي.

پوءِ هن کي پنهنجو ڪيل واعدو ياد آيو ته هو پنهنجي پاڻ کي يسوع مسيح جي مقصدن لاءِ وقف ڪري ڇڏيندو. هو اٿيو شرمندگي ۾ گاڙهو هجڻ جي باوجود هن عهدنامي (Gospel) جي باري ۾ گالهائڻ شروع ڪيو. سيني هن کي خاموشي سان ٻڌو. هن هر مسافر تي نظر وڌي ۽ انهن مان صرف ڪجهه ٿورن ئي هن کان منهن ڦيرايو. هن جي دل ۾ جيڪو به هيو سو گالهائي هن خطبو ختم ڪيو ۽ واپس ويهي رهيو.

هن کي اڄ تائين اها خبر ناهي ته هن ڪهڙو حڪم پورو ڪيو؛ پر هن کي پڪ آهي ته هن تنهن واعدي کي پورو ضرور ڪيو.

# عارضي اوج

سينٽ پال پنهنجي هڪ خط ۾ انسان جي حالت کي کجهه هن طرح ٽو چوي:

"دنيا جو اوج گذري وڃي ٿو." ۽ اهو ڄاڻندي به اسين پنهنجي مقصد جي سڃاڻپ جي ڳولا ۾ نڪري پوندا آهيون. چو؟ برازيل جي عظيم ترين شاعرن مان هڪ، ونشس ڊي مورين پنهنجي هڪ گيت جي هولن ۾ چوي ٿو:

۽ ان جو دوران، اسان کي هميشہ کان وڌيڪ
ڳائڻ گهرجي، اسان کي ڳائڻ گهرجي.

گرٽيوڊ اسٽين (Gertrude Stein) چيو ته، "هڪ گلاب، گلاب آهي ۽ گلاب آهي." ۽ موريز صرف چيو ته اسان کي ڳائڻ گهرجي. زبردست. هن کا سمجهاڻي. کا صفائي ناهي ڏني ۽ نه ئي کي تشبيهون ڏنيون آهن. جڏهن آئون برازيل جي اڪيڈمي آف ليٽرز ۾ ويو هئس ته اتي انهن جي رسمن ۾ حصو پڻ ورتو. اتي مونکي هڪ تعليم دان ملیو جنهن پڻ ان سان ملندڙ جلندڙ ڳالهه ڪئي. هن چيو ته: "هر ڪنهن تي اهو فرض آهي ته هو پنهنجي ڳوٺ مان ويندڙ رستي تي هلي."

چو؟ ان رستي تي اهڙو ڇا هي؟

ڪهڙي طاقت آهي جيڪا اسان کي ڄاتل سڃاتل شين جي آسائشن کان ڪيي آزمائشن ڏانهن ڏکي ٿي. اها خبر هوندي ته دنيا جو اوج هڪ ڏينهن ختم ٿي ويندو؟

منهنجو يقين آهي ته اهو فطري عمل دراصل اسان جي

زندگي جي معنيٰ جي ڳولا آهي.

ڪيترن ئي سالن تائين، مون ان سوال جو مڪمل ۽ صحيح جواب ڪتابن ۾، فنون ۾، سائنس ۾، ۽ بين ڪيترن ئي فرحت بخش ۽ خطرناڪ رستن ۾ ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي. مونکي گهٽائي جواب مليا، جن مان ڪجهه ٽورن سالن تائين هليا. ۽ ڪجهه ته هڪ ڏينهن جي به غور ويچار لاءِ نه ٽڪي سگهيا. ۽ انهن مان ڪو هڪ به اهڙو نه هو جنهن جي لاءِ مان جئي سگهان: ها زندگي جي معنيٰ هيءَ آهي.

هاڻي مون کي خبر پئجي چڪي آهي ته ان ڳالهه جو جواب اسان کي هن زندگي ۾ ڪڏهن نه ملندو ۽ آخرت ۾ جڏهن اسين ان خالق جي اڳيان هونداسين، تڏهن اسان کي سمجهه ۾ ايندو ته اسان کي ان زندگي جي دوران ڪهڙا ڪهڙا موقعا مليا جن کي يا ته اسان استعمال ڪيو يا وڃائي ڇڏيوسين.

1890ع جي خطبي ۾ وڏي پادري هينري ڊرمنڊ پالٿهار سان پنهنجي ملاقات جو ذڪر ڪندي چيو:

"انسان جو امتحان اهو ناهي ته "مون ڪيئن يقين ڪيو آهي؟" ۽ اهو ته، "مون پيار ڪيئن ڪيو آهي؟" مذهب جو آخري امتحان خود مذهب نه پر محبت آهي: اهو نه ته مان ڇا ڪيو آهي، اهو نه ته مون ڇا تي يقين ڪيو آهي، اهو نه ته مون ڇا حاصل ڪيو آهي، بلڪ اهو ته مون زندگي جون عام خدمتون ڪيئن ادا ڪيون. فرضن جي ادائگي وارن گناهن جو ان خوفناڪ ڏوهن جي بيان ۾ ڪو ذڪر ئي ناهي ٿيندو. بلڪ اسان جو فيصلو ان ڳالهه تي ڪيو ويندو آهي ته اسان ڇا ڇا نه ڪيو. مطلب پل ڇڪ وارن گناهن جي رحم ۽ ڪرم تي هوندي اسان جي آخرت. ان جو ٻيو ڪو طريقو ناهي. چوته پيار جو رستو روڪڻ يسوع مسيح تي ايمان جي نفي آهي، اهو ان ڳالهه جو

ثبوت آهي ته اسان هن کي ڪڏهن نه سڃاتو ۽ اسان جي لاءِ هو بيڪار ۽ هن دنيا ۾ رهيو."

دنيا جو اوج عارضي آهي، ۽ اسان پنهنجي زندگي جي پيمائش ان جي لحاظ کان نه ٿا ڪري سگهون، بلڪ صرف انهن فيصلن سان زندگي جي پيمائش ڪري ٿا سگهون جن جي ذريعي اسان پنهنجو رستو پاڻ گولينداآهيون، خوابن جي دنيا ۾ يقين ڪرڻ لاءِ، ۽ انهن جي خاطر وڙهڻ لاءِ، اسان مان هر هڪ پنهنجي زندگي جو هيرو آهي، ۽ اڪثر ڪري اهي گمنام هيرو ئي هوندا آهن جيڪي دنيا ۾ ديرپا نشان ڇڏي ويندا آهن.

هڪ جاپاني قصي مطابق، هڪ ٻائي (monk) کي چيني ڪتاب "تائو تي چنگ (Tao Te Ching)" سان جذباتي حد تائين چاهه هو ۽ هن فيصلو ڪيو ته هو ايترا پئسا جمع ڪندو جو ان ڪتاب کي پنهنجي ٻولي ۾ ترجمو ڪري ڇپرائي سگهي. ائين ڪرڻ ۾ ڪيس ڏهه سال لڳي ويا.

ان دوران، سندس ملڪ پليگ (Plague) جي بيماري سبب تباهه ٿي چڪو هو ۽ ٻائي فيصلو ڪيو ته هو اهي جمع ڪيل پئسا بيماري ۾ مبتلا ماڻهن جي علاج لاءِ ڏئي ڇڏيندو. البته جيئن ئي حالات بهتر ٿيا ته هن وري "تائو" ڪتاب جي ترجمي ۾ ڇپائي لاءِ گهربل پئسا گڏ ڪرڻ شروع ڪيا. ٻيا ڏهه سال گذري ويا، ۽ هو ڪتاب ڇپرائڻ وارو ئي هو ته هڪ ساموندي لهر سوين ماڻهن کي ٻي گهر ڪري ڇڏيو.

ان ٻائي وري پنهنجا سڀ پئسا انهن بي گهر ٿيل ماڻهن جي گهرن جي نئين سر تعمير لاءِ خرچ ڪري ڇڏيا. ٻيا ٻه ڏهه سال گذري ويا، هن پئسا جمع ڪيا ۽ آخرڪار جاپان جي ماڻهن کي "تائو تي

چنگ" پڑھڻ لاءِ مليو.

داناءِ چوندا آهن تہ حقيقت ۾ هن ٻائي "تائو" ڪتاب جا ٽي شمارا ڇپرايا هئا: ٻہ باطني ۽ هڪ ظاهري. ڪيس پنهنجن خوابن ۾ يقين هيو هو سڃائي جي جنگ وڙهيو پنهنجي مقصد سان سڃائي رکيائين، پر هن ڪڏهن ٻہ ٻين ماڻهن جي سارسنيال لهڻ کو نہ وساريو. اسان سيني کي ٻہ ائين ئي ڪڻ گهرجي- ڪڏهن ڪڏهن اسان جي دريا دلي مان پيدا ٿيل ڪتاب ٻہ اوترا ئي اهم هوندا آهن جيترا اهم اهي ڪتاب آهن جن سان ڪتب خانا يا لائبريريون ڀريون پيون آهن.

# خطري هيٺ آيل انساني خدمت

ڪجھ وقت اڳ، منھنجي زال ھڪ سوئس سياح جي مدد ڪرڻ لاءِ اپا نيما وئي، جنھن دعويٰ ٿي ڪئي تہ ڪجھ رولو ھارڪيس لٽي ويا ھيا. غير ملڪي ڳوري لجھي ۽ چرڪائيندڙ پورچوگيز ڳالھائيندي ٻڌايو تہ وٽس پاسپورٽ، پئسا، ۽ ڪا سمھڻ جي جاءِ نہ ھئي.

منھنجي زال ڪيس منجھند جي ماني وٺي ڏني، ۽ جيستائين ھو پنھنجي ملڪ جي سفارتخاني سان رابطو ڪري تيستائين ڪنھن ھوٽل جي ڪمري ۾ رھڻ جيترا پئسا ب ڏنائينس. ڪجھ ڏينھن ڪانپوءِ ريو جي اخبار ۾ خبر آئي تہ اھو "سوئس سياح" حقيقت ۾ ھڪ ڏونگي ڏڳ ھو جيڪو اھڙي لھجي ۾ ڳالھائيندو ھو ۽ اسان جي ان جدوجھد جي حرمت ڪندو ھو جنھن جي تحت اسان پنھنجي شھر ريو جي منفي تاثر کي ختم ڪرڻ ٿي چاھيو جيڪو- ميجو يا نہ - اسان جو ٽريڊ مارڪ ٿي ويو آھي.

جڏھن منھنجي گھر واري ڪالھ پڙھيو تہ بس ايترو چيائين: "اھا ڳالھ مونکي ڪنھن جي ب مدد ڪرڻ کان نہ ٿي روڪي سگھي."

سندس ان ڳالھ تي مونکي ھڪ داناء ماڻھو جي ڪھاڻي ياد اچي وئي جيڪو "اڪبر" جي شھر ڏانھن ھجرت ڪري ويو ھو. اتي ڪنھن ب مٽس ڏيان نہ ڏنو ۽ ھن جون سمجھاڻيون گھٽن ماڻھن تائين نہ پھچي سگھيون. ڪجھ وقت ڪانپوءِ ھو اتان جي ماڻھن جي ٽوڪن ۽ چٽرن جو نشانو بڻجي ويو.

ھڪ ڏينھن، جڏھن ھو اڪبر جي مک گھٽي مان گذري رھيو

هو ته مردن ۽ عورتن سندس بي حرمتي ڪرڻ شروع ڪئي. بي خيالي جو بهانو ڪري جي بجاءِ هن داناءِ ماڻهن ڏانهن مڙي ڪين دعا ڏني.

تنهن تي انهن مان هڪڙي همراهه چيس:

"تون هوڙو به آهين چا؟ اسان توکي گاريون ٿا ڏيون ۽ تون اسان کي واپسي ۾ دعا ٿو ڏين!"

داناءِ شخص جواب ڏنس. "اسان مان هر ڪنهن وٽ جيڪو هوندو سو ئي ڏيندو."

# ڏائٽون ۽ معافي

31 آڪٽوبر 2004ع تي اسڪاٽلينڊ جي پرسٽن پنيز (Pre-stonpans) شهر ايندڙ مهيني ڪجهه جاگيرداري طاقتن جي ٽيندڙ خاتمي جو فائدو ونندي ايڪاسي ماڻهن- ۽ سندن ٻلين- کي عام معافي ڏيڻ جو اعلان ڪيو جيڪي سورهين ۽ سترهين صدي ۾ ڪارو جادو ڪرڻ ۾ ملوث هئا.

پرسٽن پنز ۾ ڊالفنسٽن جي بيرن ڪورٽ جي سرڪاري نمائندي جي چواڻي "انهن ملزمن مان گهڻن کي جنات جي شاهدين جي بنياد تي ڏوهي ڄاڻايو ويو هو- ان جو مطلب اهو آهي ته مقدمو ڪندڙ شاهدن ان ڳالهه جو انڪشاف ڪيو هو ته ڪين شيطاني روحن جي موجودگي يا جنن جا آواز ٻڌڻ ۾ آيا هئا."

انهن تارچر وارن ڪمرن، جن ۾ نفرت ۽ بدلي جي باهه ٻاري ويندي هئي، تن جي سرڪاري تحقيقات جي گهرائي ۾ وڃڻ جو ڪو فائدو ناهي، پر هن ڪهاڻي جي هڪ ڳالهه تي مونکي ڏاڍو تعجب ٿيو.

شهري انتظاميه، ۽ ان شهر جو چوڌهون نواب، انهن ماڻهن کي عام معافي ڏئي رهيا هئا جن کي بي دردي سان،قاسيون ڏنيون ويون هيون يا اذيتناڪ نموني قتل ڪيو ويو هو. اسانڪ هن وقت ايڪيهين صدي ۾ رهون پيا ۽ اصلي مجرمن جي نسلن کي، جن معصوم ماڻهن کي ماريو، اڃا تائين اهو ٿو لڳي ته وٽن معافي ڏيڻ جو حق محفوظ آهي.

هاڻي هڪ نئين "عتاب جي مهم" (Witch-hunt) جنم وٺي رهي آهي. هن دفعي هٿيار ڳاڙهو تتل لوهه نه پر ستم ۽ ڏاڍ آهي.

ڪوئي ب جيڪڏهن خدا پاران ڏنل تحفي (جيڪو هو اتفاق سان پنهنجي اندر دريافت ڪن ٿا) کي استعمال ڪري ٿو ۽ پنهنجي قوتن جو اظهار ڪري ٿو ته ڪيس اعتبار جي لائق نه ٿو سمجهيو وڃي يا وري ڪيس والدين، يا شريڪ حيات پاران ان باري ۾ ڪجهه ب ڳالهائڻ کان منع ٿو ڪيو وڃي. جواني کان وٺي انهن "پراسر علمن" ۾ دلچسپي رکڻ سبب مان اهڙن ڪيترن ئي ماڻهن سان لهه وچڙ ۾ آيو آهيان.

مونکي ڪيترن ئي ڊونگين يا ڊرامي باز جادوگرن پاڻ وٽ اچڻ ڏنو: ۽ مون پنهنجو وقت ۽ جذبو انهن اصلي "عالمن" کي اربي چڊيو جن آهستي آهستي پنهنجو نقاب لاٿو. جنهن جي اندران مڪمل خلا هئي. مون ڪجهه فرقن ۾ غير ذميواري سان شرڪت ڪئي، جتي مون انهن جي رسمن ۾ حصو ب ورتو جنهن جي مونکي ڳري قيمت ادا ڪرڻي پئي هئي. مون اهو سڀ ڪجهه انسان جي هڪ فطري عمل جي اثر هيٺ ڪيو: زندگي جي ڳجهارت جي جواب جي ڳولا.

البته، مان اهڙن ڪيترن ئي ماڻهن سان پڻ مليس جن وٽ منهنجي سمجهه کان مٿي جي قوتن سان لهه وچڙ ۾ اچڻ جي طاقت هئي. مون کين موسر کي تبديل ڪندي ب ڏٺو آهي. مثال طور، مون بيهوش ڪندڙ دوا جي استعمال کان بغير ٽيندڙ آپريشن ٽيندي ڏٺيون. اهڙي ئي هڪ موقعي تي (ان ڏينهن جڏهن مان پنهنجن اڻڄاتل طاقتن جي باري ۾ ڏاڍو شڪ ۾ پئجي ويو هئس) مون هڪ زنگيل ننڍڙي چاقو سان ٽيندڙ چيرڦاڙ (Incision) ۾ هٿ وندايو هو. توهان جي مرضي اگر مون تي يقين ڪريو- يا مون تي ڪلو چاڪاڻ ته جيڪو مان لکي رهيو آهيان ان کي پڙهڻ جا اهي ب ئي طريقا آهن- پر مون

عام ڏاتو کي تبديل ٿيندي ڏٺو آهي، چمچن کي چهو ٿيندي ڏٺو آهي، ۽ کنهن جي چوڻ تي هوا ۾ روشنيون چمڪندي ڏٺيون آهن. اهي شيون هميشہ شاهدن (اڪثر ڪري شڪي مزاج) جي سامهون ٿيون آهن. گهٽو ڪري، اهي شايد شڪ ۾ ٿي رهيا ۽ انهن ڳالهين تي اهو چوندي يقين ڪرڻ کان انڪار ڪيائون ته اهو سڀ هٿ جي صفائي هئي. ڪسن وري چيو ته اهي "شيطاني ڪم" هئا. ٽورڙن وري اهو چيو ته انهن جيڪو ڪجهہ بہ ٿيندي ڏٺو سو انساني سمجهہ کان بالاتر هو.

مون اهو سڀ برازيل ۾، فرانس ۾، انگلينڊ ۾، سئوٽزرلينڊ ۾، موراڪو ۾، ۽ جاپان ۾ ڏٺو آهي. ۽ انهن ماڻهن سان ڇا حشر ٿو ٿئي جيڪي قدرت جي غلطين کان پاڪ قانون ۾ مداخلت ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿا ٿين؟ سماج انهن کي غير اهم ٿو تصور ڪري، جيڪا ڳالهہ سمجهائي نہ سگهجي، سا وجود ئي نہ ٿي رکي. گهٽا ماڻهو ته خود پاڻ حيران هوندا آهن ته هو اهڙيون عجيب و غريب ۽ حيران ڪندڙ شيون ڪيئن ٿا ڪري سگهن ۽ ويچارا ڏونگي ۽ ڪوڙي هجڻ جي الزام جي ڊپ ۾ پنهنجي طاقتن کي خود دٻائي ڇڏيندا آهن.

انهن مان ڪوئي بہ خوش ناهي. انهن سيني کي ان ڏينهن جو انتظار آهي جڏهن کين سنجيده ورتو ويندو. اهي سڀ ان اميد ۾ آهن ته انهن جي طاقتن جي ڪا سائنسي سمجهاڻي دريافت ٿي سگهي (منهنجي خيال مطابق اهو ان ڳالهہ جو حل ناهي). ڪيترائي پنهنجي قوتن کي دٻائن ٿا ۽ تنهن جي ڪري ڏاڍي پوڳنا ۽ تڪليف کي بہ منهن ڏين ٿا، چوته ان سان هو دنيا جي مدد ڪري ٿي سگهيا، پر کين اجازت ناهي. اندر ئي اندر مان سوچيندو آهيان ته اهي بہ مختلف هجڻ جي لاءِ "عام معافي" جو انتظار ڪري رهيا آهن.

اچن ۾ ڪارن کي ڏار ڪندي، ۽ دنيا ۾ موجود هزارين ڏونگين کان شڪست نه کائيندي، مان سمجهان تو اسان کي پاڻ کان ٻيهر پڇڻ گهرجي: اسان ڪهڙي شيءِ جي قابل آهيون؟ ۽ پوءِ، تمام خاموشي سان پنهنجي ان ٻي ٻها طاقت جي ڳولا ۾ نڪري پئون.

# رفتار ۽ رستو

جنهن وقت آئون مئيجر جي ڪاسا ڊي گاليشيا مان نڪري رهيو هش جتي ڪجهہ منٽ پهرين مون ليڪچر ڏنو هو تہ هڪ ياتري چوڪري چيو: "توهان پنهنجي ليڪچر ۾ سينٽياگو ياترا جي باري ۾ هڪ ڳالهہ نہ ٻڌائي".

مونکي بخوبي ڄاڻ هئي تہ مون ڪيترين ئي ڳالهين جو ذڪر نہ ڪيو هو جو منهنجو ارادو صرف پنهنجا تجربا بيان ڪرڻ هو. ان هوندي بہ مون ان "رهيل ڳالهہ" کي ڄائڻ جي لاءِ هن کي گڏ ڪافي (Coffee) پيڻ جي دعوت ڏني.

بيگونہ - سندس نالو هيو - چيو:

"مون هڪ ڳالهہ ڏني آهي تہ اڪثر ياتري، پلي سينٽياگو ياترا تي يا زندگي جي ٻي ڪنهن راهہ تي، هميشہ ٻين جي ناهيل رفتار تي هلڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. ياترا جي منڊ ۾ مون پنهنجي گروپ سان گڏ هلڻ جي ڪوشش ڪئي، پر مان ٽڪي پيس. آئون پنهنجي جسم کان ڪجهہ وڌيڪ ئي مشقت طلب ڪري رهي هيس. مان سجو وقت پريشاني ۾ هيس ۽ آخرڪار منهنجي ڪاهي پير جون نسون چڪجي پيون. ان ڪانپوءِ مان بہ ڏينهن نہ گهمي سگهي هيس، ۽ مونکي اندازو ئي ويو تہ مان سينٽياگو تڏهن ئي پهچي سگهنديس جڏهن آئون پنهنجي رفتار تي هلنديس. مونکي اتي پهچڻ ۾ ٻين کان گهٽو وقت لڳي، ۽ وچ وچ ۾ ڪافي مفاصلن تائين مونکي اڪيلائي ۾ بہ پنڌ ڪرڻو پيو. پر پنهنجي رفتار جو احترام ڪرڻ جي ڪري ئي مان سفر پورو ڪري سگهيس. تڏهن ڪان ورتي، مون اهو اصول پنهنجي زندگي ۾ هر شيءِ جي لاءِ اختيار آهي: آئون پنهنجي رفتار تي هلنديس."

# مختلف نموني سفر ڪرڻ

مونکي اها گهٽو اڳ ٿي ڄاڻ ٿي وئي هئي ته سفر ڪرڻ سکڻ جو سڀ کان بهترين طريقو آهي. منهنجو روح ايڏا ٽائين هڪ ياتري جو آهي، ۽ مون سوچيو ته آئون ڪجهه سبق، جيڪي مون پاڻ سکيا هئا، توهان ٽائين پهچائي سگهان، ان اميد سان ته اهي مون جهڙن ٻين ياترين لاءِ متان مددگار ثابت ٿين.

1- عجائب گهرن کان پاسو ڪريو: هيءَ صلاح ڪافي بيهوده ۽ بي معنيٰ لڳي سگهي ٿي. پر اچو ته ان جي باري ۾ ٿورو سوچيون. جيڪڏهن توهان ولايت جي ڪنهن شهر ۾ آهيو ته ڇا ماضي جي بجاءِ حال جي باري ۾ ڄاڻڻ وڌيڪ دلچسپ ناهي؟ ڳالهه صرف ايتري آهي ته ماڻهو عجائب گهر گهمڻ کي پنهنجو فرض سمجهندا آهن ڇاڪاڻ ته هاروٽن ۾ ڪين اهو سيکاريو ويندو آهي ته اهڙي قسم جي ثقافت کي ڪوليو لهڻ کي سفر چئبو آهي. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته عجائب گهر اهميت جا حامل آهن پر اتي الاهي وقت ۽ خاص مقصد جي ضرورت پوي ٿي. توهان کي اها ڄاڻ هجڻ ضروري آهي ته اوهين هتي ڇا ڏسڻ ويا آهيو نه ته توهان عجائب گهر ۾ ڪجهه بنيادي شيون ته ڏسي ايندو پر پوءِ ياد نه ايندو ته ڇا ڏٺو هو.

2- بار ۾ گهمڻ وڃو: شهر جي زندگي ميوزيم ۾ نه بلڪ بار (Bars) ۾ ظاهر ٿيندي آهي. بار مان منهنجو مقصد ڊسڪو وغيره ناهي بلڪ اهڙي جڳهه جتي عام ماڻهو ويندا هجن، جانهه يا ٻوتل پيئن، هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪن، ۽ هميشه ڪجهري جي

لاءِ تيار هجن. اخبار خريد كريو ۽ ماڻهن جي گالهين مان مزا وٺو. جيڪڏهن ڪوئي ماڻهو ڪجهري شروع ڪري ٿو، پوءِ پلي اها ڪيتري به احمقانه چو نه هجي، ان ۾ حصو وٺو. دروازي کي ڏسي شهر جي رستن جي خوبصورتي جو اندازو ناهي ٿيندو.

3- ڪُلي رهو: سڀ کان بهترين ٽوئر گائيڊ اهو هوندو آهي جيڪو ان شهر ۾ رهندو هجي، ان جي باري ۾ سڄي ڄاڻ رکندو هجي، پنهنجي شهر تي فخر هجيس پر ٽوئرسٽ گائيڊ ايجنسي ۾ ڪر نه ڪندو هجي. رستي تي نڪري اڇو ان ماڻهو جي چونڊ ڪريو جنهن سان توهان گالهائڻ چاهيو. ڪانئس ڪجهه پڇو (مسجد ڪٿي آهي؟ پوسٽ آفيس کڙو رستو ٿو وڃي؟) جيڪڏهن ان سان ڪجهه نه ٿئي ته ٻي ڪنهن سان گالهايو. مان پڪ سان چئي سگهان ٿو ته ڏينهن ختم ٿيڻ تائين توهان کي پنهنجو ساٿي ملي ويندو.

4- اڪيلي- يا شادي ٿيل آهي ته پنهنجي شريڪِ حيات سان - سفر ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو: سفر مشڪل ٿيندا آهن، ۽ اتي توهان جو خيال رکڻ وارو ڪوئي ناهي هوندو، پر صرف ان طريقي سان ئي توهان حقيقت ۾ پنهنجو ديس چڏي سگهو ٿا. هڪ گروپ ۾ سفر ڪرڻ جو مطلب آهي ته توهان ڪنهن ولايتي ملڪ ۾ آهيو پر پنهنجي مادري ٻولي ٿا گالهايو. جيڪو ڏڻ جو ڏنار چوي اهو ڪريو ۽ جنهن جڳهه تي گهمڻ آيا آهيو ان تي ڏيان گهٽ ۽ پاڻ ۾ ڪجهري تي وڌيڪ ڏيان ڏيو.

5- موازنو نه ڪيو: ڪنهن به شيءِ کي پاڻ ۾ نه پيٽايو. قيمتون، ڪاڌي جي ڪوالٽي، زندگي جو مقام، آمدرفت جا ذريعا، ڪجهه به نه! توهان اهو ثابت ڪرڻ لاءِ سفر ڪونه ڪري رهيا آهيو ته

توهان ۾ين کان سڻي يا خراب زندگي ڀا گذاريو. توهان جو مقصد اهو آهي ته ڏسو ته ٻيا ماڻهو ڪيئن ڀا رهن. اهي توهان کي چا ڀا سيکاري سگهن. اهي زندگي جي معمولي ۽ غير معمولي حقيقتن کي ڪيئن ڀا منهن ڏين.

**6- سمجهو ته هر ڪو توهان کي سمجهي ٿو: پاڻ**

توهان کي هولي ڳالهائڻ نه اچي. تڏهن ۽ گهٻرايو نه. مان ايترين ڪيترين ئي جڳهن تي ويو آهيان جتي مان لفظن سان رابطو نه ڪري سگهيس تنهن هوندي ۽ مونکي اتي مدد، رهنمائي، ڪارآمد صلاحون ايتريقدر جوگرل فرينڊ ۽ مليون.

ڪجهه ماڻهو سوچيندا آهن ته اگر هو اڪيلا سفر ڪندا ته گهٽي ۾ رستو پلجي ويندا ۽ هميشه جي لاءِ گم ٿي ويندا. صرف ايتري پڪ ڪري وٺو ته توهان جي ڪيسي ۾ هوٽل ڪارڊ پيو هجي ۽ جيڪڏهن حالت بدڪان بدتر ٿي وڃي ته، ڪنهن ٽيڪسي ۾ ويهي رهو ۽ ڊرائيور کي هوٽل ڪارڊ ڏيکاريو.

**7- گهٽي خريداري نه ڪيو: پنهنجا پئسا اهڙين شين تي خرچ ڪريو جن کي ڪٽڻ جي ضرورت نه پوي:** ڪنهن سڻي ڊرامي جون ٽڪيٽون، ريسٽورنٽ، گهمڻ ڦرڻ وغيره اڄ جي انٽرنيٽ ۽ عالمي اقتصاديات واري دنيا ۾ توهان کا به شيءِ خريد ڪري سگهو ٿا جنهن جي لاءِ توهان کي حد کان مٿي ٽيلها ۽ سامان نه ڪٽڻو پوندو.

**8- سڄي دنيا هڪڙي مهيني ۾ گهمڻ جي ڪوشش نه ڪريو:** هڪڙي هفتي ۾ پنج شهر گهمڻ کان بهتر آهي ته ڪنهن هڪ شهر ۾ چار يا پنج ڏينهن رهو. شهر نخريلي حسينائن وانگر ٽيندا آهن جن کي مجائڻ ۽ مڪمل طور پاڻ کي ظاهر ڪرڻ ۾ وقت

لڳندو آهي.

9- سفر هڪ ائڊونچر هوندو آهي: هيئري مِلر چوندو هو ته روم جي سِستائين چيپل، جتي هڪ لک ٻيا سياح به توهان جي ڪنن ۾ گونجندا، گهمي خوش ٿيڻ کان بهتر آهي ته ماٿو اهڙو چرچ ڳولي گهمي جنهن جي باري ۾ ڪنهن ٻڌو نه هجي. پلي سِستائين چيپل وڃو پر گهٽيون ۽ ضرور گهمو نوان رستا ڳوليو ڪنهن اڻڄاتل شيءِ کي ڏسڻ جي آزادي جو تجربو حاصل ڪيو پر اهو ڪجهه، جنهن جو توهان کي يقين هجي، ته توهان جي زندگي تبديل ڪري ڇڏيندو.

# هڪ لوڪ ڪهاڻي

سينتياگو جي ياتري چوڪري، ماريا اميليا واس، مونکي هيءَ ڪهاڻي ٻڌائي. 250 قبل مسيح ۾ قديم چين جي علائقي سِنگ - زا (Thing-zda) جي هڪ شهزادي جي شهنشاهه ٽيڻ لاءِ تاج پوشي ٿيڻي هئي، پر قانون مطابق، ان کان پهرين ڪيس شادي ڪرڻي هئي.

جيئن ته ان جو مقصد مستقبل جي راڻي چونڊڻ هو تنهن ڪري شهزادي کي اهڙي چوڪري جي تلاش هئي جنهن تي هو مڪمل پروسو ڪري سگهي. پنهنجي وزير جي صلاح تي شهزادي علائقي جي سڀني چوڪرين کي دربار اچڻ جي عام دعوت ڏني ته جيئن هو سڀني کان لائق چوڪري ڳولهي سگهي.

هڪ پوڙهي عورت جنهن محل جي خادمه طور نوڪري ڪندي پنهنجي عمر جا ڪيترائي سال گذاري ڇڏيا هئا، سا اهو ٻڌي ڏاڍو اداس ٿي وئي. چوته سندس ڏيءُ هن شهزادي سان دل ئي دل ۾ ڏاڍو پيار ڪندي هئي.

جڏهن هي ٻيڙي گهر پهتي ته پنهنجي ڏيءُ کي اها خبر ٻڌايائين پر هوءَ اهو ڏسي ڏکي وئي ته سندس ڏيءُ محل وڃڻ جي خواهش ظاهر ڪئي.

ٻڌي عورت مايوس ٿي وئي.

"پر منهنجي ڏيءُ آخر تون اتي ڪندينءَ ڇا؟ شهر جون سڀني کان اميرءِ خوبصورت ترين چوڪريون دربار ۾ موجود هونديون. اهو بيڪار خيال آهي! مونکي خبر آهي ته تون تڪليف ۾ هوندينءَ پر ان تڪليف کي ڇرپائپ نه ٻڌاءِ ڏيءُ." تنهن تي ڏيءُ جواب ڏنس:

"منهنجي پياري امان، مان کنهن به تکليف ۾ ناهيان، ۽ نه ئي مان چري ٿي آهيان، مونکي خبر آهي ته منهنجي چوندڙ نه ٽيندي، پر اهو صرف هڪڙو موقعو آهي جو آئون شهزادي جي ويجهو ڪجهه پل گذاري سگهان، ۽ اها ڳالهه مونکي خوشي ٿي پهچائي، اهو ڄاڻندي به ته منهنجي قسمت ان جي بلڪل ابتڙ آهي."

ان رات جڏهن هيءَ نوجوان چوڪري محل ۾ پهتي ته واقعي سيئي سهٽيون چوڪريون اتي موجود هيون، جن کي خوبصورت ترين ڪپڙا ۽ زيور پاتل ها، ۽ جيڪي کنهن به ڏنل موقعي جو ڀرپور فائدو کٽڻ لاءِ تيار هيون.

پنهنجن درٻارين جي وچ ۾ بيٺل شهزادي هڪ آزمائش جو اعلان ڪيو.

"مان توهان مان هر هڪ کي هڪ بچ ڏيندس، ڇهن مهينن ۾ جيڪا چوڪري سڀني کان پيارو گل کٽي ايندي سا ئي چين جي مستقبل جي راڻي هوندي."

هِن چوڪري پنهنجي حصي جو بچ ورتو ۽ هڪ ڪُونڊي ۾ پوکي ڇڏيائين، جيئن ته هوءَ باغباني ۾ ماهر نه هئي تنهن ڪري هن ڏاڍي صبر ۽ پيار سان ان جي مِٽي تيار ڪئي، چو ته ڪيس يقين هو ته جيڪڏهن گل هن جي محبت جيترو وڏو ٿيو ته ڪيس گهبرائڻ جي ڪا به ضرورت نه هئي.

ٽي مهينا گذري ويا ۽ ايا تائين ٻوٽي جون شاخون به نه ڦٽيون هيون. هِن چوڪريءَ هر شيءِ آزمائي ڏٺي، هوءَ هارين ۽ مالهين ڏانهن وئي جن کيس پوکي جا بهترين طريقا ٻڌايا، پر تن سان به ڪو فائدو نه رسيو. هر گذرندڙ ڏينهن سان کيس پنهنجو خواب پري ويندي محسوس ٿيڻ لڳو، پر هن جو پيار هميشه وانگر زنده هو.

آخرڪار ڇهه مهينا پورا ٿيا، ۽ ايا تائين ڪوندي ۾ ڪجهه به نه ٿيو هو پلي هن وٽ ڏيکارڻ لاءِ ڪجهه به نه هو پرڪيس اندازو هو ته هن انهن ڇهن مهينن ۾ ڪيتري نه محنت ۽ لڳاءُ سان ڪم ڪيو هو تنهن ڪري هن پنهنجي ماءُ کي ٻڌايو ته هوءِ مقرر ٽيل ڏينهن ۽ وقت تي واپس محل ويندي. اندر ۾ هوءِ جاڻي پئي ته اها سندس سڄي پيار سان هن جي آخري ملاقات هوندي، ۽ صرف دنيا جي ڇٽو چوان جي ڪري هوءِ اهو موقعو وڃڻ نه ڏيندي.

نيٺ اهو ڏينهن به اچي پهتو هيءِ چوڪري به پوتي ڪان خالي ڪُوندي ڪٽي دربار ۾ پيش ٿي، هن اهو ڏٺو ته ٻين چوڪرين جي محنت ڪامياب ٿي هئي، هر چوڪري وٽ ٻين ڪان سٺو ۽ سهڻو گل هو جيڪي شڪل ۽ رنگن ۾ مختلف هئا.

آخرڪار انتظار جون گهڙيون ختم ٿيون، شهزادو داخل ٿيو ۽ هر چوڪري جي گل کي ڏاڍي خيال ۽ ڏيان سان ڇڪاسڻ شروع ڪيائين. سيٽي گل ڏسي هن اعلان ڪيو ته هن نوڪرياڻي جي ڏيءَ جو پنهنجي ٽيندڙ ڪنوار جي طور انتخاب ڪيو هو.

اتي موجود ٻين سيني چوڪرين احتجاج ڪرڻ شروع ڪيو ۽ چوڙ لڳيون ته شهزادي ان چوڪري کي وڃي چونڊيو هو جيڪا ڪجهه به پوکي سگهڻ ۾ ڪامياب نه ٿي سگهي هئي.

شهزادي ڏاڍي ڏيرج سان ان آزمائش جي پويان طلسم کي سمجهايو.

"هيءَ نوجوان چوڪري اڪيلي اهڙي هئي جنهن اهڙو گل پوکي وڏو ڪيو جنهن ڪيس راڻي جي تاج جو حقدار بڻائي ڇڏيو. ايمانداري جو گل. مون توهان سيني کي جيڪي به بج ڏنا هئا سي سُنڌ، مٽل ۽ ناڪاره هئا، ۽ انهن مان ڪڏهن به ڪجهه به نه ٿي ڦٽي سگهيو."

# برازيل جو عظيم ترين ليکڪ

مون پنهنجي خرچ تي هڪڙو ڪتاب "آرڪائيوز آف هيل" جي عنوان سان ڇپرايو هو (جنهن تي مونکي ڏاڍو فخر آهي، پر اهو هاڻي ڪتاب گهرن ۾ موجود ناهي ڇاڪاڻ ته مون وٽ ان کي ورجائڻ جي همت ناهي). اسان سيني کي خبر آهي ته پنهنجو ڪتاب ڇپرائڻ ڪيترو مشڪل ڪم آهي، پر ان کان وڌيڪ ڏکيو ڪم وري ان ڪتاب کي ڪتاب گهرن ۾ آڻڻ آهي. هر هفتي، منهنجي گهر واري شهر جي هڪ پاسي ڪنهن ڪتاب گهر ۾ ويندي هئي، ۽ مان شهر جي ٻئي پاسي ويندو هئس، ڪنهن ڪتاب گهر ۾ وڃڻ لاءِ.

سو هڪڙي ڏينهن، هوءَ منهنجي ڪتاب جي ڪجهه نسخن کي هٿ ۾ ڪٽي ايوينديا ڪوپا ڪبانا وٽان گذري رهي هئي ته گهٽي جي ٻئي پاسي جارج اميدو ۽ سندس شريڪ حيات زيلٽا گتائي گذري رهيا هئا. ذري گهٽ بغير ڪجهه سوچيئي هوءَ ٻنهن وٽ پهچي وئي ۽ کين ٻڌايائين ته سندس مڙس ليکڪ هو جارج ۽ زيلٽا (جيڪي اهڙيون شيون روز ٻڌندا هوندا) حد درجي جا مهربان ۽ ٻاجهارا هئا، هنن منهنجي گهر واري کي ساڻن گڏ ڪافي پيئڻ جي دعوت ڏني، منهنجو هڪڙو ڪتاب گهريائون ۽ مونکي منهنجي ادبي سفر جي لاءِ شي ڪامنائون ۽ دعائون موڪلياٿون.

"تون چري آن!"، هوءَ گهر آئي ته مون کيس چيو "توکي خبر ناهي ته هو برازيل جو اهر ترين ليکڪ آهي؟"

"اهو ٿي ته،" هن چيو. "جيڪو به ايتري وڏي مقام تي پهچندو ان وٽ ضرور پاڪ دل هوندي."

پاڪ دل: ڪرسٽينا وٽ ان کان وڌيڪ سچائي پريو لفظ نہ پئي ٿي سگھيو. ۽ جارج، برازيل جي ٻاهر ملڪ جو مشهور ترين ليکڪ، ان ڳالھ جو ثبوت هو (۽ آهي) تہ برازيلي ادب ڏهڑي طرف وڃي رهيو هو.

البتہ هڪ ڏينهن هڪڙي ٻي برازيل ليکڪ "الکيمست" لکيو جيڪو ڪجھ ڏينهن ۾ ئي فرانس جي سڀ کان گھٽي فروخت ٿيندڙ ڪتابن جي فهرست ۾ شامل ٿي ويو ۽ پوءِ ڪجھ هفتن ۾ پهرين نمبر تي اچي ويو.

ڪافي ڏينهن پوءِ مون کي هڪ فهرست جي ڪٽنگ ۽ جارج جو ٻاجھ پريو خط وصول ٿيو. ساڻ جھڙي شيءِ جي لاءِ جارج اميدو جي پاڪ دل ۾ ڪا جڳھ ئي ناهي.

برازيل ۾ ۽ ٻاهر جي ڪجھ صحافين جارج کان اڳ وٽي سوال ڪري ڪيس پڙڪائڻ جون ڪوششون شروع ڪيون. جارج ڪڏهن بہ، ڪنهن بہ وقت تي، منفي تنقيد جھڙي آسان رستي جو سهارو نہ ورتو. ويتس جارج تہ منهنجي زندگي جي مشڪل ترين وقت ۾ منهنجو دفاع ڪيو جڏهن منهنجي ڪتاب تي ڏاڍا تلخ تجزيا اچي رهيا هئا.

مختصراً، آخرڪار فرانس ۾ مونکي پنهنجو پهريون غير ملڪي ادبي اعزاز مليو. ۽ اهو ائين ٿيو جو ايوارڊ جي تقريب واري تاريخ تي منهنجي اڳ ۾ ئي لاس اينجلس ۾ هڪ ملاقات رٽيل هئي. منهنجي فرانسيسي پبلشر اين ڪريري ناااميد ٿي وئي. هن آمريڪي پبلشر سان ڳالهايو جنهن ڪنهن رٽيل ليکجرڪي ملتوي ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو.

انعامي تقريب جي تاريخ ويجهو اچي رهي هئي ۽ اعزاز ڪنندڙ

خود نہ ٿي وڃي سگھيو. هوءَ چا ٿي ڪري سگھي؟ مونکان پڇڻ کان بغير ٿي اين، جارج اميدو کي فون ڪري مسئلو سمجھايو. جارج منھنجي ترجمان طور اتي وڃڻ جي آڇ ڪندي ٿورو به نہ گھبرايو.

نہ صرف اھو پر ھن برازيل جي سفير کي فون ڪري ھن کي به ساڻ گھرائي ورتو. ۽ ھڪ حيرت انگيز ۽ بھترين تقرير ڪيائين جنھن اتي موجود سڀني جي دل کي ڇھي ورتو.

انھن سڀني مان ناساز ترين ڳالھ اھا ھئي جو آئون جارج اميدو سان منھن سامھون، انعامي تقريب جي ھڪ سال بعد ملي سگھيو ھئس. پر مون سندس ڪتابن جيان ھن جي دل کي به ساراھڻ شروع ڪري ڇڏيو ھو: ھڪ اھڙو ليکڪ جيڪو شروعات ڪندڙن کان ڪڏھن به نفرت ناھي ڪندو، ھڪ برازيلي جيڪو پنھنجي ھر وطنن جي ڪاميابي تي خوش ٿيندو آھي ۽ ھڪ اھڙو انسان جيڪو ھر وقت مدد لاءِ تيار ھوندو آھي.

# رهجي ويل ملاقات

منهنجو يقين آهي ته اسان مان هر کو هفتي ۾ هڪ اهڙي اجنبي جي مدِمقابل ٿيندو آهي جنهن سان هو ڳالهائڻ چاهيندو آهي پر ائين کرڙ لاءِ همت نه ساري سگهندو آهي. کجهه ڏينهن اڳ، ان ئي ڳالهه تي مونکي پنهنجي هڪ پڑهندڙ اينتونئو پاران خط وصول ٿيو. هيٺ مان هن سان پيش آيل واقعن جو مختصر حوال ٿو ڏيان:

"آئون گران وايا (Gran Via) وٽان لنگهي رهيو هئس ته مون هڪ عورت کي ڏٺو جيڪا ننڍي قد سان، خوبصورت، هلکي رنگت واري ۽ سنا کپڑا پهريل هئي، پر ايندڙ ويندڙ کان پئسن لاءِ ٻني رهي هئي. مان هن جي ويجهو پهتس ته هن مون کان کجهه سکا گهريا ته جيئن هو سئنڈوچ وٺي سگهي. برازيل ۾ آئون ميرا، گدلا ۽ پراٽا کپڑا پهريل پينو فقير ڏسڻ تي هريل هئس سو مون هن کي کجهه به نه ڏيڻ جو فيصلو کيو ۽ گذري ويس. البته جنهن نظر سان هن مونکي ڏٺو تنهن منهنجي اندر هڪ عجيب کيفيت طاري کري ڇڏي.

جڏهن آئون هوٽل پهتس ته مونکي سمجهه ۾ نه ايندڙ تڑپ پيدا ٿي ته آئون واپس وڃي ان عورت کي کجهه پئسا ڏيان. آئون موکل تي هئس، مون کجهه دير اڳ منجهند جي ماني کاڌي هئي. منهنجي کيسي ۾ پئسا پيا هئا، ۽ گهٽي ۾ بيهي، پنڻ ۽ سيني پاران گهوري ڏسڻ ڏاڍو شرمناڪ ۽ تکليف ده هوندو.

مان ان جڳهه تي واپس ويس جتي مون هن کي ڏٺو هو. هوءَ اتي نه هئي، مون آسپاس جي گهٽين ۾ کيس ڳوليو، پر هن جو کو نالو

نشان نہ هو. ٻئي ڏينهن بہ مون هيءَ ياترا طئي ڪئي پر نتيجو ٻڙي هو.

ان ڏينهن کان پوءِ آئون ننڊ نہ ڪري سگهيس ۽ وقفي وقفي سان اٿي ويهي ٿي رهيس. آئون برازيل موتي آيس ۽ پنهنجي هڪ دوست کي هن تجربي جي باري ۾ ٻڌايم. هن مونکي ٻڌايو تہ آئون هڪ تمام اهم ملاقات (Connection) ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو هئس ۽ صلاح ڏنائين تہ آئون خدا کان مدد گهران. مون دعا گهري، ۽ محسوس ڪيم تہ جيئن ڪوئي آواز مونکي چوندو هجي تہ وڃ ۽ ان پينو عورت کي ٻيهر ڳولهہ. مان راتين جو جاڳندو رهندو هئس، سڌ ڪندو هئس. مون محسوس ڪيو تہ هاڻي آئون ائين ئي زنده نہ ٿي رهي سگهيس. ان ڪري مون ٽڪيٽ جيترا پئسا ميڙي سيڙي گڏ ڪيا ۽ واپس ان پينو عورت کي ڳولڻ لاءِ مئڊرڊ (Madrid) ويس.

مون هڪ اڻ ڪٽ لڳندڙ ڳولا شروع ڪئي، جنهن کي مون پنهنجو سڄو وجود اربي ڇڏيو هو پر وقت گذري رهيو هو ۽ منهنجا پئسا گهٽجي رهيا هئا. مونکي واپسي جي تاريخ وڌائڻ لاءِ ٽريول ايجنٽ ڏانهن وڃڻو هو، جو تہ مون اهو فيصلو ڪري ڇڏيو هو تہ ڇا بہ ٿي پوي آئون هن عورت سان ملاقات ڪرڻ کانسواءِ واپس برازيل نہ ويندس.

آئون جيئن ئي ٽريول ايجنسي مان ٻاهر نڪري رهيو هئس تہ ڊاڪٽن تي ٽاپڙ جي پيس ۽ ڪنهن سان ٽڪرائجي ويس. اها ساڳي عورت هئي جنهن کي آئون ڳولي رهيو هئس.

مون بنا سوچڻ جي پنهنجو هٿ ڪيسي ۾ وڌو ان ۾ جيڪي بہ پئسا هئا ڪڍيم، ۽ هن کي ڏئي ڇڏيم. مون کي هڪ مقدس قسر جي شانتي محسوس ٿي، مون ان بي خاموش ملاقات لاءِ خدا جو

شڪر ادا ڪيو تہ هن مونکي ٻئي موقعي سان نوازيو.

ان کانپوءِ آئون ڪيترائي دفعا اسپين وڃي چڪو آهيان پر مونکي خبر آهي تہ آئون هن سان ٻيهر ڪڏهن نہ ملي سگهندس، پر مون اهو ڪيو جيڪو منهنجيءَ دل گهريو."

# مسڪرائيندڙ جوڙو (لنڊن، 1977)

منهنجي شادي سسليا نالي چوڪري سان ٿيل هئي- اهو منهنجي زندگي جو اهم حصو هو جڏهن مون هر ان شيءِ کي ترڪ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو هو جنهن سان منهنجا جذبا سلهاڙيل نہ هجن- اسين لنڊن ۾ رهڻ ويا هئاسين اسين پيلس اسٽريٽ جي هڪ ننڍڙي، ٻي منزل واري فليٽ ۾ رهندا هئاسين جتي اسان کي نوان دوست ٺاهڻ ۾ ڏاڍي مشڪل پيش اچي رهي هئي. البتہ روز رات جو اسان جي پاسي واري شراب خاني مان هڪ جوڙو اسان جي دري جي هيٺان لنگهڻ مهل اسان کي سلام ڪندو هو ۽ هيٺ اچڻ لاءِ سڏ ڪندو هو.

مونکي انتهائي پريشاني هوندي هئي تہ ڪٽي پاڙيسري نہ تنگ ٿين. انکري آڻون ڪڏهن هيٺ نہ ويس. بس اهو ٻهانو ٺاهيندو هئس تہ جڏ منهنجو ان سان ڪو واسطو ئي نہ هو. پر اهو جوڙو اسان کي سڏ ڪندو رهيو. تڏهن بہ جڏهن دريءَ تي ڪوئي نہ هوندو هو.

هڪڙي رات، آڻون هيٺ لهي ويس ۽ ساٿن گوڙ جي شڪايت ڪيم. هنن جي ڪل اوچتو اداسي ۾ تبديل ٿي وئي، هنن معافي گهري، ۽ هليا ويا. انهي رات مون محسوس ڪيو تہ پلي اسان کي نئين دوستن جي ضرورت هئي پر مان ان ڳالهہ جي باري ۾ وڌيڪ پريشان هئس تہ "پاڙي وارا ڇا سوچيندا."

مون فيصلو ڪيو تہ ٻئي دفعي مان ان جوڙي کي پاڻ سان گڏ شراب پيئڻ جي دعوت ڏينداس. مون سجو هفتو دري تي بيٺي انتظار ڪيو جنهن وقت هو عموماً اتان گذرندا هئا، پر هو ٻيهر ڪڏهن نہ آيا. مون هنن کي ڳولڻ لاءِ شراب خاني ۾ وڃڻ بہ شروع ڪيو پر مالڪ

ٻڌايو ته هن کين نه ٽي سڃاتو.

مون دري تي هڪ نوٽس لڳائي ڇڏيو "ٻيهر سڏ ڪريو". ان جو لاڀ اهو نڪتو جو هڪ ڏينهن شراب پرڏت هڪ ٽولي اسان جي دري هيٺان ٻيهي هرگار ڏني، سا به وڏي آواز ۾. هڪ پاڙيسري، جنهن جي لاءِ مان ڏاڍو محتاط هئس- گهر جي مالڪ کي منهنجي شڪايت ڪئي.

مون اهو جوڙو وري ڪڏهن نه ڏٺو.

# ٻيو موقعو

جڏهن اسين پورچوگال وڃي رهيا هئاسين تہ منهنجي دوست ۽ ادبي ايجنٽ، مونيڪا ڪي مون چيو "آئون سبلائن جي ڪتابن (Sy-billine Books) واري ڪهاڻي مان هميشہ ڏاڍو متاثر رهيو آهيان، جيڪا ان باري ۾ آهي تہ اگر موقعو ملي تہ ان کي وڃائجي نہ. اگر توهان اڃين نہ ڪيو تہ اهو هميشہ جي لاءِ وڃائجي ويندو."

سبلس (Sibyls) قديم روم ۾ رهندڙن هيون ۽ مستقبل جي اڳڪٿي ڪرڻ جي سگهہ رکندڙن هيون. هڪڙي ڏينهن انهن مان هڪڙي، شهنشاهہ طبريز (Tiberius) جي محل ۾ نو (9) ڪتاب کڻي آئي، هن دعويٰ ڪئي تہ انهن ڪتابن ۾ سلطنت جو مستقبل سمايل هو ۽ هن ڏهہ سون جا سڪا انهن جي عيوض گهري ورتا. طبريز کي اهي تمام گهٽا مهانگا لڳا ۽ هن ڪتاب خريدڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو.

سبل هلي وئي، انهن مان ٽي ڪتاب ساڙي ڇڏيائين، ۽ باقي ڇهہ کڻي ورڻ واپس آئي. "هنن جي قيمت اڃا ٽائين سون جا ڏهہ سڪا آهي." هن چيو. طبريز هن ٽي ڪليو ۽ ڪيس واپس موڪلائي ڇڏيائين. هن جي همت ڪيئن ٿي جو نون ڪتابن جي قيمت ۾ ڇهہ ڪتاب وڪڻي؟

سبل وڌيڪ ٽي ڪتاب ساڙي ڇڏيا ۽ رهيل ٽي ڪتاب کڻي طبريز ڏانهن واپس وئي. "انهن جي قيمت هاڻي ٻہ ڏهہ سون جا سڪا آهي." هن چيو. تعجب ۾ گهبرائيجي طبريز نيٽ اهي ٽي ڪتاب خريد ڪيا، پر هو انهن مان مستقبل جي باري ۾ ٿورڙو ئي جاڻي سگهيو.

جڏهن مون کهاڻي پڌائي بس کئي تہ مونکي اندازو ٿيو تہ اسين ڪيڊاڊ روڊريگو (Ciudad Rodrigo) جي وڃان گذري رهيا هئاسين جيڪو اسپين ۽ پورچوگال جي بارڊر جي ويجهو آهي. اتي، چار سال پهرين، مونکي هڪ ڪتاب جي آڇ ٿي هئي، جيڪو مون خريد ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو.

"گاڏي هتي بيهار مان سمجهان ٿو سبلائين جي ڪتابن کي ياد ڪرڻ پنهنجي ماضي ۾ ڪيل هڪ غلطي کي سڌارڻ جي نشاني آهي."

پنهنجي ڪتابن جي مشهوري لاءِ ڪيل يورپ جي پهرين ٽوئر جي دوران مون ڪيڊاڊ روڊريگو ۾ منجهند جي ماني کاڌي هئي. ان کان پوءِ، آئون هڪ چرچ گهمڻ ويو هئس جتي منهنجي ملاقات هڪ پادري سان ٿي هئي. "منجهند جي اس ۾ چرچ ڪيترو نہ پيارو ٿو لڳي"، هن چيو هو. مونکي اها ڳالهہ وڻي هئي، اسان گهٽ ڳالهايو ۽ هن مونکي چرچ جا الٽر اندريان رستا، ۽ باغ گهمايا هئا. آخر ۾، هن پنهنجو چرچ تي لکيل هڪ ڪتاب مونکي ڏنو ۽ مون ان کي خريد ڪرڻ کان انڪار ڪيو. جڏهن آئون اتان نڪتس تہ مونکي شرمندگي محسوس ٿي، آخرڪار آئون بہ هڪ ليڪڪ آهيان، ۽ اتي يورپ ۾ آئون پنهنجا ڪتاب وڪڻڻ آيو هئس، تہ پوءِ آخر ڇو نہ هڪ پائيچاري ۽ استحڪام جي طور تي مون هن جو ڪتاب خريد نہ ڪيو؟ ۽ پوءِ ان مهل تائين مان هن قصي کي وساري وينو هئس.

گاڏي بيهاري، آئون ۽ مونيڪا چرچ جي اڳيان واري احاطي مان گذري وياسين جتي هڪ عورت آسمان ڏانهن ڏسي رهي هئي.

"سلام،" مون چيو "اسين هڪ پادري کي ڳولي رهيا آهيون جنهن هن چرچ جي باري ۾ هڪ ڪتاب لکيو هو."

"اوه، توهان جو مطلب، فادر استينلائو (Father Stansinlau) هو هڪ سال پهرين رحلت ڪري ويو" هن جواب ڏنو.

آئون الاهي غمگين ٿي ويس. مون فادر استينلائو کي اها ساڳي خوشي ڇو نه ڏني هئي جيڪا مونکي ٿيندي آهي جڏهن آئون ڪنهن کي پنهنجو ڪتاب پڙهندي ڏسندو آهيان؟

"هو تمام باجهارن انسانن مان هڪ هو جيڪي مون اڄ تائين ڏٺا آهن." عورت چيو "هن جو تعلق ڏاڍي سٺي خاندان سان هو. پر هو آثار قديمہ جو ماهر بڻجي ويو. هن منهنجي پٽ کي يونيورسٽي جي لاءِ اسڪالرشپ ونڊي ڏيڻ ۾ مدد ڪئي هئي."

مون کيس اتي اچڻ جو سبب ٻڌايو.

"ايتري معمولي ڳالهہ تي پاڻ کي ڏوهي نہ ٺهرايو" هن چيو. "وڃو ۽ ٻيهر چرچ گهمي اچو."

مون سوچيو هيءَ هڪ ٻي نشاني هئي ۽ مون ائين ئي ڪيو جيئن هن چيو. ڪنفيشنل (چرچ جي اندر اها جاءِ جتي ماٹهو پادري جي سامهون پنهنجن ڏوهن جو اعتراف ڪندا آهن) ۾ صرف هڪ پادري ويٺو ڪنهن سچار جو انتظار ڪري رهيو هو.

مان هن ڏانهن ويس تہ هن مونکي گوڏن ۾ ويهڻ جو اشارو ڪيو ۽ مون چيو:

"نہ آئون هتي ڪنهن گناهہ جو اعتراف ڪرڻ نہ آيو آهيان. آئون بس هتي فادر استينلائو پاران هن چرچ تي لکيل ڪتاب خريد ڪرڻ آيو آهيان."

اهو ٻڌندي پادري جون اکيون چمڪيون. هو ڪنفيشنل مان اٿي ويو ۽ ٻن منٽن کانپوءِ ڪتاب کڻي اچي پهتو.

"ڪيڏي نہ سٺي ڳالهہ آهي توهان صرف هن لاءِ هتي آيا

آهيي." هن چيو. "آئون فادر اسٽينلائو جو پاڻ آهيان ۽ ان تي مونکي فخر ٿو محسوس ٿئي. هو پڪ هن مهل جنت ۾ هوندا، ۽ هن ڪر جي اهميت کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿي رهيا هوندا."

آئون ڪنهن بہ پادري سان ملي ٿي سگهيس، پر اڄي اچي منهنجي ملاقات فادر اسٽينلائو جي پاڻ سان ٿي. مون ڪتاب جي قيمت ادا ڪئي، سندس شڪريو ادا ڪيو. ۽ هن مونکي پاڪ پاتو. واپس اچڻ لاءِ جيئن ئي مڙيس تہ هن چيو: "منجهند جي اس ۾ چرچ ڪيترو نہ پيارو ٿو لڳي!"

اهي ساڻيا لفظ چار سال اڳ فادر اسٽينلائو چيا هئا. زندگي هميشہ اسان کي هيو موقعو ڏيندي آهي.

# آسٽريلوي شخص ۾ اخباري اشتهار

آئون سڀني جي هيٺ تي ان خوبصورت پل جي پرسان وينو هئس جيڪا شهر جي هن حصن کي پاڻ ۾ ڳنڍيل ٿي. هڪ آسٽريلوي شخص مون وٽ آيو ۽ گڏ آندل اخبار مان مونکي اشتهار پڙهي ڏيڻ جو عرض ڪيائين.

"اکر ڏاڍا ننڍا آهن،" هن چيو. "سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته چيل چاهي."

مون پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي پر آئون پنهنجو پڙهڻ وارو چشمو گهر وساري آيو هئس. مون هن سان معذرت ڪئي.

"اوه ڪا ڳالهه ناهي،" هن چيو "توهان کي هڪ ڳالهه جي خبر آهي؟ مان سمجهان ٿو خدا جن نظر به ڪمزور آهي. انکري نه جو هو پوڙهو آهي بلڪ ان کري جو اها ئي سندس مرضي آهي. ان طريقي سان، اگر ڪوئي ڪجهه غلط ٿو ڪري ته خدا چوندو ته ڪيس اهو نظر ئي نه آيو ۽ هو ان شخص کي معاف ڪري ڇڏيندو ڇاڪاڻ ته خدا ناانصافي نه ڪرڻ چاهيندو."

"۽ جيڪڏهن ڪوئي ڪجهه سٺو ڪري ته؟" مون پڇيو.

"پوءِ؟" آسٽريلوي شخص کليو ۽ ويندي ويندي چيائين، "خدا ڪڏهن به پنهنجو چشمو گهر ٽورئي وساري ايندو!"

# صحرا جا لڙڪ

منهنجو هڪ دوست موراڪو کان واپس آيو ته مونکي هڪ عيسائي مبلغ (Missionary) جي ڏاڍي خوبصورت ڪهاڻي ٻڌايائين جنهن مراکش پهچندي ئي هر روز صبح جو شهر جي ٻاهران واري ريگستان ۾ پنڌ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. جڏهن هو پهريون دفعو ويو ته ڪيس هڪڙو شخص نظر آيو جيڪو واري تي ليٽيو پيو هو. سندس ڪن زمين سان ڏهيل هو ۽ هو پنهنجي هٿ کي پيار سان واري تي ڦيرائي رهيو هو.

"هي ڪ چريو آهي." مبلغ سوچيو.

پر هر روز ساڳيو منظر هوندو هو. هڪ مهيني کانپوءِ آخرڪار هن عجيب رويي مان بيزار ٿي مبلغ ان اجنبي سان گالهائڻ جو فيصلو ڪيو. هو سندس پاسي ۾ ويلو ۽ جيئن ته هن جي عربي ۾ ڪلام ڪرڻ ۾ روانيءَ نه هئي تنهن ڪري ڪافي ڏکيائي سان هن گالهائڻ شروع ڪيو.

"تون ڇا ڪري رهيو آهين؟"

"آئون هن ريگستان سان وقت گذاري رهيو آهيان ۽ سندس اڪيلائيءَ کي گهڙهن ٿي ان سان ڏک جو اظهار ڪري رهيو آهيان."

"مونکي خبر نه هئي ته ريگستان به روئي سگهي ٿو."

"هي هر روز روئيندو آهي ڇاڪاڻ ته هن جو خواب آهي ته هي به ماڻهن جي لاءِ ڪارائتو ٿي سگهي ۽ سندس اهو به خواب آهي ته هو هڪ وسيع باغ ۾ تبديل ٿي وڃي جتي ماڻهو اناج پوکي سگهن، گل پوکي سگهن ۽ پنهنجي رڍن کي چاري سگهن."

"اڄا، ريگستان کي اهو ٻڌاءِ ٿ هو هڪ اهر فرض نياڻي رهيو آهي." مبلغ چيو. "جڏهن ٻه آئون ريگستان ۾ گهمندو آهيان ٿ مونکي ماڻهو جي اصلي قد ۽ ماپ جي خبر پوندي آهي، چو ٿ ايترو وسيع علائقو مونکي ياد ڏيارينڊو آهي ٿ اسين خدا جي سامهون ڪيترا نہ ننڍڙا آهيون. آئون جڏهن واريءَ کي ڏسندو آهيان ٿ سوچيندو آهيان، دنيا جا لکين کروڙين ماڻهو برابري سان پيدا ٿيا هئا، پلي دنيا انهن سان هميشہ منصفانہ نہ رهي آهي. ريگستان جا پهاڙ مونکي مراقبي ۾ مدد ڏيندا آهن. ۽ جڏهن افق تان سج مٿي چڙهندو آهي ٿ منهنجو روح مسرت سان ڀرجي ويندو آهي ۽ آئون پنهنجي خالق ۽ پالڻهار سان ويجهڙائپ محسوس ڪندو آهيان."

مبلغ هن همراه کي اتي ڇڏي موٽي آيو ۽ پنهنجن ڪمن ڪارن ۾ لڳي ويو. ٻئي ڏينهن هو ان همراه کي ساڳي هنڌ، ان ساڳي حالت ۾ ڏسي حيران ٿي ويو.

"تو ريگستان کي اهو سپ ٻڌايو جيڪو مون چيو هو؟"

همراه هاڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو.

"۽ اهو اڄا تائين روئي ٿو؟"

"مان هن جو هر سڏڪو ٻڌي سگهان ٿو. هاڻي هي انڪري ٿو روئي جو هن هزارين سال اهو سوچيندي گذاري ڇڏيا ٿ هو بيڪار آهي ۽ سجو وقت خدا جي بي ادبي ۽ قسمت جي بي حرمتي ڪندي وڃائي ڇڏيائين."

"پوءِ، ريگستان کي اهو ٻڌاءِ ٿ جيتوڻيڪ اسان انسانن وٽ ڏاڍي ننڍڙي زندگي هوندي آهي، پر پوءِ ٻہ اسان پنهنجو گهڻو وقت اهو سوچيندي گذاريندا آهيون ٿ اسين ناڪاره آهيون. اسين پنهنجي منزل مشڪل سان ڳولي لهندا آهيون ۽ محسوس ڪندا آهيون ٿ خدا

اسان سان ناانصافي ڪئي آهي. پر جڏهن آخرڪار اها مهل پهچندي آهي ۽ اسان کي پنهنجي زندگي جو مقصد معلوم ٿيندو آهي ته سوچيندا آهيون ته هاڻي اسان جي زندگي متائڻ جي لاءِ گهڻي دير ٿي چڪي آهي ۽ اسين پوءِ به عذاب ۾ رهندا آهيون. ۽ ريگستان وانگر پنهنجي وجايل وقت تي پاڻ کي برو پلو چوندا رهندا آهيون."

"مون کي خبر ناهي ته ريگستان اها گالهه ٻڌندو يا نه." همراه چيو. "هن کي تڪليفن جي ايتري ته عادت پيل آهي جو هي شين کي ٻي ڪنهن پهلوڪان ڏسي ئي نه ٿو سگهي."

"پوءِ اڄ ته اهو ڪريون جيڪو آئون هميشه ڪندو آهيان جڏهن ماڻهو پنهنجي سڄي اميد هاري ويهندا آهن. اڄ ته دعا گهرون."

ٻنهي جڻن گوڏن ۾ ويهي دعا گهرڻ شروع ڪئي. هڪڙي مڪي جي طرف منهن ڪيو چو ته هو مسلمان هو ۽ ٻئي پنهنجا هٿ جوڙيا چو ته هو عيسائي هو. هنن پنهنجي پنهنجي خدا کان دعا گهري. جيڪو هميشه هڪ ئي رهيو آهي، پر ماڻهو ڪيس مختلف نالن سان سڏڻ تي زور پريندا آهن.

ٻئي ڏينهن جڏهن مبلغ پنڌ ڪرڻ ويو ته اهو شخص ان جڳهه تي نه هو. جنهن جڳهه تي هو ريگستان کي پاڪر پائي ليٽندو هو اتي واري آلي لڳي رهي هئي، چوته هڪ ننڍڙي پاڻي جي چشمي اتان اسرڻ شروع ڪيو هو. ڪجهه مهينن ۾ اهو چشمو وڏو ٿي ويو ۽ ڳوٺ جي رهاڪن اتي ڪوهه ناهي چڏيو.

ٻَدو ان جڳهه کي "صحرا جي لڙڪن وارو ڪوهه" سڏيندا آهن ۽ چوندا آهن ته جيڪو به ان ڪوهه جو پاڻي پئيندو سو پنهنجن ڏکن جي سببن کي سکن ۾ تبديل ڪري سگهندو ۽ پنهنجي منزل ماڻي ونندو.

# روم: ازابيلا نيپال مان موٽي آئي

آئون ازابيلا سان ان ريسٽورنٽ ۾ مليس جتي اسين ٻئي اڪثر ويندا رهندا آهيون جوت اهو هميشہ خالي هوندو آهي. ان جي باوجود ت ڪاڏو بہ سٺو آهي. هن مونکي ٻڌايو ت سندس نيپال جي ٽوئر دوران هن هڪ خانقاھ ۾ ڪجھ هفتا گذاريا. هڪڙي ڏينهن هوءَ خانقاھ جي پرسان هڪ ٻائي (Monk) سان گڏ گھمي رهي هئي ت ان ٻائي کلهي ۾ ڪنيل پنهنجو ٽيلهو کوليو ۽ ڪافي دير تائين ان ۾ پيل شين کي ڏسندو رهيو. پوءِ هن ازابيلا کي چيو:

"توکي خبر آهي ت ڪيلا اسان کي زندگي جي معنيٰ سيکاري سگھن ٿا؟"

هن ٽيلهي مان هڪ ڪريل ڪيلو ڪڍيو ۽ اڇلائي ڇڏيائين.

"اهو ڪيلو ان زندگي وانگر آهي جيڪا گذري ۽ ختم ٿي وئي. ۽ جنهن کي صحيح نموني نہ گذاريو ويو ۽ هاٿي ان لاءِ ڪافي دير ٿي چڪي آهي."

پوءِ هن ٽيلهي مان هڪ سائو ڪيلو ڪڍيو ۽ ازابيلا کي ڏيکاري واپس ٽيلهي ۾ رکي ڇڏيائين.

"اهو ڪيلو ان زندگي وانگر آهي جيڪا اڃا شروع ناهي ٿي ۽ ان جي لاءِ اسان کي صحيح پل جو انتظار ڪرڻو پوندو."

نيٺ هن هڪ پڪل ڪيلو ڪڍيو ۽ کل لاٽائين ۽ ازابيلا کي اڌ ڏئي. اڌ پاڻ کاڌائين.

"اهو ڪيلو موجوده وقت وانگر آهي. ان کي بغير ڪنهن خوف يا شرمندگي جي گذاري سگو."

# تلوار بازي جو فن

ڪئي صديون اڳ، سمورائي جي ڏينهن ۾، جاپان ۾ تلوار بازي جي روحاني فن جي باري ۾ هڪ ڪتاب "اِمپئسو انڊراسٽينڊنگ (Impassive Understanding)" جي نالي سان ڇپيو هو جنهن کي "تهلان جو ڪتاب" طور ۾ سڃاتو وڃي ٿو. تهلان ان جي ليکڪ جو نالو هو جيڪو هڪ تلوار بازي جو ماسٽر ۽ زين ٻائو هو. ان ڪتاب مان مون ڪجهه تڪرا هيٺ ڏنا آهن:

**ڏڏو رهڻ:** جنهن کي ۾ زندگي جي معني سمجهيل آهي تنهن کي اها ۾ خبر هوندي ته شين جي نه ڪا شروعات هوندي آهي ۽ نه ئي پڄاڻي، ۽ تنهن ڪري پريشان ٿيڻ جو ڪو جواز ئي ناهي. بغير ڪنهن کي ڪجهه ثابت ڪري ڏيکارڻ جي پنهنجي مقصد لاءِ وڙهو. ان ماڻهو جهڙي خاموش تڏائپ رکو جنهن پنهنجي پاڻ لاءِ منزل چونڊڻ جي همت ڪئي هجي.

اها ڳالهه جنگ ۽ محبت ٻنهي تي لاڳو ٿئي ٿي.

**پنهنجي دل کي حاضر رکڻ:** جنهن کي پنهنجي ڪشش ۽ خوبين جي طاقت، صحيح وقت تي صحيح شيءِ چوڻ جي قابليت ۽ جسر جي صحيح استعمال تي پروسو هوندو اهو پنهنجي دل جو آواز ٻڌڻ کان پوڙ ٿي ويندو. اهو آواز تڏهن ئي ٻڌي سگهجي ٿو جڏهن اسين پنهنجي چوڌاري موجود سيني شين سان هم آهنگي ۾ اچئون. تڏهن هرگز ٻڌڻ ۾ نه ايندو جڏهن اسين پاڻ کي ڪائنات جو مرڪز سمجهنداسين.

اها ڳالهه جنگ ۽ محبت، بنهي تي لاڳو ٿئي ٿي.

**خودي مان نڪرڻ:** اسين پنهنجي بهترين روين تي ايترو تہ ڌيان ڏيندا آهيون جو اسين اڪثر ڪري هڪ اهر ڳالهه وساري ويهندا آهيون: پنهنجي مقصدن جي حاصلات لاءِ اسان کي ٻين ماڻهن جي ضرورت پوندي آهي. تنهن ڪري نہ صرف دنيا جو مشاهدو ڪرڻ ضروري آهي بلڪ پاڻ کي ماڻهن جي حالات ۾ رکي ڏسڻ ۽ انهن جي خيالن جي پيروي ڪرڻ جي باري ۾ سکڻ پڻ ضروري آهي.

اها ڳالهه جنگ ۽ محبت، بنهي تي لاڳو ٿئي ٿي.

**صحيح معلم / مرشد ڳولڻ:** اسان جون راهون هميشہ اهڙن ماڻهن سان ضرور ڳنڍجنديون جيڪي محبت يا فخر سبب اسان کي ڪجهه سيکارڻ چاهيندا سڃڻ ۽ مندي ۾ فرق ڪيئن ڪجي؟ جواب سولو آهي: سڃو استاد اهو ناهي جيڪو اسان کي آدرشي (Ideal) رستو ڏيکاري، بلڪ سڃو استاد تہ اهو آهي جيڪو اسا ن کي جيڪڏهن اسان کي منزل تائين سفر ڪرڻ جو شوق آهي تہ پنهنجي منزل جي طرف ويندڙ ڪيترائي رستا ڏيکاري جيڪڏهن اسان پنهنجو رستو ڳولي ورتو تہ ان کان پوءِ اهو استاد يا مرشد وڌيڪ ڪا مدد نہ ٿو ڪري سگهي ڇو تہ هر رستي جون آزمائشون نايابهونديون آهن.

اها ڳالهه نہ جنگ ۽ نہ ئي محبت تي لاڳو ٿئي ٿي، پر جيستائين اسين ان ڳالهه کي نہ سمجهداسين تہ ڪنهن بہ منزل تي نہ پهچنداسين.

**خطرن کان بچڻ:** اسين اڪثر اهو سمجهندا آهيون تہ خوابن لاءِ زندگي جي پرواهه چڏي ڏيڻ سيني کان بهترين رويو آهي. سڃ کان مٿي ڪا شيءِ ناهي خوابن جي ساڀيان لاءِ، اسان جو زنده رهڻ

لازمي آهي، تنهن ڪري اسان کي جاڻ هجڻ ضروري آهي ته خطري وارين شين کان پاڻ کي ڪيئن بچائجي. جيترو اسين پنهنجا قدم سوچي سمجهي رکنداسين اوترو اسان جي وڃائجي وڃڻ جا موقعا وڌيڪ هوندا چوته اسين چئن ڳالهين جو ڏيان نه رکنداسين. ٻيا ماڻهو زندگي جا سبق، جذبو ۽ سکون. جيترو اسين اهو سوچيندا سين ته اسان ٻين شين جي ڪنٽرول ۾ آهيون اوترو ئي اسان ڪنهن به شيء تي ڪنٽرول ڪرڻ ۾ ناڪام ٿيندا سين. خطرو پچي نه ايندو آهي، ۽ تڪڙو ردِ عمل، ڪنهن آچر جي ڏينهن وانگر پلان (Plan) ناهي ٿيندو.

تنهن ڪري جيڪڏهن توهان کي پنهنجي محبت يا لڙائي سان هر آهنگي رکڻي آهي ته ڦرتي سان ردعمل ڏيکارڻ سکو. پنهنجي ڳوڙهي مشاهدي جي مدد سان پاڻ کي روزمره جي ڪمن ۽ تجربن سبب مشين ۾ تبديل ٿيڻ نه ڏيو. ان تجربي ۽ ڪر کي دل جو آواز ٻڌڻ لاءِ استعمال ڪريو. پلي توهان ان آواز سان متفق نه ٿيو پر تنهن هوندي به ان کي مان ڏيو ۽ سندس صلاح تي عمل ڪريو: ان کي خبر آهي ته ڪڏهن عمل ڪرڻو آهي ۽ ڪڏهن ان کي تارڻو آهي.

اها ڳالهه جنگ ۽ محبت، ٻنهي تي لاڳو ٿئي ٿو. ~

# نيرن جبلن ۾

آسٽريليا ۾ منهنجي پهچڻ کان هڪ ڏينهن بعد منهنجو پبلشر مونکي سڊني جي پرسان هڪ قدرتي پارڪ گهمائڻ وٺي ويو. اتي هڪ جنگل جيڪو نيرن جبلن نالي علائقي کي ڍڪي ٿو تنهن جي وچ ۾ پٿر جون ٿي مورتيون يادگار جي طور تي موجود هيون.

"اهي ٽئي پينرون آهي" منهنجي پبلشر چيو ۽ پوءِ مونکي هيٺ ڏنل قصو ٻڌايائين.

هڪ دفعي هڪ عامل بابا پنهنجن ٽن ڏيئرن سان گڏ ڪيڏانهن وڃي رهيو هيو ته رستي تي ان دور جي مشهور ترين جنگي ويڑهاڪ ساڻن مليو ۽ چيائين:

"آئون انهن ٽن حسين چوڪرين مان ڪنهن هڪڙي سان شادي ڪرڻ ٿو چاهيان".

"جيڪڏهن انهن مان ڪنهن هڪڙي جي شادي ٿيندي ته باقي ٻه سوچيندیون ته اهي بدصورت آهن. مونکي هڪ اهڙي قبيلي جي تلاش آهي جتي ويڑهاکن کي ٽي زالون رکڻ جي اجازت آهي." عامل چيو ۽ رمندو رهيو.

سالن تائين عامل آسٽريليا جي سڄي کنڊ ۾ گهمندو رهيو پر ڪيس اهو قبيلو نه مليو.

جڏهن ٽئي پينرون پوڙهيون اچي ٿيون ۽ پنڌ ڪري ڪري ٽڪي پيون ته انهن مان هڪڙيءَ چيس "گهٽ ۾ گهٽ اسان مان هڪڙي ته خوش هجي ها." "مان غلط هيرا"، عامل چيس "پر هاڻي ويل

وهامي چڪي آهي."

اهو چئي هن ڪنهي پينرن کي پٽر جي مورتين ۾ تبديل ڪري چڏيو ۽ جيئن اتان گذرندڙ ماڻهو سمجهي سگهن ۽ هڪڙي جي خوشي ۾ ٻئي جي ناخوشي ناهي هوندي.

# ڪاميابي جو ذائقو

منهنجي ايراني پبلشر آرش هجازي مونکي هڪ شخص جي ڪهاڻي ٻڌائي جنهن روحاني روشن خيالي جي ڳولا ۾ هڪ وڏي جبل تي چڙهڻ جو فيصلو ڪيو. ۽ اهو پڻ پهه ڪيائين ته هو پنهنجي باقي عمر پنهنجن سادن ڪپڙن ۾ مراقبو ڪندي گذاريندو.

هن کي جلد ئي اندازو ٿي ويو ته صرف هڪ جوڙو ڪافي نه هو چاڪاڻ ته سندس ڪپڙا جلدي ڏاڍا ميرا پئي ٿي ويا. هو جبل تان لهي آيو ۽ پاسي واري ڳوٺاڻن کي ڪجهه وڌيڪ ڪپڙا ڏيڻ جو عرض ڪيائين. جيئن ته انهن سيني کي خبر هئي ته هو روشن خيالي جي ڳولا ۾ هو سو انهن کيس هڪ شلوار ۽ قميص ڏني.

همراه ڳوٺاڻن جو شڪريو ادا ڪري واپس جبل جي چوٽي تي هليو ويو جتي هن پنهنجو آستانو ٿي ٺاهيو. رات جو هو آستاني جون پٽيون ٺاهيندو هو ۽ ڏينهن جو مراقبو ڪندو هو. وٽن مان هو ثمر (Fruit) پٽي کائيندو هو ۽ پرياسي جي هڪ چشمي جو پاڻي پيئندو هو.

مهيني کانپوءِ کيس معلوم ٿيو ته هن جي ڪپڙن جي ٻئي جوڙي کي ڪُوئي ٿي ٽڪيو جن کي هن سڪڻ لاءِ رکيو هو. جيئن ته هن پنهنجي روحاني سرگرمين تي مڪمل ڌيان ٿي ڏيڻ چاهيو. تنهن ڪري هو هيٺ لهي ويو ۽ ڳوٺاڻن کان هڪ ٻلي گهرياٿين. ڳوٺاڻن سندس روحاني روشن خيالي جي ڳولا جي عزت ڪندي کيس ٻلي ڳولي ڏني.

ستن ڏينهن کانپوءِ ٻلي بک وگهي مرڻ ڪنڊي تائين اچي

پهتي چاکاڻ ٿ هوءَ صرف ٿمرکائي ٿي زنده نه ٿي رهي سگهي ۽ اتي بيا ڪُوٽا به نه هٽا. همراهه وري کيرجي تلاش ۾ هيٺ لهي ويو. ڳوناڻن کي خبر هئي ٿ هن کير پنهنجي لاءِ نه ٿي گهريو ۽ هو قدرتي شيون کائي ٿي گذارو ڪري رهيو هو سو انهن هڪ پيرو بيهر سندس مدد ڪئي.

بلي جلد ٿي کير ختم ڪري چڏيو ۽ همراهه ڳوناڻن کان هڪ ڳئون اڌاري ورتي. جيئن ٿ ڳئون بلي جي ضرورت کان وڌيڪ کير ٿي ڏنو ٿ همراهه پاڻ بڪير پيئڻ شروع ڪيو ٿ جيئن اهو ضايع نه ٿي. جلد ٿي جابلو تازيَ هوا. ٿس مراقبي، کير ۽ ورزش جي ڪري هي همراهه ڏاڍو حسين ۽ دلڪش ٿي پيو. هڪ نوجوان چوڪري جيڪا پنهنجي ردِ کي ڳولڻ لاءِ مٿي جبل تي وئي هئي تنهن هن همراهه کي ڏسي ورتو ۽مٿس فدا ٿي پئي. هن چوڪري ان همراهه کي ان ڳالهه تي راضي ڪري ورتو ٿ کيس هڪ زال جي ضرورت هئي جيڪا گهر جون ذميواريون سنڀالي ۽ کيس آرام سان مراقبو ڪرڻ ۾ ڪا پريشاني نه ٿئي.

تن سالن کانپوءِ همراهه شادي شده ۽ بن ٻارن جو پيءُ هو وٽس تي ڳئون هڪ باغيچو هو ۽ هن مراقبي جو هڪ مرڪز کولي ورتو هو جتي گهمڻ لاءِ ايندڙ ماڻهن جي هڪ ڏگهي فهرست هئي. مرڪز جو نالو "دائمي جواني جو مندر" هو.

جڏهن کائنس کنهن پڇيو ٿ اهو سڀ ڪجهه کيئن شروع ٿيو ٿ هن چيو:

"آئون هتي ڪپڙن جي بن جوڙن سان آيو هئس. ۽ جڏهن ٻه هفتا گذريا ٿ هڪ ڪوئي منهنجي ڪپڙن کي ٽُڪڻ شروع ڪيو ۽ ....."

پر کهاڻي جي پچاڻي ۾ ڪنهن کي ۾ دلچسپي نه هئي، سيني کي پڪ هئي ته هي همراهه ٻيو ڪجهه نه پر هڪ چالاڪ پئسي ڪمائو هو جنهن هڪ قصو گهڙڻ جي ڪوشش ڪئي ته جيئن ان مندر ۾ رهڻ جي قيمت ايا وڌائي سگهي.

# چانهه جي رسم

جاپان ۾ مون هڪ چانهه جي رسم ۾ شرڪت ڪئي. هڪ ننڍي ڪمري ۾ وڃي چانهه پيش ڪيندي ۽ بس! واقعي، سواءِ ان جي ته هر ڪاشيءِ ايتري ته رسمي انداز ۾ ڪئي ويندي آهي جو اها روزمره جي عام رواجي شيءِ به سڄي ڪائنات سان هڪ ٿي وڃڻ (Com-munion) ۾ تبديل ٿيو وڃي.

چانهه جو ماستر اوڪاڪورا ڪاڪوزو ان کي هن ريت ٿو بيان ڪري:

"اها رسم خدا جي سونهن ۽ سادگي جي پوڄا ڪرڻ جو طريقو آهي. هر ماڻهو جي پرپور ڪوشش آهي ته روزمره جي نامڪمل عملن مان ڪامل ماڻڻ. ان رسم جي سونهن ان کي پيش ڪرڻ جي عزت واري انداز ۾ سمايل آهي. جيڪڏهن محظ هڪ چانهه جو ڪپ اسان کي ويجهو آڻي سگهي ٿو ته اسان کي انهن ڪيترن ئي موقعن تي نظر ڏرڻ گهرجي جيڪي اسان کي زندگي روز فراهم ڪري ٿي."

# بادل ۽ واريءَ جو ڏڙو

برونو فريرو لکي ٿو "جيئن ته سيني کي خبر آهي، بادل جي زندگي تمام مصروف ۽ تمام ننڍي ٿئي ٿي." ان ڳالهه سان لاڳاپيل هڪ کاٽي هيٺ ڏجي ٿي.

ميڊيٽيرينين سمنڊ (Meditarranean Sea) جي مٿان هڪ وڏي طوفان جي وچ ۾ هڪ ننڍي بادل جنم ورتو. پرکيس اتي وڏو ٿيڻ جو موقعو نه مليو. چوته هڪ تيز هوا انهن سيني بادلن کي آفريڪا جي طرف ڏکي ڇڏيو.

جيئن ئي بادل ان کنڊ ۾ پهتا ته آبهوا تبديل ٿي وئي. آسمان ۾ هڪ روشن سج چمڪي رهيو هو جنهن جي هيٺيان صحارا (Saha-ra) ريگستان جي سونهري واري پکڙيل هئي. جيئن ته ريگستان ۾ گهٽو ڪري بارش ناهي ٿيندي. تنهن ڪري هوا بادلن کي ڏکڻ ۾ موجود هيلن جي طرف ڏکيندي رهي.

ان دوران، جيئن اسان انسانن سان به ٿيندو آهي، هن ننڍي بادل به پنهنجي والدين ۽ دوستن کي چڏي دنيا گهمڻ جو فيصلو ڪيو.

"چا ٿو ڪرين؟" هوا رڙ ڪندي چيو. "سجو ريگستان هڪجهڙو آهي واپس اچي ٻين بادلن سان ٻاڻ کي گڏ ته جيئن اسين سڀ وچ آفريڪا ۾ هلون جتي حيرت انگيز جبل ۽ وڻ آهن."

پر جيئن ته ننڍڙو بادل قدرتي طور تي باغي هو سو هن هوا جي فرمانبرداري ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ آهستي آهستي ٻين بادلن کان پري ٿيندو ويو جيستائين هڪ مهربان جهونڪي کيس سونهري

واري جي مڙان اڏامڻ جو موقعو ڏنو. گهٽي دير اڳيان پويان ٽيڻ کانپوءِ هن ڏٺو ته هڪ واري جو ڏاڙو مٿس مسڪرائي رهيو هو.

هن ڏٺو ته واري جو ڏاڙو پڻ ننڍو هو ۽ ٿوري دير پهريان گذرندڙ هوا جي ڪري وجود ۾ آيو هو. ننڍڙو بادل سندس سونهري وارن تي اتي جو اتي فدا ٿي پيو.

"سلام"، هن چيو "هيٺ جي زندگي ڪيئن آهي؟"

"مونکي هتي ٻين واري جي ڏاڙن، سج ۽ هوا، ۽ هتان قسمتي گذرندڙ قافلن جو سات آهي. ڪڏهن ڪڏهن تمام گهٽي گرمي ٿي ويندي آهي پر پوءِ به برداشت ڪرڻ جي لائق هوندي آهي. ايڏنهن مٿي زندگي ڪيئن آهي؟"

"اسان کي پڻ سج ۽ هوا جو سات هوندو آهي پر مزي جي ڳالهه اها آهي ته آڻون آسمان تي سفر ڪري سگهان ٿو ۽ وڌيڪ شيون ڏسي سگهان ٿو."

واري جي ڏاڙي وراڻيو "منهنجي زندگي ڏاڍي مختصر آهي. اها هوا ٻيلن ڏانهن موٽي ايندي ته منهنجو وجود ٿي متجي ويندو."

"اها ڳالهه توکي اداس ٿي ڪري؟"

"ان سان مونکي محسوس ٿو ٿئي ته منهنجي زندگي جو ڪو مقصد ڪونهي."

"مون کي به اڻين ٿي محسوس ٿيندو آهي. جيئن ٿي کا هوا ايندي آڻون ڏکڻ طرف هليو ويندس جتي آڻون برسات ۾ تبديل ٿي ويندس، پر اها ٿي منهنجي منزل آهي."

واريءَ جو ڏاڙو ڪجهه دير هڪيو پر پوءِ چيائين:

"توکي خبر آهي هتي ريگستان ۾ اسين برسات کي جنت چوندا آهيون؟"

"مونکي خبر نہ هئي تہ آئون ڪڏهن ايترو اهم ٿي سگهندس." بادل فخر سان وراڻيو.

"مون بزرگن ڏاڻ بابت برسات جون ڪهاڻيون ٻڌيون آهن. اهي چوندا آهن تہ برسات ڪانپوءِ اسان سيني جي مٿان گاهہ ۽ گل ڦٽي ايندا آهن. پر مونکي اهو تجربو ڪڏهن نہ ٿي سگهندو چاڪاڻ تہ هتي برسات صفا قسمتي پوندي آهي."

هاڻي بادل جي هٻڪڻ جو وارو هو. پوءِ هو ڪُلي مرڪيو ۽ چيائين:

"جيڪڏهن تون چاهين تہ آئون هينئر ئي تنهنجي مٿان برسات ٿي وسان. مونکي خبر آهي تہ مون هاڻي ئي جنم ورتو آهي پر آئون توسان پيار ٿو ڪريان ۽ آئون هميشہ هتي تو سان گڏ ٿو رهڻ چاهيان."

"جڏهن مون پهريون دفعو توکي آسمان ۾ ڏٺو تہ مونکي بہ توسان پيار ٿي ويو." واري جي ڏڙي چيو. "پر جيڪڏهن تون پنهنجن سهڻن اڇن وارن کي برسات ۾ تبديل ڪندين تہ تون مري ويندين."

"محبت ڪڏهن ناهي مرندي." بادل چيو "اها تبديل ٿيندي ۽ هونئن بہ آئون توکي ڏيکارڻ ٿو چاهيان تہ جنت ڪيئن ٿيندي آهي."

۽ هن پنهنجن ننڍڙن برسات جي ڦڙين سان واري جي ڏڙي کي پيار سان ڇهڻ شروع ڪيو تہ جيئن اهي گهٽي دير تائين گڏ رهي سگهن. آخرڪار اندلڪ نڪري آئي.

ٻئي ڏينهن تي واري جي ننڍڙي ڏڙي تي گل ٿي گل ٿيا. اتان آفريڪا ويندڙ بادلن گذرندي سمجهيو تہ اهو ٿي آفريڪا جي ٻيلي جو حصو هو جنهن جي لاءِ هو آيا هئا ۽ انهن وڏيڪ برسات وسائي. ويهن سالن کان پوءِ واري جو اهو ڏاڙهو هڪ نخلستان ۾ تبديل ٿي چڪو هو

جتي مسافر ڇانو ۾ اچي آرام ڪندا هئا.

۽ اهو سڀ ڪجهه صرف ان ڪري ممڪن ٿيو جو هڪ ڏينهن بادل کي پيار ٿي ويو هو ۽ هن محبت جي لاءِ جان ڏيڻ کان ڪين ڪيهايو هو.

# نارما ۽ سنيون شيون

مٿيون ۾ هڪ اهم برازيلي عورت "نارما" رهندي آهي. اسپانوي ماڻهو کيس "مست ڏاڏي" (Rocking Grandma) سڏيندا آهن. سندس عمر ست کان مٿي آهي ۽ هوءَ مختلف جڳهين تي پارٽيون، گڏجاڻيون، پروگرام وغيره آرگنائيز ڪرائڻ جو ڪم ڪندي آهي.

هڪ دفعي صبح جو چئين وڳي، جڏهن آئون ايترو ته ٽڪل هئس جو مشڪل سان پنهنجي پيرن تي بيهي ٿي سگهيس. مون نارما کان پڇيو ته کيس ايتري ساري طاقت ۽ توانائي اچي ڪٿان ٿي.

"مون وٽ هڪ جادوئي ڪٽليندر آهي اگر تون چاهين ته آئون توکي ڏيکاري سگهان ٿي."

ٻئي ڏينهن آئون سندس گهر ويس، هن هڪ پراڻو ۽ گسيل ڪٽليندر ڏيو.

"ٽيڪ، اڄ جي ڏينهن پوليو جي ويڪسين دريافت ڪئي وئي هئي." هن چيو "اسان کي ان کي ملهائڻ گهرجي ڇو ته زندگي خوبصورت آهي."

سال جي هر هڪ ڏينهن تي، نارما ان تاريخ تي ٽيل ڪنهن سٽي ڪر کي لکي ڇڏيو هو. هن جي لاءِ زندگي هميشه خوشي جو باعث آهي.

## 21 جون 2003ع ڊيڊ سمنڊ، جارڊن

منهنجي اڳيان واري ٽيبل تي جارڊن جو بادشاھ ۽ راڻي، آمريڪي وزير خارجہ ڪالن پاول، عرب ليگ جو نمائندو اسرائيل جو وزير خارجہ، جرمني جو صدر افغانستان جو صدر حامد ڪرزئي ۽ ٻيون اھر شخصيتون ويٺيون ھيون جيڪي دنيا جي ان امن ۽ جنگ واري صورتحال ۾ ملوث آھن جيڪي اڄ اسين ڏسي رھيا آھيون. جيتوڻيڪ گرمي پد 40 سينٽي گريڊ ٽائين ھو پر ريگستان ۾ ھڪ ٺڏي ھوا گھلي رھي ھئي. پياني نواز سوناتا وڄائي رھيو ھو آسمان صاف ھو ۽ اھا جڳھ باغ ۾ چوڌاري لڳل مشعلن سان روشن ھئي، ڊيڊ سي (Dead Sea) جي ٻئي پاسي اسرائيل ۽ افق تي يروشلم جون روشينون نظر ٿي آيون. مختصراً، سڀ ڪجھ پرامن ۽ مات ٿي نظر آيو پر اچانڪ مونکي محسوس ٿيو تہ، حقيقت جي غير مقبول ھجڻ کان گھٽو پري، اسان سڀني ان ٿي پل جو خواب ڏٺو ھو. پوين ڪجھ مھينن ۾ منھنجي تنگ نظري ڪجھ وڌي وئي آھي، پر جيڪڏھن ماڻھو ھڪٻئي سان ڳالھائي ٿا وٺن تہ اڃا اسان سڀ ڪجھ ناھي وڃايو.

بعد ۾، راڻي رانيہ ٻڌايو تہ ان جڳھ کي سندس علامتي اھميت جي مناسبت سان چونڊيو ويو ھو. ڊيڊ سي زمين تي سمنڊ جي سڀني کان ھيٺانھين سطح آھي (سمنڊ جي سطح کان 401 ميٽر ھيٺ). وڌيڪ اندر وڃڻ لاءِ غوطو لڳائڻو پوندو آھي، پر ڊيڊ سي جي معاملي ۾ پاڻي ايترو تہ لوڻياڻ آھي جو اھو جسم کي ڏکي واپس سطح تي ٽوڪڻي اڇي. وچ اوڀر (Middle - East) جي ڏکھي ۽ دردناڪ

امن جي عمل سان به ساڳي حالت آهي. اسان جتي آهيون ان کان وڌيڪ هيٺ نه ٿا وڃي سگهون. جيڪڏهن ان ڏينهن تي آڻون ٽيليويزن هلائي ڏسان هان ته ڪنهن يهودي آبادڪار ۽ فلسطيني نوجوان جي موت جي خبر ٻڌان ها. پر آڻون هتي رات جي دعوت تي هئس، هڪ عجيب جذبي سان ته رات جو اهو سڪون سڄي خطي ۾ پکڙجي ويندو جيئن هتي سڀ هڪٻئي سان ڳالهائي رهيا هئا تيئن ئي ماڻهو هڪ ٻئي سان وري ڳالهائيندا. خوابن جي تعبير ممڪن آهي، ته انسانيت وڌيڪ نه ٻڏندي.

توهان جو ڪڏهن به وچ اوڀر ۾ وڃڻ ٿئي ته جارڊن (هڪ بهترين دوستانه ملڪ) ضرور گهمجو. ڏيڊ سي تي وڃي ان جي ٻئي پاسي واقع اسرائيل کي ڏسجو. پوءِ توهان کي سمجهه ۾ ايندو ته امن ضروري ۽ ممڪن آهي. آڻون ان موقعي تي لکي ۽ پوءِ ٻڌايل تقرير جو هڪ ٽڪرو هتي ٿو ڏيان، جنهن کي ادا ڪرڻ وقت اسرائيلي وائلن وڄائيندڙ اوري گتلس منهنجو پريور سات ڏنو هو.

"امن، جنگ جو ضد ناهي."

خونخوار لڙائي جي وچ ۾ به اسان جي دل اندر امن ٽي سگهي ٿي. چوته اسين پنهنجن خوابن لاءِ وڙهندا آهيون. جڏهن اسان جا دوست اميد وڃائي ويهندا آهن ته "سچ جي جنگ" جو امن ۽ سڪون اسان کي اڳتي وڌڻ ۾ مدد ڏيندو آهي.

پنهنجي ٻچي کي کير پيارينڊ ماءُ جي اکين ۾ امن هوندو آهي، ان جي باوجود ته سندس هٿ ڏکي رهيا هوندا آهن ڇاڪاڻ ته ڊپلوميسي ناڪام ٿي وئي هئي ۽ بم ڪري رهيا هوندا آهن ۽ سپاهي موت جي نند سمهي رهيا هوندا آهن.

هڪ تير انداز جي ذهن ۾ ڪمان ڇڪڻ مهل امن هوندو آهي، ان جي باوجود ته سندس سيئي مشڪون (Muscles) جسماني مشقت

جي ڪري چڪيل هوندين آهن.

تنهن ڪري سڄائي جي ويڑهاڪن لاءِ امن جنگ جو ضد ناهي چوته اهي هي ڳالهيون ڪرڻ جي سگهه رکندا آهن:

(الف) فاني ۽ دائمي ۾ فرق ڪري سگهڻ. اهي پنهنجي خوابن ۽ وجود قائم رکڻ لاءِ وڙهي سگهن ٿا پر ثقافت ۽ مذهب جي مدد سان وقت ۾ پڄي لوهه ٽيل رشتن ۽ قدرن جي عزت ڪندا آهن.

(ب) اها چاڻ رکڻ ته سندن سيئي مخالف لازماً دشمن ناهن هوندا.

(ج) باخبر رهڻ ته سندن عمل ايندڙ پنجن نسلن تي اثرانداز ٿيندا ۽ سندن ٻار ۽ پوتا ڏوهتا انهن عملن جي نتيجن مان فائدو (يا نقصان) ڪٽندا.

(ث) آءِ چنگ (I Ching) جا چيل لفظ ياد رکڻ ته. "مستقل مزاجي مددگار آهي." پر انهن کي اها چاڻ به هوندي آهي ته مستقل مزاجي جي معنيٰ ضديرو ٿي بيهڻ هرگز ناهي. جيڪي جنگيون ضرورت کان وڌيڪ جاري رهنديون آهن سي انهن کان بعد ۾ نئين سر جوڙجڪ ڪرڻ واري جذبي کي ماريو ڇڏين.

سڄ جي ويڑهاڪ لاءِ ڪا به ڳالهه خيالي ناهي. هن لاءِ پاڻ کي تبديل ڪرڻ جو هر موقعو دنيا کي تبديل ڪرڻ جي برابر آهي.

سڄ جي ويڑهاڪ جي لاءِ تنگ دستي جو ڪو وجود ئي ناهي. هو ضرورت پوڻ تي وهڪري جي ابتڙ ترندو آهي، چوته جڏهن هو پوڙهو ۽ جهونو ٿيندو ته پنهنجن پوتن ۽ ڏوهتن کي ٻڌائي سگهندو ته هو هن دنيا ۾ پنهنجن پائرن تي الزام هڻڻ نه پر پنهنجن پاڙيسرين کي بهتر نمونو سمجهڻ آيو هو.

# سين ڊئاگو ٻيٽ، ڪيليفورنيا ۾

آئون چنڊ - ڪٿا (Tradition of the moon) جي عقيدتمند هڪ عورت سان گالهائي رهيو هئس اها ڪٿا هڪ اهڙي رستي جڙيل آهي جنهن ۾ عورتون قدرت جي طاقتن سان هر آهنگي ۾ هونديون آهن.

ان عورت ڪناري تي لٽل سامونڊي ڪنگ پکين (Seagull) جي وڏي قطار کي ڏسندي مونکان پڇيو "سامونڊي ڪنگ پکي کي هٽ لاهڻ چاهيندين؟"

هائو بلڪل! مون ڪجهه دفعا ڪوشش ڪئي ۽ جيئن ئي آئون سندن پرسان پٺي ويس ته هو اڏامي ئي ويا.

"پکين لاءِ محبت محسوس ڪرڻ جي ڪوشش ڪر، پوءِ ان پيار کي چڏ ته تنهنجي سيني مان هڪ ترنگ ڪڍي جيڪا پکين جي سيني سان وڄي لڳي. پوءِ خاموشي سان انهن کي وڃي هٽ ۾ ڪر."

مون سندس صلاح تي عمل ڪيو. پهرين ٻن دفعن ۾ مان ناڪام ٿيس، پر ٽئين دفعي ۾ جڏ مون تي ڪوئي وجد طاري ٿي ويو هجي مون هڪ ڪنگ کي ڪنيو. هڪ ڀيرو ٻيهر آئون ان وجد واري حالت ۾ ويس ۽ ساڳيو ئي نتيجو نڪتو.

"محبت اتي گانڌاپا قائم ڪندي آهي جتي اهي ناممڪن لڳندا آهن." منهنجي اڇي رنگت واري دوست چيو.

مون هتي پنهنجو اهو تجربو انهن لاءِ سليو آهي جيڪي هي ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ چاهن ٿا.

# پنيان هنڌ جوفن

سڄ جو جنگجو اگر پنهنجي ذهانت تي گهٽو پروسو رکندو ته پنهنجي مخالف کي حقير سمجهي ويهندو.

اهو کڏهن به نه وساريڻ گهرجي ته کڏهن کڏهن سگهه حڪمتِ عملي کان وڌيڪ اثرائتي هوندي آهي. جڏهن اسان کنهن ڏاڍ ۽ تشدد جي مدمقابل ايندا آهيون ته کيتري به هوشيارپ، دليل، ذهانت يا حسن و جمال ان کي نه ٽو تاري سگهي.

تنهنڪري سڄ جو سپاهي کڏهن به وحشي طاقت کي حقير ناهي سمجهندو. اگر جنگ تمام پر تشدد ٿي ويندي آهي ته هو ميدان ڇڏي ڏيندو آهي ۽ ان وقت تائين ناهي موٽندو جيستائين سندس دشمن پاڻ کي ٽکائي نه وجهي.

البته هڪ ڳالهه ذهن نشين ڪري ونو ته سڄ جو سپاهي کڏهن به گيدي ناهي هوندو. پڄي نڪرڻ پلي دفاع جو بهترين ذريعو هجي پر اهو ڊپ جي سبب کڏهن به نه ٽو اختيار ڪري سگهجي.

جڏهن سڄ جو سپاهي مونجهاري جو شڪار هوندو آهي ته هو شڪست کي منهن ڏيڻ کي فوقيت ڏيندو آهي ۽ پنهنجي زخمن تي پوءِ مرهم رکندو آهي ڇاڪاڻ ته هو ڄاڻندو آهي ته اگر هو پڄي ويو ته سندس دشمن کي ان جي اوقات کان وڌيڪ طاقت ملي ويندي.

سڄ جي سپاهي جا جسماني زخم ته پرجي ويندا آهن پر روحاني ڪمزوريون دائمي طور تي سندس پٺ کان ڇڏيندیون. ڏکين ۽ پردرد لمحن ۾ هو انهن برداشت کان ٻاهر ڏکيائين کي بهادري، رضامندي ۽ همت سان منهن ڏيندو آهي.

پاڻ کي ڏهني طور تيار ڪرڻ لاءِ (جيئن ته هو اهڙي جنگ ۾ وڃي رهيو هوندو آهي جنهن ۾ ڪيس نقصان هوندو ۽ الاهي تڪليف سَهڻي پوندي)، سڄ جي سپاهي کي نقصان پهچائيندڙ هر شيءِ جي باري ۾ ڄاڻڻ لازمي آهي. اوڪاڪورا ڪاڪوزو پنهنجي جاپاني ڄاڻهه جي رسم واري ڪتاب ۾ چوي ٿو ته: "اسان هين ۾ برائي انڪري ڏسي سگهندا آهيون ڇاڪاڻ ته اسان کي پنهنجي اندر موجود برائي جي ڄاڻ هوندي آهي. اسان پاڻ کي ڏکوئيندڙن کي ڪڏهن معاف ناهيون ڪندا ڇاڪاڻ ته اسان کي خبر هوندي آهي ته هو به اسان کي اهڙي صورتحال ۾ معاف نه ڪندا. اسان هين کي دردناڪ سڄ ڏيڻ ڏيندا آهيون ڇاڪاڻ ته اسين انهن کي پاڻ کان لڪائڻ چاهيندا آهيون. اسين پنهنجي طاقت ظاهر ڪندا آهيون ته جيئن ڪوئي اسان جي ڪمزوري نه ڏسي سگهي. تنهن ڪري جڏهن به توهان ٻئي ڪنهن کي پرکيو ته اهو سمجهي ڇڏيو ته اصل ۾ ڪنهڙي ۾ اوهين خود بيٺا آهيو."

ڪڏهن ڪڏهن اها ڄاڻ اهڙي لڙائي کان بچائي سگهي ٿي جنهن جو نتيجو صرف ۽ صرف نقصان هجي. البته ڪڏهن وري اڃ برابري واري جنگ کان سواءِ ٻيو ڪو رستو ناهي هوندو.

اسان ان ڳالهه کان واقف هوندا آهيون ته اسان جي شڪست ٿيندي، پر اسان جو دشمن ۽ سندس ظلم ٻي ڪا واهه ناهن ڇڏيندا سواءِ بزدلي جي جنهن سان اسان جو ڪو واسطو ناهي. اهڙي موقعي تي پنهنجي قسمت تي راضي رهڻ ضروري آهي ۽ اهڙين ساعتن ۾ يڪجوت گيتا (باب II :١٦-٢٦) جون هي سٽون ذهن ۾ رکڻ گهرجن:

"ماڻهو نه جمندو آهي ۽ نه ئي مرندو آهي. هن جو وجود ڪڏهن به ختم نه ٿيندو ڇاڪاڻ ته هو لافاني ۽ دائمي آهي.

"جيئن انسان پراڻا ڪپڑا لاهي نوان ڪپڑا پهريندو آهي ائين ئي روح پراتو جسم ڇڏي هڪ نئون جسم پائي ڇڏيندو آهي.

"هر روح ڪڏهن به تباهه ٿيڻ وارو ناهي، تلوار ڪيس نه ٿي چيري سگهي، باهه ڪيس ساڙي نه ٿي سگهي، پاڻي ڪيس آلو نه ٿو ڪري سگهي ۽ هوا ڪيس سڪائي نه ٿي سگهي. روح انهن سڀني طاقتن کان مٿانهون آهي.

"جيئن ته ماڻهو هميشه لافاني آهي، تنهن ڪري هو هميشه سوڀارو آهي (سندس شڪستن هر به) ۽ انهي جي ڪري ڪيس ڪڏهن به اداس نه ٿيڻ گهرجي."

# جنگ جي دوران

فلر- ميكر روئي گويرا مونكي ٻڌايو ته هڪ رات هو موزمبيق (Mozambique) جي اندروني علائقي جي هڪ گهر ۾ پنهنجن دوستن سان گالهيون كري رهيو هو. ملك ۾ جنگ لڳل هئي ۽ پيٽرول كان ويندي ٻجلي تائين هر شيءِ جي قلت هئي.

وقت گذارڻ لاءِ هنن ان جي باري ۾ گالهائڻ شروع كيو ته كير چا كائڻ پسند كندو. هركنهن پنهنجي پسنديده كاڏو بيان كيو ۽ جڏهن روئي جو وارو آيو ته هن چيو: "مان هكڙو صوف كائڻ چاهيندس." اهو چاٽيندي به ته راشن - بندي لڳي پئي هئي ۽ ميون جو ملڻ ناممكن هو.

ان ساڳي پل تي، كين هڪ آواز ٻڌڻ ۾ آيو ۽ هڪ سهڻو چمكندڙ صوف كمري ۾ رڙهندو اچي روئي جي اڳيان بيٺو.

بعد ۾ هن كي خبر پئي ته اتي رهندڙ هڪ چوكري بليك تي كجهه ميوا وڪڻ وئي هئي، هوءِ جيئن ئي ڏاكٽن وٽ پهتي ته ٽاپڙجي كري پئي ۽ سندس خريد كيل صوفن جي ٽيلهي پڻ كري پئي ۽ ان مان هڪ صوف كمري ۾ رڙهي ويو.

محض اتفاق؟ هن كهاڻي كي بيان كرڻ لاءِ اهو تمام حقير لفظ آهي.

# جهنگ ۾ موجود فوجي

پائرينيز ۾ پنهنجي تيراندازي جي مشق کرڻ لاءِ ڪنهن نشاني جي گولا ۾ آئون فرانسيسي فوجي ڪيمپن ۾ داخل ٿي ويس. سيني فوجين مونکي چتائي ڏنو ۽ مون ائين محسوس ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي جڻ ته مون کجهه ڏنو ٿي نه هو (خير اسان سيني ۾ اهو خوف هوندو آهي ته ڪوئي اسان کي غلطي وجهان جاسوس نه سمجهي ويهي) ۽ آئون اڳتي هليو ويس.

مونکي پنهنجو گهربل هدف ملي ويو ۽ مون شروعاتي مشقون کرڻ شروع ڪيون، ۽ پوءِ مونکي هڪ فوجي گاڏي ايندي محسوس ٿي.

مون تڪڙ ۾ دفاع وارو رستو اختيار ڪيو ۽ پاڻ کي ڪنهن به ممڪنه سوالن جي جوابن سان ليس ڪيو: مون وٽ تير ڪمان جو لائسنس آهي، هيءَ جڳهه مڪمل طور تي محفوظ آهي، ڪنهن به اعتراض جو حق صرف جهنگ جي رينجرز وٽ آهي، فوج وٽ نه، وغيره. البته، گاڏي مان هڪ ڪرنل هيٺ لٿو ۽ مون کان پڇا ڪيائين ته ڇا مان ليڪڪ هيس، ۽ پوءِ مون کي ان علائقي جون کجهه دلچسپ حقيقتون ٻڌايائين.

پوءِ، هن پنهنجي شرمائڻ (سندس چهري تي واضح هو) تي قابو پائيندي مونکي ٻڌايو ته هو پڻ هڪ ڪتاب جو ليڪڪ هو ۽ اهو به ٻڌايائين ته ڪيئن اهو ڪتاب غير رسمي طور تي لکيو ويو.

ڪرنل ۽ سندس زال کوڙهه ۾ ورتل هڪ هارڙي جي ذميواري کنئي هئي ۽ اها هارڙي جيڪا بنيادي طور تي انڊيا جي هئي تنهن کي

فرانس موڪليو ويو هو. هڪڙي ڏينهن ان ننڍڙي ڇوڪري جي سڪ ۾ هو سندس خانقاهه ويا جتي راهبائن (Nuns) سندس پرورش ٿي ڪئي. سندن منجهند ڏاڍي سلي گذري ۽ ڏينهن جي آخر ۾ هڪ راهبه ڪرنل کي عرض ڪيو ته هو اتي رهندڙ هارن جي روحاني تعليم جي واڌاري لاءِ ڪين ڪجهه فيض ڏئي. جين پال ستائو (ڪرنل جو نالو) کيس ٻڌايو ته هن ڪڏهن به ديني تعليم يا بحث مباحثو نه ڪيو هو پر تنهن هوندي به هو ڪوشش ڪندو ۽ خدا کان پڇندو ته هو چا ڪري.

ان رات عبادت کانپوءِ کيس جواب مليو: "صرف جواب ڏيڻ جي بدران اهو جاڻڻ جي ڪوشش ڪر ته هار کهڙا سوال تا پڇڻ چاهين؟"

ان کان پوءِ جين پال کي مختلف اسڪول گهمي هارن کان سوال لکرائي ونڊ جو خيال آيو جيڪي هو زندگي جي باري ۾ جاڻڻ لاءِ پڇڻ چاهيندا. هن سوال لکت ۾ ونڊ جو فيصلو ڪيو ته جيئن شرميلي کان شرميلو هار به سوال پڇڻ کان نه ڏڇي. ان جا نتيجا هڪڙي ڪتاب ۾ گڏ ڪيا ويا جنهن جو نالو هيو: "هميشه سوال پڇندڙ هار" (The Child Who was Always Asking Questions).

انهن مان ڪجهه سوال هي آهن:

"مرڻ کانپوءِ اسين ڪيڏانهن ويندا آهيون؟

غير ملڪي ماڻهن کان اسان کي ڌپ چو لڳندو آهي؟

چا واقعي ۾ خلائي مخلوق وجود رکي ٿي؟

انهن ماڻهن سان به حادثا چو ٿيندا آهن جن کي خدا تي يقين هوندو آهي؟

خدا جي معنيٰ چا هي؟

اگر اسين سڀ آخر ۾ مري ويندا آهيون ته پوءِ اسين جمندا چو

آهيون؟

آسمان ۾ کيترا تارا آهن؟

جنگ ۾ خوشي کنهن ايجاد کيون؟

ڇا خدا انهن ماڻهن جي به ٻڌندو آهي جن کي ساڳي خدا (عيسائيت) تي يقين ناهي هوندو؟

دنيا ۾ غريب ۽ بيمار ماڻهو ڇو آهن؟

خدا مکيون ۽ مڇر ڇو ناهيا؟

اسين جڏهن اداس هوندا آهيون ته اسان جو فرشتو (Guardian Angel) اسان سان گڏ ڇو ناهي هوندو؟

اسين کجهه ماڻهن سان محبت ۽ کجهه سان نفرت ڇو کندا آهيون؟

رنگن جا مختلف نالا کنهن رکيا؟

جيڪڏهن خدا به جنت ۾ آهي ۽ منهنجي مرحوم ماءُ به اتي آهي ته پوءِ خدا زنده کيئن آهي؟"

آئون اميد ٿو ڪريان ته کجهه استاد، جيڪڏهن هي پڙهن، ته ساڳي شيءِ ڪرڻ جي لاءِ آماده ٿيندا. ڪائنات جي سمجهه جي باري ۾ پنهنجي بالغ خيالن کي ٽوڙڻ (Impose) جي بجاءِ اسان کي پنهنجي ننڍپڻ جي انهن سوالن جي باري ۾ وري سوچڻ گهرجي جن مان کيترن جا جواب اسان کي ايا تائين ناهن مليا.

# جرمني جي هڪ شهر ۾

اسين جرمني جي هڪ شهر ۾ هئاسين. سڀ جي آخري مرحلي جو سج لهي رهيو هو. رابرٽ چيو "ڪيترو دلچسپ يادگار (Monu-ment) آهي. نہ ؟"

"مون کي تہ ڪجهہ نہ ٿو نظر اچي." مون چيو "بس هڪ خالي چوراهو آهي."

"يادگار انسان جي پيرن هيٺان آهي." رابرٽ زور ڀريندي چيو.

مون هيٺ ڏٺو مون کي صرف سڌيون سرون نظر آيون، جيڪي سيٺي هڪجهڙيون هيون. مون پنهنجي دوست کي مايوس نہ ٿي ڪرڻ چاهيو ۽ مونکي ان جڳهہ تي واقعي ۾ ڪجهہ خاص نظر نہ ٿي آيو.

رابرٽ مونکي سمجهائيندي چيو: "هن کي غائب يادگار" چوندا آهن. انهن مان هر سِر جي هيٺان ان جڳهہ جو نالو چٽيل آهي جتي يهودين کي ماريو ويو هو. هن چوراهي کي ڪجهہ اٽڪاتل نقاشن (Artists) ۽ عالمي جنگ جي دوران ناهيو هو ۽ جنهن جنهن هنڌ نسل ڪشي جا آثار مليا ان هنڌ جي هڪ سروڪائيندا ويا. پوءِ کوئي انهن کي نہ ڏسي سگهي، پر اهي هتي شاهد طور موجود رهندڙيون ۽ مستقبل ۽ ماضي جو سڄ منظر عام تي اچي رهندو."

# ڊينسو گيلري ۾ ملاقات

صاف ستڙن ڪپڙن ۾ ملبوس تي شخص توڪيو ۾ منهنجي هوٽل ۾ آيا. "توهان کلهه ڊينسو گيلري ۾ ليڪچر ڏنو" انهن مان هڪڙي چيو. "مان اتفاقاً اتي آيس ۽ ان هال اندر داخل ٿيس جڏهن توهان ڇڻي رهيا هئا تہ ڪا به ملاقات بغير سبب جي ناهي ٿيندي. شايد اسان کي پنهنجو تعارف ڪرائڻ گهرجي."

مون انهن کان نہ پڇيو تہ هنن منهنجي ترسڻ واري جڳهه ڪيئن ڳولي لڌي. مون کڏهن نہ پڇيس جيڪي ماڻهو اهڙيون ڏکيايون پار ڪرڻ جي صلاحيت رکندا هجن سي عزت جي لائق آهن. انهن مان هڪڙي، جاپاني خوشخطي ۾ ليکيل ڪجهه ڪتاب منهنجي هٿ ۾ ڏنا. منهنجو مترجم ڪتاب ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. اهو شخص ڪازوهيتو آئدا هو جنهن جو والد جاپان جو عظيم شاعر هو جنهن جو مون ڪڏهن نالو نہ ٻڌو هو.

ان اتفاق جي ڪري مون کي مٽسُو آئدا (1924-1991) جي شاندار ڪم کي جاڻڻ، پڙهڻ ۽ پنهنجن پڑهندڙن سان Share ڪرڻ جو موقعو ملڻو. شاعر هجڻ سان گڏو گڏ هو هڪ سٺو خوشخطي ڪرڻ وارو پڻ هو جنهن جي بيتن مان اسان کي معصوميت ۽ بي گناهي جي اهميت خبر پوي ٿي. هيندسندس شاعري جو نندڙو تڪرو ٿو ڏجي:

ان پنهنجي زندگي پريورگذاري آهي
پر پوءِ به خشڪ گاهه واتهڙن جي نگاهه پاڻ ڏانهن ڇڪائي ٿو
گل صرف شان سان بهڪن ٿا.
اهي ائين ڪن ٿا ۽ ڪري سگهن ٿا

وادي ۾ اڪيلائي ۾ ٻهڪندڙ اڇي موتيي کي
پاڻ کي بيان ڪرڻ جي ضرورت ناهي
هو صرف خوبصورتي لاءِ زنده آهي.
البته انسان صرف ان واحد مقصد کي نه ٿا ميڃي سگهن.
جيڪڏهن تماتا هنداڻا ٽيڙ چاهين ته،
اهي مڪمل طور تي بيڪار لڳندا.
مان ان ڳالهه تي ڏاڍو حيران ٿيندو آهيان
ته ماڻهن کي هر وقت اها پريشاني هوندي آهي ته
هو اهو ٽيڙ چاهيندا آهن جيڪي هو آهن ئي نه.
پاڻ کي دقيانوسي ڏيکارڻ ۾ کڻو فائدو آهي؟
توهان کي هر وقت اهو ڏيکارڻ جي ضرورت ناهي ته اوهين طاقتور آهي.
هر وقت اهو ثابت ڪرڻ جي ضرورت ناهي ته سڀ ڪجهه صحيح پيو هلي
توهان کي ان جو فڪر نه هجڻ گهرجي ته ٻيا چا پيا سوچين
روئڻ ٿا چاهيو ته روئو.
سڀ ڪوڙها وهائي ڇڏڻ سڀني ڳالهه آهي
(چو ته صرف پوءِ ئي توهان ٻيهر مسڪرائي سگهندا)"

ڪڏهن ڪڏهن اسان ٽيليويزن تي سرنگهن يا پُلن جو افتتاح ٿيندي ڏسندا آهيون. اڪثر ڪري مشهور شخصيتون ۽ ڪيترائي سياستدان قطار ۾ بيهندا آهن جن جي وچ ۾ ڪو وزير يا گورنر هوندو آهي. پوءِ ربن ڪٽيو ويندو آهي، ۽ جڏهن اهي ماڻهو جن وٽ ان پراجيڪٽ جي چارج هئي، آفيس موٽندا آهن ته کين مبارڪن ۽ تعريفن جا ڪيئي خط ملندا آهن.

پر اهي ماڻهو ڪڏهن ب نظر ناهن ايندا جن ان پراجيڪٽ تي ڪر ڪيو ۽ پنهنجو پگهر وهايو ڪوڏرون ۽ هٿوڑا هلايا، ڪر پورو ڪرڻ لاءِ اونهاري جي گرمي ۽ سياري جي سردي برداشت ڪئي، پر اهي جن محنت ٿي نہ ڪئي سي هميشہ اڻيان ايندا آهن.

مان اهڙو ماڻهو ٿيڻ چاهيان ٿو جيڪو اڻ ڏنل ڇهرن کي ڏسي سگهي جيڪي شهرت يا مرتبي جي ڳولا ۾ ناهن هوندا بلڪ صرف پنهنجي زندگي پاران ڏنل ڪردار کي پورو ڪرڻ ۾ رڌل هوندا آهن.

مان اهو ان ڪري ٿو ڪرڻ چاهيان ڇو تہ اسان جي وجود کي شڪل ڏيڻ واريون سيني کان اهم شيون مختصراً اهي آهن جيڪي ڪڏهن ب پنهنجو ڇهرو ناهن ڏيکارينديون.

## 9/11 تي ڪجهه غور ويچار

ڪجهه سالن بعد، صرف هاڻي آئون انهي واقعي جي باري ۾ لکي سگهان ٿو. مون ان وقت هن واقعي جي باري ۾ لکڻ کان پاسو ڪيو ته جيئن انهن حملن جي نتيجن جي باري ۾ هر ڪو پنهنجي نموني سوچي وٺي.

اها گاله قبول ڪرڻ ڏاڍي ڏکي آهي ته ڪڏهن ڪڏهن ڪوئي دردناڪ واقعو ڪنهن طريقي سان مثبت نتيجا ۽ ڏيئي سگهي ٿو. جيئن ٿي اسان هن ڪنهن سائنس فڪشن فلم جي منظر جهڙي واقعي کي ڏٺو- ۽ن تاورن جو ڊڪندي ۽ ڌهندي پاڻ سان ڪڏهن وقت هزارين ماڻهن جو گڏ ڪٽي وڃي- ته فوري طور تي اسان ۾ ردعمل ڏيکاريا: پهريون ته جيڪو ڪجهه ۽ ٿي رهيو هو ان تي خوف ۽ بيوسي طاري ٿيڻ، ٻيو اهو خيال ته دنيا هاڻي ساڳي نه رهندي.

اهو سچ آهي ته دنيا هاڻي ڪڏهن ۽ ساڳي نه رهندي، پر ان واقعي تي ڏڪهي غور ويچار ڪانپوء. ڇا اڄا تائين ڪو خيال باقي آهي ته اهي سڀ ماڻهو مفت ۾ مري ويا؟ يا ورلڊ ٽريڊ سينٽر جي ڊيزائن هيئان موت، ڏوڙ ۽ مڙيل اسٽيل ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه ۽ ڳولي سگهجي ٿو؟

مونکي لڳندو آهي ته هر انسان جي زندگي ڪنهن نه ڪنهن موڙ تي دردناڪ واقعي جو شڪار ٿيندي آهي. پوء اهو ڪنهن شهر جي تباهي، پار جو موت، ڪو بي بنياد الزام، يا ڪا بيماري ٿي سگهي ٿي جيڪا بغير ڪنهن خبر ڏيڻ جي ظاهر ٿيندي آهي ۽ هميشه جي لاءِ معذور ڪري ويندي آهي. زندگي هڪ مستقل خطرو آهي، ۽ اگر ڪوئي

اها گالهه وساري ٿو ويهي ته هو قسمت جي آزمائشن جي لاءِ تيار نه هوندو. جڏهن به اسين ڪنهن اٽٽر مصيبت سان مدمقابل ٿيندا آهيون ته اسان ٿيندڙ واقعي جي باري ۾ ڪو خيال جوڙڻ، پنهنجي خوف تي قابو پائڻ ۽ شين جي نئين سر تعمير جي لاءِ مجبور ٿي ويندا آهيون.

جڏهن به اسين مصيبت ۽ غير محفوظي واري حالت سان منهن سامهون ٿيون ته اسان کي سڀ کان پهرين انهن کي قبول ڪرڻ گهرجي. اسان انهن احساسن کي ڪڏهن به ائين نه ٿا وڃي سگهون جڏ انهن جو اسان سان ڪو واسطو ئي ناهي يا وري پنهنجي دائمي جرم واري خيال کي تسڪين ڏيڻ لاءِ ڪين سزا ۾ تبديل نه ٿا ڪري سگهون. ورلڊ ٽريڊ سينٽر جي ملبي ۾ اسان جهڙا ماڻهو هئا، جيڪي محفوظ يا ناخوش هئا، مطمئن هئا يا اڃا جاکوڙيائون ٿي، جن جي خاندانن سندن انتظار ٿي ڪيو يا جيڪي ان وسيع شهر ۾ اڪيلائي ۽ نااميدي جو شڪار ٿي ويا هئا. انهن ۾ آمريڪي هئا، انگريز هئا، جرمن هئا، برازيلي هئا، جاپاني هئا، دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ جا ماڻهو هئا جيڪي هڪ ساڳي ۽ ڳجهي قسمت جي ذريعي ٻڌل هئا جنهن ۾ انهن کي صبح جو نائين وڄي ساڳي جڳهه تي حاضر رهڻو هو. اها جڳهه جيڪا ڪن جي لاءِ خوشگوار هئي ۽ ڪن جي لاءِ وري عذاب ڪان گهٽ نه هئي. جڏهن ٻئي تاور ڪريا ته صرف اهي ماڻهو نه مئا، اسين سڀ ٽورو ٽورو مري وياسين ۽ دنيا ننڍي ٿي وئي.

جڏهن به اسان جو واسطو ڪنهن به وڏي نقصان سان ٿئي پوءِ پلي اهو مادي (Material) هجي، روحاني هجي يا ذهني هجي، ته اسان کي دانائن پاران سيکاريل سبقن کي ياد ڪرڻ گهرجي: صبر رکو ۽ گالهه تي يقين رکو ته هن دنيا جي هر شيءِ وقتي آهي. اچو ته ان زاويي کان پنهنجي قدرن تي نظر وجهون. جيڪڏهن دنيا گهٽ ۾ گهٽ

کيترن ٿي سالن لاءِ محفوظ ناهي رهڻ واري ته پوءِ چو نه ان اوچتي تبديلي جو فائدو وٺون ۽ اهي ڪم ڪريون جيڪي اسان هميشہ ڪرڻ چاهيا پر جن کي ڪرڻ جي اسان کڏهن همت نه ڪري سگهياسين؟ 9/11 جي صبح جو ورلڊ ٽريڊ سينٽر ۾ ڪيترا اهڙا ماڻهو هٿا جن پنهنجي مرضي جي خلاف اتي ڪم ٿي ڪيو اهڙي ڪيريئر کي پٺي هلايائون جيڪو مٽن ٿهڪي ٿي نه پيو. اهڙو ڪم ٿي ڪيائون جيڪو کين پسند نه هو پر صرف ان لاءِ ٿي ڪيائون ته اها هڪ محفوظ نوڪري هئي ۽ کين پوڙهاپ ۾ پينشن ملڻ جي پڪ هئي.

اها دنيا ۾ هڪ الاهي وڏي تبديلي هئي. ۽ جيڪي ماڻهو هن تاورن جي ملبي ۾ دٻجي ويا سي هاڻي اسان کي پنهنجي زندگي ۽ قدرن جي باري ۾ وري سوچڻ تي مجبور ڪن ٿا. جڏهن عمارتون ڪريون ته اهي پاڻ سان گڏ خواب ۽ اميدون به کڻي ويون. پر انهن نوان افق پڻ ظاهر ڪيا ۽ اسان مان هر هڪ کي پنهنجي زندگي جي معنيٰ جي باري ۾ غور ڪرڻ تي آماده ڪيائون.

ڊريسڊن جي بمباري (Bombing of Dresden) کان فوراً پوءِ جي واقعن بابت هڪ ڪهاڻي مطابق هڪ شخص ملبي ۾ ڊڪيل هڪ پلاٽ وٽان گذري رهيو هو ته ڪيس ٽي مزدور نظر آيا.

"توهان چا پيا ڪريو؟" هن پڇيو.

پهريون مزدور پوئتي مڙيو ۽ چيائين: "ڏسين نه ٿو پٿر ٿو هٽايان؟"

"ڏسين نه ٿو آئون پنهنجي ڏهاڙي پيو ڪمايان؟" ٻئي مزدور چيو.

"ڏسين نه ٿو" ٽئين مزدور چيو. "آئون چرچ جي نئين سر تعمير پيو ڪريان!"

جيتوٽيڪ تئي مزدور ساڳيو ڪر ڪري رهيا هئا پر صرف هڪڙي ڪي ٿي پنهنجي زندگي ۾ ڪر جي صحيح معنيٰ جي ڄاڻ هئي. اچو تہ اميد ڪيون تہ 9/11 کانپوءِ واري دنيا ۾ اسان مان هر هڪ ٻاڻ کي پنهنجي جذباتي ملهي جي هيلان ڪڍڻ ۾ ڪامياب ٿيندو ۽ پنهنجي خوابن جو چرچ وري جوڙيندو جنهن کي ٽاهڻ جي لاءِ هن ڪڏهن بہ همت نہ جتائي هئي.

# خدا جون نشانيون

هيءَ ڪهاڻي مونکي ازابيلا ٻڌائي. هڪ اڻ پڙهيل عرب روز رات جو ايتري جوش ۽ جذبي سان عبادت ڪندو هو جو وڏي قافلي جي امير اڳواڻ ساٿس گالهائڻ لاءِ ڪيس پاڻ وٽ گهرايو.

"تون ايتري بندگي سان عبادت ڇو ڪندو آهين؟ توکي ڪيئن خبر ته خدا وجود رکي ٿو. توکي ته پڙهڻ به ناهي ايندو؟"

"مون کي خبر آهي سائين. ان عظيم آسماني خدا پاران لکيل هر شيءِ مان پڙهي سگهان ٿو."

"پر ڪيئن؟"

ان عاجز نوڪر هن طرح سمجهاڻي ڏني.

"جڏهن توهان کي ڏورانهن هنڌن تان خط ملندا آهن ته اوهين لکندڙ کي ڪيئن سڃاڻندا آهيو؟"

"لکڻي جي ذريعي."

"جڏهن توهان کي ڪو زيور ملندو آهي ته توهان کي ڪيئن خبر پوندي آهي ته ان کي ڪنهن ناهيو؟"

"سوناري جي مهر مان."

"جڏهن خيمي جي پرسان ڪو جانور لنگهندو آهي ته توهان کي ڪيئن خبر پوندي آهي ته آيا اها رڍ هئي، گهوڙو هو يا ڏڳو هو."

مالڪ سڀني سوالن تي حيران ٿيندي چيو، "پيرن جي نشانن مان."

ان پوڙهي نوڪر مالڪ کي ٻاهر اچڻ جو عرض ڪيو ۽ ڪيئن

آسمان ڏيکاريائين.

"مٿي لکيل سڀ شيون ۽ هيٺ ريگستان ۾ لکيل سڀ شيون تن سيني کي لکڻ يا ٻاهڻ انسان جي وس کان ٻاهر آهي."

# اکيلو اکيلو رستي تي

زندگي سائيڪل جي ريس وانگر آهي جنهن جو مقصد (aim) پنهنجو ڪردار جيئڻ آهي جيڪو قديمي ڪيميادانن جي مطابق ڏرتي تي اسانجو اصلي مِشن آهي.

اسين سڀ جوش ۽ دوستي جي جذبي سان گڏ نڪرندا آهيون. پر جيئن ريس وڌندي آهي ته شروعاتي خوشي اصلي آزمائش ۾ تبديل ٿي ويندي آهي: ٽڪاوٽ، بوريت، پنهنجي قابليت تي شڪ. اسان کي نظر ايندو آهي ته ڪجهہ دوست دل ٿي دل ۾ اڳ ٿي هار مڃي ويٺا آهن. اهي اڃا تائين سائيڪل هلائي رهيا هوندا آهن پر صرف ان ڪري جو هو اڌ رستي ۾ نہ ٿا بيهي سگهن. اهڙا دوست گهٽائي ۾ هوندا آهن، جيڪي مددگار گاڏي سان گڏ سائيڪل هلائيندا رهندا آهن. جنهن کي اسين روٽين (Routine) ۾ چوندا آهيون. پاڻ ۾ گالهائيندا هلندا آهن. پنهنجا فرض نياڻيندا رستي جي آزمائش ۽ خوبصورتي کان اڻ ڄاڻ بس هلندا رهندا آهن.

آهستي آهستي اهي پٺ تي رهجي ويندا آهن ۽ اسين رستي جي اوٽائين ۽ پنهنجي سائيڪل ۾ مڪينيڪل مسئلن سان گڏ اڪيلائي جي مدِمقابل ٿيندا آهيون. بي يارو مددگار ڪجهہ دفعا ڪرڻ کان پوءِ هڪ خاص مرحلي تي اسين سوچيندا آهيون ته ڇا اها ريس ايترن ڪشالن جي لائق آهي سهي.

ها بلڪل، صرف همت نہ هارڻ جو سوال آهي. فادر ايلن جان چوي ٿو ته انهن مشڪلاتن کي پار ڪرڻ لاءِ اسان کي ڇٽن باطني طاقتن جي ضرورت آهي. پيار، موت، طاقت ۽ وقت.

اسان کي پيار ڪرڻ گهرجي چاڪاڻ ته خود خدا اسان سان پيار ٿو ڪري.

زندگي کي مڪمل طور سمجهڻ لاءِ اسان کي موت جي جاڻ هجڻ گهرجي.

اسان کي واڌ ويجهه ڪرڻ لاءِ محنت ڪرڻ گهرجي پر اسان کي ان طاقت کان فريب نه کائڻ گهرجي جنهن جي لاءِ اسين جدوجهد ڪري رهيا آهيون چاڪاڻ ته اسين جاڻون ٿا ته اها طاقت بي معنيٰ آهي.

آخر ۾ اسان کي اهو قبول ڪرڻ گهرجي ته پلي اسان جو روح لافاني آهي پر اهو وقت جي جار ۾، سندس سيني ڪمين پيشن ۽ موقعن سميت، جڪڙيل آهي.

تنهن ڪري، پنهنجي تنهائي واري سائيڪل ريس جي دوران، اسان کي وقت جي وجود جو احساس ۽ پل پل جو قدر ڪرڻ گهرجي ۽ ضرورت پوڻ تي آرام پڻ ڪرڻ گهرجي، پر ان مقدس روشنيءَ جي طرف سائيڪل هلائيندو رهڻ گهرجي ۽ پريشاني جي پلن کي پاڻ تي حاوي ٿيڻ نه ڏجي.

انهن ڇڻ قوتن کي اسين مسئلي طور نه ٿا وٺي سگهون چاڪاڻ ته اهي ڪنهن جي به ڪنٽرول کان بالاتر آهن. اسان کي کين هر حال ۾ قبولڻ گهرجي ۽ منجهن اها ڳالهه سکڻ گهرجي جنهن جي اسان کي ضرورت هجي.

اسان اهڙي ڪائنات ۾ ٿا رهون جيڪا ايتري ته وڏي آهي جو اسين ان ۾ آرام سان لکي سگهون ٿا ۽ ساڳي وقت ايتري ته ننڍي آهي جو اسان جي قلب ۾ سمائجي ٿي وڃي. هڪ ماڻهو جي روح ۾ پوري ڪائنات جو روح ۽ خاموش دانائي سمايل آهي. پنهنجي منزل جي طرف پئدل هٽندي اسان کي اهو ضرور پڇڻ گهرجي، "اڄ جي

باري ۾ خوبصورت ڳالهه ڪهڙي آهي؟" سڀ پاڻي چمڪندو آهي پر جيڪڏهن برسات پوي ته هڪ ڳالهه هميشه ياد رکڻ گهرجي ته اهي ڪارا ڪڪر جلدي هٽي ويندا. ڪڪر هٽي ويندا آهن. پر سڄ هميشه ساڳيو رهندو آهي، ۽ ڪاڏي نه ويندو آهي. تنهاڻي جي پلن ۾ اها ڳالهه ياد رکڻ ضروري آهي.

جڏهن ڏکيائون پيش اچن ته اسان کي اهو ڪڏهن نه وساريڻ گهرجي ته ڪنهن به نسل، رنگ، سماجي حالت، عقيدي يا ثقافت سان تعلق رکڻ جي باوجود هر هڪ ماڻهو ساڳين ڏکيائين مان گذريو آهي. اهڙي وقت ۾ ڪنهن کي ڪهڙو رويو اختيار ڪرڻ گهرجي تنهن کي مصر جي صوفي ذل نن (Dhu'l Nun 'd.ad 861) جي هيءَ دعا بخوبي ظاهر ڪري ٿي:

"اي خدا! جڏهن به آئون جانورن جو آواز ٻڌان، وڻن جو آواز ٻڌان، پکين جو ڳائڻ ٻڌان، پاڻي جي سرسراهٽ ٻڌان، هوا جا گهوگهٽ ٻڌان يا ڪنوڻ جا ڪجڪوڙ ٻڌان ته انهن ۾ موتکي تنهنجي وحدانيت جو ثبوت ٿو نظر اچي. مونکي محسوس ٿيندو آهي ته تون ئي عظيم طاقت، عظيم ڄاڻو، عظيم داناءَ ۽ عظيم منصف آهين.

"اي خدا! اٿون پاڻ تي هن وقت موجود ڏکيائين ۾ به تو تي ئي يقين ٿو رکان. خدا، پنهنجي تسڪين کي منهنجي تسڪين ناهي ڇڏ، ۽ مونکي پنهنجو لطف ڏاهه. اهڙو لطف جيڪو هڪ پيءُ کي پنهنجي ٻار ۾ ملندو آهي. ۽ مونکي توفيق عطا ڪر ته مان توکي هميشه سڪون ۽ ثابت قدمي سان ياد ڪريان ۽ ايتريقدر ان حالت ۾ به جو منهنجي لاءِ چوڻ مشڪل هجي ته "مان توسان پيار ٿو ڪريان."

# انسانن جي باري ۾ مزاحيہ ڳالھ

منھنجي دوست جيمي ڪوھن (Jaime Cohen) کان ڪنھن پڇيو: "انسان جو سڀني کان مزاحيہ پھلو ڪھڙو آھي؟"

ڪوھن چيو: "اسان جا تضاد. اسان کي ٻڌو ٽيڪ جو ايڏو شوق ھوندو آھي، ۽ وري اسان پنھنجي وڃايل ھاروٽڻ کي سڪ سان ياد ڪندا آھيون. اسان پئسا ڪمائڻ لاءِ پاڻ کي بيمار ڪري ويھندا آھيون ۽ وري اھي سڀ پئسا ٽيڪ ٽيڻ لاءِ علاج تي خرچ ڪري ڇڏيندا آھيون. اسان مستقبل جي باري ۾ ايترو تہ سوچيندا آھيون جو حال کي نظرانداز ڪري ڇڏيندا آھيون. ۽ ان ريت نہ حال جو مزو ونڊندا آھيون ۽ نہ مستقبل جو. اسان ائين جيئندا آھيون جڙ ڪڏھن نہ مرنداسين ۽ ايئن مرندا آھيون جڙ ڪڏھن زنده ئي نہ ھياسين."

# موت کان پوءِ دنيا جو سير

مان اڪثر سوچيندو آهيان ته دنيا ۾ پنهنجا ڏرا وکيڙ سان ڇا ڪيندو آهي. مون توکيو ۾ پنهنجا وار ڪتيا آهن، ناروي ۾ پنهنجا ننهن لاڻا آهن، فرانس ۾ پنهنجو خون پاڻ وهايو آهي. پنهنجي پهرين ڪتاب "دي آرڪائيوز آف هيل" ۾ ۽ مون ان عنوان تي ڪجهه قياس آرائي ڪئي آهي ته ڇا پنهنجي ايندڙ جنم ۾ جاتل سجاتل شيون ڏسڻ جي يقين ڏهاني لاءِ پنهنجي جسم جا ننڍڙا ٽڪرا دنيا جي مختلف حصن ۾ پوکڻ ضروري آهن. تازو ئي مون هڪ فرانسيسي اخبار "لي فگارو" ۾ ڪائي ٻڌڻ نالي هڪ شخص ياران حقيقي زندگي جي واقعي بابت لکيل ڪالم پڙهيو جنهن ۾ جون 2001ع ۾ ڪنهن ان خيال کي حقيقت جو روپ ڏنو هو.

اهو ڪالم هڪ آمريڪي عورت ويرا ايندرسن جي باري ۾ هو جنهن پنهنجي سڄي زندگي ميڊفورڊ، اوريگن (Medford, Oregon) ۾ گذاري هئي. جڏهن سندس عمر وڌڻ لڳي ته ڪيس بيهوشي جا دورا پوڻ لڳا جن ۾ سهڪي جي بيماري جي ڪري شدت پيدا ٿي وئي. ۽ هوءَ آڪسيجن مشين جي سهاري تي هڪ ڪمري ۾ ڪيترائي سال گذارڻ لاءِ مجبور ٿي وئي. اها خود ۾ هڪ اذيت هئي پر ويرا جي معاملي ۾ اها اذيت ڪجهه وڌيڪ ٿي هئي ڇاڪاڻ ته هن هميشه دنيا جو سير ڪرڻ جا خواب ڏٺا هئا ۽ ان جي لاءِ هن پئسا ۽ جمع ڪيا هئا ته جيئن رٽائرمينٽ ڪانپوءِ پنهنجي خواب جي ساڀيان ڪري سگهي.

ويرا کيئن ۽ ڪري ڪولريڊو (Colarado) لڏي وئي ته جيئن زندگي جا رهيل ڏينهن پنهنجي پٽ راس (Ross) سان گذاري سگهي.

اتي پنهنجي آخري سفر جنهن کان کوئي به ناهي موٽندو کان پهرين هن هڪ فيصلو ڪيو ته زنده هوندي شايد هوءَ پنهنجو ملڪ به نه ڏسي سگهي پر موت کانپوءِ هوءَ پوري دنيا جو سير ڪندي.

راس مقامي رجسترار ڏانهن ويو ۽ پنهنجي ماءُ جي وصيت لکرائي ڇڏيائين جنهن مطابق مرڻ کان پوءِ سندس لاش کي ساڙيو ويندو. ان ۾ ڪا نڪتو ڳالهه ناهي. پر وصيت ۾ اڳتي اهو شرط رکيل هو ته سندس خاڪ کي 241 ننڍڙن ٽيلهن ۾ رکيو ويندو جن کي آمريڪا جي 50 رياستن جي هيڊ پوسٽ آفيسن ڏانهن، ۽ دنيا جي 191 ملڪن مان هر هڪ ڏانهن اماڻيو ويندو ته جيئن سندس جسر جو ننڍڙو حصو انهن جڳهين تي گهمي سگهي جن کي گهمڻ جو هن زندگي ۾ خواب ڏٺو هو.

جيئن ئي ويرا جي ديهانت ٿي ته راس پنهنجي ماءُ جي آخري خواهش نهايت عزت ۽ احترام سان پوري ڪئي. هر ٽيلهي ۾ هن هڪ مختصر خط وجهي ڇڏيو جنهن ۾ هن سندس امڙ جي آخري رسمن کي عزت ۽ احترام سان نپائڻ جو عرض ڪيو.

جنهن کي به ويرا ايندرسن جي خاڪ ملي تنهن راس جي عرض کي نهايت سنجيدگي سان ورتو. دنيا جي چٽي ڪنڊن ۾، هڪ خاموش استحڪام جي زنجير ٺهي وئي، جنهن ۾ همدرد اجنبين مرحوم ويرا پاران گهمڻ جي تمنا کيل جڳهن تي depend ڪندي مختلف قسمن جون رسمون ادا ڪيون.

ايئن ويرا جي خاڪ کي ايمارا انڊينز جي قديم رواجن مطابق بوليويا جي ٽٽيڪاڪا (Titicaca) ڍنڍ ۾ وهايو ويو. ڪيس استاڪ هوم جي شاهي محل جي اڳيان وڪيريو ويو. ٽائلينڊ جي ڪاٽو فاريا ۾، جاپان جي شنتو (Shinto) مندر ۾، اينتارڪٽڪا جي گليشيئرن ۾، ۽

صحاره جي ريگستان ۾، ڏکڻ آمريڪا (ڪالمر ۾ ملڪ جو نالو لکيل نہ هو) ۾ هڪ يتيم خاني جي عورت عملي باغ ۾ خاڪ وکيڙڻ کان پهرين هڪ هفتي جي لاءِ عبادت ڪئي ۽ پوءِ فيصلو ڪيائون تہ ويرا اينڊرسن کي ان جڳهہ لاءِ هڪ پلارو فرشتو سمجهيو ويندو.

راس اينڊرسن کي دنيا جي پنجن ڪنڊن مان تصويرون وصول ٿيون جن ۾ هر رنگ، نسل ۽ ثقافت جي ماڻهن پاران سندس امڙ جي آخري خواهش کي مان ڏيندي ڏيکاريو ويو هو. جڏهن اسين اڄ جي منتشر دنيا تي نظر ٿا وجهون جنهن ۾ ڪوئي بہ ٻي ڪنهن جو خيال رکندي نظر نہ ٿو اچي، تہ ويرا اينڊرسن جو مثال اسان کي اميد سان پري ٿو ڇڏي، ڇاڪاڻ تہ اهو مثال ڏيکاري ٿو تہ انسانن جي روحن ۾ اڃا تائين عزت، پيار ۽ خلوص موجود آهي پوءِ ڀلي اهي ڪيتري بہ مفاصلي تي ڇو نہ هجن.

# ويهن ڊالرن جو نوٽ ڪنهن کي ڪپي؟

ڪاشان سعيد عامر هڪ ليڪچرار جي ڪهاڻي ٻڌائي جنهن پنهنجو سيمينار شروع ڪرڻ مهل ويهن ڊالرن جو نوٽ هٿ ۾ ڪٽي پڇيو. "هي ويهن ڊالرن جو نوٽ ڪنهن کي ڪپي؟"

ڪيترائي هٿ مٿي ڪڇيا. پر ليڪچرار چيو: "توهان کي ڏيڻ کان پهرين، مونکي ڪجهه ڪرڻو آهي."

هن نوٽ کي مروڙي سروڙي گول ڪري چڊيو ۽ پڇا ڪيائين، "هاڻي به ڪنهن کي نوٽ ڪپي؟"

هٿ وري مٿي ڪڇيا.

"۽ جيڪڏهن مان هيئن ڪريان ته؟"

هن مروڙيل نوٽ کي پٽ تي اڇلي هنيو. پٽ تي اڇلايائينس، گاريون ڏنائين لتون هنيائينس ۽ هڪ پيرو ٻيهر ڪين نوٽ (هن دفعي ميرو ۽ گهنجيل) ڏيکاريندي پنهنجو سوال ڏهرايائين ۽ هڪ پيرو ٻيهر هٿ مٿي اٽيا.

"هن منظر کي ڪڏهن نه وسارجو." هن چيو. "پلي مان هنن پٺسن سان ڇا به ڪريان، پر اهو اڃا تائين ويهن ڊالرن جو نوٽ ئي آهي. تنهن ڪري اسان جي زندگين ۾ اسان کي مروڙيو لتاڙيو ۽ بيعزتو ڪيو ويندو آهي ۽ اسان سان خراب نموني سلوڪ ڪيو ويندو آهي پر پوءِ به انهن سيني جي باوجود اسان اوترا ئي قيمتي رهندا آهيون."

## ۾ زيور

برگس، اسپين ۾ هڪ سسٽائين جي راهب مارڪس گيريا چيو:

"ڪڏهن ڪڏهن خدا ڪنهن ماڻهو کان ڪا نعمت کسي وٺندو آهي ته جيئن ڪيس خبر پئي ته خدا صرف اهو ناهي جنهن کان هو هر وقت ڪجهه گهرندو رهندو آهي ۽ آزمون ڪندو رهندو آهي. خدا کي خبر آهي ته ڪهڙي روح کي ڪيتري حد تائين آزمائڻو آهي، ۽ هو ان حد کان اڳتي قطعي ناهي وڌندو. اهڙي وقت تي اسان کي اهو نه چوڻ گهرجي ته، "خدا مون کي ڏکاري ڇڏيو آهي." هو ڪڏهن به ائين نه ڪندو پلي جو ڪڏهن ڪڏهن اسين هن کي وساري ڇڏيون. جيڪڏهن پالڻهار اسان تي کا آزمائش ٿو وجهي ته ان کي پار ڪرڻ لاءِ گهربل، آڻون ته چوندس گهربل کان به وڌيڪ طاقت ڏئي ٿو."

ان حوالي سان منهنجي هڪ پڙهندڙ ڪيملا گلوائو پوا مونکي هڪ ڪهاڻي موڪلي هئي جنهن جو عنوان هو "۾ زيور."

هڪ ديندار يهودي پادري پنهنجي فرمانبردار شريڪ حيات ۽ ٻن پيارن پٽن سان گڏ هڪ انتهائي خوش زندگي گذاريندو هو. هڪ پيري ڪنهن ڪر سانگي پادري کي ڪجهه ڏينهن لاءِ گهر کان پري رهڻو پيو. ان دوران سندس ٻئي پٽ هڪ خطرناڪ کار حادثي ۾ فوت ٿي ويا.

سندن ماءُ اڪيلي سر سڄي تڪليف سٺي. البته، جيئن ته هوءَ هڪ مضبوط عورت هئي هن خدا ۾ يقين ۽ عقيدي جي طاقت سان ان صدمي کي بهادري ۽ همت سان منهن ڏنو. پر هن کي پريشاني هئي

ته هوءِ مڙس کي اها اذيتناڪ خبر ڪيئن ٻڌائيندي؟ سندس مڙس جو ايمان به اوتروئي مضبوط هو پر ماضي ۾ ڪيس دل جي تڪليف سبب اسپتال ۾ داخل ڪرائڻو پيو هو ۽ سندس گهر واريءَ کي ڊپ هيو ته ڪٿي اها خبر سندس مڙس جي موت جو سبب نه بڻجي وڃي.

هن وٽ صرف هڪ ئي رستو هو ته خدا کان دعا گهري ۽ رهنمائي جي لاءِ مدد گهري. سندس وَر جي واپسيءِ جي موقعي تي هن شدت سان عبادت ڪئي ۽ نيٺ وٽس جواب جي نوازش ٿي.

ٻئي ڏينهن پادري گهر پهتو ۽ پنهنجي گهر واري کي پاڪر پائي هارن جي پڇا ڪيائين. زال ڪيس هارن جي پريشاني کي ڇڏي وهنجي سهنجي آرام ڪرڻ جو چيو.

ڪجهه ديرڪانپوءِ، هو منجهند جي ماني کائڻ لاءِ ويٺا. سندس زال پادري کان سڄي سفر جي باري ۾ پڇا ڪئي جنهن وري ڪيس هر شيءِ ٻڌائي. هن خدا جي ٻاجهه جو ذڪر ڪيو ۽ وري هارن جي پڇا ڪيائين.

گهر واريءَ جيئن تيئن ڪري ٿورو عجيب نموني سان وراڻيو: "پريشان نه ٿي هارن جي باري ۾ بعد ۾ سوچي ونڊنداسين. ۽ پهرين مونکي هڪ تمام سنجيده مسئلي جي حل لاءِ تنهنجي مدد جي ضرورت آهي."

سندس مڙس پريشاني مان پڇيو "ڇا ٿيو؟ مونکي ته تون اڄ ئي اداس پئي لڳين. تنهنجي ذهن ۾ جيڪا به ڳالهه آهي مونکي ٻڌاءِ. مونکي يقين آهي ته خدا جي مهرباني سان اسين گڏجي ڪوبه مسئلو حل ڪري سگهون ٿا."

"تنهنجي وڃڻ کانپوءِ اسان جو هڪ دوست مون وٽ به املهه زيور امانت طور رکي ويو هو. اهي ڏاڍا پيارا زيور آهن! ان کان پهرين

مون کڏهن به ايتري خوبصورت شيءِ ناهي ڏٺي. اهو دوست پنهنجي امانت واپس وٺڻ ايندو آهي پر آئون امانت واپس نه ٿي ڪرڻ چاهيان. مونکي سندن عادت پئجي وئي آهي. مونکي هاڻي چا ڪرڻ گهرجي؟"

"مون کي تنهنجو رويو بلڪل به سمجهه ۾ نه ٿو اچي! تون ته ڪڏهن مغرور نه هئين!"

"ڪالهه اها آهي ته مون ان کان پهرين ايترا حسين زيور ڪڏهن ناهن ڏٺا. آئون کين هميشه جي لاءِ وڃائڻ جو صدمو برداشت نه ٿي ڪري سگهان."

تنهن تي پادري سختي سان وراڻيو: "جنهن جي شيءِ ٿي نه هئي اهو ڪڏهن به ان کي نه ٿو وڃائي سگهي. انهن زيورن کي رکڻ، کين چورائڻ جي برابر هوندو. اسين اهي واپس ڏيندا سين، ۽ انهن جي نقصان جي ازالي لاءِ مان تنهنجي مدد ڪندس. اهو اسين ڳڏجي اڄ ٿي ڪنداسين."

"جيئن توهان جي مرضي. ان خزاني کي واپس ڪيو ويندو. بلڪ اهي واپس ٿي چڪا آهن. اهي به قيمتي زيور اسان جا پٽ هئا. خدا انهن جي حفاظت جي ذميواري اسان کي سونپي هئي. تنهنجي وڃڻ کانپوءِ هو کين واپس وٺي آيو. اهي وڃي چڪا آهن."

پادري سمجهي ويو. هن پنهنجي گهر واري کي پاڪر پاتو. ۽ ٻئي ڳڏجي ڏاڍو رنا. پر هو پيغام سمجهي ويو هو ۽، ان ڏينهن کانپوءِ انهن ڳڏجي نقصان برداشت ڪرڻ جي ڪوشش شروع ڪئي.

# خود فريبي

اسان انسانن جي فطرت آهي تہ اسين ٻين کي ڏاڍي سختي سان پرکيندا آهيون ۽ جڏهن حالات اسانجي خلاف ٿي ويندا آهن تہ وري پنهنجن برن عملن لاءِ بهانا گولينداآهيون يا پنهنجين غلطين لاءِ ٻين کي ذميوار ٺهرائيندا آهيون. هيءَ کهاڻي منهنجي ڳالهہ جي وضاحت ڪري ٿي.

هڪ قاصد کي ڪنهن ڏورانهين شهر جلدي پيغام ڪٽي وڃڻ لاءِ موڪليو ويو. هو پنهنجي گهوڙي تي چڙهيو ۽ ڏڪهي سفر تي نڪري پيو. ڪيترائي طنبيلا، جتي هن جهڙن ٻين جانورن کي عام طور تي کارايو ويندو هو، تن کي پار ڪرڻ کانپوءِ گهوڙي سوچيو: "اسين ڪنهن بہ طنبيلي تي ناهيون ٻيڻا ان جو مطلب آهي تہ مون سان گهوڙن وانگر نہ پر انسانن جهڙو ورتاءُ ڪيو پيو وڃي. سيني ماڻهن وانگر اسين ايندڙ وڏي شهر ۾ ڪاڏو ڪائيندا سين."

پر هڪ ڪري سڀ وڏا شهر بہ گذري ويا، ۽ سندس سوار اڃڪي هلندو رهيو. گهوڙي سوچيو: "شايد مونکي انسان ۾ نہ بلڪ ڪنهن فرشتي جي روپ ۾ تبديل ڪيو ويو آهي چو تہ فرشتا ڪائڻ پيئڻ کان آجا هوندا آهن."

آخرڪار هو پنهنجي منزل تي پهتا ۽ سندس مالڪ گهوڙي کي طنبيلي تي چڏي ڏنو جتي هن گاهہ کي وڏي حرص وڃان خوب ڪڙڪايو.

"ڳالهين جي تبديل ٿيڻ تي چو يقين ڪجي؟ صرف ان ڪري جو اهي اسان جي توقع مطابق نہ ٿيون؟" گهوڙي چيو "مان کو انسان يا فرشتو ناهيان مان تہ بس هڪ بکايل گهوڙو آهيان."

# آزمائش/ کوشش کرڻ جوڻن

پئبلو پکاسو چوي ٿو ٿ: "خدا سڀ کان پهرين هڪ فنڪار آهي. هن ذراڪ ناهيو هاڻي ناهيو ۽ ماکوڙي ناهي. هن کڏهن به ڪوئي خاص استائل يا انداز ڌهرائڻ جي ڪوشش نه ڪئي. هن جي دل جيڪو چيو هو ڪندو رهيو."

هلڻ جي خواهش ئي اڳتي رستو ناهيندي آهي. البته جڏهن اسان پنهنجي خوابن جي طرف سفر شروع ڪندا آهيون ته اسان کي ڊپ محسوس ٿيندو آهي، جڏ ته اسان کي هر شيءِ پهرين دفعي ۾ ئي صحيح نموني ڪرڻي آهي. ۽ جيڪڏهن اسين سڀ مختلف زندگيون جيئندا آهيون ته پوءِ "صحيح نموني ڪرڻ" جو مطلب ڇا آهي؟ جيڪڏهن خدا ذراڪ، هاڻي ۽ ماکوڙي ناهيا، ۽ اسين به هن جي عڪس ۾ ٿا جيئون ته پوءِ اسان کي ٻئي ڪنهن ماڊل مطابق ڇو هلڻ گهرجي؟ ڪوئي ماڊل اسان کي انهن غلطين کي ڌهرائڻ کان نه ٿو بچائي سگهي جيڪي ٻين اڳ ۾ ڪيون هيون، ۽ اڪثر ڪري اهو ماڊل اسان جي لاءِ اهڙي قيد برابر ٿي ويندو آهي جيڪو اسان کي اهو سڀ ڪرڻ تي مجبور ڪندو آهي جيڪو اڳ هر ڪو ڪندو رهيو آهي.

ان جو مطلب اهو ٿيو ته توهان ڏيان رکو ته توهان جي ٿاءِ هميشه توهان جي جورابن سان مئچ (Match) ڪري. ان جو مطلب آهي ته سياڻپ تي به اڄ وارا ساڳيا رايا رکڻ تي مجبور رهڻ. اهڙي حالت ۾ هر وقت تبديل ٿيندڙ دنيا جو ڇا ٿيندو؟

جيتري حد تائين ڪنهن کي نقصان نه پهچي، ان حد تائين رايو (Opinion) تبديل ڪندا رهو ۽ بغير ڪنهن شرمندگي جي متضاد

رهو. اهو توهان جو حق آهي، ان جي پرواهه نه ڪريو ته ماڻهو ڇا سوچيندا، چوته ماڻهو ته هونئن ئي ڪجهه نه ڪجهه سوچيندا.

جڏهن اسان ڪوئي عمل ڪرڻ جو فيصلو ڪريون ٿا ڪجهه حدن کي پار ڪرڻو پوندي سگهي ٿو. هڪ رڌپجاءُ سان لاڳاپيل پراڻي چوٽي آهي ته: آنو پچڻ کان بغير توهان ڪڏهن آمليت نه ٿا ٺاهي سگهو." غير متوقع تضادن جو جنم وٺڻ قدرتي عمل آهي، ۽ انهن تضادن ۾ زخم رسڻ پڻ قدرتي عمل آهي. زخم پرجي ويندا آهن، انهن جا صرف نشان رهجي ويندا آهن.

اها به هڪ نعمت آهي. اهي زخم سڄي عمر اسان سان گڏ رهندا آهن ۽ نهايت مددگار هوندا آهن. جيڪڏهن ڪنهن وقت، چو ته سادي طرح اهي اسان جي زندگي آسان ٺاهيندا يا هي ڪنهن سبب جي ڪري، ماضي ۾ واپس وڃڻ جي خواهش وڌي وڻ ٿي وڃي ته اسان کي صرف زخمن ڏانهن ڏسڻ جي ضرورت آهي. اهي هٿڪڙين جا نشان آهن ۽ اسان کي قيد جي خوفن جي ياد ڏيارينداَ، ۽ اسان سڌو اڳتي هلندا رهنداسين.

تنهن ڪري، پريشان نه ٿيو. ڪائنات کي پنهنجي چوگرد ڦرڻ ڏيو ۽ پاڻ کي نئين حيران ڪندڙ شين کي دريافت ڪرڻ جي مسرت ڏيو. سينٽ پال چوي ٿو ته: "سمجهدارن کي منجهائڻ لاءِ خدا دنيا ۾ احمقانه شيون چونديون آهن."

سڄ جي جنگجو کي اڪثر لڳندو آهي ته ڪجهه پل پاڻ کي ڌهرائڻ ٿا. هن کي اڪثر ساڳين مهلن ۽ مسئلن کي منهن ڏيڻو پوندو آهي ۽ انهن ڏکين گهڙين کي موتندو ڏسي هو پريشاني ۾ مبتلا ٿي ويندو آهي ۽ سوچيندو آهي ته هو پنهنجي زندگي ۾ ڪا پيش رفت نه ٿو آڻي سگهي.

"آئون ان سڀ مان پهرين بہ گذري چڪو آهيان،" هو پنهنجي دل کي چوندو آهي.

"ها تون ان سڀ مان پهرين گذري چڪو آهين،" هن جي دل وراڻيندي آهي. "پر تون ان کان اڳتي ڪڏهن نہ ويو آهين."

پوءِ جنگجو کي خبر پوندي آهي تہ انهن ڏهرايل تجربن جو صرف هڪڙو مقصد هوندو آهي: ڪيس اهو ڪجهہ سيکارڻ جيڪو ايڏا تائين هن نہ سکيو آهي. هن کي هر دفعي هر ڏهرايل جنگ لاءِ هڪ مختلف حل ملندو آهي، ۽ هو پنهنجي ناڪامين کي غلطي نہ بلڪ خود سان ملڻ واري رستي تي قدم سمجهندو آهي.

# روحاني تلاش جي چوگرد خطرا

جيئن ئي ماڻهو روحاني شين تي گهڻو ڌيان ڏيڻ شروع ڪندا آهن ته هڪ ٻيو عمل جنم وٺندو آهي، ٻين ماڻهن جي روحاني تلاش جي طرف برداشت جي ڪمي جو احساس. هر روز مونکي رسالا، اي ميلن خط ۽ پمفليٽ وصول ٿيندا آهن. جن ۾ "روشن خيالي" (Enlighten-ment) حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ رستي کي ٻئي رستي کان بهتر ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ٿيل هوندي آهي جن ۾ ان منزل تائين پهچڻ جي لاءِ اصولن جي هڪ ڏگهي فهرست ڏيل هوندي آهي. جيئن ته اهڙي خط و ڪتابت جو تعداد وڌي رهيو آهي تنهن ڪري مون ان تلاش جي ڪجهه خطرن جي باري ۾ ٿورو لکڻ جو فيصلو ڪيو آهي.

## پهريون عقيدو: ذهن هر شيءِ جو علاج ڪري سگهي ٿو:

اهو سچ ناهي، ۽ آئون ان عقيدي کي هڪ ڪهاڻي سان واضح ڪرڻ بهتر ٿو سمجهان. ڪجهه سال اڳ، روحاني تلاش ۾ گهرائي سان لاڳاپيل منهنجي هڪ دوست بيمار ۽ بخار محسوس ڪرڻ شروع ڪيو. سڄي رات هن پنهنجي جسم کي ذهن جي طاقت جي ماتحت آڻڻ جي ڪوشش ڪئي، ته هو خالص ذهن جي طاقت سان پنهنجو علاج ڪري ۽ ان لاءِ هن سڀ ترڪيبون آزمايون، ٻئي ڏينهن سندس پريشان ٻارن ڪيس ڊاڪٽر ڏانهن وڃڻ تي زور ڀريو پر هن صاف انڪار ڪري ڇڏيو ۽ چيائين ته هوءَ پنهنجي روح کي پاڪ ڪري رهي هئي. جڏهن حالت صفا غير مستحڪم ٿي وئي تڏهن وڃي هوءَ اسپتال وڃڻ تي راضي ٿي، جتي سندس آندي جي سوج جي ڪري سندس ايمرجنسي آپريشن ڪرڻو پيو. تنهن ڪري ڏاڍا محتاط رهو ڪڏهن

ڪڏهن خود اڪيلي سر پنهنجو علاج ڪرڻ ۾ رهنمائي جي دعا گهرڻ کان بهتر آهي ته ماڻهو خدا کان طبيب جي هٿ ۾ شفا جي دعا گهري.

## ٻيو عقيدو: گوشت کائڻ سان مقدس روشني وڃائجي وڃي ٿي:

بلڪل، جيڪڏهن توهان جو تعلق ڪنهن خاص مذهب سان آهي ته توهان کي پهرين کان موجود مضبوط اصولن جو احترام ڪرڻو پوندو. يهودي ۽ مسلمان مثال طور سوئر جو گوشت نه کائيندا. انهن جي معاملي اهو سندن ايمان جو حصو آهي، البته، دنيا "کاڌي جي ذريعي پاڪائي" جي خيال سان ڏينهون ڏينهن پرجي رهي آهي. بنياد پرست پاڄي خور (Vegeterians) گوشت کائيندڙ ماڻهن کي ايئن ڏسندا آهن جڙ انهن خود ان جانور جو قتل ڪيو هجي، پر پوءِ ڇا ٻوٽا جاندار ناهن؟ قدرت، زندگي ۽ موت جو هڪ مستقل چڪر (Cycle) آهي، هڪ ڏينهن، اسين به واپس ڌرتي ۾ سندس کاڌو ٿيڻ لاءِ هليا ويندا سين. تنهن ڪري جيڪڏهن توهان جو تعلق ڪنهن اهڙي مذهب سان آهي جيڪو توهان کي ڪجهه خاص کاڌو کائڻ کان منع نه ٿو ڪري، ته پوءِ توهان هر اها شيءِ کائو جنهن جي توهان جي جسم کي ضرورت آهي.

آئون هڪ روسي پنڊت گرڊجيف جي ڪهاڻي ٻڌائڻ چاهيندس. جڏهن هو جوان هو ته هو هڪ وڏي عالم وٽ ويو. عالم کي متاثر ڪرڻ لاءِ هو صرف پاڄيون کائڻ لڳو. هڪ رات عالم کانئس پڇيو ته هن پنهنجي خوراڪ ايتري سختي سان چو ٿي کاڌي. گرڊجيف وراڻيو: "پنهنجو جسم صاف رکڻ لاءِ." عالم کليو ۽ کيس اهو سڀ ڪرڻ کان صاف منع ڪري ڇڏيائين. جيڪڏهن هن اهو سڀ ڪجهه جاري رکيو ته هو گرم خاني ۾ رکيل اهڙو گل ٿي ويندو جيڪو بيشڪ

خالص ۽ هوندو پر سفر ۽ زندگي جي آزمائش کي منهن ڏيڻ کان لاچار هوندو. جيئن يسوع مسيح چيو: "پليت شيء اها ناهي جيکا ماڻهو جي وات ۾ وڃي بلڪ جيکا ماڻهو جي وات مان ٻاهر نڪري."

## ٽيون عقيدو: خدا مطلب قرباني:

کوڙ ماڻهو قرباني ۽ پاڻ کي ايذائڻ جي رستي تي هلندا آهن ۽ ان جو سبب هي ڄاڻائيندا آهي ۽ ٻي زندگي يا جنم ۾ خوشي حاصل ڪرڻ لاءِ اسان کي هن زندگي ۾ تڪليف سَهڻي پوندي. هاڻي جيڪڏهن هي دنيا خدا جي نعمت آهي ۽ هن زندگي ۾ ملندڙ سڀ خوشيون ۽ مزا ماڻڻ جي کوشش چو نه ڪريون؟ اسان کي يسوع مسيح جي سوريءَ تي لڙکڻ واري تصوير جي عادت پيل آهي، پر اسين اهو وساري ويٺندا آهيون ۽ سندس تڪليف صرف تي ڏينهن هئي. ٻي سڄي زندگي هن سفر ڪرڻ، ماڻهن سان ملڻ، ڪائڻ، پيئڻ ۽ خدا جي پيغام جي تبليغ ڪرڻ ۾ گذاري. ايتريقدر جو سندس ٻهريون معجزو ٽورو ناساز هو جڏهن ڪانا جي شادي ۾ شراب ڪتي پوڻ تي هن پاڻي کي شراب ۾ ڦيرائي ڇڏيو. منهنجو يقين آهي ۽ ايئن ڪري يسوع مسيح اسان کي ٻڌائڻ ٿي چاهيو ۽ خوش ٿيڻ، مزو وٺڻ، ٻين سان ميل جول ڪرڻ ۾ ڪا غلط ڳالهه نه آهي چوته جڏهن اسين ماڻهن سان هوندا آهيون ۽ خدا اسان جي وڌيڪ ويجهو هوندو آهي. محمد ﷺ چيو: "جيکڏهن اسين ناخوش آهيون ۽ اسين پنهنجن دوستن کي پڻ اداس ڪري ڇڏيندا آهيون." ٻڌ آزمائش ۽ دنيا کان قطع تعلقي ڪانپوءِ ايترو ۽ ڪمزور ٿي ويو جو ذري گهٽ مرڻ ڪنڊيءَ تائين وڃي پهتو هو جڏهن کيس هڪ ريڍار بچايو. تڏهن کيس سمجهه ۾ آيو ۽ اڪيلائي ۽ قرباني اسان کي زندگي کان پري ٿي ڪري ڇڏي.

## چوٿون عقيدو: خدا تائين پهچڻ جو صرف هڪڙو ئي رستو آهي:

هي سيني کان خطرناڪ عقيدو آهي ڇاڪاڻ ته عظيم راز جي باري ۾ سيٺي سمجهاڻيون ان مان نڪرن ٿيون، ۽ مذهبي فساد ۽ بين ماڻهن کي پرکڻ جي طاقت ۽ ان عقيدي مان نڪري ٿي. اسان کوئي ۽ مذهب چوندي سگهون ٿا (مثال طور جيئن مان عيسائي آهيان)، پر اسان کي اهو سکڻو پوندو ته جيڪڏهن ٻيو کوئي کو مختلف مذهب ٿو چوندي ته اهو ۽ ڦري گهري ان ساڳي ذات تائين اچي پهچندو جنهن کي اسين پنهنجي طريقي سان ٿا ڳوليون.

آخر ۾ اسان کي اهو ياد رکڻ گهرجي ته اسان پنهنجن عملن جو ذميوار پادري، پنڊت يا امام کي نه ٿا ناهي سگهون. اهي اسين پاڻ آهيون جيڪي پنهنجن عملن جي ذريعي جنت تائين پهچڻ جو رستو ناهيندا آهيون.

# منهنجو سُهرو، ڪرسٽيانو اوٽيشيا

پنهنجي رحلت کان ڪجهه وقت اڳ منهنجي سهري پنهنجي پوري ڪٽنب کي پاڻ وٽ سڏايو.

"مونکي خبر آهي ته موت محض هڪ سفر آهي جيڪو آئون ڪنهن به غم کان آجو ٿي ڪري ڪرڻ چاهيان ٿو. تنهن ڪري اوهين پريشان نه ٿيو. آئون توهان ڏانهن هڪ نشاني موڪلينداس جنهن مان توهان کي اندازو ٿيندو ته ٻين جي مدد ڪرڻ ڪيتري اهم شيءِ آهي."

هن وصيت ڪئي ته سندس مڙهه کي ساڙي سندس خاڪ کي ايريوڊر بيچ تي وکيريو وڃي ۽ ان وقت سندس پسنديده موسيقي ٽيپ رڪارڊر تي هلائي وڃي.

ٻن ڏينهن کانپوءِ هو گذاري ويو. هڪڙي دوست سائو ٻائلو ۾ سندس آخري رسمن جو بندوبست ڪيو ۽ اسين سڀ هڪ پيرو ٻيهر ريو ڊي جنيريو لاءِ نڪتاسين. اسين ٽيپ رڪارڊر ڪٽسٽ ۽ خاڪدان (urn) کڻي سڏو سمنڊ ڪناري وياسين. اسان جي پهچڻ تي خبر پئي ته خاڪدان جو پيچ (Screw) الاهي مضبوطي سان بند ٿيل هو. اسان پيچ کي کولڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي پر هر ڪوشش ناڪام وئي.

اسان جي ڪٽنب کان علاوه اتي صرف هڪڙو شخص موجود هو جيڪو پينو فقير هو. اهو اسان ڏانهن آيو ۽ پڇا ڪيائين. "ڇا مسئلو آهي؟"

منهنجي سالي ڪيس چيو "اسان کي هڪ پيچڪش جي ضرورت آهي ته جيئن اسين هن خاڪدان مان منهنجي والد جي خاڪ

ڪڍي سگهون."

"توهان جو پيءُ ضرور نيڪ انسان هوندو جو ته ٿوري دير پهرين مون هي لڏو آهي."

۽ هن اسان کي هڪ پيڇڪش ڪڍي ڏني.

# مهرباني، صدر بش!☆

مهرباني عظيم آگواڻ جارج واشنگٽن بش!

مهرباني، سيني کي اهو ڏيکارڻ لاءِ ته صدام حسين کيترو خطرناڪ آهي. نه ته اسان مان کيترائي اهو وساري ويهن ها ته هن پنهنجن ئي ماڻهن، ڪردن ۽ ايرانين جي خلاف ڪيميائي هٿيار استعمال ڪيا هئا. صدام حسين هڪ خوني ڊڪٽيٽر ۽ اڄ جي دنيا جي ظاهر ظهور براين مان هڪ آهي.

پر منهنجو توهان کي مهرباني چوڻ جو اهو واحد سبب ناهي. 2003ع جي شروعاتي ڏينهن مهينن ۾ توهان دنيا کي ٻيون به ڪيترين ئي اهم شيون ڏيکاريون آهن جن جي لاءِ توهان منهنجو جس لهڻو.

تنهن ڪري، هاروٽ ۽ سڪيل هڪ بيت کي ياد ڪندي آئون توهان کي مهرباني ٿو چوان.

مهرباني، سيني کي اهو ڏيکارڻ لاءِ ته ترڪي جا ماڻهو ۽ انهن جي پارليامينٽ وڪائو ناهي، 26 بلين ڊالرن جي قيمت تي به!

مهرباني، دنيا جي آگيان گلف کي ظاهر ڪرڻ جي لاءِ، جيڪو طاقت ۾ موجود قومن جي فيصلن ۽ عوام جي خواهشن جي وچ ۾ وجود رکي ٿو. مهرباني اهو چٽي طرح ڏيکارڻ لاءِ ته نه جوز مارٽا ازناز ۽ نه ئي ٽوني بليئر کين مليل ووٽن کي ٽوڙي به عزت يا ٽوڙي به اهميت نه ٿا ڏين. ازناز مڪمل طور تي ان قابل آهي ته هو ان حقيقت کي نظرانداز ڪري ته اسپين جا 90 فيصد ماڻهو جنگ جي خلاف

☆ هي ڪالم پهرين هڪ برطانيه جي ويب سائيٽ تي 8 مارچ 2003ع، عراق تي حملي کان به هفتا پهرين، چپيو هو. ان مهيني ۾ هي جنگ تي سهڻي کان وڌيڪ چپيل ڪالم هو ۽ ان کي 500 ملين ماڻهن پڙهيو هو.

آهن. ۽ ٽوني بليئر تي برطانيہ جي پوين ٽيهن سالن جي تاريخ جي وڏي ۾ وڏي مظاهري جو ڪو اثر نہ پيو.

مهرباني، ٽوني بليئر جي لاءِ اهو لازمي ڪڍ جي لاءِ ته هو برطانوي پارليامينٽ ۾ هڪ شاگرد پاران ڏهه سال اڳ لکيل هڪ هٽ ٽوڪي ۽ ڪوڙي معلومات جي فائل کي کٽي وڃي ۽ ان کي "برطانوي خفيہ اداري پاران گڏ ڪيل پختي ثبوت" جي طور پيش ڪري.

مهرباني، ڪولن پاول کي ٽبوت ۽ فوٽن سان گڏ اقوام متحده جي سلامتي ڪائونسل ۾ موڪلڻ لاءِ، ۽ وري هڪ هفتو پوءِ انهن فوٽن ۽ ٽبوت کي عراق کي هٿيارن کان پاڪ ڪرڻ لاءِ موڪليل انسپيڪٽر هينز بلڪس (Hons Blix) پاران ڪوڙو قرار ڏيڻ جي اجازت ڏيڻ لاءِ.

مهرباني، پنهنجي موجوده جڳهہ سنيالڻ لاءِ ۽ وري اقوام متحده جي سيشن جي پڄاڻي وقت فرانسيسي وزير خارجہ ڊامنڪ ڊي وليپن پاران جنگ جي خلاف تقرير تي پوري پندال کان تاڙيون وجرائڻ لاءِ، جيستائين مونکي خبر آهي ته اقوام متحده جي تاريخ ۾ اڳ صرف اهو هڪڙو دفعو ٿيو هو. نيلسن منديلا جي تقرير جي موقعي تي.

مهرباني، ان لاءِ ب ته توهان جي جنگ کي اڳتي وڌائڻ جي ڪوششن جي ڪري عام طور ورهايل عرب قومون، فيبروري جي آخري هفتي ۾ قاڻره ۾ ٿيل هڪ اجلاس ۾ عراق تي قبضي جي خلاف گڏجي پهريون پيرو متحد ٿيون.

مهرباني، توهان جي بلاغت سان پريل بيان لاءِ، "هاڻي اقوام متحده وٽ موقعو آهي ته هو پنهنجي مقصد جي پورائي ڪري." اهڙو بيان جنهن سيني کان نارضامند (reluctant) ملڪن کي ب عراق تي

حملي جي خلاف مضبوطي سان آڻي بيهاري چڏيو.

مهرباني، توهان جي خارجہ پاليسي لاءِ جنهن برطانيہ جي خارجہ سيڪريٽري جيڪ اسٽرا کي اهو چوڻ تي آماده ڪيو تہ ايڪويهين صدي ۾ "جنگ جي اخلاقي Justification ٿي سگهي ٿي" جنهن سندس سڃي ساک وڃائي چڏي.

مهرباني، متحد ٿيڻ جي لاءِ جاکوڑيندڙ يورپ کي ورهائڻ جي کوشش ڪرڻ لاءِ. اها هڪ وارننگ هئي جنهن تي ضرور ڌيان ڏنو ويندو.

مهرباني، اهڙي شيءِ حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪا هن صدي ۾ ڪجهہ ٿورا ئي ماڻهو حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا آهن: دنيا جي مختلف ڪنڊن مان لکين ماڻهن کي ساڳي خيال تي گڏ ڪرڻ ۽ ان لاءِ گڏجي وڙهڻ، جيتوڻيڪ اهو خيال توهان جي خيال جي مخالفت ۾ آهي.

مهرباني، اسان کي هڪ پيروبيهر محسوس ڪرائڻ لاءِ تہ پلي اسان جا لفظ ٻڌا نہ ٿا وڃن پر اهي ڳالهايا تہ وڃن ٿا. ۽ اها شيءِ اسان کي مستقبل ۾ مضبوط ٺاهيندي.

مهرباني، اسان کي نظر انداز ڪرڻ لاءِ، ۽ توهان جي مخالفت ڪندڙ سڀني ماڻهن کي غير اهم قرار ڏيڻ لاءِ، ڇاڪاڻ تہ ڏرتي جو مستقبل نظر انداز ۽ خارج ڪيل ماڻهن وٽ آهي.

مهرباني، ڇاڪاڻ تہ توهان کان بغير اسين پنهنجي گڏجي تحريڪ هلائڻ واري طاقت کي نہ سڃاڻي سگهون ها. هن دفعي پلي اها ڪر جي نہ هجي، پر اڳتي هلي اها بيشڪ قيمتي هوندي.

هاڻي جيئن تہ جنگ جا طبل وڄي چڪا آهن، مان ان قديمي يوربي بادشاهہ وانگر چوڻ چاهيندس جنهن پنهنجي حملہ آور کي چيو

هو ته، "شل تنهنجو صبح سهڻو گذري، شل تنهنجي فوجين جي هٿيارن تي سج جي روشني تجلا کائي، چاکاڻ ته منجهند جو مان توکي مات ڏيندس."

مهرباني، هڪ شروع ٿيل مرحلي کي روکڻ لاءِ، گهٽين ۾ پريل اٽجاتل ماڻهن جي فوج کي اهو چاڻڻ جو موقعو ڏيڻ لاءِ ته کمزور هجڻ جو احساس ڇا ٿيندو آهي، ۽ کين اهو چاڻڻ جو موقعو ڏيڻ لاءِ ته ان کمزوري جي احساس کي مضبوطي سان جکڙي طاقت جي احساس ۾ کيئن تبديل ڪجي.

تنهن کري، پنهنجي صبح ۽ ان ۾ ايندڙ سموري ناموري جا مزا ماڻي وٺو.

مهرباني، اسان کي نه ٻڌڻ لاءِ، اسان کي سنجيده نه وٺڻ لاءِ، پر چاڻي وٺو ته اسين توهان کي ٻڌي رهيا آهيون ۽ توهان جي لفظن کي ڪڌهن نه وساريندا سين.

مهرباني عظيم آگواڻ جارج واشنگٽن بش.

وڏي وڏي مهرباني!

# ذهين ڪلارڪ

آفريڪا جي هڪ ايئر ہيس تي، ليڪڪ اينتون ڊي سينٽ ايڪزيوپري هڪ موراڪو جي ڪلارڪ کي سندس جر جي شهر واپس وڃڻ ۾ مدد ڪرڻ لاءِ پنهنجن دوستن کان چندو گڏ ڪيو. ڪيس هڪ هزار فرانڪ مليا.

هڪڙي پائلٽ ڪلارڪ کي ڪاسابلانڪا پهچايو ۽ جڏهن پائلٽ موٽيو تہ هن اتي ٽيل لقاءِ کي بيان ڪيو.

"هو جيئن ٿي اتي پهتو تہ سيني کان بهترين ريسٽورنٽ ۾ رات جي ماني کاڏائين، بيرن کي دل کولي ٽپ ڏنائين، سيني ماڻهن لاءِ ڊرنڪ آرڊر ڪيائين، ۽ پنهنجي ڪوٽ جي بارن لاءِ گڏا گڏيون خريد ڪيائين. ڪيس پنهنجي پئسن جي ختر ٽيڊ جي خبر ئي نہ پئي."

"ان جي ابتڙ "سينٽ ايڪزيوپري چيو "ڪيس خبر هئي تہ ماڻهو دنيا جي سيني کان بهترين سيڙپڪاري (Investment) آهن. ايتري فراخدلي سان خرچ ڪري هن ڪوناٽن ۾ پنهنجي عزت ناهي ورتي جيڪي گهٽو ڪري هن کي کا نوڪري ڏئي چڏيندا. آخرڪار ڪو فاتح ئي ايترو فراخ دل ٿي سگهي ٿو."

# ٽيون شوق

گذريل پندرهن سالن جي دوران مون کي تي مهو ڪندڙ شوق هئا. اهڙي قسر جا شوق جنهن ۾ توهان عنوان تي موجود هر شيء پڙهي سگهو ٿا. بي بها ان تي ڳالهائي سگهو ٿا. ۽ پاڻ جهڙن جوش رکندڙ ماڻهن سان ملي سگهو ٿا. ۽ سمهي وري ان جي باري ۾ سوچيندا اٿو. پهريون شوق تڏهن هو جڏهن مون ڪمپيوٽر خريد ڪيو. مون ٽائيپ رائيٽر کي هميشہ جي لاءِ ٽياگي ڇڏيو ۽ ڪمپيوٽر پاران ڏنل آزادي ڳولي ورتر (مان هي فرانس جي ننڍي شهر ۾ وينو هڪ اهڙي مشين ۾ لکي رهيو آهيان جنهن جو وزن تي پائونڊ کن هوندو جنهن ۾ منهنجي ڏهن سالن جو تجربو پيو آهي ۽ جنهن تي آئون پنجن سيڪنڊن ۾ هر شيء ڳولي سگهان ٿو). هيو شوق تڏهن رهيو جڏهن مون پهريون پيرو انٽرنيٽ هلائي. جيڪا ان وقت بہ دنيا جي وڏين رواجي لائبريرين کان بہ وڏو خزانو هئي.

البتہ منهنجي ٽيئن شوق جو واسطو ڪنهن بہ ٽيڪنالاجيڪل شيء سان ناهي. منهنجو ٽيون شوق آهي ..... تير ڪمان. پنهنجي جواني ۾ مون يوجين هيريگل جو فصيح ڪتاب "زين ان دي آرٽ آف آچري" پڙهيو هو جنهن ۾ هن ان راند جي ذريعي پنهنجو روحاني سفر بيان ڪيو هو. اهو خيال منهنجي لاشعور ۾ موجود رهيو. تان جو هڪ ڏينهن پائرينيز ۾ آئون هڪ تير انداز سان مليس. اسان ڪجهري ڪئي، هن مونکي هڪ ڪمان ۽ ڪجهہ تير اڌارا ڏنا. ۽ تڏهن کان وٹي مشڪل سان ڪو اهڙو ڏينهن گذريو هوندو جڏهن مون ڪنهن نشاني تي تير اندازي نہ ڪئي هجي.

برازيل ۾ پنهنجي گهر ۾ آڻون هترادو نشانو هٽندو آهيان (جنهن کي مهمانن جي اچڻ تي منت ۾ لاهي سگهجي ٿو). فرانس جي پهاڙن ۾ آڻون روز باهر تيراندازي ڪندو آهيان ۽ ان جي ڪري آڻون ٻه پيرا بستري پيڙو ٿي چڪو آهيان. ڪاتو 6 گرمي پد ۾ ٻن ڪلاڪن کان وڌيڪ وقت گذارڻ جي ڪري هائپوٿرميا (Hypothermia) سبب. هن سال ڊيوس ۾ ٽيل عالمي اقتصادي فورم ۾ اٽرائٽين سور جي گورين جي مهرباني سان شريڪ ٿي سگهيو هئس: ان کان ٻه ڏينهن اڳ ٻانهن کي غلط جڳهه تي جهلي بيهڻ جي ڪري منهنجي مشڪن ۾ دردناڪ سوج ٿي پئي هئي.

پر ان ۾ فصاحت (Fascination) ڪٿي آهي؟ هڪ تير ۽ ڪمان (اهڙو هٿيار جيڪو 30000 قبل مسيح کان موجود آهي) سان نشانو چٽي سگهڻ جو ڪنهن حقيقي زندگي سان ڪو تعلق ناهي. پر يوجين هيريگل، جنهن مون ۾ اهو شوق جاڳايو، تنهن کي خبر هئي ته هو چا جي باري ۾ پيو ڳالهائي. هيٺ "زين ان دي آرٽ آف آچري" جا ڪجهه ٽڪرا ڏنل آهن (جيڪي زندگي جي مختلف مشغلن تي لاڳو ٿي سگهن ٿا).

"جڏهن توهان زور لڳايو ته ان کي پنهنجي نشاني تي مڪمل طور سان مرڪوز ڪيو نه ته پنهنجي توانائي ضايع نه ڪريو. (ڪمان جي ذريعي) سکو ته ڪجهه حاصل ڪرڻ لاءِ توهان کي وڏو قدم کڻڻو پوندو پر پنهنجي مقصد تي ڌيان ڏيڻ لاءِ."

"منهنجي استاد مونکي هڪ تمام سخت ڪمان ڏنو. مون ڪائنس پڇيو ته هو مونکان اهڙي ڏکي شروعات چو ٿو ڪرائي جڏ ته مان کي ماهر هجان. هن وراڻيو: "جيڪڏهن آسان شين سان شروعات ڪنداسين ته اهي توکي آزمائشن جي لاءِ تيار نه ڪنديون. پهرين

دفعي ۾ ٿي ڇاڻي ڇڏڻ بهتر آهي ته رستي ۾ توکي کهڙيون ڏکيايون پيش اچي سگهن ٿيون.

"وڏي عرصي تائين آئون ڪمان کي صحيح نموني نه ڇڪي سگهيس. تان جو هڪ ڏينهن منهنجي استاد مونکي هڪ ساهه کڻڻ جي ورزش سيکاري جنهن ڪانپوءِ ڪمان کي ڇڪڻ سولو ٿي پيو. مون پڇيو ته هن مونکي صحيح ڪرڻ ۾ ايترو عرصو ڇو ورتو. هن وراڻيو: "جيڪڏهن آئون توکي شروع ۾ ئي ساهه واري ورزش سيکاري ڇڏيان هان ته تون ان کي غير ضروري سمجهين ها. هاڻي آئون جيڪو چوندس تون ان تي يقين ڪندين ۽ ايئن ڏهرائيندين جڏ اهو لازمي هجي. سنا استاد ائين ڪندا آهن."

"تير هلائڻ جبلتي طور تي ٿيندو آهي. پر پهرين توهان کي تير ڪمان ۽ نشاني جي باري ۾ گهري ڄاڻ هٿ لازمي آهي. زندگي جي آزمائش ۾ پڻ بلڪل صحيح چال هلڻ ۾ وجدانيت (Intuition) جو عمل دخل هوندو آهي. البته ان جي ٽيڪنيڪ کي اسين تڏهن ئي وساري سگهون. جڏهن اسان ان تي مڪمل مهارت حاصل ڪري ورتي هجي."

"ڇهن سالن بعد. جڏهن مون تيراندازي تي مهارت حاصل ڪري ورتي هئي. منهنجي استاد مونکي مبارڪباد پيش ڪئي. مون الاهي مسرت محسوس ڪئي ۽ چير ته هاڻي آئون آڏ رستو پار ڪري آيو هيس. "نه." منهنجي استاد چيو. "فريب جي جارڪان بجڻ لاءِ. اهو سمجهڻ بهترين آهي ته اسان آڏ سفر طئي ڪيو آهي پر صرف تڏهن جڏهن اسان ان رستي جو 90 فيصد مفاصلو طئي ڪيو هجي."

# عيسائي ۽ مسلمان

آئون منجهند جي ماني تي هڪ عيسائي پادري ۽ هڪ نوجوان مسلمان سان گالهائي رهيو هئس. جڏهن بيرو ماني کڻي آيو تہ اسان سيني کائڻ شروع ڪيو سواءِ ان مسلمان جي جنهن کي قرآن ۾ جاڻايل فرض موجب روزو هو.

جڏهن ماني ختم ٿي ۽ ماڻهو وڃڻ لڳا تہ هڪ ٻيو مهمان رهي نہ سگهيو ۽ اسان کي اچي چيائين: "ڏسو هي مسلمان ڪيترا نہ چريا آهن! مونکي اهو ڏسي خوشي ٿي تہ اوهين عيسائي انهن جهڙا نہ آهيو."

"پر اسين ٻہ انهن جهڙا آهيون،" پادري چيو: "هو ٻہ خدا جي پيروي ٿو ڪري جيئن مان ڪندو آهيان. اسين محض مختلف قانونن تي عمل ٿا ڪريون." ۽ هن مختصراً چيو: "شرم جهڙي گالهہ آهي تہ ماڻهو صرف فرقن (differemces) کي ڏسندا آهن جيڪي ڪين الگ ٿا ڪن. جيڪڏهن اوهين انهن کي وڌيڪ پيار سان ڏسندو تہ توهان خاص طور تي اهي شيون ڏسندا جيڪا اسان ۾ هڪجهڙيون آهن ۽ دنيا جا اڌ مسئلا حل ٿي ويندا."

# بَدي چاهي ٿي تہ نيڪي زنده رهي

هڪ ڏينهن بنو اميہ قبيلي جو پهريون خليفو ۽ ايراني شاعر رومي معاويہ پنهنجي محل ۾ سمهيو پيو هو تہ اچانڪ ڪيس هڪ اجنبي شخص اچي اڀاريو.

"ٿُون ڪير آن؟" هن پڇيو.

جواب آيو. "آئون ابليس آهيان."

"تون ڇو آيو آن؟"

"هي عبادت جو وقت آهي ۽ تون اڃا ستو پيو آهين."

معاويہ حيران ٿي ويو. شيطان. جيڪو ڪجي ايمان وارن ماڻهن کي گولينڊو وتندو آهي. اهو هن کي مذهبي فرضن جي يادگيري ڏيارڻ ڇو آيو هو؟

"اهو نہ وسار" شيطان سمجهائيندي چيس. "آئون هڪ فرشتي جي طور پليو هيس. مون سان ٽيل هر شيء جي باوجود مان پنهنجو بنياد نہ ٿو وساري سگهان. انسان پلي روم يا يروشلم ڏانهن سفر ڪري ڀر هو هميشہ پنهنجي دل ۾ پنهنجي اباڻي وطن جا قدم کڻي گهمندو آهي. مون سان بہ ساڳي ڳالهہ ٿيندي آهي. مون کي اڃا تائين خدا سان محبت آهي جنهن مونکي پاليو جڏهن آئون ننڍو هيس ۽ مون کي سڻا ڪر ڪرڻ سيکاريو. جڏهن مون هن جي خلاف بغاوت ڪئي تہ ان جو سبب اهو نہ هو تہ مونکي ساڻس محبت نہ هئي. پر ان جي ابتڻ مون ساڻس ايتري تہ محبت ٿي ڪئي جو جڏهن هن آدم کي خلقيو تہ مونکي ڏاڍو ساڻ محسوس ٿيو. ان مهل. مون خدا جو مقابلو ٿي ڪرڻ چاهيو ۽ اهو منهنجو زوال هو. تڏهن بہ مونکي خدا پاران

ڏنل نعمتون ايڏا ناڻين ياد آهن ۽ مان اميد ٿو ڪريان تہ شايد سڀ ڪجھ ڪري سان، ھڪ ڏينھن آڻون جنت ۾ واپس وڃي سگھان ٿو."

معاويہ وراڻيو: "مان تنھنجي ڳالھين تي يقين نہ ٿو ڪري سگھان. تون دنيا ۾ ڪيترن ئي ماڻھن جي تباھي جو ذميوار آھين."

"توکي اھو يقين رکڻ گھرجي،" شيطان زور ڀريندي چيو، "صرف خدا ئي ناھي ۽ ڌاھي سگھي ٿو ۽ ھو اڪيلو طاقتور ۽ سگھارو آھي. جڏھن ھن انسان کي خلقيو تہ ھن زندگي جي حصي طور خواھش، انتقام، رحم ۽ خوف کي پڻ خلقيو. تنھن ڪري تون جڏھن پنھنجي آسپاس ڪا برائي ڏسين تہ مونکي ذميوار نہ ٺھراءِ، مان صرف براين جو عڪس ڏيکاريندو آھيان."

معاويہ کي پڪ ھئي تہ ڪا ڳڙبڙ ضرور آھي، ۽ ھن شدت سان خدا کان دعا گھرڻ شروع ڪئي تہ ڪيس مقدس روشني سان روشن ڪيو وڃي. ھن سڄي رات شيطان سان ڳالھائيندي ۽ بحث ڪندي گذاري چڏي، پر شاندار دليل ھڏڻ کانپوءِ بہ ھو غير متفق رھيو.

جڏھن پرھ ڦٽي ئي تہ آخرڪار شيطان ھار مڃيندي چيو:

"تون صحيح آھين. ڪلھ جڏھن آڻون توکي اڻاڻ آيس تہ جيئن تون عبادت جو وقت وساري نہ چڏين، منھنجي نيت توکي خدا جي ويجھو ڪرڻ جي نہ ھئي. مون کي خبر ھئي تہ اگر تو کان فرض شناسي ۾ ڪوتاھي ٿي تہ الاھي غمگين ٿي ويندين، ۽ ايندڙ ڪجھ ڏينھن لاءِ ٻٽي ايمان سان عبادت ڪندين تہ جيئن توکي پنھنجي ڪوتاھي جي معافي ملي سگھي. خدا جي نظر ۾، محبت ۽ پشيماني وچان ڪيل عبادت سو (100) عام ۽ معمول وارين عبادتن جي برابر آھي. تون وڏيڪ پاڪيزہ ۽ وڏيڪ جوشيلو ٿي وڃين ھا، خدا تو سان وڏيڪ محبت ڪري ھا، ۽ مان تنھنجي روح کان ايڏا وڏيڪ پرتي ٿي

وڃان ها."

شيطان غائب ٿي ويو ۽ سندس جڳهه هڪ فرشتي اچي سنياليو.

"اڄ جو سبق ڪڏهن نه وساريجان." فرشتي معاويه کي چيو. "ڪڏهن ڪڏهن شيطان نيڪي جي سفير جي روپ ۾ ايندو آهي پر سندس حقيقي نيت انسان کي وڏيڪ تباهه ڪرڻ جي هوندي آهي."

ان ڏينهن، ۽ ان کان پوءِ وارن ڏينهن ۾، رومي معاويه پشيماني، رحم ۽ ايمان سان عبادت ڪئي. سندس دعائون ڏٺي در هزارين دفعا پهتيون.

# جانت جو قانون

"شهزادي مارٽا لوئس جي باري ۾ توهان جو ڇا خيال آهي؟"

ناروي جو صحافي جنيوا ڊنڊ جي ڪناري تي مونکان انٽرويو وٺي رهيو هو. عام طور تي آئون اهڙن سوالن جا جواب ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيندو آهيان جن جو تعلق منهنجي ڪم سان نه هجي، پر هن معاملي ۾، تجسس جي پٺيان هڪ سبب هو: شهزادي پنهنجي ٽيهين سالگره تي پرت پريل جوڙو پاتو هو جنهن تي سندس زندگي ۾ اهميت رکندڙ مختلف ماڻهن جا نالا لکيل هٿا. ۽ منهنجو نالو به انهن ۾ هو (منهنجي گهرواري کي اهو خيال ايترو ته وٺيو جو هن پنهنجي پنجاهين سالگره لاءِ اهڙي ئي جوڙي ٺهرائڻ جو فيصلو ڪيو. صرف هڪڙي واڌاري سان "ناروي جي شهزادي کان متاثر ٿي" جيڪو هڪڙي ڪنڊ ۾ لکيل هوندو).

"منهنجي خيال ۾ هوءَ هڪ حساس، خوش اخلاق ۽ ذهين انسان آهي،" مون جواب ڏنو "مان خوشقسمتي سان ساڻس اوسلو ۾ مليو هئس، جتي هن مونکي پنهنجي مڙس سان ملايو جيڪو مون وانگر هڪ ليکڪ آهي."

مان رڪيس، پر پوءِ جاري رهڻ جو فيصلو ڪيم.

"هڪڙي ڳالهه مونکي سمجهه ۾ نه ٿي اچي: ناروي جي پريس هن جي ادبي ڪم تي هاڻي حملو ڪرڻ ڇو شروع ڪيو آهي جڏهن هو شهزادي جو مڙس ٿيو آهي؟ پهرين ته ڪيس ڏاڍي مثبت موٽ ملندي هئي."

اهو سوال کان وڌيڪ ڪاوڙ ڏيارڻ واري ڳالهه هئي، ڇو ته آئون

شروع ۾ ٿي سمجهي سگهيس ٿي ته جواب ڇا هوندو. سندس ادبي ڪم جي جائزي جي متجڻ جو سبب انسان جي سيني کان تلخ جذبو "حسد" هو.

پر صحافي پهرين کان به نرم ٿي ويو.

"چو ته هن جا نت جو قانون توڙيو."

جيئن ته مون پهرين ڪڏهن به ان قانون جي باري ۾ نه ٻڌو هو سو هن مونکي سمجهايو. مون جڏهن پنهنجو سفر جاري رکيو تڏهن مونکي خبر پئي ته اتر-اولهه يورپ جو شايد ئي ڪو اهڙو ملڪ هجي جنهن ان قانون جي باري ۾ نه ٻڌو هجي. شايد اهو قانون تهذيب جي شروعات کان وٺي وجود ۾ رهيو هجي پر سرڪاري طور تي ان کي 1933ع ۾ ليڪ ايڪسل سينڊموز پاران سندس ناول "آ فيوجٽو ڪراسنگ هِز ٽريڪس" ۾ لکيو ويو هو.

ڏکوئيندڙ ڳالهه اها آهي ته جانت جو قانون صرف اتر-اولهه يورپ ۾ ئي وجود نه ٿو رکي. اهو قانون سڄي دنيا ۾ لاڳو ٿئي ٿو. پوءِ پلي برازيلي کيترو به چون، "اهو صرف هتي ئي ٿي سگهي ٿو" يا فرانسيسي چون ته، "فرانس ۾ ئي ائين ٿي سگهي ٿو." جيئن ته هاٿي پڙهندڙ بيزار ٿي رهيا هوندا چاڪاڻ ته اڏ کان مٿي پڙهڻ کانپوءِ به اڃا تائين کا خبر ناهي ته جانت جو قانون ڇا آهي. مان ان کي مختصراً پنهنجن لفظن ۾ بيان ڪندس: "توهان بيڪار آهيو توهان ڇا ٿا سوچيو ان ۾ ڪنهن جي به دلچسپي ڪونهي. ان ڪري توهان کي معمولي ۽ گمنام ٿيڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. اهو ڪريو ۽ توهان کي زندگي ۾ ڪڏهن به ڪو وڏو مسئلو درپيش نه ايندو."

جانت جو قانون ساڙ ۽ حسد واري احساس جي پس منظر ۾ رکيو ويو آهي جيڪي ماڻهن جي لاءِ مسئلو ثابت ٿي سگهن ٿا.

شهزادي مارٽا لوئس جي مڙس، آري بهن وانگر. اهو رڳو جانت جي قانون جو هڪڙو منفي پهلو آهي. البت ان کان ڪيئي ڀيرا وڌيڪ خطرناڪ پهلو به آهي.

اها هن قانون جي مهرباني آهي جو بين جي چو چوان کان بي خوف ماڻهن هن دنيا کي هر طرح سان استعمال ڪيو آهي، ۽ جيڪي آخر ۾ اڪثر پنهنجو ئي برو موت حاصل ڪندا آهن. اسان تازو ئي عراق ۾ هڪ بي تڪي جنگ ڏٺي آهي، جيڪا اڃا تائين ڪيترين ئي جانين گڙڪائي رهي آهي، اسين امير ۽ غريب ملڪن جي وچ وارو وڏو مفاصلو به ڏسون ٿا، هر جڳهه تي اسين سماجي ناانصافي، خونخوار تشدد ۽ بغير اطلاع جي بزدلانه حملن جي ڪري ماڻهن کي پنهنجا خواب وڃائڻ تي مجبور ٿيندي ڏسون ٿا. بي جنگ عظيم کان پهريان هٽلر پنهنجي ارادي جا مختلف طريقن سان اشارا ڏنا هئا، ۽ جنهن ڳالهه کيس پنهنجن ارادن موجب اڳتي وڌڻ تي آماده ڪيو سا هئي سندس جاڻ ته ڪوئي به سندس مخالفت ڪرڻ جي همت نه ٿي رکي سگهيو. جانت جي قانون جي ڪري.

معمولي رهڻ آرامده ٿي سگهي ٿي پر هڪ ڏينهن حادثو اچي در ڪڙڪائيندو ۽ پوءِ ماڻهو حيرت وچان سوچيندا آهن: "پر ڪنهن ڪجهه چيو چو ڪو نه، جڏهن سيني اهو ڏٺو به ٿي ته هي سڀ ڪجهه ٿيڻ وارو هو؟"

سڌي ڳالهه آهي: ڪنهن به ڪجهه نه چيو ڇاڪاڻ ته هين به ڪجهه نه چيو.

تنهن ڪري، شين کي اڃا بدتر ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ، شايد وقت اچي ويو آهي ته ڪوئي جانت- مخالف قانون لکجي: "توهان پنهنجي سوچ کان به وڌيڪ قيمتي آهيو. توهان جو دنيا ۾ وجود ۽ توهان جو

ڪر ڏاڍو اهر آهي، پلي توهان کي يقين نہ اچي. بيشڪ، اهڙا خيال توهان کي جانت جو قانون توڙڻ جي ڪري ڪافي ڏکيائين ۾ مبتلا ڪري سگهن ٿا پر انهن ڏمڪين کان نہ ڊجو. بغير خوف جي زندگي گذاريندا رهو ۽ آخر ۾ ڪاميابي توهان جا قدم چمندي."

# ڪوپا ڪبانا جي بزرگ عورت

هوءَ اوينيدا ائتلانتيڪا تي فٽ پاٽ جي پر ۾ گنارڪٽي بيٺي هئي ۽ سندس پاسي ۾ هٿ سان لکيل نوٽس پيو هو: "اڃو ٿ ڳڏجي ڳايون."

هن اڪيلي سِر ڳائڻ شروع ڪيو. پوءِ هڪ شرابي آيو ۽ ان کان پوءِ هڪ بي پوڙهي عورت. ۽ انهن هن سان گڏجي ڳائڻ شروع ڪيو. ٿوري ئي دير ۾ ماٺهن جو هڪ ننڍو هجوم ڳائي رهيو هو ۽ ٻيو ننڍو هجوم ناظرين (Audience) جو ڪر ڏئي رهيو هو ۽ هر گاني جي اختتام تي تاڙيون وجائي رهيو هو.

مون گائن جي وچ ۾ ڪانئس پڇيو "توهان هي سڀ ڇو ٿا ڪريو؟"

"اڪيلائي کان بچڻ لاءِ." هن چيو. "منهنجي زندگي ڏاڍي تنها آهي. تقريباً سڀني پوڙهن ماٺهن وانگر."

ڪاش جيڪڏهن هر ڪو پنهنجا مسئلا هيئن حل ڪري!

# محبت جي لاءِ پُرامید رهڻ

ڪڏهن اهڙيون مهلون ۽ ايندڙيون آهن جڏهن اسان پنهنجي محبوب ماڻهن جي مدد ڪرڻ جي بيحد خواهش رکندا آهيون پر ڪجهه ناهيون ڪري سگهندا. حالات اسان کي انهن تائين پهچڻ ناهن ڏيندا، يا اهو شخص کنهن ۽ مدد يا استحڪام جي حصول کان هميشه لاءِ محروم ٿي ويندو آهي.

تڏهن اسان وٽ صرف محبت وڃي بچندي آهي. اهڙين مهلن ۾، جڏهن اسان ٻيو ڪجهه نه ڪري سگهون، تڏهن ۽ اسين محبت ڪري سگهون ٿا. بغير کنهن انعام يا احسان مندي جي اميد جي.

جيڪڏهن اسان ائين ڪنداسين ته محبت جي توانائي اسان جي چوڌاري ڪائنات کي تبديل ڪرڻ شروع ڪندي. جتي ۽ اها توانائي جنم ولندي آهي. اتي پنهنجو مقصد ضرور حاصل ڪندي آهي. هينري ڊرمنڊ چوي ٿو: "وقت انسان کي تبديل نه ٿو ڪري. وِل-ٻاور انسان کي تبديل نه ٿو ڪري. محبت انسان کي تبديل ڪري ٿي."

مون اخبار ۾ هڪ ننڍڙي برازيلي چوڪري جي باري ۾ پڙهيو جنهن کي سندس پيءُ ماءُ وحشيائي تشدد جو نشانو بڻايو هو. نتيجي ۾ هوءَ چرڻ ڦرڻ کان بلڪل محروم ٿي وئي ۽ گهاٽائڻ جي صلاحيت ۽ وڃائي ويٺي.

جڏهن ڪيس اسپتال داخل ڪيو ويو ته هن جو خيال هڪ نرس ڪندي هئي جيڪا ڪيس هر روز چوندي هئي: "مان توسان پيار ٿي ڪيان." جيتوڻيڪ ڊاڪٽرن نرس کي ان گالهه جي ڪا ڏياراڻي هئي ته

بارڙي ٻڌڻ کان لاچار هئي ۽ سندس سڀ کوششون بيڪار هيون پر نرس ان کي چوندي رهي، "اهو نه وساريو مان توسان پيار ٿي کريان."

تن هفتن کانپوءِ، بارڙي جي چهري واري صلاحيت موٽي آئي. ڇٽن هفتن کانپوءِ هن ڳالهائڻ ۽ مسکرائڻ ۾ شروع کيو. نرس ڪڏهن ۾ کو انٽرويو نه ڏني ۽ اخبارن سندس نالو نه ڇاپيو پر اها ڳالهه آئون هتي مثال جي طور رکندس، ته جيئن اسين ڪڏهن نه وساريون ته، "پيار بهترين علاج آهي."

محبت تبديل ٿي کري ۽ محبت ٺيڪ ٿي کري، پر ڪڏهن ڪڏهن محبت موتمار ڇار وڇائي ڇڏيندي آهي جنهن ۾ کو ماڻهو تباهه ٿي ويندو آهي جنهن محبت ۾ پنهنجي پاڻ کي قربان کري ڇڏڻ جو پڪو پهه کري ڇڏيو هو. اهو پيچيده احساس آخر آهي ڪهڙو جيکو اسان کي، اندر ٿي اندر زنده رهڻ، جدوجهد کرڻ ۽ بهتر ٿيڻ جو سبب مهيا کري ٿو؟

ان کي بيان کرڻ جي کوشش کرڻ منهنجي غير ذميواري ٿيندي، جو ته آئون ٻه، ٻين سيني وانگر ان احساس کي صرف محسوس کري سگهان ٿو. انهي عنوان تي هزارين ڪتاب لکيا ويا آهن، ڪيئي ڊراما هلايا ويا آهن، فلمون ناهيون ويون آهن، نظر لکيا ويا آهن، پٽر ۽ ڪاڪ مان مجسما ناهيا ويا آهن، پر پوءِ ٻه کوئي ٻه مصور يا فنڪار ان احساس جو صرف خيال ٿو ڏئائي سگهي پر ڪڏهن ٻه خود اهو احساس نه ٿو ڏئائي سگهي.

پر مون سمجهي ورتو آهي ته اهو احساس ننڍڙين شين ۾ موجود آهي، ۽ پاڻ کي اسان جي سيني کان غير اهم عملن ۾ ظاهر کندو آهي. تنهن کري هميشه محبت کي ذهن ۾ رکڻ لازمي آهي پوءِ پلي اسين عمل کريون يا نه کريون.

فون کٹڻ مهل پيار ۽ قرب جا اهي لفظ چوڻ جيڪي اسان چوڻ کان لهرائيندا رهيا آهيون، کنهن ضرورتمند جي مدد ڪرڻ. نوڪري وڃڻ. نوڪري ڇڏڻ. پوءِ جي لاءِ ڇڏيل فيصلو هاڻي وڃڻ. پنهنجي ڪيل غلطين جي معافي وڃڻ جن اسان کي اندر ۾ اڻ تڻ جو احساس ٿي ڏنو. پنهنجو حق گهرڻ. گلن واري وٽ پنهنجو ڪاتو کولڻ جيڪو سوناري جي دڪان کان وڌيڪ اهم دڪان آهي. جنهن شخص سان اسين محبت ٿا ڪريون، ان جي پري هلي وڃڻ تي وڏي آواز ۾ موسيقي ٻڌڻ ۽ سندس ويجهو اچڻ تي آواز آهستي ڪرڻ ڇڏڻ. اهو چاڻڻ ته ڪڏهن "ها" چوٽي آهي ۽ ڪڏهن "نه"، چو ته محبت اسان جي هر توانائي ۾ موجود هوندي آهي. اهڙي راند ڳولي وڃڻ جيڪا صرف ۽ ماڻهو ٿا کيڏي سگهن. کو به طريقيڪار نه اپنائڻ، ايتريقدر جو هن پٽراگراف ۾ ڏنل طريقيڪارن مان به کوئي نه. چاکاڻ ته محبت ۾ تخليق ڪاري (Creativity) جي ضرورت هوندي آهي.

پر جي انهن مان ڪجهه به ممڪن نه هجي ۽ صرف تنهائي وڃي باقي رهي، ته هيءَ ڪهاڻي ياد رکو جيڪا مونکي پنهنجي هڪ پڑهندڙ موڪلي هئي.

هڪ گلاب جو گل ڏينهن رات ماکي جي مکين جا خواب ڏسندو هو پر ڪڏهن به کا ماکي جي مک سندس پنکڙين تي نه آئي.

البته، گلاب خواب ڏسندو رهيو رات جي ڏکي پهر ۾ هو اهڙي جنت جو تصور ڪندو هو جيڪا سڄي ماکي جي مکين سان پريل هوندي هئي جيڪي هيٺ لهي ڪيس پيار پريون چميون ڏينديون هيون. ايئن ڪرڻ سان جڏهن ڏينهن جي روشني ۾ تڙندو هو ۽ ان ڏينهن لاءِ هو زنده رهي سگهندو هو.

هڪ رات چند، جنهن کي گلاب جي تنهائي جي خبر هئي،

تنهن کانئس پڇيو: "تون ان انتظار مان ٿکو ناهين؟"

"ممڪن آهي، پر مونکي ڪوشش جاري رکڻي آهي."

"ڇو؟"

"ڇو ته اگر مان پر اميد نه رهيس ته ڪمائجي مري ويندس."

اهڙي پلن ۾، جڏهن اڪيلائي سونهن کي مروڙڻ واري هجي، اتي مزاحمت ڪرڻ جو واحد طريقو پر اميد رهڻ آهي.

# ناممڪن ۾ يقين رکڻ

وليم بليڪ چوي ٿو "جيڪو هاڻي ثابت ٿي چڪو آهي اهو ڪڏهن ناممڪن هو." ان جي ڪري اڄ اسان وٽ هوائي جهاز خلائي جهاز ۽ ڪمپيوٽر آهي جنهن تي آئون هي لکي رهيو آهيان. لوئس ڪيرول جي شاهڪار ڪتاب "ايلس ٽرو دي لکنگ گلاس" ۾ ايلس ۽ اچي راڻي جي وچ ۾ هڪ ڏاڙلاگ آهي، جنهن ۾ اچي راڻي ڪجهه ناممڪن چيو آهي.

"مان ان تي يقين نه ٿي ڪري سگهان!" ايلس چيو.

"واقعي؟" راڻي رحم واري لهجي ۾ چيو "ٻيهر ڪوشش ڪر: ڏو ساهه ڪڍ، ۽ اکيون بند ڪر."

ايلس کلي. "ان جو ڪو فائدو ناهي." هن چيو. "ڪوئي به ناممڪن شين ۾ يقين نه ٿو ڪري سگهي."

"مون کي يقين آهي تو گهٽي ڪوشش ناهي ڪئي،" راڻي چيو. "آئون تنهنجي عمر ۾ هميشه ڏينهن ۾ اڌ-ڪلاڪ ايئن ڪندي هيس. الائي چو ڪڏهن ڪڏهن مون ناشتي کان پهريان ناممڪن شين تي به يقين ڪيو آهي."

زندگي هر وقت اسان کي چوي ٿي: "يقين ڪر!" يقين ڪرڻ ته ڪنهن به وقت معجزو رونما ٿي سگهي ٿو. جيڪو نه صرف اسان جي خوشي جو باعث هوندو بلڪ جيڪو اسان جي حفاظت ۽ هن دنيا ۾ وجود جي ثابتي به آهي. اڄ جي دنيا ۾ ڪيترائي ماڻهو سوچيندا آهن ته غربت کي ختم ڪرڻ، منصفانه سماج جو وجود ۾ اچڻ، ۽ روزانو وڌندڙ مذهبي چڪتائڻ کي گهٽائڻ ناممڪن آهي.

تقريباً سڀ ماڻهو ڪيترن ئي مختلف سببن جي ڪري جدوجهد کان پاسو ڪندا آهن جيئن ٻين وانگر ٿيڻ، عمي احمقانه احساس، يا بيوسي جو احساس. اسان ٻين انسانن سان ناانصافي ٿيندي ڏسندا آهيون پر ڪجهه ناهيون چوندا.

"مونکي ٻي سبب ڪنهن جهيڙي ۾ ناهي پوڻي" اسان جو ٻهانو هوندو آهي. اهو هڪ بزدل جو رويو آهي. روحاني رستي تي نڪتل هر ڪنهن کي هڪ ضابط اخلاق جي پيروي ڪرڻي هوندي آهي. ظلر جي خلاف اثاريل هر آواز خدا تائين پهچندو آهي.

ان هوندي ٻه اسين اڪثر ڪري هي راءِ ٻڌندا آهيون: "آئون پنهنجي زندگي خوابن ۾ يقين رکندي گذاريندو آهيان، ۽ آئون اڪثر ناانصافي سان وڙهڻ لاءِ پرپور ڪوشش ٻه ڪندو آهيان، پر آخر ۾ هميشه مايوسي ملندي آهي."

سچ جي جنگجو کي خبر هوندي آهي ته ڪجهه ناممڪن جنگيون وڙهڻ جي لائق هونديون آهن. تنهن ڪري هو مايوسي کان ڊڄل ناهي هوندو. چو ته ڪيس پنهنجي تلوار جي طاقت ۽ محبت جي سگهه جي خبر هوندي آهي. هو انهن ماڻهن جي پرجوش نموني سان مذمت ڪندو آهي جيڪي فيصلي ڪرڻ جي قابل ناهن ۽ جيڪي دنيا ۾ ٿيندڙ غلط شين جي ذميواري هميشه ٻين تي هڻڻ جي ڪوشش ڪندا رهندا آهن.

جيڪڏهن هو غلط ڳالهه جي خلاف جدوجهد نه ڪندو - اها سندس طاقت کان گهٽو مٿي هجي - هو ڪڏهن ٻه صحيح رستي تي نه ايندو.

آرش هجازي هڪ دفعي مونکي هي نوٽ موڪليو: "اڄ مان گهٽي مان گذرندي هڪ تيز برسات ۾ ڦاسي پيس. قسمت سان مون

وٽ ڇَني ۽ برسات کان بچڻ واري توپي هئي. البت، اهي ٻئي شيون منهنجي کار جي ڊگي ۾ هيون جيڪا کجهه مفاصلي تي پارڪ ٿيل هئي. جڏهن مان کين کڻڻ لاءِ پڄي رهيو هئس. مون خدا پاران ملندڙ عجيب اشاري جي باري ۾ سوچيو: زندگي پاران ڏنل طوفانن کي منهن ڏيڻ لاءِ هميشہ اسان وٽ ساز ۽ سامان هوندو آهي پر گهٽو ڪري. اهي ساز ۽ سامان اسان جي دل جي گهرائين ۾ تالي ۾ بند ٿيل هوندا آهن. ۽ اسان پنهنجي وقت جو وڏو حصو کين کولڻ ۾ ضايع ڪري ڇڏيندا آهيون. ۽ جڏهن اهي لهندا آهن ته مخالف اسان کي پهرين ئي شڪست ڏئي چڪا هوندا آهن."

تنهنڪري، اچو ته اسين هميشہ تيار رهون. نه ته يا اسان موقعو وڃائي ويهنداسين يا جنگ هارائي ويهنداسين.

# طوفان اڃي رهيو آهي

مان ڄاڻان ٿو طوفان اڃي رهيو آهي ڇو ته آئون ڪافي مفاصلي تي ڏسي سگهان ٿو ته افق تي چا ٿي رهيو آهي. بيشڪ روشني مدد ٿي ڪري- سج لهي رهيو آهي ۽ لهندڙ سج جهڙ ڪي هميشہ واضح ڪري ڏيکاريندو آهي. مون کي ڪنوڙ جا ٽجلا ۽ نظر اڃي رهيا آهن.

ڪو بہ آواز ٻڌڻ ۾ نہ ٿو اچي. هوا پهرين کان ٿورو بہ گهٽ يا وڌيڪ تيزي سان نہ ٻئي گهلي. پر مون کي خبر آهي طوفان اچڻ وارو آهي چاڪاڻ ته مان افق کي پڙهي سگهان ٿو.

مان بيهي ٿو رهان. طوفان کي ايندو ڏسڻ کان وڌيڪ دلچسپ ۽ خطرناڪ شيء بي ڪا بہ ناهي. مونکي پهريون خيال آيو آهي ته آئون مٽي ڍڪڻ لاء ڪا ڇت ڳوليان پر اهو خطرناڪ ثابت ٿي سگهي ٿو. اها ڇت پناهہ گاهہ مان تباهي جو سبب بڻجي سگهي ٿي- جلد ٿي تيز هوا گهلڻ شروع ڪندي ۽ اها ايتري زور دار هوندي جو ڇت جون سرون توڙي سگهي. تاريون پچي سگهي ۽ بجلي جا ڪنيا ۽ تارون ڪيرائي سگهي.

مون کي هڪ پراڻو دوست ٿو ياد اڃي جيڪو ٻاروڻڻ ۾ نارمنڊي ۾ رهيو ۽ جنهن هٽلر پاران قبضو ڪيل فرانس ۾ اتحادي فوجن جي آمد کي پنهنجي اکين سان ڏٺو هو. مون کي هن جا هي لفظ ڪڏهن نہ وسرندا! "مان ننڍ مان اڻيس ته افق سجو جنگي ٻيڙن سان پريو پيو هو. منهنجي گهر جي پرسان ڪناري تي جرمن فوجي بہ ساڳيو لقاء ڏسي رهيا هئا پر مونکي جنهن ڳالهہ سب کان وڌيڪ خوفزده ڪيو

سا هئي خاموشي. مڪمل خاموشي جيڪا زندگي ۽ موت جي ڪشمڪش کان پهريان ايندي آهي."

ساڳي خاموشي هينئر مونکي گهيري ويٺي آهي ۽ آهستي آهستي آواز ان جي جڳهه والاري رهيو آهي. منهنجي چوڌاري موجود ڪٽڪ جي فصل جي ڏڻي هوا جو آواز، آبهوا جو دٻاءُ تبديل ٿي رهيو آهي. طوفان ويجهو ۽ وڌيڪ ويجهو اچي رهيو آهي، ۽ خاموشي جي جڳهه پنن جي مڌر سرسراهٽ جو آواز والاري رهيو آهي.

مون زندگي ۾ ڪيترائي طوفان ڏٺا آهن. انهن مان گهڻن طوفانن مونکي حيران ڪري ڇڏيو آهي، ۽ تنهنڪري مون کي جلدي ۾ پري تائين ڏسڻ سکڻو پيو آهي، اهو سمجهڻ لاءِ ته مان موسر کي ڪنٽرول نه ٿو ڪري سگهان، اهو سکڻو پيو آهي ته صبر ڪيئن ڪجي ۽ اهو ته قدرت جي ڏمر جو به احترام ڪيئن ڪجي. شيون هميشه منهنجي مرضي جي مطابق ناهن ٿيندیون. ۽ بهترين طريقو اهو آهي ته مان ان ڳالهه جي عادت وجهي ڇڏيان.

ڪيترائي سال اڳ مون هڪ گانو لکيو: "مون پنهنجي برسات جو ڊب ختر ڪري ڇڏيو ڇو ته جڏهن برسات زمين تي ايندي آهي ته اها هوا مان ڪجهه نه ڪجهه ڪٽي ايندي آهي." پنهنجي ڊب تي غلبو حاصل ڪرڻ، پنهنجي لفظن تي پورو لهڻ، ۽ اهو سمجهڻ بهترين ڪر آهي ته ڪيترو به خراب طوفان ڇو نه هجي، وقت سان گذري ويندو.

هوا تيز گهمڻ شروع ڪيو آهي. مان ڪليل ميدان ۾ آهيان ۽ افق تي ڪيترائي وڻ آهن جيڪي، گهٽ ۾ گهٽ نظريي مطابق، ڪنوڻ کي ٻاڻ ڏانهن ڇڪيندا آهن. منهنجي چمڙي واٽر پروف آهي، پلي منهنجا ڪپڑا آلا ٿي وڃن. تنهن ڪري مان جيڪو ڏسي رهيو آهيان

ان کان محفوظ رهڻ لاءِ ٻڌڻ کان بهتر آهي ته مان ان مان مزو وٺان.

ٻيو اڌ ڪلاڪ گذري ويو. جڏهن اسان ٻاهر گهمڻ ويندا هئاسين ته منهنجو ڏاڏو جيڪو انجينئر هو سو مونکي فزڪس جا قانون سيکاريندو هو: "ڪنڊ جي روشني ڪانپوءِ، گجگوڙ جي ٻڌي آواز ٽائين سيڪنڈ ڳڻيو ۽ پوءِ انهن سيڪنڈن کي 340 ميٽرن سان ضرب ڪريو جيڪا آواز جي رفتار آهي. ان طريقي سان، توهان کي هميشہ خبر پئجي ويندي ته ڪنڊ ڪيترو پري آهي." شايد ٽورو پيچيده طريقو آهي پر هاروٽڻ کان وٺي آڻون اهو حساب هميشہ ڪندو رهيو آهيان ۽ هن وقت طوفان هن ڪلوميٽرن (2km) جي مفاصلي تي آهي.

هن مهل ايتري روشني آهي جو مان بادلن جي شڪل (Shape) ڏسي سگهان. اهي ان قسم جا آهن جنهن کي پائلٽ سي-بي (cb) يا ڪيوميولونمبس (Cumulonimbus) چوندا آهن. انهن جي شڪل لوهار جي سانڊاڻي (Anvils) وانگر آهي جڏ ته لوهار آسمان کي هٿوڑا هڻي رهيو هجي، ۽ خطرناڪ ديوتائن لاءِ تلوارون ٺاهيندو هجي جيڪي هن وقت طبريس جي شهر جي مٿان هوندا.

آڻون طوفان کي پهچندي ڏسي سگهان ٿو. هر طوفان وانگر هي بہ تباهي آڻيندو پر ان سان گڏو گڏ اهو فصلن کي پاڻي بہ مهيا ڪري ٿو: ۽ برسات سان گڏ آسمانن جي دانائي بہ وسندي آهي. هر طوفان وانگر هي بہ گذري ويندو. طوفان جيترو شديد هوندو اوترو جلدي گذري ويندو.

شڪر خدا جو، مون طوفانن کي منهن ڏيڻ سکي ورتو آهي.

# ڪجهه آخري دعائون

## ڏماڀدا (ٻڌمت سان منسوب ڪيل)

بهتر هوندو ته هزار لفظن جي جڳهه تي،
هڪڙو لفظ هجي، اهڙو لفظ جيڪو امن آڻي.
بهتر هوندو ته هزار نظمن جي جڳهه تي،
هڪڙو نظم هجي، اهڙو نظم جيڪو حقيقي حسن کي ظاهر ڪري.
بهتر هوندو ته هزار گيتن جي جڳهه تي،
هڪڙو گيت هجي، اهڙو گيت جيڪو خوشيون ڦهلائي.

## مولانا جلال الدين رومي (تيرهين صدي)

صحيح غلط جي دائري کان ٻاهر هڪ وسيع دنيا آهي.
ٻاڦ ٻڌي اتي ملنداسين.

## پيغمبر محمد ﷺ (ستين صدي)

اي الله! آئون تنهنجي مدد ٿو گهران ڇاڪاڻ ته توکي هر ڳالهه (ظاهر ۽ باطن) جي ڄاڻ آهي.

جيڪو ڪجهه آئون ڪريان پيو سو اگر منهنجي لاءِ ۽ منهنجي مذهب لاءِ، منهنجي هن زندگي ۽ پي زندگي جي لاءِ سنو آهي ته ان کي ڪري آسان ۽ بابرڪت ڪر.

جيڪڏهن جيڪو آئون ڪريان پيو سو منهنجي لاءِ ۽ منهنجي مذهب لاءِ، منهنجي هن زندگي ۽ پي زندگي جي لاءِ خراب

آهي ته مون کي ان کر مان دستبردار ڪر.

## يسوع مسيح (ميٿيو ٧ :٧-٨)

گهرو ۽ توهان کي ڏنو ويندو ڳوليو ۽ توهان کي ملي ويندو. درڪڙايو ۽ توهان جي لاءِ کوليو ويندو. چوته جيڪو گهرندو ان کي ملندو جيڪو ڳوليندو سو پائيندو ۽ جيڪو کڙڪائيندو تنهن تي در کوليو ويندو.

## امن لاءِ يهودين جي دعا

اچو ته اسان خدا جي جبل تي هلون ته جيئن اسين سندس رستي تي گهمي سگهون. اسان کي پنهنجون تلوارون هر جي قرن سان ۽ پنهنجا نيزا کانٽن سان کڙکائڻ گهرجن.

هڪ قوم کي ٻي قوم جي خلاف تلوار نه کڻڻي پوي، ۽ نه ئي کين جنگ جي باري ۾ سوچڻ کپي.

۽ کنهن کي به ڊڄڻ نه گهرجي، چو ته پالڻهار جو اهو حڪر آهي.

## لائو سُو چين (ڇهين صدي قبل مسيح)

جيڪڏهن دنيا ۾ امن قائم کرڻو آهي، ته قومن کي پرامن رهڻو پوندو.


جيڪڏهن قومن جي وچ ۾ امن قائم کرڻو آهي ته، شهرن کي هڪٻئي خلاف وڙهڻ نه کرڻي پوندي.


جيڪڏهن شهرن ۾ امن قائم کرڻو آهي، ته پاڙيسرين کي هڪٻئي کي سمجهڻو پوندو.


جيڪڏهن پاڙيسرين جي وچ ۾ امن قائم ڪرڻو آهي، ته گهر ۾ هر آهنگي قائم ڪرڻي پوندي.


جيڪڏهن گهر ۾ امن قائم ڪرڻو آهي ته، اسان کي پنهنجي دل صاف ڪرڻي پوندي.

(ختم شد)




Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

سنڌيا پبليڪيشنس
شڪارپور، حيدرآباد
SINDHIYA PUBLICATIONS
سنڌيا پبليڪيشنس
Rs:350/-
Design By: Riaz Zahoor Khan